

سنڌ ۾ مارڪسزم-لينن‌زم جو پرچارڪ
ٻه ماهي
سماجواد
سيپٽمبر-آڪٽوبر 2013
12
KARL MARX
CAPITAL
AND OTHER WRITINGS
THE
Communist
Manifesto
FREDERICK ENGELS
لياري مامري جو تاريخي جائزو
مصر: تاريخ جي چوواٽي تي
آءِ پيس هن جنڊ ۾
ٽريڊ يونين اڳواڻ ڪامريڊ عثمان بلوچ جو انٽرويو

سنڌ ۾ مارڪسزم – ليننزم جو پرچارڪ

پـه سماجواد حيدرآبا

(ٻارهين ڪڙي) سيپٽمبر / آڪٽوبر 2013ع

قيمت: =/50

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
فليٽ نمبر 310 -311 V.I.P
اپارٽمينٽ
مين قاسم آباد حيدرآباد
Cell # 03443333888

فهرست

ايڊيٽوريل

ٿيون دڳ هميشه عوامي دڳ ناهي هوندو!

اهو وچ اوڀر جو ملڪ تيونس هو، جنهن جي عوام سڀ کان پهرين عالمي مالياتي ادارن جي پاليسين ۽ ڏيهي آمريت خلاف مزاحمت ڪئي ۽ سالن جي آمريت منجهان نجات حاصل ڪئي. سامراجي جهنگ کي لڳل عوامي باهه سرحدون ناهي ڏسندي. ۽ انهيءَ باهه بن علي ڪانپوءِ پوءِ ڏسندي ڏسندي مصر ۾ سامراج جي پڃي منظور نظر آمر حُسني مبارڪ جي اقتدار کي به ساڙي رک ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان پهرين جو اها باهه بحرين ۾ سامراج ۽ سعودي نواز حڪومت جو به خاتمو آڻي ها، عالمي رجعتي قوتون حرڪت ۾ آيون ۽ اُهي بحرين ۾ عوامي مزاحمت کي چٿڻ ڪانپوءِ انهيءَ مزاحمت جي آڙ ۾ وچ اوڀر جي ٻن سيڪيولر ملڪن سان پنهنجا پراڻا پلاند به سڌا ڪرڻ لڳيون. لبيا ڪين ڦٻي ويو، شام مٿان ڪاري رات جو ڪڙڪو تيز ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪارڻ ۾ سامراج، افغانستان ۾ آزمايل پنهنجي پراڻن انتها پسند ساٿين کي وري اڳيان ڪيو. القاعده ۽ طالبان کي ته سيڪيولر حڪومت جي خاتمي جو مقصد عزيز هو ۽ سامراج کي تيل ۽ ٻين وسيلن تي هڪ هٽي سميت خطي ۾ موجود پنهن اتحادين (سعودي، ترڪي، اسرائيل) جا مفاد پيارا هئا. نتيجي طور جنگ لاءِ روايتي طريقن سان ماحول تيار ڪيو ويو. يعني هڪ ته حڪومت مخالفن جي عسڪري توڙي سفارتي مدد، ٻيو ڪارپوريٽ ميڊيا ذريعي ڪوڙي پروپيگنڊا. ماضي ۾ به انهيءَ ميڊيا پنهنجو تاريخي، عوام دشمن ڪردار نڀايو آهي. پوءِ اهو 2003 ۾ عراق اندر DESTRUCTION WEOPONS OF MASS جو مامرو هجي يا قذافي هٿان بن غازي ۾ قتل عام جو ڪوڙ هجي. لبيا تي حملي کان اڳ، بي بي سي، الجزيره، سي اين اين سميت مختلف ميڊيائي ادارن ذريعي ڇهن هفتن ۾ 8800 ڪوڙيون خبرون ۽ ڪهاڻيون هلايون ويون. شام حوالي سان تازو مثل ڪيميائي حملن جو هي مانڊاڻ به سي آءِ اي جي جوڙيل فري سيرين آرمي ۽ ٻين دهشتگرد تنظيمن جهڙوڪ النصر ۽ القاعده جي ڏنل چاڻ تي آڌاريل آهي. Syrian National Council اسد حڪومت مخالف ڪجهه خاص منظورِ نظر شامين تي آڌاريل هڪ ٻيو ادارو آهي جنهن کي سي آءِ اي جوڙيو آهي ۽ جنهنجي معاشي مدد قطر ڪري رهيو آهي. انهيءَ اداري جا گهڻا تڻا ميمبر فرانس ۾ رهن ٿا ۽ سندن گهڻي قدر گڏجاڻيون ترڪي ۾ ٿين ٿيون. اداري جو اڳلو صدر معذال خاطب درحقيقت اخوان المسلمين جو ميمبر آهي ۽ تيل جي گهڻ قومي ڪمپنين منجهه اهم عهدن تي رهيو آهي. ايڪويهه آگسٽ جي ڏينهن ڪيميائي حملن جي اها خبر سڀ کان پهرين شام ۾ فلاحي ڪم ڪندڙ اولهه جي تنظيم " ڊاڪٽرز وڌائوٽ بارڊرز (Médecins sans Frontiéres) "بريڪ ڪئي.انهي اداري ٻڌايو ته ڪي 3600 مريض نيورو ٽاڪسڪ نشانين سان طبي ڪيمپن ۾ داخل ٿيا.جن منجهان 355 ڄڻا مري ويا. غير جاندار سمجهيو ويندڙ هِن اداري جي

خبر کي اولهه جي ميڊيا ليڊ ڪيو. پر هي ادارو به ترڪي (ناٽوجوميمبر ملڪ) جي مدد سان شام جي انهن علائقن ۾ طبي امداد جو ڪم ڪندو آهي جن تي باغين جو قبضو آهي. گولڊمين سيچز، ويلز فارگو، سٽي گروپ ۽ گوگل سميت ٻيا ڪيترائي ڪارپوريٽ دنيا جا وڏا معاشي نالا هن اداري جا ڊونرز آهن. اهڙي ريت تيل ۽ ٻين کوڙ وسيلن ۾ امير هڪ سيڪيولر رياست تي قبضي وارو مقصد وال اسٽريٽ ۽ القاعدا جي مفادن کي گڏائي هڪ ٻٽائي ڇڏي ٿو جنهن جي خدمت ۾ ڪارپوريٽ ميڊيا ڪجهه خاص خبرن کي دٻائي،ڪجهه نين خبرن کي جوڙي جنگ لاءِ ماحول تيار ڪري ٿي. شام جي حڪومت پوئين سال کان دانهون ڪندي آئي آهي ته باغين وٽ ڪيميائي هٿيار آهن جيڪي ڪين ليبيا منجهان هٿ لڳا آهن ۽ جيڪي امڪاني طور شام ۾ استعمال ٿي سگهن ٿا ته جيئن جنگ جي ماحول کي تيار ڪري سگهجي. مئي مهيني ۾ ئي ترڪي جي سيڪيورٽي فورسز سيرين گيس جو به ڪلو جو سيلينڊر ، شام ۾ وڙهندڙ باغي گروپ النصرا وٽان هٿ ڪيو هيو. پر هي خبرون ظاهر ٿيڻ سان ئي دٻايون ويون. ڪافي عرصو اڳ بي بي سي هڪ خبر بريڪ ڪئي هئي ته تحريڪ طالبان پاڪستان جو هڪ يونٽ شام ۾ حڪومت مخالف ڪاروائين ۾ مصروف آهي. تازو ڪجهه ٻيا انڪشاف به ٿيا آهن ته پاڪستان ۽ لبيا سميت ڪجهه سامراج جي ساٿاري ملڪن منجهه هڪ ئي دور ۾ جيل ٽوڙائي، اتان انتهاپسندن کي آزاد ڪرائي، شام ۾ وڙهايو پيو وڃي. پر شام خلاف ايتري منظم انداز ۾ شورش کي هوا ڏيڻ باوجود هن ڀيري سامراج کي حملي لاءِ عالمي حالتون پنهنجي حق ۾ نه پيون ملن. 31 آگسٽ تي آمريڪي صدر بارڪ اوباما جي حملي جي حق ۾ تقرير ڪانپوءِ پوري دنيا اندر جنگ مخالف ترقي پسند عوام احتجاج ۾ آهي. روس سخت موقف سان ۽ چين نرم موقف سان اختلاف ڪيو آهي. پهريون دفعو گڏيل قومن جو ادارو سخت ٻولي ڳالهائندي ٻڌو ويو آهي. برطانيا هن دفعي جواب ڏئي ڇڏيو آهي.هن ايڊيٽوريل جي لکجڻ تائين آمريڪا آخر ۾ پنهنجي ڪانگريس جي ووٽ ڏانهن واجهائي رهيو آهي. جتي به تضاد موجود آهي. تنهن ڪري لڳي رهيو آهي ته آمريڪي، اسرائيلي ۽ سعودي حڪومتن جا هن دفعي خواب پورا ناهن ٿيڻا. پر جيڪڏهن سامراجي قوتون پوءِ به هوڏ تي قائم رهن ٿيون ته انهي جنگ جا اثر صرف شام يا وچ اوڀر تائين محدود ناهن رهڻا. اهڙي صورتحال ۾ عوام دوست قوتن کي اڳڀان اچڻ جي ضرورت آهي. هن صورتحال ۾ هڪ ته ٽراٽسڪائسٽ رجحان آهي جيڪو بشرالاسد خلاف پروپيگينڊا جو حصو ٿيندي سامراج خلاف به لفظ ڳالهائي، ٽين دڳ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. بحرانن دوران هنن همراهن جو اهو ئي ڪم هوندو آهي. پوءِ اُها آئي ايم ٽي هجي يا گلبرٽ اشڪار جهڙا دانشور. جن ماضي ۾ به قذافي تي تجريدي تنقيد ذريعي سامراجي حملن جو ماحول ناهيو هيو ۽ هاڻي به ناهين پيا. ڪين هميشه اُهي آمر ئي نظر ايندا آهن جن مٿان سامراج پنهنجو عدسو (Magnifying glass) رکندو آهي. ۽ اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن جيڪي اسان تي آمرن جي سپورٽ جو الزام هڻندا آهن ۽ ٽين دڳ جي ڳالهه ڪندا آهن. ٽين دڳ جي

ڳالهه لينن پهرين مهاڀاري جنگ دوران ڪئي هئي جڏهن سامراجي قوتون هڪٻئي خلاف ميدان تي هيون. تڏهن ٽيون ۽ غير جانبدار دڳ ئي واحد عوامي دڳ هو. پر انهيءَ پوزيشن کي لبيا ۽ شام مٿان لاڳو ڪرڻ ۽ غير جابنداري جي ڳالهه ڪرڻ، سنئين سڌي موقعي پرستي ۽ سامراج جي ونگار وهڻ آهي. تڏهن ته پوري دنيا جا مارڪسسٽ ليننسٽ، ٽراٽسڪائيزم کي مارڪسي تحريڪ اندر سرمائيداري ۽ سامراجيت جي دفاع وارو رجحان سڏيندا آهن. تنهنڪري سوال هاڻي پهرين دنيا ۽ ٽين دنيا منجهه، سامراجي يلغار ۽ انجي شڪار رياستن منجهه جانبدار ٿيڻ جو آهي. انهيءَ جو مقصد اهو ڪونهي ته بشرالاسد جي نيولبرل سڌارن تي اسانجي تنقيد ڪونهي يا ماضي ۾ اها تنقيد قذافي تي نه هئي. پر مقصد اهو آهي ته انهي تنقيد جو بنياد لاڳاپيل ملڪن جو عوام ئي جوڙيندو نه ڪي سامراج يا انجا انتها پسند ساٿاري. شام بابت اسانجو موقف شامي ڪميونسٽ پارٽي وارو آهي. جنهن مطابق، شام ۾ سامراجي مداخلت، اقتدار جي انقلابي تبديلي جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي نه ڪي آساني. اها تبديلي لازمي طور تي سامراج يا عالمي مذهبي انتها پسند دهشتگردن (جن جي سرواڻي سعودي جو شهزادو بندر بن سلطان ڪري رهيو آهي) جي حق ۾ نه هوندي، تنهنڪري رجعتي قوتن انهيءَ خلاف محاذ جوڙيو آهي. .شام جي انهي صورتحال اسانوٽ انهن لبرل دانشورن جي به پٽِ وائڪي ڪري ڇڏي آهي جيڪي طالبان يا دهشتگردي مخالف جنگ ۾ آمريڪا منجهان اميدون رکي ويٺا آهن. اهو ئي سبب آهي جو شام جي بحران اسانوٽ هڪ پاسي لبرل دانشورن کي وائڙو ڪيو آهي ته ٻي پاسي امت اخبار، جماعتِ اسلامي ۽ ڪجهه سنڌي قوپرستن کي، شام ۾ سامراجي مداخلت واري سوال تي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. اتان ئي سندن سيڪيولر ۽ آزادي پسند انقلابي مقصدن جو اڇو ڇٽو ظاهر ٿي پئي ٿو.

ڏيهي سياسي صورتحال

لياري مامري جو تاريخي جائزو

ڪبير



اڄ لياري وري بحث هيٺ آهي. پر لياري منجهه جيڪو وهي واپري پيو، اُهو ڪراچي جي مجموعي سماجي معاشي وايو منڊل کان الڳ ڪونهي. مثال طور بدامني، دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ، ڀتاخوري، ڊرگ ۽ لينڊ مافيا اڄ ڪنهن هڪ ٻن علائقن جو نه پر پوري ڪراچي جو مسئلو آهي. ڪراچي اندر 2010 کان ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ روزانو 3.6 ماڻهو سراسري طورماريا ويا آهن. ڪجهه انگ اکرن مطابق ڪراچي ۾ هر سال 1000 ايڪڙ زمين تي قبضو ٿيندو آهي. جنهن جي ماليت هڪ ارب رپين کان مٿي هوندي آهي.مختلف انفرادي ماڻهن کان ادارن تائين ڀتي جي وصولي هڪ الڳ معيشيت طورظاهر ٿي آهي. ڀتي جي حوالي سان 2013 هاڻي کان ئي پويان ريڪارڊ ٽوڙي چڏيا آهن. پوئين سال جي 589 شڪايتن جي ڀيٽ ۾ هن سال جون جي اڌ تائين 630 شڪايتون درج ٿي چڪيون آهن. ياد رهي ته شڪايتن منجهان مراد ڪجهه ماڻهن طرفان ڀتو نه ڏيڻ جي ڪوشش آهي. پر جيڪي ڏهاڙي، هفتي تي يا ماهوار لڳاتار ڀتو ڏين ٿا تن جا پاڻ وٽ ڪي انگ اکر ڪونهن پر قانون جي نام نهاد رکوالن بقول ته اِهو پيسو اربن ۾ هوندو آهي. انهيءَ سموري انتشار جي ڪتاب جو لياري صرف هڪ باب آهي. جنهن کي ڪتاب جي مهاڳ طور سمجهائڻ ۽ پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي.

لياري، پراڻي ڪراچي جي اتر اولهه ۾ موجود اهو علائقو آهي، جنهن کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو ۽ جنهن جي هاڻوڪي آبادي لڳ ڀڳ 17 لک ٿيندي.لياري ۾ قومي (وفاقي) جون ٻه ۽ صوبائي (قومي) جون ٿي سيٽون آهن. انتهائي ڳتيل ۽ سوڙهن گهرن ۾

رهڻ تي مجبور انهيءَ آبادي جي اڪثريت پورهيت طبقي سان تعلق رکي ٿي. نسلي طور تي لياري جي آبادي گهڻي پاڱي بلوچن، سنڌين، اردو ڳالهائيدڙن ۽ ڪاٺياواڙي گجراتين (ڪڇين) تي آڌاريل آهي. سنڌي ۽ بلوچ قومن سان تعلق باوجود، مختلف حالتن منجهه رهڻ ڪري لياري واسين جي هاڻ چڱ ته پنهنجي شناخت پيدا ٿي چڪي آهي. لياري جي ڇا صورتحال آهي؟ انهيءَ جو اندازو انهيءَ ڳالهه منجهان به لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن مون لياري بابت ڪجهه مامرا سمجهڻ لاءِ پنهنجي ئي هڪ سينئر بلوچ ڪامريڊ سان فون تي ڳالهه ڪئي ته هن صرف اهو چيو ته ”يار ڪهڙي ڳالهه ڪريان. لياري جو ذڪر نڪري ٿو ته روئڻ بس نه ٿو ٿئي“. آمريتن خلاف عوامي مزاحمت ۽ ترقي پسند سياست جو اهڃاڻ، 22. نجي باڪسنگ ڪلب ۽ 100 فٽ بال ڪلب ۽ پن اسٽيڊيم وارو اُهو لياري جنهن کي لٽل برازيل سڏيو ويندو هو، هاڻي ماضي جو قصو ٿي ويو آهي. لياري جو هاڻوڪو تعارف عام طور تي اغوا، ڀتو، ٽارچر سيل، گينگ وار، ڊرگ ڊيلرز ۽ لينڊ مافيا جو آهي. اڄ اتان جي نوجوان لاءِ اتساهه ۽ رول ماڊل باڪسنگ جي مختلف عالمي مقابلن ۾ سونا ٻلا حاصل ڪندڙ جان محمد بلوچ نه آهي جيڪو پنهنجي ٻارن جي روزگار جي ڳڻتين ۾ سائي وگهي پوئين سال گذاري ويو. ۽ نه ئي ڪو نوجوان اهو حسين جان ٿيڻ چاهيندو جيڪو هيو ته پاڪستان جو انعام يافته فٽ بالر پر هاڻي هو ڪارن کي ڌوئي پنهنجي اُجرت ڪمائيندو آهي. اهڙي حالت ۾ نوجوانن جو رول ماڊل مافيا جي دنيا جا رحمان، لالو، لاڊلا جهڙا ڪردار ئي هوندا جن جي هٿ ۾ بي پناهه قوت رهي ۽ وقت جا آقا سندن در جا سلامي رهيا. اڄو ته هندستاني فلم پروڊيوسر رام گوپال ورما جي ڪنهن فلم جهڙي اسڪرپٽ واري ڪهاڻي کان واقف ٿيون. هڪ اهڙي ڪهاڻي جنهنجا ڪردار حقيقي آهن. جنهنجو اسڪرپٽ عوام جي رت سان لکيل آهي. ڪهاڻي جيڪا ٻڌائي ٿي ته رياستي جبر سبب انقلابي ڌريون جڏهن انڊرگرائونڊ ٿينديون ڪمزور ٿيون ته انڊر ورلڊ جي دنيا ڪئين مٿي اڀري مظبوط ٿي.

لياري گينگ وار:

لياري گينگ وار جا جيڪڏهن پيرا کڻجن ته ڪهاڻي جي شروعات 60 جي ڏهاڪي ۾ نندين نندين هيراڦيرين ڪندڙ ڀن

پائرن شير محمد عرف شيرو ۽ داد محمد عرف دادل (رحمان ڊڪيت جو پيءُ) کان شروع ٿئي ٿي. جن جو تنهن زماني جي هڪ ڌوهاري ڪالا نانگ سان واسطو جڙيو. ڪالا نانگ ته پوليس کان بچڻ جي ڪوشش ۾ هڪ بلڊنگ تان ٽپو ڏئي مري ويو ۽ ميدان خالي ٿيو ٻن پائرن لاءِ. ڪراچي ۽ لياري اندر ٻاهرين آبادي جي اچڻ ۽ رهائش جي ماحول جي اجا ڳتجي وڃڻ کانپوءِ، ڌوهه لاءِ حالتون وڌيڪ سازگار ٿيون. دادل جي قوت منجهه اضافو تڏهن ٿيو جڏهن حاجي لالو نالي شخص ساٿس گڏيو. دادل جي گهر 1980 ۾رحمان نالي پٽ پيدا ٿيو، جيڪو اڳتي هلي رحمان ڊڪيت جي نالي سان مشهور ٿيو. دادل جي موت وقت رحمان جي عمر 10 سال هئي ۽ روز بروز وڌندڙ ڪم ڪي حاجي لالوسنڀاليوٿي.

هيسيتائين ڌوهه جي دنيا ۾ سرمائي جي ريل پيل محدود هئي. پر 80 جي ڏهاڪي ۾ جڏهن افغانستان ۾ ڪميونسٽن خلاف جهادي جنگ جو طبل وڳو ۽ رياست جي پاڪ عسڪري قوتن، هٿيار ۽ نشه آور شين جي پاڪ (؟) ڌنڌي کي زور وٺرايو. هن ئي ڏهاڪي ۾، عوامي مزاحمت جي ٽوڙ طور ضيائي آمريت ڪراچي اندر ايم ڪيو ايم مٿان ۽ لياري ۾ مافيائن مٿان هٿ رکڻ شروع ڪيو. سرمائي جو وهڪرو جيئن جيئن ڌوهاري دنيا اندر تيز ٿيڻ لڳو، تيئن تيئن لياري اندر ڪيترائي ٻيا ڌوهاري گروپ ظاهر ٿيا. جن ۾ بابو ڊڪيت گروپ، قبرستاني گروپ، بادشاهه خان گروپ اهم هيا. انهن سڀن منجهان حاجي لالو سان ٽڪراءُ جي اهل صرف بابو ڊڪيت جو گروپ بڻيو. جنهن سان ڪالا نانگ جو پٽ به گڏ ٿيو. هاٽي گينگ وار نيون صورتون حاصل ڪرڻ لڳي. چيو وڃي ٿو ته رحمان ڊڪيت 1995 ۾ پنهنجي ماءُ خديجه بيبي جو قتل ڪيوهو. جتان سندس سفاڪ هجڻ واري تعارف جو بنياد پيو. 1998 ۾ رحمان ڊڪيت، حاجي لالو جي پٽ ياسر عرفات سان گڏ گرفتار ٿيو. پر حاجي پنهنجي پٽ کي جلد ئي رها ڪرائي ويو. هن مامري رحمان کي لالو ڏانهن متشڪي بڻايو، ساڳي سال رحمان به پوليس کان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ واپس گروپ ۾ شامل ٿيو. ساڳي دور ۾ ڪارادر وٽان رحمان ڊڪيت هڪ سرمائيدار سليم ميمڻ کي اغوا ڪيو پر لالو جي چوڻ تي بنا ڪنهن ڀُنگ جي ڇڏي ڏنو. بعد ۾ ڪيس خبر پئي ته اُهو ڀُنگ لالو مٿان ئي مٿان هضم ڪري چڪو هو. اهڙي ريت رحمان ۽ حاجي لالو ۾ ڏقيڙ وڌندو ويو ۽ آخر ۾

حاجي لالو رحمان کي چڏي ڪري، بابو ڊڪيت جي گروپ ۾ شامل ٿي ويو. رحمان پنهنجي گروپ کي اڃا مظبوط ڪيو ۽ سندس ساٿي هٿ طور هڪ نئو نالو نور محمد عرف بابا لاڏلا مشهور ٿيو جڏهن ته ٻي پاسي ڏانهن حاجي لالو جي ٻي پُٽ ارشد پپو کي اڳيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ لياري سنگهاسن جي ويڙهه نئين شڪل وٺڻ لڳي. 2003 ۾ رحمان ڊڪيت جي دوست ۽ ٽرانسپورٽر فيض محمد عرف ماما فيضو (پيپلز امُن ڪميٽي جي هاٺوڪي چگي مڙس عذير جان جو والد) کي ماريو ويو. رحمان انهي جو ذميوار ارشد پپو گروپ کي قرار ڏنو. گينگ وار جو هڪ نئون دور شروع ٿيو جنهن ۾ 800 کانوڏيڪ ماڻهو ماريا ويا ۽ علائقن تي رحمان ڊڪيت جو ضابطو قائم ٿيو جنهن وٽ 5000 کان مٿي تربيت يافته نوجوان هئا. 2004 ۾ بابو ڊڪيت گرفتار ٿيو ۽ آزاد ٿيڻ کان ستت پوءِ مارجي ويو. 2005 ۾ رحمان ڊڪيت جي گروپ خلاف به آپريشن ڪيو ويو جنهن ۾ رحمان ته بچي ويو پر سندس پاءُ سميت ڪوڙ سارا اهم ويجها ماڻهو مارجي ويا. 2006. ۾ ارشد پپو به گرفتار ٿيو ۽ گروپ سنڀالڻ جي ذمينداري غفار ذڪري تي پئي. 2008 جي اليڪشن کانپوءِ چونڊيل نمائندن ۽ ڪجهه ٻين قوتن جي زور ڏيڻ ۽ وچ ۾ پوڻ تي رحمان ڊڪيت پنهنجي مخالف گروپ (غفار ذڪري) سان سمجهوتو ڪيو. 9 آگسٽ 2009 تي رحمان ڊڪيت پنهنجي ڪجهه ساٿين سان گڏ مبينه پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو. (جنهن جو الزام پيپلزامن ڪاميٽي وارا نبيل گبول تي هٽندا آهن. نبيل گبول بعد ۾ پي پي چڏي ايم ڪيو ايم ۾ شامل


بابا لاڏلا ۽ ارشد پپو

ٿيو ۽ تازو 2013 واري چونڊ ۾ ايم ڪيو ايم جي ٽڪيٽ تان وري ايم پي اي چونڊجي ويو.) رحمان ڏڪيت ڪانپوءِ سندس سياسي جانشين عذير جان بڻيو جڏهن ته گينگ جي ڪم ڪي بابا لاڏلا ۽ تاج محمد عرف تاجو ڏسندا رهيا. ڪجهه ذريعن مطابق غفار ذڪري ۽ عذير جان جي بعد جي اختلافن ۾ به نبيل گبول جو هٿ هيو جنهن غفار ذڪري ڪي هڪ پلاٽ تي قبضي ڪرڻ لاءِ اڪسايو جنهن ڪي عذير بيواهه عورتن لاءِ مختص ڪيو هو. هيءَ لڙائي به 7 ڏينهن جاري رهي جنهن ۾ ڪيترن ئي ماڻهن سان گڏ غفار ذڪري جو پاڻُ به مارجي ويو ۽ غفار پنهنجا ٻار ٻچا ساڻ ڪري بلوچستان نڪري ويو ۽ چيو وڃي ٿو ته هو اڄڪلهه تربت ۾



(عذير جان سربراهه پيپلز امن ڪميٽي)

رهي پيو جڏهن ته سندس ننڍو ڀاءُ ڪراچي ۾ سرگرم آهي. 16 مارچ 2013 تي پوليس ڊپارٽمنٽ جي ڪجهه ماڻهن، هڪ ڳري رشوت ڪانپوءِ، ارشد پپو ۽ سندس ڀائرن ياسر عرفات ۽ شيرا پٺاڻ ڪي بابا لاڏلا جي ماڻهن حوالي ڪيو. جن مٿان پوءِ سخت تشدد ڪيو ويو ۽ سندن سِر وڍي بيرحمي سان ڌڙ کان ڌار ڪيا ويا ۽ پوءِ انهن منڍين سان فُٽ بال راند ڪيڏي وئي، بعد ۾ ڪين ساڙي رک ڪيو ويو. جيسيتائين سوال آهي حڪومت طرفان ڌوهارين خلاف ڪامياب ڪارواين جي ناڪامي جو ته انهي جا ڪيترائي سياسي ۽ ٽيڪنيڪي سبب آهن. سياسي سببن تي اڳيان مضمون ۾ ڳالهه رکبي پر ٽيڪنيڪي سبب آهي، ڌوهارين جي تقابلي بهتر منظم مسلح سگهه. افغانستان ۾ ايساف ۽ ناٽو کي هٿيارن جي رسد گهٽي پاڳي پاڪستان منجهان ٿيندي رهي آهي ۽ هڪ محتاط اندازي مطابق انهيءَ سپلاءِ جو هڪ چوٿائي حصو عسڪري قوتن، پوليس ۽ مافيا جي مدد سان رستي ۾ ڦريو ويندو آهي. اڄ اها امن ڪاميٽي هجي يا رابطه ڪاميٽي، ٻنهي وٽ آمريڪي ۽ يورپي جديد رابطي جا اوزار ۽ هٿيار آهن. اهڙا هٿيار جن جو سنڌ پوليس ايندڙ 50 سالن تائين ڪو تصور نه ٿي ڪري سگهي.

ڌوهه ۽ سياسي پٺ ڀرائي:

لياري ڪراچي جي مرڪز ۾ موجود اهو وڏو علائقو آهي

جيڪو اجا ايم ڪيو ايم جي اثر ڪان آجو آهي. ماضي ۾ انهيءَ جو سبب لياري جي عوام جو پي پي سان چاهه هيو. روٽي ، ڪپڙا اور مڪان جي واعدي ۽ اشتراڪيت بابت لفاظي سبب ذوالفقار ڀٽو کي پوري پاڪستان جي غريب آبادي پنهنجو ڪيو. ”لياري کي پيرس بڻائيندس“ ڀٽي جا لفظ هيا. اهڙي ريت لياري هڪ اهڙو علائقو هيو جيڪو شروع کان پيپلز پارٽيءَجو ڳڙهه رهيو آهي. ايتريقدر جو لياري جي هڪ اسپتال ۾ ئي پيدا ٿيندڙ بينظير، سنڌ ۾ ٻي ڪنهن ضلعي جي مضبوط يونٽ کي انهي ضلعي جو لياري سڏيندي هئي. سندس شادي جو ڪاڄ به لياري ۾ ٿيو ته آصف زرداري پهرين سيٽ به لياري منجهان حاصل ڪئي. اهو سڀ ڪجهه هوندي به بعد جي دور ۾ به پيپلز پارٽي، لياري جي پسماندگيءَ ۾ ڪا بهتري نه آندي. سياسي طور تي اسريل لياري مستقل غربت، بک ۽ بيروزگاريءَ سبب ٻي دور ۾ ڏوهارين جو ويم گهر بڻجي ويو. نوجوانن جي پرتي نه صرف لياري گينگ وار جي لاءِ پر کوڙ سارين مذهبي دهشگرد تنظيمن لاءِ به هتان آساني سان ڀرتي ٿيڻ لڳي. وقت جي نام جي نهاد جمهوريت پسندن پنهنجي اقتدار کي عوام نه پر ڏوهارين سان تعلق ۾ ئي بچائڻ ضروري سمجهيو. رحمان ڊڪيت جي به پي پي جي قيادت سان تمام گهاٽي ويجهڙائپ هئي. ايتريقدر جو نو سالن جي جلا وطني ختم ڪري جڏهن بينظير ڀٽو 17 آڪٽوبر 2007 ۾ ڪراچي آئي ۽ سندس عوامي آجياٽي واري ريلي ۾ محترمه جي گاڏي مٿان ڪارساز وٽ ٻه بم ڌماڪا ٿيا ته اهو به رحمان ڊڪيت هو جنهن محترمه کي هڪ اڇي ڪار ۾ ڪٽي حفاظت سان کيس سندس ڪلفٽن واري رهائش گاهه تي پهچايو.انهي ريليءَ۾ بينظير جي تحفظ لاءِ رحمان جا 1200 نوجوان مقرر ٿيل هيا جن منجهان 23 ڄڻا مارجي ويا ۽ بينظير رحمان کي پنهنجو ڀاءُ سڏيوهو. چيو وڃي ٿو ته رحمان جي سِر تي 50 لک انعام به مقرر ٿيل هيو. گينگ وار جي عرصي ۾ جڏهن رحمان ڊڪيت ۽ حاجي لالو جا اختلاف ٿيا ۽ هڪ پاسي پي پي هئي ته ٻي پاسي ايم ڪيو ايم حاجي لالو گروپ مٿان هٿ رکيو. 2004 ۾ ئي حاجي لالو گروپ جي ڪاوشن سان گل محمد لين علائقي ۾ پهريون دفعو الطاف حسين خطاب ڪيو. ايم ڪيو ايم جي عسڪري ۽ افرادي مدد سان ارشد پپو لياري اندر وري پير ڄمائڻ جون ڪافي ناڪام ڪوششون ڪيون. سندس گرفتاري

ڪانپوءِ غفار ذڪري جي به عسڪري مدد ايم ڪيو ايم، آگره تاج جي علائقي منجهان ڪندي رهي، جتي سندن ٿورو گهڻو ووٽ بينڪ هيو. بينظير جي شهادت ڪانپوءِ 2008 جي عام چونڊن ۾ پي پي اڪثريت سان ڪامياب ٿي. لياري منجهان ايم پي اي نبيل گبول، ايم پي اي قادر پٽيل ۽ رفيق انجينئر، رحمان جي حمايت سبب ڪامياب ٿيا. پي پي اقتدار ماڻيو ته رحمان ڊڪيت به پنهنجي ڏوهاري تعارف کي ختم ڪرڻ ۽ عوامي ماڻهو وارو نالو حاصل ڪرڻ ۾ جنبي ويو. سندس نئون نالو سردار عبدلرحمان بلوچ هيو. هُن پيپلز امُن ڪميٽي (PAC) جو بنياد وڌو. ۽ مخالف گينگ سان ٽاهه ڪري، امن پيدا ڪري رحمان علائقي ۾ راشن ڪارڊ سسٽم متعارف ڪرايو. هن به اسپتالون ، ٽي سرڪاري اسڪول ۽ به مدرسا کولرايا. هُن ڪيترن ئي شاگردن جي بهتر تعليم جو بندوبست ڪيو. انهي سان گڏ پيپلز امُن ڪاميٽي سياسي سرگرمين جي به شروعات ڪري چڏي هئي. جنهن جا لياري ۽ لياري کان ٻاهر 70 ڪانوڊيڪ يونٽ کلي چڪا هئا. جنهن سماج ۾ عوام جي نالي ۾ سياست ڪندڙ تنظيمون ڏوهاري هجن، اتي ڏوهاري ئي بعد ۾ ڪامياب سياستدان ٿيندا آهن پر رحمان جي قسمت ايتري چڱي ڪانه هئي. 8 آگسٽ 2009 تي PAC پنجاب جي گوجره واقعي خلاف ۽ عيسائين سان يڪجهتي طور هڪ تمام وڏي ريلي ڪڍي. هِن نئين صورتحال پهرين ڪان موجود سياسي قوتن منجهه تشويش کي پيدا ڪيو. ٺيڪ هڪ ڏينهن ڪانپوءِ سنڌ جي پي پي ۽ ايم ڪيو ايم جي گڏيل حڪومت ۾ 9 آگسٽ تي هڪ پوليس انڪائونٽر ڄاڻائي رحمان ڊڪيت کي ڪجهه ساٿين سان گڏ ماريو ويو. انهيءَ واقعي ڪانپوءِ لياري اندر سخت مزاحمت ڏسڻ ۾ آئي ۽ پي پي جي چونڊيل نمائندن کي پنهنجا گهر ڇڏي نڪرڻو پئجي ويو. پي پي جي چونڊيل عورت اڳواڻن کي رحمان جي گهر وڃي معافيون تلافيون ڪرڻيون پئجي ويون ۽ عذير جان بلوچ پيپلز امن ڪاميٽيءَ جو نئون اڳواڻ ٿي سامهون آيو. اهڙي ريت پي پي PAC جي سپورٽ کي جاري رکيو. پيڪ (PAC) جي وڌندڙ ڏوهاري سرگرمين جي جواب ۾ 2010 ۾ ڪڇي رابطه ڪاميٽي جو بنياد پيو هيو. جنهن کي شروعات ۾ ته ارشد پپو گينگ جي مدد حاصل هئي. بعد ۾ ايم ڪيو ايم سندن حمايت ۾ اڳيان آئي. اهڙي ريت سنڌ حڪومت ۾ گڏ ويٺل سياسي قوتون هڪ ٻي

تي دٻاءُ غير سياسي انداز ۾ مافيائن ذريعي وجهنديون رهيون. 2010 ۾ ذوالفقار مرزا پنهنجي مشهور پريس ڪانفرنس ڪان اڳ ڪڇي رابطه ڪاميٽي ۽ پيپلز امن ڪاميٽي منجهه ٺاهه ڪرايو ۽ ايم ڪيو ايم تي چوهه چنديا پر زرداري جي مفاهمتي پاليسي سبب سنڌ حڪومت ڪي ذوالفقار مرزا ڪي وزارت تان هٽائڻو پيو ۽ پيپلز امن ڪاميٽيءَ تي پابندي هٽڻي پئجي وئي. پر مختلف طريقن سان پي پي ۽ PAC جو رابطو به رهندو آيو. 2012 ۾ پي پي ۽ PAC جي وچ ۾ اختلاف وڌيڪ تڏهن وڌيا جڏهن زرداري جي ذاتي يار اويس مظفر ٽپي لياري منجهان ايندڙ چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو پراتان ڪتو جواب ملڻ ڪانپوءِ عذير ۽ پيڪ مٿان پوليس آپريشن شروع ڪرايو ويو. جنهن ۾ 38 عام ماڻهو مارجي ويا ۽ آپريشن ناڪام ٿيو. بعد ۾ عذير جي سگهه ۾ اجا اضافو ٿيو. پي پي ڪان مايوس ٿيڻ ڪانپوءِ PAC سنڌ جي ڪجهه قومپرستن ڌانهن جهڪاءُ وڌايو ۽ ڪراچي اندر 22 مئي 2012 تي محبتِ سنڌ ريلي ڪڍي وئي جنهن تي فائرنگ سبب 13 ماڻهو مارجي ويا ۽ 35 ماڻهو زخمي ٿيا. پر 2013 ۾ اليڪشن جي ڏينهن ڪان ٿورو اڳ پي پي ۽ امن ڪميٽي جون ڳالهيون ڪامياب ويون عذير جي ماڻهن پي پي ٽڪيٽ تي ڪاميابيون ماڻيون. جنهن ڪانپوءِ ڪڇي رابطه ڪاميٽي جي بقول PAC انهن علائقن ڪي به پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي سندس سڌي ظابطي ۾ ڪونه هيا. جڏهن ته PAC موجوده چڪتاڻ جو ڪارڻ ايم ڪيو ايم ڪي قرار ڏنو جيڪا هڪ خاص علائقي جي ڪڇي آبادي ڪي پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهي آهي. بحرحال ماضي جي گينگ وار هجي يا موجوده تڪرار انهي صورتحال جو هڪڙو فائدو مذهبي انتها پسند قوتن ڪي به پئجي رهيو آهي جيڪي تمام تيزي سان لياري اندر پنهنجي سگهه وڌائي رهيون آهن. 2000ع ڪان 2006ع جي عرصي ۾ پاڪستان اندر ڪي 17 خودڪش ڌماڪا ٿيا. خود ڪش بمبارن ۾ 4 جو واسطو ڪراچي سان هو ۽ انهن چئن منجهان تي چٽا لياري جا هئا. تازو 7 آگسٽ تي لياري اندر فٽ بال ميچ جي فائينل ۾ ٿيل بم ڌماڪي جو به گهڻي پاڳي شڪ مذهبي انتها پسندن ڌانهن وڃي ٿو جنهن ۾ بابا لاڏلا جي سالي ياسر پٺاڻ سميت 15 ماڻهو مارجي ويا هئا ۽ هڪ ايم پي اي جاويد ناگوري سميت 25 ماڻهو زخمي ٿيا هيا.

لياري ۾ بلوچ- ڪڇي ٽڪرار؟:

ڪراچي ۽ خاص طور تي لياري اندر پيدا ٿيندڙ تازي صورتحال کي اسانجي ميڊيا بلوچ ۽ ڪڇي ٽڪرار جي شڪل ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ڪجهه سنڌي قومپرست ڌريون ڪڇين کي سنڌي سڏي بلوچ سنڌي ٽڪرار جي سوچ کي پاڻي ڏئي، جانبدار ٿيڻ جو سڏ ڏئي رهيون آهن. پهريون سچ اهو آهي ته اهو بلوچ ڪڇي ٽڪرار نه آهي چاڪاڻ ته ڪوڙ سارن پين علائقن اندر ڪڇي ۽ بلوچ اڃا به پرامن انداز ۾ گڏ رهي رهيا آهن ۽ ٻيو سچ اهو آهي ليارِي جي بلوچ آبادي هجي يا ڪڇي، ٻئي مختلف ٻوليون ڳالهائيندي به سنڌ جون آباديون آهن. لياري جي بلوچن کي ڪراچي جي سڀ کان پراڻي آبادين منجهان هڪ چئجي ته غلط ڪونه ٿيندو. اٺوهين صدي جي پڇاڙي ۾ به لياري جي آبادي 25000 تائين ٻڌائي وڃي ٿي. جيسيتائين سوال ڪڇين جو آهي ته تاريخي طور تي ڪڇ جو علائقو سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ پئي ٿو تنهن ڪري ڪڇي زبان تي ٻنهي وڏين ٻولين (سنڌي ۽ گجراتي) جا اثر آهن. ڪڇي به نندي ڪنڊ جي ورهاڱي کان پهرين لياري ۽ چاڪيواڙا جي علائقن منجهه رهندڙ هيا. انهن منجهان اهم نالو يوسف هارون ۽ محمود هارون جو والد عبدالله هارون هو جيڪو مسلم ليگ جي اهم اڳواڻن منجهان هو. ورهاڱي کانپوءِ به ڪڇي آبادي جي مسلمان اڪثريت ڪراچي جو رُخ ڪيو .جنهن جو گهڻو تڻو حصو لياري، ڪياماڙي ۽ بابا ڀٽ ۾ رهائش پذير ٿيو. لياري ۾ ڪڇي آبادي هڪ اقليت پر آگره تاج ڪالوني، هنگورآباد، بهار ڪالوني ۽ ڪڏا مارڪيٽ جي علائقن منجهه اڪثريت ۾ آهي. تنهن ڪري اهي بلوچ هجن يا ڪڇي ٻنهي جو هن ڌرتي تي ايترو ئي حق آهي جيترو ڪنهن ٻي سنڌي ڳالهائيندڙ جو ٿي سگهي ٿو. تڏهن سوال پيدا ٿئي ٿو ته پوءِ آخر هن موجوده تضاد جا ڪارڻ ڪهڙا آهن جنهن ۾ هن وقت تائين 100 کان مٿي ماڻهو مارجي چڪا آهن ۽ ڪجهه خبرن مطابق 20000 کان مٿي ماڻهو ڪڇي آبادين منجهان لڏ پلاڻ ڪري بدين ۽ ٺٽي ضلعي ۾ رهائش پذير ٿيا آهن؟ ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته ڪڇين سان امُن ڪاميٽي وارن جو ڪو ٽڪراءُ نه هيو ۽ نه آهي پر پيڪ (PAC) کي ماڙيپور

روڊ تائين پهچ گهربل هئي. چاڪاڻ ته اِهو روڊ ئي ساموندي پٽي ۽ پورٽن تائين رسيو ٿي ۽ ايم ڪيو ايم هر قيمت تي انهي روڊ کي پنهنجي ضابطي ۾ ڏسڻ گهري ٿي. ٻين جو خيال آهي ته موجوده چڪتاڻ پراڻي گينگ وار جو ئي تسلسل آهي جنهن ۾ ارشد پپو جي مارجي وڃڻ ۽ غفار ذڪري جي نڪري وڃڻ ڪانپوءِ انهيءَ گينگ جي ماڻهن ڪڇي آبادين منجهه داخل ٿي مزاحمت جاري رکي آهي. پر بظاهر تڪرار رحمان ڊڪيت ۽ ارشد پپو جو هجي يا عذير جي پيپلز امن ڪميٽي ۽ حسين سومرو جي ڪڇي رابطه ڪاميٽي جو، اصل تڪرار ڪراچي ۽ لياري جي ڪاروباري پس گردائي تي قبضي جو آهي جنهن جون واڳون پردي پويان پي پي، ايم ڪيو ايم سميت ٻين سياسي قوتن ڪان ٿيندي، رياستي عسڪري قوتن ۽ ڏيهي توڙي عالمي ڳجهن ادارن جي هٿن تائين ويندي ڏسجن ٿيون. هي آهي اهو مڪروهه چهرو جيڪو سرمايو (ڏيهي توڙي عالمي) منافعي جي ڳولها ۾ اسان جهڙن سماجن ۾ اپنائيندو آهي. تاريخي طور ڏسڻ سان خبر پوندي ته رياست جي عوام دشمن پاليسين ۽ عوامي سياست جي ڪمزور ٿيڻ سان ڏينهن به ڏينهن ڀهراڙي اندر قبيلائي شناخت ۽ شهرن اندر ڌهندڙ ڪميونٽي سينس وري وڌيڪ مضبوط ٿيڻ لڳو. ضياءُ دورِ ڪراچي اندر ايم ڪيو ايم جي نهڻ سان ڪراچي جي بعد جي سياست تي ڏور رس اثر پيا. پرتشدد نسل پرستاڻن واقعن سان عام ماڻهن جي وچ ۾ هڪ شهر اندر لڏ پلاڻ جو عمل شروع ٿيو ۽ علائقن جو لساني تعارف پهرين ڪان به مظبوط ٿيو. انهيءَ سان گڏ نه صرف نسل پرستاڻن رجحانن ۽ سياست کي طاقت ملي پر هڪ وڏي منظم مسلح قوت جي مقابلي ۾ سياسي مزاحمت به مسلح ٿيڻ لڳي. اڄ ڪراچي جي علائقائي ورهاست کي غالب طور تي انهن مسلح قوتن جي نسبت سان ئي سمجهيو وڃي ٿو. متحده، پيپلز امن ڪاميٽي، اي اين پي، ايم ڪيو ايم حقيقي، سني تحريڪ سميت ٻيا مذهبي شدد پسند گروهه پنهنجي عوامي سپورٽ جي آڌار نه پر پنهنجي قبضي هيٺ آيل علائقن جي آڌار ڪمزور ۽ سگهارا ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ لياري جي اهميت پهرين ڪان به وڌيڪ آهي. مثال طور شهر جو 75 سيڪڙو روينيو انهن علائقن منجهان پيدا

ٿيندو آهي جيڪي ليياري سان لاڳاپيل آهن. پين لفظن ۾ دنيا جي چوٿين نمبر وڏي شهر جي مارڪيٽ جي مالڪي جي سوال جي جواب ۾، ڪيتريون ئي ڏيهي ۽ عالمي قوتون هڪٻئي سان چٽا پيٽي جي جواب ۾ انهن ئي نجي عسڪري قوتن جو پاسو جهلين ٿيون. اسان سڀن ڏٺو ته ڪهڙي ريت اجمل پهاڙي ۽ جاويد بنده جهڙا دهشتگرد په سو کان ٿي سو قتل ڪري، جوائنٽ اينٽروگيشن اڳيان اعتراف ڪري به ڪجهه مهينن اندر آزاد ٿي ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر گهمن پيا. ڊيره اسماعيل خان جيل تي حملي جي اڳواٽ خبر هوندي به دهشتگردن طرفان جيل ٽوڙي په کان اڍائي سو دهشتگرد آزاد ڪرائڻ به اِهو ئي ڪجهه ٻڌائي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ بهتري جي اميد عوامي سياست کانسواءِ ٻيو ڪجهه ٿي ئي نه ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته رياست پنهنجي داخلي تضادن سبب هڪڙن ڌوهارين جي خاتمي ۽ ٻين ڌوهارين جي بچاءُ جو ڪم ئي ڪندي رهي آهي ۽ ڪندي رهندي.

پاڪستان آءِ ايم ايف جي ڪالوني

امين قريشي



ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جڏهن آمريڪي سامراج پنهنجي گهٽ ۾ گهٽ ٿيل نقصان کان پوءِ، پوري دنيا تي معاشي ۽ سياسي قبضه گيري جي پلاننگ ڪرڻ لڳو، انهيءَ پس منظر ۾ هن آڪٽوپس وانگر رت چوسيندڙ ڳوڙڪيون (Trapes) ٺاهڻ شروع ڪيون. جن ڪي پاڻ ناٽو، آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ، ڊبليو ٽي او، وغيره جي نالن سان هن وقت سڃاڻون ٿا.

يقيناً اهي ادارا هُن اولهه جي ٻين سامراجي چورن سان گڏجي ٺاهيا، پر آمريڪي سامراج جي هر اداري تي فيصلاڪُن بالادستي ڪالهه به هئي ته اڄ به آهي. ساڳيو حال سياسي ڳالهه ٻولهه واري پليٽ فارم يعني يو اين او ۽ ان جي ادارن جو پڻ آهي.

ناٽو، فوجي بالادستي جي بنياد تي اُنهن ملڪن ۽ قومن کي غلام ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي آهي. جيڪي ٻين عام trapes تحت غلام نٿا بڻجن يا جتي ٻيا حيلا وسيلا گهٽ فائديمند آهن. افغانستان ۽ عراق انهيءَ جو تازو مثال آهن. ٻين جڳهين تي آمريڪي سامراجي آڪٽوپس آءِ ايم ايف جي قرض ڏيڻ وارو ڊالرن جو پيڪيج موڪليندو آهي. انهيءَ سان گڏ سامراجي مفادن وٺان ٿيندڙ ترقياتي رٿائن لاءِ ورلڊ بئنڪ جو قرضن وارو پيڪيج موڪليندو آهي. اڃان به معاملو حل نه ٿيو ته يو اين طرفان پابندين جو سلسلو شروع ڪرائي، مخصوص ملڪن کي گوڏن پر ڪيرائڻ جي پوري ڪوشش ڪبي. ايران ان جو عام مثال آهي.

سامراجيت جي انهيءَ سموري نيٽ ورڪ جو هڪ ئي مقصد آهي ته پوري دنيا جي منڊين جي بار بار ورهاست جاري رکندي، انهن جي وسيلن تي قابض رهندي، انهن کي سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ سائنسي ٽيڪنالاجي جي بنياد تي غلام رکندي، انهيءَ سستي پورهيي ۽ ڪنزيومر مارڪيٽ جو استحصال ڪندي،

سرمائي جي منتقلي کي آمريڪا ۾ اولهه جي ٻين سامراجي ملڪن ڏانهن يقيني بڻايو ويجي. انهيءَ ڪري آءِ ايم ايف، ناٽو، ورلڊ بئنڪ جهڙن ادارن کي Super National Organization چيو ويندو آهي.

ٻي عالمي جنگ کان پوءِ، عالمي مالياتي سرمايو، سامراجي رياستن جي ڳٺ جوڙ سان جنهن Economic Liberalism جي پاليسي تي روان دوان رهيو ان تاريخي طور گهٽيون ئي استحصالي اٽڪل بازيون پيدا ڪيون. جيئن سائنٽيفڪ ٽيڪنالاجيڪل انقلاب (SIR) کي پيداواري اوزارن ۾ تبديل ڪري مٿن قابض ٿيڻ. سوشلسٽ انقلاب جي نعم البدل طور فلاحي رياستن طرف وڃڻ، گرين ريووليوشن متعارف ڪرائي پٺتي پيل ملڪن جي زراعت ۽ زمين کي تباهه ڪرڻ. ان کان پهرين جو پٺتي پيل ملڪ ۾ بيٺڪيتون انقلابن طرف وڃن، انهن کي نالي ماتر سياسي آزادي ڏياري، پنهنجو غلام بنائڻ وغيره.

آءِ ايم ايف جو ٺهڻ:

آءِ ايم ايف جو بنياد 1945ع ۾ رکيو ويو. ان وقت ان جا ميمبر ملڪ صرف 29 هئا. هاڻي انهن جو تعداد 188 آهي. آءِ ايم ايف يا بين الاقوامي مالياتي فنڊ هڪ اهڙي بئنڪ آهي، جنهن جو ڪم عالمي سرمائيداري نظام جي بقا لاءِ، سرمائي کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪرڻ آهي ته جيئن عالمي سرمائيداراڻي سامراجي نظام کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪجي ۽ منافعو به حاصل ڪجي. ان ڪري ظاهري طور تي ۽ شروع ۾ آءِ ايم ايف جو ڪم صرف بين الاقوامي (Payment) واجبات کي ٺيڪ ڪرڻ رکيو ويو. جيڪو اوسر ڪندي، پنهنجو ڇار وڌيڪ ڦهلائيندي "SAP" يعني Structural Adjustment Programe ۽ PRGF يعني Poverty reduction & Growth facility جهڙن نام نهاد اصلاحي نعرن تائين پهتو.

آءِ ايم ايف جو پٺتي پيل ملڪن ۾ قرضن جي برسات جو سلسلو 1970ع کان پوءِ تيز ٿيو. ٿيو ائين جو ستر جي ڏهاڪي ۾ اوپيڪ OPEC (Organization of Petroleum Exporting Countries) تيل جي وڌايل قيمتن تحت خوب سرمايو گڏ ڪيو. اهو منافعو، (سرمايو) ترقي يافته صنعتي ملڪن جي بينڪن ۾ وڌيڪ منافعي جي تعاقب ۾ پهتو. هاڻي اها عالم آشڪار ڳالهه آهي ته سامراجي ملڪن وٽ، ترقي يافته صنعتي ملڪن وٽ اهو مالياتي سرمايو ايترو ته گهڻي مقدار ۾ جمع ٿيو جو ان جي اخراج، توڙي استعمال جو سوال پيدا

ٿيو ۽ انهن مالياتي ادارن جي ٿنڪ ٽينڪ اهو طئي ڪيو ته انهيءَ مالياتي سرمائي کي وڏيڪ منافعي لاءِ پنٽي پيل ملڪن کي قرض طور ڏنو وڃي ۽ مقروض ملڪن جي صنعتن کي پڳڙن مٺ تي اگهن تي خريد ڪجي.

هتي واٽئي وارو سادو اصول استعمال ڪيو ويو ته ضرورت مند کي ڳري وياج تي قرض ڏجي، موٽ ۾ انهن جي ملڪيت گروي رکجي ۽ آهستي آهستي جڏهن مقروضن جي قرض لاهڻ واري قوت جواب ڏيئي وڃي ته ان ملڪيت تي قبضو ڪجي. ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ هن خطي ۾ واٽين جو اهو ئي طريقيڪار هو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي واٽيا واپارين سان گڏوگڏ زميندار به ٿي ويا هئا. قرض ڏيئي ماڻهن کي سندن ملڪيتن کان بي دخل ڪرڻ ”هوند وارن“ جو عالمي قانون آهي. ويجهڙائي ۾ هندستان جي هزارين هارين جي خود ڪشي ڪرڻ پٺيان به اهو ئي لقاءُ هيو.

ساڳيو قانون رياست تي به لاڳو ٿئي ٿو. پوءِ اسان هن ملڪ جي حالت ڏسون ٿا، جو پٽاٽن جي اگهه کان ويندي بجلي جي اگهن تائين سمورا معاملا آءِ ايم ايف طئه ڪري ٿو ۽ هتان جون حڪومتون وڏي بي حيائي سان نان اشوز جي سهاري جيئنديون رهن ٿيون. حڪومتون جنهن ملڪ ۽ زمين جون ڳالهيون ڪنديون آهن انهن مان ڪا هڪ به شيءِ سندن پيرن هيٺ ناهي هوندي.

70 واري ڏهاڪي ۾ جيئن ئي معمولي وياج جي شرح تي قرض ڏيڻ شروع ڪيا ويا ته انهن جا واضح مقصد سياسي ۽ معاشي رکيا ويا هئا. يعني انهن ملڪن کي لاتعداد قرض ڏنا ويا. جتي هنن جي مرضي وارا آمر Dictators هئا يا جتي هنن کي آمر آڻڻا هئا. اتي به قرض ڏنا ويا جتي قرض جو سنئون سڌو غلط استعمال ٿيڻو هو. عوام دشمن رياستن کي بغاوتون چٿڻ لاءِ به قرض ڏيڻ جو بهانو ڪيو ويو. نه صرف ايترو پر انهن حڪمران طبقن کي Swiss account به کولي ڏنا ويا. فوجي آمرن کي اهي قرض، هٿيارن جي خريد فروخت جي مد ۾ به ڏنا ويا.

انهيءَ سازشي نيٺ ورڪ جو نتيجو اهو نڪتو جو 80 واري ڏهاڪي جي شروع ٿيڻ وقت ئي انهن ملڪن جن آءِ ايم ايف کان اڳيون پوري قرض کنيا هئا، واضح ڪيو ته وٽن قرض واپس ڪرڻ جي قوت ئي ڪونهي. مٿان وري انهيءَ ڏهاڪي جي شروعات ۾

ئي آءِ ايم ايف وياج جي شرح ۾ هڪ طرف بي انداز اضافو ڪري، ڪنيل قرضن جي انگن اکرن کي ذري گهٽ ٻيڻو ڪري ڇڏيو جنهن سان مقروض ملڪن لاءِ قرض لاهي سگهڻ ذري گهٽ ناممڪن بڻجي ويو.

قرض نه ڏيڻ واري صورتحال مان نڪرڻ لاءِ حل اهو ئي ڪڍيو ويو جيڪو بينڪون صلاحينديون آهن. يعني هڪڙو قرض لاهڻ لاءِ ٻيو قرض کڻو. ائين مقروض ملڪن جي وڪڻجڻ ۽ سياسي ۽ معاشي خودڪشي ڪرڻ وارو عمل تيز ٿيو. هي اهو ئي دور آهي جڏهن عالمي منڊي Recession جو شڪار ٿي هئي.

1980ع تائين ترقي پذير ملڪن جيڪو قرض کنيو ان جو تعداد 567 بلين آمريڪي ڊالر هو. جيڪو وياج جي شرح وڌڻ ڪري 1990ع تائين ايترو وڌيو جو 1990ع ذاري ترقي پذير ملڪن 1662 بلين آمريڪي ڊالر قرض واپس ڪيو پوءِ به ان وقت انهن تي رهيل قرض 1419 بلين آمريڪي ڊالر هو. هڪ اندازي مطابق پنٽي پيل ملڪ 160 بلين آمريڪي ڊالر قرض جي مد ۾ ان وقت ساليانو جمع ڪرائيندا هئا.

نوم چومسڪي انهيءَ صورتحال تي اها ڳالهه واضح ڪئي ته قرض وارو نيٽ ورڪ "نظرياتي مصلحت" آهي، نه ته آمرن کان قرض واپس وٺي سگهجن ٿا. بينڪن کي سڌو ڪري سگهجي ٿو، پر ائين نه ڪيو ويندو آهي. نتيجي طور ترقي يافته ملڪن جو عوام جيئن ٽيڪس ۾ ڇٽيون پريندو آهي. ائين غريب ملڪن جو پيڙهيل عوام پڻ اهي ئي ڇٽيون پريندو آهي.

ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئون ته آءِ ايم ايف اهو چاهيندو آهي ته نه صرف قرض Misuse ٿين. بلڪ اهي ڪرپشن ۽ Bad governance جي ور پڻ چڙهن. چو ته قرض واپس ڪرڻ واري جي پيٽ ۾ قرض واپس نه ڪرڻ جي اهليت رکندڙ ملڪ هن لاءِ وڏيڪ فائدي وارا آهن.



آءِ ايم ايف جي پاليسي ۽ طريقيڪار آخر ڇا آهي:

آءِ ايم ايف هن وقت سموري

دنيا ۾ جتي به هن جو نيٽ ورڪ آهي ۽ جيڪي به ملڪ هن جي مڪمل قبضه گيري هيٺ آهن. اتي ٻن يا ٽن اصطلاحن ذريعي پنهنجون پاليسيون واضح ڪندو آهي. اهو بنياد هوندو آهي سيپ SAP جو يعني Structural Adjustment Programe يا وري Poverty Reduction PRGF and growth facility. انهن ٻن نعرن جي بنياد تي آءِ ايم ايف، ڪنهن ملڪ جي اقتصادي، معاشي بيهڪ کي عوام جي انڌي منڊي فائدي مان ڪڍي سرمائيداراڻي، ترقي يافته صنعتي ملڪن ۽ سامراجي ملڪن جي فائدي ۾ آڻيندي آهي.

هن جون شرطون ڪجهه هن ريت هونديون آهن.

(1) ساليانو ٽيندڙ خسارو پورو ڪرڻ لاءِ عوامي فلاحي ڪمن لاءِ مختص ڪيل بجيٽ گهٽايو. تعليم ۽ صحت جي مقرر ڪيل بجيٽ گهٽايو. بجلي ۽ زراعت تي مقرر ڪيل Subsidy (امدادي قيمت) ختم ڪيو.

(2) پبلڪ سيڪٽر ۾ جيڪا به صنعت آهي يا وري Service جا ادارا آهن. انهن کي حڪومت جي سرپرستي مان ڪڍي سرمائيدارن جي سرپرستي ۾ ڏيو يعني پرائيويٽائيز ڪريو.

(3) امپورٽ جي بجاءِ ايڪسپورٽ تي زور ڏيو.

(4) بينڪن جي وياج جي شرح وڌايو.

(5) فارين ايڪسچينج ۽ واپار جا طور طريقا وڌيڪ سستا ڪريو.

(6) حڪومت هيٺ هلندڙ پبلڪ سيڪٽر، خاص ڪري صنعت ۾ ري اسٽڪچرنگ ڪري يعني ملازم جي ڇانٽي ڪري يونين سازي جي سياست بند ڪرايو.

(7) صنعتن جو رياستي بنيادن تي تحفظ ختم ڪيو ۽ انهن صنعتن کي عالمي منڊي ۾ مقابلي بازي لاءِ آزاد ڇڏيو.

(8) زراعت تي مقرر ڪيل امدادي رقم Subsidy ختم ڪيو، ٽيڪس مڙهيو ۽ زرعي جنسن کي مقابلي بازي واري مارڪيٽ ۾ آڻيو.

(9) ايڪسپورٽ کي تيز کان تيز ڪيو ته جيئن ملڪ ۾ cash اچي.

مختلف ملڪن ۾ ٿوري گهڻي فرق سان ان ئي قسم جا عوام مخالف فرمائشي پروگرام رکيا ويندا آهن.

آءِ ايم ايف جي شرطن جو مقصد ڇا آهي:

آءِ ايم ايف جيئن ته سامراجي دلالي ڪندڙ ادارو آهي. ان ڪري ان جو مقصد سامراج کي فائدو ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. فائدو جيڪو ڪنهن ملڪ جي معاشي ۽ سياسي تباهي تي بيٺل هوندو آهي. جڏهن آءِ ايم ايف چئي ٿو ته صحت ۽ تعليم جي بجيٽ گهٽايو ته ان جو صاف مطلب اهو هوندو آهي ته هاڻي ڪنهن به رياست جو فلاحي تصور بيڪار آهي. رياست عوام جي تعليم ۽ صحت جي ذميوار ناهي. ان ڪري عوام جاهل هجي يا بيمار اهو عوام جي پنهنجي مٿي جو سور آهي.

ڪنهن صنعت کي سستي اگهه تي خانگائڻ لاءِ اهو لازم هوندو آهي ته ان صنعت کي رياستي ڪنٽرول ۽ تحفظ مان ڪڍجي ان ڪري، آءِ ايم ايف جو ان ڳالهه تي شروع کان ئي زور رهيو آهي ته Subsidy يعني امدادي پيڪيج ختم ڪيو وڃي. جڏهن ته تاريخ شاهد آهي ته دنيا ۾ ڪٿي به ڪنهن وڏي صنعت، حڪومتي تحفظ ۽ امدادي مدد کان سواءِ اوسر ڪئي ناهي.

صنعتن کي آزاد منڊي ۾ مقابلي بازي لاءِ آڻڻ جون ڳالهيون بي معنيٰ آهن. آءِ ايم ايف جي ياري ۾ هلندڙ ملڪ کان جڏهن ايڪسپورٽ وڌائڻ جي گهر ڪئي ويندي آهي ته ان جو مقصد ڇا هوندو آهي؟ ان جو مقصد اهو هوندو آهي ته ملڪ پنهنجو ڪچو مال ايڪسپورٽ ڪري ۽ اهو ساڳيو ڪچو مال ترقي يافته ملڪن مان اصل جنس ۾ انهن ئي پٺتي پيل ملڪن ۾ واپس Import ڪري.

مثال طور ڪپڙو ايڪسپورٽ ڪرڻ بجاءِ ڪپهه ايڪسپورٽ ڪيو. ان ڪري صنعتي ڍانچو ته ختم ئي ٿيڻو آهي.

مثال طور 1980 کان 1990 تائين آءِ ايم ايف جي صرف انهيءَ ايڪسپورٽ وڌائڻ واري فرمائش تحت پٺتي پيل ملڪن پنهنجي ملڪ جي 52 سيڪڙو بنيادي صنعت تباهه ڪئي. ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته پٺتي پيل ملڪ پنهنجي صنعت ڪٿي بين الاقوامي منڊي ۾ اچي ته انهن تي WTO جا هڪ هزار هڪ اعتراض ايندڙ وقت ۾ اچڻا آهن. مثال ڪٽڪ هجي، انب هجي يا ٻيا ميوا جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ پهچن ته اهو اعتراض ئي ڪافي آهي ته هي جنس Organic farming جي معيارن تحت تيار ٿيل ناهي. يعني هن جنس جي تياري ۾ زرعي زهر ۽ غير نامياتي مادن جو استعمال ڪيل آهي. اهو ته اڳتي جو معاملو آهي.

هن وقت به جيئن ته سمورا وسيلا ۽ سائنسي بالادستي

اسريل ملڪن جي ميراث آهي ان ڪري پٺتي پيل ملڪن جي صنعت ڇا جديد بنيادن تي اڳتي ايندي؟ اهو ته بلڪل واضح آهي. جيئن ته سامراج وٽ (آءِ ايم ايف وٽ جمع ٿيل) پيسو جام آهي ان ڪري هو دنيا جي هر شيءِ خريد ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو. ان لاءِ اهو بهتر هوندو آهي ته پاڪستان جهڙن ملڪن جون هٽرادو خراب ڪيل پبلڪ سيڪٽر واريون صنعتون، توڙي سروس ڏيندڙ ادارا جهڙن تهڙن اگهن تي خريد ڪجن. پوءِ اهي صنعتون ڀلي مقامي ڪمپرادور سرمائيدار وٺي يا ڪا عرب ڪمپني يا ڪا انگريز يا يورپي گهڻ قومي ڪمپني. اهڙي ريت صنعتن جي ري اسٽرڪچرنگ جي معنيٰ صرف اها هوندي آهي ته ملازمن جي ڇانٽي ڪري، باقي ملازمن ۾ عدم تحفظ جو احساس پيدا ڪندي، يونين سازي جو خاتمو آڻجي. ڇو جو صنعت جي خانگائجڻ ۾ يونين مزاحمت ڪندي آهي.

ٽين دنيا جا ملڪ ۽ آءِ ايم ايف:

ترقي پذير يا پسمانده ملڪ، جن به آءِ ايم ايف سان زبردستي واري ياري رکي، انهن ملڪن جي معيشت توڙي سياست جي ڇيلهه ڪڍهن به سڌي نه ٿي سگهي.

مثال طور: موزمبيق ساليانو 70 ملين آمريڪي ڊالر قرض جي مد ۾ آءِ ايم ايف ۽ اولهه کي ڏيئي ٿو ۽ سندس حالت اها ٿي آهي جو هاڻي هو صحت تي مشڪل سان 1.1 سيڪڙو خرچ ڪري ٿو. جيئن جيئن صحت حڪومت جي ذميواري مان نڪرندي وڃي ٿي، غريبن جي بک ۽ بيمارين سببن مرڻ جي شرح ۾ بي پناهه اضافو ٿيندو وڃي پيو.

اها ورلڊ بئنڪ ئي آهي جنهن رپورٽ ڏني آهي ته 1994 کان 2000 تائين آفريڪي ملڪن جي غربت منجهه 50 سيڪڙو اضافو ٿيو ۽ اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته ”آفريڪا کنڊ“ آمريڪي سامراج جي غنڊي سي آءِ اي کان پوءِ جيڪڏهن ڪير هلائيندو آهي ته اهي آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ هوندا آهن.

هيٽي اهو ملڪ آهي جتي عام انسان کي ”49“ سالن جي سراسري عمر کان وڌيڪ جيئڻ نٿو ڏنو وڃي. ان جي باوجود به اڄ ڏينهن تائين هن ملڪ سان آءِ ايم ايف جي اها غير انساني فرمائش هلندي اچي ٿي ته هو تعليم ۽ صحت جي شعبي جي بجيٽ گهٽائي.

نڪاراگوا ۾ جڏهن 1979 وارو انقلاب آيو ته آءِ ايم ايف ڪين هڪدم لاتعلقي وارو طلاق نامو ڏياري موڪليو نه صرف ايترو پر آمريڪا جي چوڻ تي نئين انگولن حڪومت کان پئين حڪومتن جي ڪنيل قرضن جي هڪ دم واپسي جي گهر ڪئي وئي.

آمريڪي سامراج ڪي عوامي بغاوتن کان هميشه ڊپ رهيو آهي. عوامي احتجاج ۽ بغاوت هنن لاءِ اڻ وڻندڙ صورتحال آهي. سواءِ انهن عوامي بغاوتن، احتجاجن، خانه جنگين جي جيڪي هو پنهنجي مفادن آهر پاڻ پيدا ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ ئي ته اهڙن ملڪن ۾ جتي ممڪن عوامي اٿل پٿل ٿيڻ جو انديشو هجي، اين جي اوز جي خيرات جو سلسلو جام نظر ايندو آهي.

انگولا ۾ جڏهن آمريڪي سي آءِ اي ٻارهن سال خانه جنگي ڪرائڻ ڪانپوءِ پنهنجي پسند جي رجعتي حڪومت اقتدار تي قابض ڪرائي ته هڪدم آءِ ايم ايف به پهچي ويئي. پوءِ انهيءَ حڪومت هڪ دفعو ٻيهر زمينون هارين جي قبضي مان آجيون ڪرائي، اڳوڻن زميندارن کي ڏياريون، نيشنلائيز ٿيل صنعت کي هڪ فعو ٻيهر خانگايو ويو. اڄ آءِ ايم ايف جي ڪرم سان انگولا ۾ بيروزگاري 60 سيڪڙو آهي ۽ سندن معيار زندگي اسان سڀني کان لڪيل ڪونهي.

اهو سڀ ڪجهه آهي جنهن کي آمريڪي سامراج Neoliberal global economy چئي ٿو جيڪا ستر جي ڏهاڪي کان شروع آهي. آمريڪي سامراج جي قرض، امداد، بم، گولي ۽ خيرات جو نيٽ ورڪ وڏي بي حيائي سان انگ اکر ڏيندو آهي. مثال طور: جڏهن فلپائين کي صحت ۽ تعليم جي بجيٽ گهٽ ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ٿيون ته انهيءَ وقت هڪ ٻئي اداري فخر مان اهو ٻڌايو ته ائين ڪرڻ سان فلپائين ۾ دوائن جي کوٽ 29000 ماڻهو ماريندي ۽ وڌندڙ مليريا 90 هزار ماڻهو ماريندي. انهن انگن اکرن شايع ڪرڻ جو مقصد عالمي ضمير کي جهنجهوڙي هٽڻ ناهي هوندو بلڪ متاثر ملڪ کي ذهني طور تي تيار ڪرڻ هوندو آهي.

جيئن طارق علي ڪٿي لکيو آهي ته عراق تي جنگ مسلط ڪرڻ وقت، ڪنهن عالمي ليول تي ٿيندڙ سامراجي ملڪن جي گڏجاڻي ۾ اها گهر ڪئي ويئي ته گهٽ ۾ گهٽ ڇهه کان ست لک ماڻهو مرڻ گهرجن.

آءِ ايم ايف ۽ پاڪستان:

1980 کان شروع ٿيل آءِ ايم ايف سان ياري، پاڪستان کي ڪنهن به پاسي جو ناهي ڇڏيو. پاڪستان هن وقت تائين آءِ ايم ايف کان يارنهن (11) پيڪيج حاصل ڪري چڪو آهي ۽ جيئن جيئن



پيڪيج جو سلسلو وڌندو رهيو آهي. هن ملڪ پنهنجا وسيلا، انهن جي مالڪي ۽ ملڪي سالميت اوتري ئي تيزي سان وڃائي آهي. يارنهن پيڪيجن مان (9) پيڪيج سويلين حڪومتن حاصل ڪيا ۽ ٻه فوجي حڪومتن. ٽوٽل آءِ ايم ايف پيڪيجن مان ڏهه بقول آءِ آيم ايف جي ناڪام ويا. ڇو ته هنن بقول سول حڪومتن شرطن جي مڪمل پوئيواري نه ڪئي. ويچاريون سول حڪومتون انهن شرطن جي پوئيواري، پنهنجي سياسي ساک وڃائيندي ڪنديون رهيون پر انهن جڳهين تي جتي عوام جي مفادن بجاءِ سندن ئي طبقي جي مفادن کي ڇيهو ٿي رسيو ته هنن وڃي ٿي ڪن لڪايا. مثال طور آءِ ايم ايف جي بار بار چوڻ باوجود زراعت تي ٽيڪس نٿو لڳي. ڇو جو حڪومتون هلن ئي انهن جاگيردارن جي ناني ويڙهي سان ٿيون ان ڪري پاپولر پارٽيون پنهنجي ”پرم“ جو خاتمو نه چاهينديون آهن. شرطن جي مڪمل پوئيواري ممڪن به ڪونهي. ڇو ته ڪرپشن/ غلط استعمال/ ناني ويڙهو هتان جي حڪومتن جو خاصو آهي.

ڀيا به ڪجهه انتهائي سخت قسم جا شرط هوندا آهن جن تي عمل ڪرائڻ سياسي حڪومتن جي وس ۾ ناهي هوندو. مثال طور ويجهي ماضي ۾ اسٽيل مل کي خانگائڻ کان بچايو ويو. پر ڪٿي ڪٿي موجود مضبوط يونين به ڪجهه ڪرڻ کان قاصر رهيو وڃي. جيئن پي ٽي سي ايل مزاحمت باوجود خانگائجي ويئي.

زرداري حڪومت پڻ ڪيترن ئي شرطن تي ان ڪري عمل نه ڪري سگهي جو ڪيس پنهنجي پارٽي جي باقي رهيل ساک ختم ٿيڻ جو خطرو هو. جيتوڻيڪ اهڙي ڪنهن به قسم جي ساک بچي ڪانه. هاڻي نوازشريف صاحب پنهنجا هٿ مهٽيندو آءِ ايم ايف سان ٻارهين پيڪيج تي معاملا اڳتي وڌائيندو. اهو قرض 5.3 بلين آمريڪي ڊالر هوندو. اسان هن ئي حڪومت جي ٻي وسي بمقابله اجائي ڊاڙ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهون ٿا ته

نوازشريف ان وقت ڊرون حملن بند ٿيڻ جو راڳ بند ڪيو جڏهن آءِ ايم ايف مختلف بهانن هيٺ وڏيڪ قرض ۽ انهن قرضن جون جاري رهندڙ قسطون ڏيڻ کان جواب ڏنو. اسٽيٽ بئنڪ جي تازي رپورٽ ٻڌائي ٿي ته ملڪ مجموعي طور تي (اندرين ۽ ٻاهرين قرضن کي ملائي) 14.5 ٽرلين روپين جو مقروض آهي. يعني هر فرد ننڍو توڙي وڏو 80 هزارن جو مقروض آهي.

ساليانو اربين روپيا ٻاهرين قرضن جي مد ۾ ڏيڻ باوجود هن وقت به پاڪستان تي (آءِ ايم ايف) سميت 66.4 بلين آمريڪي ڊالر قرض رهيل آهي ۽ موجوده حڪومت جي تازي ڪنيل قرض کان پوءِ سندن حڪومت جي صرف ٻن سالن جي پوري ٿيڻ تائين يعني 2015 تائين صرف آءِ ايم ايم ايف جو قرض 72 بلين آمرڪي ڊالر ٿيندو.

پاڪستان نه صرف اهو قرض وڏين وڏين قسطن ۾ اربين ڊالرن ۾ واپس ادا ڪندو آهي پر انهن تي لڳندڙ وياج پڻ اربين روپين ۾ هوندو آهي. جيڪو هر سال مختلف انگن اکرن ۾ هوندو آهي. پاڪستاني معيشت جو هاٿي ڪو هڪ ادارو به صحيح ڪونهي. آءِ ايم ايف سان 1988 کان هلندڙ باضابطه ياري غربت جي لڪير کي 50 سيڪڙو تائين ڪٽي آئي آهي. معاملو KESC يا PTCL جي خانگائڻ تائين نه حل ٿيٽو هو نه ئي حل ٿيو. اڃا به فرمائش وڏيڪ ادارن جي خانگائڻ تي آهي. جنهن ۾ تعليم ۽ صحت جا شعبا به اچي وڃن ٿا. جيڪا شيءِ اهم آهي اها هي ته آءِ ايم ايف ڪڏهن به فوجي بجيٽ جي گهٽائڻ تي زور ناهي پريو.

پاڪستان کي قرض ڇو گهرجن:

هن ملڪ جو اهو الميو رهيو آهي ته هن ملڪ کي هميشه امدادي خيرات تي هلائڻ جي ڪوشس ڪئي ويئي. عالمي سياسي صورتحال، پاڪستان جون خارجي حالتون هميشه ابن الوقت، عوام مخالف رجحانن کي پروان چاڙهيو آهي. هتي جون آمريتون ۽ انهن کي ملندڙ امداد هن ملڪ جي معيشت کي ڪڏهن به پنهنجن پيرن تي بيهڻ ئي نه ڏنو (سواءِ چند مختصر سالن جي، خاص ڪري 60 وارو ڏهاڪو).

پنهنجي معيشت جا ٺيڪ بنياد قائم نه ڪري سگهڻ، حاصل ٿيندڙ مجموعي سالاني آمدني کي دفاع ۽ بيورو ڪريسي حوالي ڪرڻ، وغيره جو تسلسل سان نتيجو اهو نڪتو جو هن ملڪ جي

معيشت کي هلائڻ لاءِ، ايڪسچينج ڪرنسي کي برقرار رکڻ لاءِ، آءِ ايم ايف جي قرضن جي ڄار ۾ ڦاسائڻو پيو.

اهي ئي قرض حڪمرانن لاءِ هميشه آسان رهيا ڇاڪاڻ ته اهي ئي قرض عوام کي واپس ڪرڻا هئا. ملڪ نيلام ٿئي ته ٿئي هنن جو ان سان ڪو واسطو ڪونهي.

هن ملڪ جو حال اهو آهي ته موجوده نوازشريف حڪومت وٽ پرڏيهي ناڻو Foreign Reserves يعني باقي دنيا کان سامان خريد ڪرڻ لاءِ موجود رقم صرف چئن هفتن جي آهي. آءِ ايم ايف، سميت ٻاهرين قرضن جي ادائيگي لاءِ رپيو ڪونهي. ملڪي قرضن لاءِ اسٽيٽ بئنڪ وٽ گهربل پيسو ڪونهي. بجيٽ مستقل کوٽ ۾ آهي.

توانائي جي شعبي لاءِ پيسو ڪٿان اچي؟ صنعتن جي ري اسٽڪرجنگ لاءِ رقم ڪٿان اچي؟ مليل امداد ڪيڏانهن وئي؟ اهي سڀ سوال ۽ معاملا اڳيان رکندي، آءِ ايم ايف جي قدمن تي ڪرڻو پيو ته ”عزت بچايو.“

نتيجو هڪدم اهو نڪتو، تيل جون قيمتون وڌايون ويون. سي اين جي جي قيمت وڌي ۽ هاڻي بجلي جي قيمتن وڌائڻ جا فيصلا ٿي چڪا.

اهو آهي اسان جو سمورو سياسي ۽ معاشي معاملو ۽ اهو راڳ نئون ناهي. هر ايندڙ حڪومت سان هميشه ان قسم جا معاملا ٿيندا آهن. جڏهن ته ويندڙ حڪومت جا وزير، مشير ۽ انهن جا جوان نسل پاڪستان کان ٻاهر پنهنجا نوان نوان ڪاروبار هلائڻ جا اهل ٿي چڪا هوندا آهن.

عوام جڏهن سياست کان لاتعلق ٿي اها ڳالهه ڪري ٿو ته واري وٽي سان ايندڙ حڪومت وٽ هنن کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي ته هو بلڪل صحيح چوندو آهي.

حاصل نتيجو:

پاڪستان جي ڪٺ پتلي رياست جيڪا شروع کان وٺي سامراجي مقصدن جي پوراءِ لاءِ استعمال ٿيندي آئي آهي. پنهنجي حڪمراني ۽ سالميت وڃائي چڪي آهي. اهو فطري نيمن/ قانونن جي خلاف آهي ته هڪ فرد مقروض به هجي ۽ ساڳي وقت آزاد هئڻ جي دعويٰ ڪري.

پاڪستاني معيشت آءِ ايم ايف ٿي طئه ڪري ۽ آءِ ايم ايف

ڪي آمريڪي سياست ٿي طئي ڪري ۽ جيئن ته ڳر ۾ استحصال ۽ ڦرلٽ جي سُٽي پيارپل آهي. ان ڪري ان مان ڪنهن بهتري جي اميد اجائي آهي. هن ملڪ جو ڪوبه معاملو ٺيڪ ناهي ٿيڻو. (عوامي نڪته نظر کان).هن ملڪ جي معيشت نيو لبرل قانون تحت، عوام مخالف رخ ۾ سفر ڪندي، پبلڪ سيڪٽر جو خانگائجڻ، بيروزگاري جو وڌڻ، مهانگائي جو وڌڻ، ماضي جي پنجن سالن جيان اجا وڌيڪ تيز رهندو.

روزگار به ماضي وانگر اڻ لڀ رهندو. سماج جهالت ۽ بيمارين کي وڌيڪ ويجهو رهندو. توانائي جو بحران برقرار رهندو. معيشت جيئن ته سياست کي طئه ڪندي آهي ان ڪري ايندڙ وقت نراجي سياست جو آهي. جنهن خلاف حقيقي عوامي قوتن کي تمام گهڻي تيزي سان پاڻ کي منظم ڪرڻو پوندو.

اتحاد کا تقاضہ

عاصم سجاد اختر

بائیں بازو کے حلقوں کو جوڑنے کا کام عرصہ دراز سے جاری ہے۔ یقینا ریاست، بالادست طبقات، سامراج اور دیگر استحصالی قوتوں سے لڑائی میں اگر ہم خود ٹکڑوں میں بٹے رہیں گے تو جیت کے امکانات بہت کم ہیں۔ چنانچہ ضروری ہے کہ ہم اپنی صفوں میں اتحاد پیدا کریں اور ایک بڑے مقصد کے لیے چھوٹے جھگڑے بھلادیں۔ تاہم یہ جاننے اور کہنے کے باووجود بائیں بازو کے تمام حلقے کبھی اکٹھے نہیں ہو سکے۔ اور جب اکٹھے ہو بھی جاتے ہیں تو اکثر اوقات لڑ جھگڑ کر الگ ہو جاتے ہیں۔ آخر ایسا کیوں ہوتا ہے اور اس منفی طرز عمل سے نجات کا کوئی امکان موجود ہے؟

پہلی بات جو ذہن میں رکھنی چاہیے وہ یہ ہے کہ یہ مسئلہ صرف پاکستان کے بائیں بازو کا نہیں ہے۔ دنیا بھر میں مارکسی طرز فکر کے سیاسی کارکنوں نے ایک دوسرے کے ساتھ مکمل طور پر اتفاق نہ کیا ہے اور نہ ہی کبھی کریں گے۔ اس کی وجہ یہ ہے کہ ہماری سیاست ٹھوس نظریاتی بنیادوں پر ہوتی ہے۔ یہ ضرور ی نہیں ہے کہ ہم سب نظریاتی طور پر ہم آہنگ ہو ں صرف اس لیے کہ ہم اپنے آپ کو مارکسسٹ کہتے ہیں۔ مارکسی حلقوں کے اندر بے شمار اختلافات پائے جاتے ہیں جو کہ لازمی طور پر منفی بات نہیں ہے۔ اختلافات کو اگر ہم جدلیاتی طور پر تصور کریں گے تو یہ مثبت بھی ہو سکتے ہیں اور ہمیں بہتر نکتہ نظر اور حکمت عملی کی طرف لے جا سکتے ہیں۔

لہذا ہمیں اس بات پر پریشا ن نہیں ہونا چاہیے کہ تمام بائیں بازو کے حلقے ایک دوسرے کے ساتھ ایک تنظیمی دائرے میں نہیں آتے۔ معاملہ در اصل اس وقت گھمبیر ہوجاتا ہے کہ جب ہم آپس کے نظریاتی اختلافات کو بنیادی تضاد کے طور پر دیکھنا شروع کر دیتے ہیں۔ یعنی کہ ہم اپنی بیشتر توانائی ایک دوسرے کو غلط ثابت کرنے پر لگادیتے ہیں اور محنت کشوں میں جا کر اپنے اصلی دشمنوں کیخلاف کام کرنا چھوڑ دیتے ہیں ۔ یہ وہ بیماری

ہے جو کہ بائیں بازو میں آج سے نہیں بلکہ بہت پرانے زمانے سے قائم ہے اور اس کا علاج کرنا بہت ضروری ہے۔ ہماری لڑائیاں اتنی خطر ناک ہو جاتی ہیں کہ نظریاتی مسائل بہت جلد پس منظر میں چلے جاتے ہیں اور ذاتی اور دیگر طرز کے مسائل حاوی ہو جاتے ہیں۔

بہر حال بائیں بازو کے اندر تمام لڑائیاں بے بنیاد بھی نہیں ہوتیں۔ یعنی کہ جہاں ایک حلقہ کسی دوسرے حلقہ کو شدید تنقید کا نشانہ بناتا ہے تو اس کے پس پردہ مختلف مراسم ہو سکتے ہیں۔ مثال کے طور پر مالی یا دیگر اس طرح کے مفادات کارفرما اگر ہوجائیں ،جو کہ بائیں بازو کی سیاست کے لیے زہر کی طرح ہوتے ہیں، تو تضاد شدید بن جاتا ہے۔ اس صورت میں اختلاف بظاہر نظریاتی نوعیت کے پیش کئے جاتے ہیں جبکہ حقیقت میں ان مفادات کو ترجیح دی جارہی ہوتی ہے۔ کہیں پر ایسا بھی ہوتا ہے کہ بائیں بازو کا ایک حلقہ حکمران طبقات کی لالچ میں آجاتا ہے جس کی وجہ سے دوسرے بائیں بازو کے حلقوں کے ساتھ تضاد بنتا ہے۔

جب بائیں بازو کا کوئی بھی حلقہ پیسہ، اقتدار یا کسی دوسرے مقصد سے اتنا متاثر ہو جاتا ہے کہ وہ اپنے بنیادی نظریات سے ہی انہراف کردے تو اس وقت دیگر ساتھیوں کا فرض ہے کہ وہ اس کی نہ صرف نشان دہی کرے بلکہ شدید تنقید بھی۔ یعنی کہ ایسے ’’بائیں بازو‘‘ کے ساتھ مل کر سیاست کرنا بے کار ہے جو کہ کسی بھی حوالے سے بائیں بازو کے نظریاتی اساس کی دفاع کرنے کے لیے تیار نہیں ہے۔

تاہم اگر مسئلہ صرف اس حد تک ہو کہ دونو ں حلقے بنیادی نظریات سے وفادار ہیں لیکن کہیں اختلاف موجود ہے تو پھر اختلاف کو سیاسی طریقہ سے طے کرنا دونو فریقوں کی زمہ داری ہے۔بد قسمتی سے یہ وہ ہنر ہے جو کہ ہمارے کئی ساتھیوں میں آج دن تک پایا نہیں جاتا۔ ہمارے آپس میں نظریاتی اختلاف ہوتا ہے تو ہم اپنا تن من دھن سب کچھ ایک دوسرے کے نظریات کو غلط ثابت کرنے کے لیے لگا دیتے ہیں حتی کہ ہم اپنے ہی ساتھیوں کی کردار کشی بھی کرنا شروع کر دیتے ہیں۔ یہ وہ رویہ ہے جس کو بدلے بغیر کوئی بھی اتحاد کی کوشش کامیاب نہیں

ہو سکتی۔ اور نہ ہی مجموعی طور پر بائیں بازو کی سیاست کامیاب ہو سکتی ہے کیونکہ ہم علیدہ علیدہ انقلاب کرنے کی صلاحیت نہیں رکھتے۔

خواہش اپنی جگہ مگر پرانے رویے اتنے جلد تبدیل ہوتے نہیں ہیں۔ پاکستان کے بائیں بازو کے بہت سے مثبت روایات ہیں جن کو ہمیں آگے بڑھانا چاہیے تاہم ایسے منفی روایت بھی موجود ہیں جن میں سے ایک کا اوپر ذکر کیا گیا ہے۔ وہ نوجوان ساتھی جو کہ حال میں بائیں بازو کے ساتھ منسلک ہوئے ہیں، وہ یا تو اس رویہ سے مکمل طور پر تنگ آجاتے ہیں یا پھر خود ہی اس کو اپنا لیتے ہیں۔ یہ بے انتہاء ضروری ہے کہ نوجوانوں میں کم از کم نئی ریت قائم کی جائے۔ آج بائیں بازو کی شائد سب سے بڑی ضرورت یہ ہے نئے سیاسی کارکنوں کو پیدا کیا جائے جو کہ دھیرے دھیرے پرانے کیڈر کی جگہ لے سکیں۔ ویسے تو یہ کام ہرقسم کی زندہ سیاسی تنظیم کے لیے ضروری ہوتا ہے خواہ وہ دائیں بازو کے نظریات کیوں نہ رکھتی ہو۔ بد قسمتی سے بائیں بازو کے حلقوں میں یہ کام گزشتہ دو دہائیوں میں کمزور پڑگیا جس کی وجہ سے آج نوجوان کیڈر کی کمی بہت شدت سے محسوس کی جاتی ہے۔

نوجوانوں نے بہر حال پچھلے چند سالوں کے دوران زیادہ فعل اور نمایاں کردار ادا کرنا شروع کیا ہے جو کہ انتہائی خوش آئندامر ہے۔ اور ان نوجوانوں میں بائیں بازو کے حلقوں کو ایک دوسرے سے جوڑنے کی زبردست خواہش پائی جاتی ہے۔ جس کی بنیادی وجہ یہ ہے کہ وہ بہت سارے نظریاتی اور غیر نظریاتی جھگڑوں سے باہر رہے ہیں جو کہ بائیں بازو کی میراث ہیں۔ چنانچہ نوجوان بہت زور دیتے ہیں کہ سب اکٹھے ہوں اور بائیں بازو کی ایک منظم قوت کے طور پر سماج میں اپنے پر پھیلائے۔

سوال یہ ہے کیا اتحاد برائے اتحاد کوئی معنی خیز عمل ہوتا ہے؟ کیا اتحاد کا ہونا اس وقت بھی ضروری ہوتا ہے کہ جب اختلافات کو سیاسی طریقے سے حل کرنا مشکل ہو جائے (کیونکہ ہمارے رویے اس طرز کے اب تک بن نہیں سکے)؟کیا ایسے اتحاد سے نوجوانوں میں امید یا پھر مایوسی پھیلے گی ؟ جیسا اوپر ذکر ہوا نوجوان یا تو تنگ آکر سیاست سے بے گانہ ہو جائے گا یا پھر خود

ہی وہ رویے اپنانا شروع کر دیگا جن سے ہمیں جان چھڑانے کی اشد ضرورت ہے۔

در اصل ایک صحت مند اور ہم آہنگ تنظٰیم کے لیے ضروری ہوتا ہے کہ تمام ساتھی تنظیم کے بنیادی نظریات اور مقاصد سے اتفاق کرتے ہوں اور آپس کے اختلافات کو مثبت طریقے سے حل کرنے کی صلاحیت رکھتے ہوں(جو کہ وقتافوقتا تنظیم کے اندر ظاہر ہوتے ہیں)۔ اگر تنظیم کے اندر ایک دوسرے سے اختلافات اتنی شدت اختیار کر جائیں کہ زیادہ تر وقت انہی اختلافات سے نمٹنے پر لگ جائے اور حقیقی سیاسی کام نظر انداز ہونا شروع ہو جائے تو ایسی صورت میں اتحاد ایک بے معنی لفظ بن کر رہ جاتا ہے۔

میرے نزدیک یہ بھی غلط بات نہیں ہے کہ ایک تنظیم کے اندر رہتے ہوئے مختلف حلقے موجود رہیں جو کہ منفرد نکتہ نظر رکھتے ہوں۔ بشرطہ کہ اس تنظیم کے اندر تمام ساتھی اس بات پر اتفاق کر لیں کہ کوئی بھی حلقہ زبردستی اپنی رائے دوسروں پر مسلط کرنے کی کوشش نہیں کرے گا۔ اور جہا ں اختلاف واضح ہے تو ایسی صورت میں جمہوری طریقہ کار اپنایا جائے ، یعنی کہ اکثریتی رائے کو تمام تنظیم کے ساتھی تسلیم کریں۔ یہ لازم نہیں ہے کہ الگ الگ حلقے ہمیشہ کے لیے قائم رہیں ، بلکہ امکان اسی بات کا ہے کہ اگر جمہوری طریقہ کار پر سب امادہ ہو جائیں اور عمل میں فیصلوں کی پاس داری کرنا شروع کر دیں تو نہ ہی پکے پکے حلقے رہیں گے اور نہ شدید نوعیت کے اختلافات سامنے آتے رہیں گے۔

ہاں ایک صورت ہے کہ تضاد بن جائے۔ اوریہ وہی صورت ہے کہ جب بنیادی نظریات پر ہی اختلافات ہوں۔ مثال کے طور پر اگر پارٹی بائیں بازو کی ہو اور اس کا حدف سوشلسٹ سماج کا قیام ہو لیکن اس پارٹی کے اندر کام کرنے والا ایک حلقہ شعوری طور پر سمجھتا ہو کہ سرمایہ داری نظام ہی تاریخ کی آخری منزل ہے تو تھوڑے عرصے تک تو مسئلہ ٹالا جا سکتا ہے مگر آخر کار اتحاد ٹوٹ جائے گا۔ اسی طرح اگر پارٹی کا واضح موقف ہو کہ پاکستان ایک کثیرالقومی ملک ہے اور اس کے اندر قومی

بالادستی کی ہر شکل کے خاتمے تک پارٹی جدو جہد کرے گی لیکن ایک حلقہ شعوری طور پر مسلم قوم کے تصور کو سپورٹ کرتا ہے تو پارٹی کے اندر اختلاف بار بار ظاہر ہوگا اور اس سے ہم آہنگ اور منظم تنظیم بن نہیں پائے گی۔

آخری تجزیہ میں اتحاد کی ضرورت سے کوئی انکار نہیں کرسکتا۔ خاص طور پر ایک ایسے ردِ انقلابی دور میں جہاں بائیں بازو کے نظریات اور تنظیموں کو ایک طویل پسپائی کے بعد زندہ کرنے کی کوششیں ہو رہی ہیں۔ نوجوان نسل کو بائیں بازو کی جانب لانے کے لیے بے انتہاء ضروری ہے کہ ان میں ایک مثبت تاثر جائے کہ بایاں بازو منظم ہے اور تنظیم کے اندر جمہوری روایات پائے جاتے ہیں۔ تاہم زندہ حقیقتوں سے انکار کرنا بھی درست نہیں ہوگا۔ یہ سچ ہے کہ بائیں بازو کے حلقوں کے اندر آج بھی عجیب و غریب رویے موجود ہیں جو کہ ہماری اجتماعی ناکامیوں کی ایک بڑی وجہ ہیں۔ ہم ایک دوسرے کے درمیان مسائل کو حل کرنے کے اگر قابل نہیں ہیں تو سماج میں انقلاب برپاکرنا تو بہت دور کی بات ہے۔ ایسے حالات میں اتحاد برائے اتحاد کا اس لیے فائدہ نہیں ہے کہ ایسی تنظیم جو کہ بائیں بازو کے اتحاد کے نام پر بنتی ہے وہ محض انتشار کا گڑھ بن جاتی ہے ۔ نوجوان جو کہ بائیں بازو کے وسیع تر اتحاد کے لیے کوشش کر رہے ہوتے ہیں، وہ مایوسی کا شکار ہو جاتے ہیں اور مجموعی طور پر ہماری سیاست آگے بڑھنے کے بجائے پیچھے جاتی ہے۔ وہ حلقے جو کہ مالی مفادات یا پھر حکمرانوں کے لالچ کو دیکھ کر ہماری صفوں میں گھس جاتے ہیں، اس کا علاج بھی اسی میں ہے کہ ہم اپنے رویے درست کر لیں، پارٹی کے اندر جمہوری طریقہ کار کو تسلیم کرلیں اور نظریاتی اختلافات کو جدلیاتی حوالے سے تصور کرنا شروع کر دیں۔اسی صورت میں ہی ہمارا اور محنت کش عوام کا مستقبل روشن ہو سکتا ہے۔

عالمي سياسي صورتحال

مصر: تاريخ جي چؤواٽي تي

سڌارٿ ڪولهي

اڄ مصرجا شهر قاهره، اسڪندريا، سنائي وغيره جنگ جي ميدان جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. زمين تي ٽينڪون، فضا ۾ فوجي هيليڪاپٽر، هوا ۾ آنسو گيس ۽ عمارتن تي سنائيپر رائفلون. 14 آگسٽ تي مصر جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ سيڪيورٽي اهلڪار اخوان المسلمين جي حمايتين جي بيٺڪن (Sit-ons) تي ڪڙڪي پيا ۽ انهن کي منتشر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ 650 ماڻهو مري ويا. ائين 16 آگسٽ جمعي جي ڏينهن اخوان المسلمين جي حامين پوري ملڪ ۾ ان واقعي خلاف احتجاج ڪيو جنهن ۾ 70 کان وڌيڪ ماڻهو مري ويا. ٻئي پاسي سنائي صوبي ۾ هٿياربند مذهبي بنياد پرست گروهه هٿياربند مزاحمت ڪري رهيا آهن. ان ڪري سنائي صوبي جي هڪ علائقي ۾ اسرائيلي ڊرون حملا ٿيا آهن. مصر جي حڪومت ننگي قوت استعمال ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي خاص ڪري انهن گروهن تي جيڪي مسلح آهن ۽ فوج ۽ پوليس تي حملا ڪري رهيا آهن. انهن گروهن ۾ اخوان المسليمن جا حامي ۽ اتحادي آهن.



مختلف آمريڪي اهلڪار فوج ۽ اخوان المسلمين ۽ ٻين لبرل ڌرين جي وچ ۾ ڳالهيون ۽ مفاهمت ڪرائڻ لاءِ پهتا آهن. آمريڪي اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ پهرين ڏينهن کان فوج جي مداخلت کي راتاهو ناهي چيو ڇاڪاڻ ته آمريڪي رياست کي مصري فوج کي ساليانِي امداد جاري رکڻي آهي جڏهن ته اوباما حڪومت تي ريپبلڪن پارٽي جو دٻاءُ آهي ته فوجي مداخلت جي ڪري مصري فوج تي پابنديون هنيو ن وجن. پر مصر جي فوج وچ اوپر ۾

سامراجي مفادن جي پاسدار آهي ۽ هاٽوڪي فوجي مداخلت به آمريڪي آشيرواد کان سواءِ ناهي ٿي. 14 آگسٽ تي ماڻهن جي مرڻ کانپوءِ صدر اوباما آمريڪي ۽ مصري فوج جي گڏيل مشق ملتوي ڪري ڇڏي آهي پر مصر جي فوج جي امداد روڪڻ جي ڪابه ڳالهه ناهي ڪئي.

اِها سڄي صورتحال تڏهن پيدا ٿي جڏهن 30 جون تي وڏي انگ ۾ (ٻه ڪروڙ ويهه لک) ماڻهو اخوان المسلمين جي صدر مرسي خلاف پوري مصر اندر نڪتا. 2012 جي صدارتي چونڊن ۾ مرسي 51% سيڪڙو ووٽ کٽي چونڊجي آيو هو پر هاٽوڪي مرسي مخالف عوامي اڀار جا سبب مرسي حڪومت جي معاشي بحران کي حل ڪرڻ ۽ اصلاح ڪرڻ ۾ ناڪامي، غير جمهوري قدم کڻڻ جهڙوڪ آزاد ٽريڊ يونين ٺاهڻ تي پابندي، صدر کي آمراڻا اختيار ڏيڻ، آئين کي اسلامائيز ڪرڻ ۽ رياستي مشينري ۾ مذهبي بنياد پرست ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ وغيره آهن. وڏي پيماني تي عوامي اڀار عمومي مالياتي سرمائي ۽ سامراجي مفادن جي پاسداري ڪندڙ رياستي نظام لاءِ خطرو پيدا ڪيو. اهڙي صورتحال ۾ فوج جي سربراهه جنرل الفتح الاسيسي مرسي حڪومت جو خاتمو ڪري هڪ ته عوام کي ”ڊيڊ لائين“ پار ڪرڻ کان روڪي ورتو ۽ عارضي حڪومت ٺاهي اُن ۾ لبرل ماڻهن کي شامل ڪري جلد چونڊون ڪرائڻ جو واعدو ڪري عوام جي اڀار کي ماٺو ڪري ورتو ۽ ان کي خاص رخ ڏيڻ لاءِ وقت به حاصل ڪري ورتو. 3 جولائي جي اِن فوجي مداخلت جي مصر اندر مختلف مرسي مخالف قوتن حمايت ڪئي. لبرل ڌرين (جيڪي ڪارپوريٽ دنيا جي ”مينجرل ڪلاس“ ۽ لبرل سرمائيدار جون نمائنده قوتون آهن) جي نمائندگي يا عڪاسي ڪندڙ جهڙوڪ محمد البرادي ۽ حاضم البيلاوي ته عارضي حڪومت جا نائب صدر ۽ وزير اعظم آهن پر ٻئي پاسي کاٻي ڌر جي قوتن به هڪ حد تائين فوج ۽ عارضي حڪومت جي حمايت ڪئي آهي ۽ ان سان گڏ جلد جمهوري قوتن ۽ عوام جي خواهشن کي پورو ڪرڻ جو مطالبو به ڪيو آهي.

اِن فوجي مداخلت کانپوءِ جنهن ڳالهه صورتحال کي تمام گهڻو پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي ۽ مصر کي انارڪي ڏانهن ڌڪي

وڃي رهي آهي اُها اخوان المسلمين ۽ ٻين مذهبي ٽرين جي مزاحمت ۽ جوابي فوجي ڪريڪ ڊائون آهي. بحرحال موجوده صورتحال پنهنجي اندر گهڻا امڪان ۽ خدشا رکي ٿي جن کي ڏسڻ لاءِ اِهو ضروري آهي ته ڪجهه بنيادي سوالن ۽ موضوعن کي سمجهجي جهڙوڪ مصر جي رياست جي نوعيت ۽ اُن جا تضاد، مبارڪ خلاف هليل جمهوري تحريڪ جو طبقاتي ڇيد ۽ مختلف قوتن جو جائزو، اخوان المسلمين ۽ سياسي اسلام جي چوندن ۾ ڪاميابي جا سبب، هاڻوڪي تحريڪ ۾ مختلف قوتن جو جائزو وغيره. انهن موضوعن تي ڳالهائڻ سان انهن بحثن کي به سلجهائي سگهجي ٿو يا انهن ۾ پنهنجو حصو وجهي سگهجي ٿو جيڪي 2011 کان هاڻ تائين مصر جي جمهوري تحريڪ پيدا ڪيا آهن.

ناصر کان مبارڪ تائين، مصري رياست جي نوعيت:

ڪنهن به شيءِ جي داخلي تضادن ۽ خارجي تعلقن کي جانچڻ لاءِ اُن شيءِ جي تاريخي اوسر کي سمجهڻ لازمي آهي. اِهو اُصول سماجن ۽ رياستن جي معاملي ۾ به لاڳو ٿئي ٿو. رياست (State) سماج مان ڦٽي نڪري ٿي ۽ ان جي ويڳاڻپ (Alienation) جو نالو آهي. ان ڪري سماج جو پيداوار جو طريقو، معاشي لاڳاپا ۽ طبقاتي تضاد ئي رياست جي نوعيت کي طئي ڪندا آهن. جيڪڏهن انگلستان ۽ افغانستان جي رياستن ۾ فرق آهي ته ان جو سبب انهن سماجن جي مختلف بيهڪ آهي. هن مضمون ۾ اسان ناصر کان مبارڪ تائين پوري سياسي تاريخ ته بيان نه ڪنداسين پر ان عرصي ۾ بنيادي تبديلين تي نظر وجهنداسين جيئن موجوده مصر کي سمجهي سگهجي.

اِهو ٻين عالمي جنگ ڪانپوءِ جو دور هو جڏهن برطانوي ۽ فرينچ سامراج پنهنجا پير پوئتي ڪيا هئا. هو اندروني تباهي ۽ بيٺڪيتن اندر موجود مزاحمتي تحريڪن جي ڪري پنهنجي ڪالونين کي ڇڏي رهيا هئا. سڀ کان وڏي اڀري آيل سامراجي قوت آمريڪا اوڀر يورپ مان ڦٽندڙ سوشلسٽ انقلابن جي خطري جي ڪري نه صرف پنهنجي مالياتي سرمائي جي ذريعي اولهه يورپ جي سرمائيدار رياستن کي مضبوط ڪري رهي هئي پر انهن جي ڇڏيل علائقن تي نئين انداز ۾ (اڻ سڌي نموني) قبضي

لاءِ پڻ وڌي رهي هئي. برطانيه جي ڪمزور پوڻ ڪانپوءِ آمريڪا عرب سامراج نواز بادشاهن (جهڙوڪ وهابي سعودي بادشاهت) کي خريد ڪري ورتو هو ۽ خطي ۾ پنهنجي حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ وڌي رهيو هُيو. 1947ع ۾ برطانيه فلسطين جو اختيار اقوام متحده کي واپس ڪيو جنهن ڪانپوءِ آمريڪي پٺڀرائي سان فلسطين ۾ ٻهرين عالمي جنگ کان پوءِ آيل يورپي يهودين جي صيهوني رياست اسرائيل جي قيام کي گڏيل قومن جي اداري منظور ڪيو. فلسطين ۾ عرب مزاحمت ٿي جيڪا اسرائيل جو مقابلو نه ڪري سگهي ۽ ائين 1948ع ۾ اسرائيل منظور ڪيل علائقن کان وڌيڪ علائقن تي قابض ٿيو ۽ لکين فلسطيني پنهنجي وطن ۾ جلاوطن ٿيا. اِن جنگ ۾ اردن، مصر ۽ عراق (جتي بادشاهتون هيون) شامل هئا. انهن ٽن ملڪن ۾ برطانيه پنهنجو رهيل اثر رسوخ استعمال ڪيو ۽ ڪين جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو جيئن اٿندڙ شورش جي نتيجي ۾ برطانيه ٻئي خطي ۾ حاڪميت قائم ڪري سگهي. پر اسرائيل طاقتور هيو. فوجي ۽ معاشي طور اسرائيل مزاحمت کي شڪست ڏني ۽ اردن جي بادشاهه شاهه عبدالله کي فلسطين جي مغربي ڪناري ۽ پئسن عيوض خريد به ڪري ورتو. صيهوني بنياد پرستي عرب دنياکي شڪست ڏني. اِها شڪست سامراجي منصوبابندي ۽ سامراج نواز پاڙ يتو عرب حڪمرانن جي غداري جو نتيجو هئي. 1948ع ۾ اسرائيلي رياست جو قيام عرب عوام لاءِ وڏو ڌڪو ۽ تذليل هئي. عرب عوام پنهنجي ماضيءَ جي ثقافت، تاريخ ۽ حاصلاتن تي سوچي سوال ڪري رهيو هو ته ڇا عرب ماڻهن جو دنيا ۾ ڪو سگهارو ڪردار آهي؟


جمال عبدالناصر

عرب عوام کي پنهنجي غلامي جو احساس هو. پر مصرجي هڪ ملٽري اڪيڊمي ۾ تاريخ جو هڪ پروفيسر نوجوان فوجين کي ماضيءَ جي عظمت بيان ڪرڻ سان گڏ اِهو سمجهائي رهيو هو ته ماضي جي عظمت واپس نٿي اچي

سگهي. حال ۾ عرب دنيا کي جديديت جي رستي تي هلڻ لاءِ هڪ ئي رستو آهي. جديد نظرين ۽ سائنس جو علم. ان پروفيسر جو نالو جمال عبدالناصر هو.

1949-51ع جي عرصي ۾ مصر اندر طبقاتي ۽ قومي جدوجهد جي هڪ لهر اُڀري آئي هئي. مصر کي برطانيه کان (Formal) آزادي ته 1936ع ۾ ملي چڪي هئي پر برطانوي فوج جي موجودگي، بادشاهت ۽ جاگيردار طبقي مصر کي حقيقي آزادي کان پري رکيو هو. مصر جي معيشت بيٺڪيتي نوعيت جي هئي. مصر ڪچي مال ۽ سستي پورهئي جو هڪ ذريعو هو. برطانيه نواز جاگيردار طبقو ڪچي مال جي ايڪسپورٽ کي يقيني بڻائي پيو ۽ ان جي عيوض برطانيه بادشاهت ۽ جاگيردار طبقي جي حفاظت جو ذمو کنيو. ٻين عالمي جنگ کانپوءِ برطانوي جرنل ايلين بي چيو هو "انگريز بي فڪر ٿي مصر کي ڇڏي سگهن ٿا. سچ ته اِهو آهي ته هنن مصري جاگيردارن جو هڪ اهڙو وڏو طبقو قائم ڪري ڇڏيو آهي جنهن تي برطانيه مصر ۾ پنهنجي پاليسي جي حوالي سان پورو اعتماد ڪري سگهي ٿو" مصر اندر گهٽي پاڱي صنعت ٻاهرين سرمائي سان لڳل هئي. انهن صنعتن ۾ ۽ ڳوٺن اندر هارين ۾ ڪميونسٽن جي سٺي تنظيم ڪاري هئي. انهن تنظيمن جو فوج جي هڪ حصي سان تعلق به موجود هو جيڪو هارين کي هٿيار پڻ فراهم ڪندو هو. 1949-51ع جي مزاحمتي لهر هارين جون جاگيردارن خلاف بغاوتون هيون. ساڳئي وقت شهري وچون طبقو گهٽي پاڱي انقلابي قوم پرستيءَ سان واڳيل هو. فري آفيسرز جو تعلق به ان طبقي سان هو. بيٺڪيتي سماجن ۾ قوم پرستيءَ جو بنياد وچون طبقو آهي پر اهڙن سماجن ۾ اڪثر قوم پرست سياست جي واڌ ويجهه صرف ۽ صرف پورهيت ۽ هاري معاشي مسئلن سان سلهاڙڻ کانپوءِ ممڪن ٿئي ٿي. ناصر جي سوشلزم جي نعري پٺيان اِهو به سبب آهي. (جيتوڻيڪ ناصرازم ۽ سوشلزم ۾ فرق آهي) مصر جا شاگرد، ڪِلرڪ، سرڪاري ملازم وغيره رياستي مشينري ۽ نجي ادارن ۾ ڏارين کان سندن پوئتي پيل حالت جي ڪري قوم پرستي توڻي مذهبي بنياد پرستي (اخوان المسلمين) جي ويجهو ٿي رهيا هئا. مصر اندر قوم پرست

جماعت وفد پارٽي جيڪا 1950ع جي چونڊن ۾ اڪثريت ۾ آئي. اِن جماعت جو مقصد ڳالهه ٻولهه ذريعي برطانيه کي مصر ڇڏڻ تي قائل ڪرڻ هو. جڏهن وفد پارٽي برطانيه سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ آمريڪا سان تجارتي تعلق جوڙڻ جي ڳالهه ڪئي، ته پورو ملڪ اُٿي پيو. هاري بغاوتون ۽ مزدور تحريڪ اڳئي جاري هيون. مصر انقلابي صورتحال منجهان گذري رهيو هو. 25 جنوري 1952ع تي مصري پوليس اسماعيليه اندر برطانوي فوج خلاف وڙهي جنهن ڪانپوءِ مصري فوج ۾ به بغاوت جو انديشو هو. برطانيه جي انٽيليجنس ان وقت اخوان المسلمين کي کاٻي ڌر ۽ قوم پرست قوتن خلاف استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ملڪ ۾ انارڪي ڦهلجڻ لڳي. حڪومت ايمرجنسي لڳائي کاٻي ڌر جي ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو. ٿورڙي عرصي ڪانپوءِ فري آفيسرز ”فوجي انقلاب“ برپا ڪري ڇڏيو. فوجي انقلاب برپا ڪرڻ وارا ميجر ۽ ڪرنل مختلف نظرين سان تلق رکندڙ هئا. ڪجهه کاٻي ڌر سان تعلق رکن پيا، ڪجهه قوم پرست هئا ۽ ڪجهه اخوان المسلمين سان به تعلق رکن پيا. اُهي سڀ پڙهيا لکيا هئا ۽ سڀني جو مقصد مصر کي جديد رياست ٺاهڻ هو. پر ڪيئن؟ اِهو حالتن طئي ٿي ڪيو. فوجي بغاوت کان فوري پوءِ ان وقت مصري فوج جي سربراهه ۽ واحد جرنيل محمد نجيب کي برطرف ڪيو ويو ۽ ائين ناصر فوجي حڪومت جو سربراهه ٿي ويو.

اِهو تاريخي پس منظر ٻڌائڻ ڪانپوءِ اسان ناصرازم ۽ بعد ۾ مصر جي رياست جي بنيادي خاصيتن تي ڳالهائينداسين.

ڪنهن به فوجي حڪومت کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ سياسي پاسو يعني فوجي مداخلت جي ذريعي آيل حڪومت سياسي حمايت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ پنهنجي حڪمران پارٽي ٺاهيندي آهي. ان مان مراد فوج جو اُهو حصو آهي جيڪو سياسي مسئلن کي نبيري ٿو. ٻيو حصو يا پاسو اِهو آهي جيڪو ملڪ اندر هر قسم جي مخالف سياسي سرگرمي کي سول بيوروڪريسي جي ذريعي ڪچلي ٿو. ٽيون پاسو خارجي دفاعَ جو آهي.

جيڪڏهن ناصر جي پوري دور کي ڏسجي ته اسان کي ڄاڻ ملندي ته ناصرازم (يعني ناصر جي سياست، ان جا اصلاح ۽

سندس ٿاهيل حڪومت) پاپولزم ۽ حڪمران طبقي (بورجوازي) ۽ پورهيت طبقي جي وچ ۾ سماجي معاهدو (ٽين دنيا جي سماجي جمهوريت) هو جنهن جو مقصد محدود زرعي اصلاح ڪري ڀاهرين سرمائي جي استحصال جو هڪ حد تائين خاتمو ڪري ۽ وڏو روينيو پيدا ڪندڙ صنعت کي قوميائي هڪ ته رياستي مدد سان لوڪل سرمائي ۽ صنعت کي هٿي ڏيڻ هو ۽ ٻيو ساڳي وقت پورهيت طبقي جي بنيادي ضرورتن کي رياستي ذميواري ڪري انهن جي حمايت حاصل ڪرڻ ۽ انهن مان انقلابي ڪردار کي (يعني سوشلزم جي ٻوٽ) کي ختم ڪرڻ هو. اِن سڄي پراجيڪٽ جو مقصد عرب دنيا کي "ٽين رستي" (نه سرمائيداري ۽ نه سوشلزم) تي هلائي جديد ٺاهڻ ۽ آزاد ڪرڻ هو. شاويز، قذافي، اسد، آلندي، سائيڪارنو، لممبا جو پراجيڪٽ ۽ سندن حڪومت جي نوعيت ٿوري گهڻي فرق سان ساڳي هئي. انهن پراجيڪٽس کي سوشلسٽ نٿو چئي سگهجي (جيتنوڻيڪ ناصر پنهنجي پاليسين کي عرب سوشلزم چوندو هو). اِهي سماجي جمهوري رياستون يا حڪومتون آهن ۽ جن معاشي لاڳاپن کي اِهي ٽيون رستو چون ٿيون بنيادي طور تي اُهي لاڳاپا سرمائيداراڻا آهن. جيتوڻيڪ اِهو الڳ بحث آهي ته سرد جنگ جي دور ۾ ۽ ان کانپوءِ اهڙن پراجيڪٽس جو ڪيترو انقلابي يا ترقي پسند ڪردار آهي.

ناصر مصر اندر فاروق جي بادشاهت جو خاتمو آندو ۽ زرعي سڌارا ڪيا جنهن سان وڏين جاگيرن جو خاتمو آيو. پهرين دور ۾ يعني 52-56 تائين ناصر نجي سرمائيڪاري کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آمريڪا سان سٺا تعلق جوڙيا جيئن برطانوي اثر رسوخ کي ختم ڪري سگهجي. 56 ۾ ناصر جا سامراجي قوتن سان تعلق ڪشيده ٿي ويا ڇاڪاڻ ته آمريڪا اسرائيل جي ڪري مصر جي فوجي ۽ معاشي مدد نه ڏيو ڪري ان ئي دور ۾ ناصر سوئز ڪينال (جنهن تي برطانوي، فرينچ ۽ ٻي ڀاهرين سرمائيڪاري هئي) کي قوميايو، سويت يونين ۽ چين سان هٿيارن جا معاهدا ڪيائين ۽ ملڪ اندر به صنعتن کي قوميائڻ جو عمل شروع ڪيائين هاڻ اُهو "ٽيون رستو" عمل ۾ اچي رهيو هو.

اسان فوجي حڪومت جي ڪجهه اهم پاسن تي ڳالهائي آيا آهيون. سياسي محاذ تي ناصر جي حڪمران پارٽي "عرب سوشلسٽ يونين" هڪ پاپولسٽ پارٽي هئي جيڪا طبقي جي نه

پر عوام جي ڳالهه ڪندي هئي. اِن پارٽي ۾ ڳوٺن جو زميندار ۽ هاري، شهر جو وچولو طبقو، مزدور ۽ ڏيهي سرمائيدار (جيڪو ادارا قوميائڻ جي عمل ڪانپوءِ رياستي مشينري جو حصو ٿي ڪري پاڻ کي فائدو ڏئي رهيو هو.) سڀ ميمبر هئا. اِن پارٽي هر طبقي کي پنهنجي حدن ۾ رکيو پئي. ٻي طرف فوج جو هڪ حصو سول بيورو ڪريسي جي مدد سان هر قسم جي سياسي مخالفت کي ڪچلڻ جي ڊيوٽي تي لڳل هو. ناصر انهن ڪاٻي ڌر جي قوتن کي معاف ڪيو جيڪي عرب سوشلسٽ يونين ۾ شامل ٿيون باقي ڪميونسٽ قوتن کي دٻايو ويو. هڪ رياستي ٽريڊ يونين (Egyption Federation of Trade Union) ڪانسواءِ ڪنهن به ٽريڊ يونين ٺاهڻ جي اجازت نه هئي. ان جو مطلب مزدور طبقي کي سياسي فرمانبرداري جي عيوض بنيادي سهولتون ڏيڻ هو. پهرين دور ۾ فوجي حڪومت اخوان المسلمين کي ڪاٻي ڌر خلاف استعمال ڪيو پر 55 ڪانپوءِ جڏهن پاليسي تبديل ٿي ته ان (اخوان المسلمين) تي پابندي لڳائي وئي. بحرحال ناصر ڪجهه بنيادي سُڌارا ڪرڻ جي ڪري مصر جو هيرو ٿي ويو هو.

1956ع ۾ اسرائيل، برطانيه ۽ فرانس مصر جي علائقن تي حملو ڪيو جيئن ناصر کي سامراج مخالفت ۽ سوئز ڪينال کي قوميائڻ جي عمل جي سزا ڏني وڃي. ٻيو ناصر عرب دنيا اندر پهريون حڪمران هو جيڪو عرب اتحاد، جديديت، سامراج مخالفت ۽ فلسطين جي آزادي جي ڳالهه ڪري رهيو هو. اِن جنگ ۾ سويت يونين اسرائيل، برطانيه ۽ فرانس کي مصر مان فوجون موٽائڻ جو الٽيميٽم ڏنو ۽ آمريڪا پڻ جنگ بندي لاءِ دٻاءُ وڌو ڇاڪاڻ ته آمريڪي سامراج ناصر جي خلاف هوندي به برطانيه ۽ فرانس جي خطي اندر فتح نه پيو چاهي. اسرائيل ۽ ان جي اتحادين فوجون واپس موٽايون ۽ مصر فاتح ٿي اڀريو. اِن واقعي ڪانپوءِ ناصر عرب دنيا جو هيرو ٿي چڪو هو. ناصر عربن لاءِ اُها "پيءُ جهڙي شخصيت" (Father Figure) ٿي ويو هو جنهن وٽ هو پنهنجو امن، تحفظ ۽ آزادي ڏسي رهيا هئا (نوجوان مصري ناصر کي بابا ڪري سڏيندا هئا). اُهو واقعي ڏاڍو انقلابي دور هو.

ناصرازم جو لقاءُ ستر جي ڏهاڪي ۾ زوال ڏانهن وڌڻ لڳو. سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ شام ۽ عراق ۾ به ناصري طرز تي آيل تبديلين واشنگٽن ۽ تل ابيب کي ڇرڪائي وڌو هو. ساڳئي

وقت سامراج تل ابيب جي عرب قوم پرستي کي ڪيرائڻ لاءِ معاشي ۽ فوجي مدد ڪري رهيو هو. اِها حقيقت آهي ته عرب رياستون معاشي ۽ فوجي طور اسرائيل کان پوئتي پيل هيون. 67ع ۾ اسرائيل مصر، شام ۽ اردن تي آخري فيصلاڪن وار ڪيو ۽ مصر جي سنائي واري علائقي، شام جي گولان پهاڙن ۽ فلسطين جي مغربي ڪناري تي قبضو ڪري ورتو. ان جنگي شڪست ۽ مٿان وري معاشي ڪمزوري جي ڪري مصر ڪمزور ٿي ويو هو. صيهونيت هڪ دفعو ٻيهر عرب قوم پرستي کي شڪست ڏني هئي. ناصر اِن واقعي جي ٽن سالن کانپوءِ وفات ڪري ويو.


انور سادات

ستر جي ڏهاڪي ۾ انور سادات مصر جو صدر ٿيو جيڪو پڻ فري آفيسرز مان هو. اِن دور ۾ مصر اندر اُهي بنيادي تبديليون آيون جن مصر جي رياست جي نوعيت ئي تبديل ڪري ڇڏي. اسرائيل هٿان زبردست شڪست ۽ معاشي ڏيوالپڻي جي ڪري مصر جي حڪمران طبقي سامراج اڳيان گوڏا کوڙڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان سان گڏ سامراجي مخالفت ۽ سوشلزم جي چوغي کي به قومي بورجوازي آهستي آهستي لاهڻ شروع ڪيو. سادات 1974ع ۾ ان فتاح (Infitah) پاليسي جو اعلان ڪيو جنهن جو مطلب ڌيهي مارڪيٽ کي گهڻ قومي ڪمپنين لاءِ کولڻ ۽ رياستي صنعت کي نجي سرمائيدار کي وڪڻي ڏيڻ هو. انهيءَ دور ۾ آمريڪي ڪارپوريٽ دنيا ۽ مصري ڌيهي سرمائيدار جي وچ ۾ تعلق جڙڻ لڳا. آمريڪي چيمبر آف ڪامرس مصر ۾ سڀ کان وڏي بزنس لابي ٿي وئي. 1977ع ۾ سادات اسرائيل پهتو ۽ سال کانپوءِ ڪيمپ ڊيوڊ (Camp David) جو معاهدو ڪيائين. ان معاهدي کانپوءِ اسرائيل مصر کي سنائي وارو علائقو واپس ڪيو ۽ ان جي بدلي مصر فلسطين ۽ سموري عرب قوم جي آزادي تان نه صرف هٿ کنيو پر مصري فوج وچ اوپر ۾ آمريڪي سامراج ۽ اسرائيل جي اتحادي ٿي وئي. ان دور کان وٺي اڄ تائين آمريڪا مصر جي فوج کي ساليانو 1.3 ارب ڊالر جي امداد ڏيندو رهيو آهي. سادات جي دور ۾ ٻي هڪ اهم تبديلي اها آئي ته فوج کي معاشي

سيڪٽر ۾ اهم حصو ڏئي ان کي سياسي جبر کان الڳ ڪيو ويو ۽ اِها ذميواري سڪيورٽي ايجنسين ۽ سول بيوروڪريسي کي ڏني وئي. حڪمران پارٽي عرب سوشلسٽ يونين مان نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي (NDP) ٺي وئي، سادات ڪجهه کاٻي ڌر جي قوتن (Tagammu Party) ۽ لبرل قومپرست ڌرين کي آزادي ڏني جن اخوان المسلمين جي مقابلي ۾ انور سادات ۽ فوجي ڪامورڪي حڪومت جي حمايت ڪئي. فوج صرف سياسي مخالفت کي ڪچلڻ واري روزاني جي ذميواري کان الڳ ٿي وئي. باقي عمومي سرمائيداراڻي نظام جي حفاظت واري ذميواري اڄ ڏينهن تائين فوج وٽ آهي. ناصر جي آخري دور ۾ ۽ پوءِ سادات جي دور ۾ بيورو ڪريسي جا نوان ادارا ٺاهيا ويا جيڪي فوج جي ڇڏيل ذميواري کي سنڀالي سگهن. (جهڙوڪ سينٽرل سڪيورٽي فورسز ۽ مبارڪ جي دور ۾ ريپبلڪن گارڊ).

سادات جي دور کان وٺي مصر ڏيهي سرمائيدار ۽ گهڻ قومي ڪمپنين لاءِ جنت جي برابر هو ڇاڪاڻ ته هاڻي فوج ۽ ٻي رياستي مشينري جو مقصد عالمي سرمائي لاءِ ميدان صاف ڪرڻ هو. حڪمران پارٽي ۾ وڏيل ڏيهي سرمائيدار، رٽائرڊ جرنلن ۽ زميندارن اتحاد ۾ پوري بويورڪيسي هئي جنهن جو مقصد ڪنهن به قسم جي آزاد سياسي سرگرمي کي ڪچلڻ هو. ناصر جي فوجي حڪومت ان دور ۾ سامهون آئي جنهن دور ۾ هڪ پاسي هاري ۽ پورهيت تحريڪ وڌي رهي هئي ۽ ٻي پاسي لبرل قوم پرست برطانوي سامراج سان مفاهمت جي ذريعي معاملا ٺيڪ ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا. ناصر واري پاپولسٽ حڪومت پورهيت طبقي کي مراعتون ڏئي انقلابي قوتن کي ختم ڪيو ۽ ان ”ٽين رستي“ آخري نتيجي ۾ سرمائيداري نظام جو ئي تحفظ ڪيو. ناصر جي موت ۽ سامراجي يلغار کانپوءِ مصري فوج ۽ بيوروڪريسي اُن سماجي معاهدي تان هٿ کڻي هڪ بدصورت نيو لبرل آرڊر جي راهه هموار ڪئي. هاڻ مصر جي رياست (خاص طور تي فوج ۽ بيوروڪريسي) جو اُهي ئي ڪردار هو جيڪو نئين بيئنڪيتي رياست جو هجي ٿو. اِهو هو سادات جي دور جو ورثو جيڪو حسني مبارڪ ڏانهن آسي جي ڏهاڪي ۾ منتقل ٿيو.

آمريڪي سامراج جي وچ اوڀر جهڙي تيل سان مالامال خطي تي هڪ هٿي قائم ڪرڻ لاءِ پاليسي اِها ئي رهي آهي جيڪا هو

مصر ۾ لاڳو ڪندو آيو آهي. يعني سياسي محاذ تي آمريتن ۽ بادشاهتن جي حمايت ڪرڻ جيئن سياسي تحريڪن کي ڪچلي سگهجي ۽ معاشي محاذ تي لبرلائيزيشن يعني رياست کي پورهيت طبقي کان مڪمل طور ويڳاڻو ڪرڻ ۽ سرمائي کي استحصال ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏيڻ. آمريڪي سامراج جو اسرائيل جهڙي طاقتور فوجي رياست تي هٿ به ان ڪري آهي. خاص طور تي 67 جي جنگ کانپوءِ آمريڪا اسرائيل جي گهٽي کان گهٽي حمايت ڪندو رهيو آهي ڇاڪاڻ ته اسرائيل ان جنگ ۾ سامراج مخالف عرب قوم پرستي کي ڪمزور ڪري واشنگٽن جي دل کٽي ورتي. عرب سامراج نواز رياستن ۽ اسرائيل جو اتحاد آمريڪي سرمائي جي مڪمل مفاد ۾ آهي. ساڳئي وقت اِهو اتحاد ۽ آرڊر عرب ڏيهي سرمائيدار ۽ اسرائيل جي پڻ حق ۾ آهي. مثال طور مصر جو ڏيهي سرمائيدار عالمي سرمائيداري نظام کان ڪٽجي رهي نه پئي سگهيو. ان ڪري لوڪل سرمائيدار سامراج آڏو گوڏا کوڙيا. ڏيهي سرمائيدار عالمي منڊي تائين رسائي ۽ ٽيڪنالاجي جي ڪري عالمي سرمائيدار سان اتحاد ۾ اچڻ چاهيندو آهي. اسرائيل جو عرب سامراج نواز رياستن سان ٺاهه، هن کي فلسطين تي مڪمل قبضي ۽ اسرائيل مخالف قوتن کي ڪچلڻ لاءِ خالي ميدان جي ضمانت ڏئي ٿو.


حسني مبارڪ

حسني مبارڪ اِن اِتحاد کي نه صرف قائم رکيو پر تمام گهٽي حد تائين وڌايو. انور سادات جي ان فتاح (Infitah) پاليسيءَ پاهرين سرمائي لاءِ ميدان صاف ڪيو ۽ ڪاروبار تي رياستي پابندين کي هٽايو پر پوءِ به ڏيهي صنعت ۽ ادارا اڃا به رياست جي هٿ ۾ هئا. 1991ع ۾ حسني مبارڪ آئي ايم ايف جو ڏنل اسٽرڪچرل ايجسٽمينٽ پلان (Structural Adjustment Plan) لاڳو ڪيو جنهن کانپوءِ مصر اندر نج ڪاري ۽ پورهيت طبقي تي نيو لبرل حملي جو دور شروع ٿيو. ناصر طرفان نافذ ڪيل قانونن کي

واپس ڪيو ويو. مثال طور زرعي شعبي ۾ ٻج، پاڻ ۽ مشينري تي رياستي رعايت ختم ڪئي وئي جنهن سان هاري ۽ ننڍو زميندار زمين ڪيڙڻ جي لائق نه رهيو ۽ اِن وڏن زميندارن لاءِ راهه هموار ڪئي. 5سالن جي عارضي وقت ڪانپوءِ هاريءَ کي زمين تان بي دخل ڪرڻ جو قانون پاس ڪيو ويو جنهن جي ڪري 97ع ۾ هزارين هاري خاندان زمين تان بي دخل ٿيا. 2005 تائين 200 کان وڌيڪ مصر جا اهم صنعتي ۽ سروسز جا ادارا ڏيهي سرمائيدارن کي وڪٽي ڏنا ويا. 90 کان 2005 تائين، 50 سيڪڙو مزدور پبلڪ سيڪٽر ۾ گهٽ ٿي ويا. اِن پاليسي جي نتيجي ۾ سرمائي جو ارتڪاز چند بيورو ڪريٽن، جرنيلن ۽ ڪاروباري ماڻهن وٽ ٿيڻ لڳو ۽ ٻي پاسي بک بدحالي ڦهلجڻ لڳي. مبارڪ جي دور ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جو تعداد 20 کان 44 سيڪڙو ٿي ويو يعني تقريباً اڌ آبادي. ائين مڪمل بک ۽ بدحالي (Absolute Poverty) ۾ رهندڙن جو تعداد، مبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ (جنهن ۾ آئي ايم ايف مطابق معاشي ترقي چوٽيءَ تي هئي (7 سيڪڙو)، 16 کان 20 سيڪڙو هئي.) "ترقي" واقعي ۾ به ٿي رهي هئي. ڏيهي سرمائيدار ۽ گهڻ قومي ڪمپنيون "عسڪري رياست" جي نگراني ۾ خوب منافعو ڪمائي رهيا هئا. اِها ئي ترقي هئي جنهن جو حوالو آئي ايم ايف ڏنو ٿي. نجڪاري ڪرڻ سان اِها ئي ترقي ٿيندي آهي.

خارجي محاذ تي پڻ مبارڪ ۽ مصري فوج سادات جي دور ۾ ٿيل سامراج سان اتحاد کي اڳتي وڌايو. مصري رياست صرف عرب قوم پرستي ۽ فلسطين جي مسئلي تان هٿ نه کنيو هو پر عرب دنيا تي سامراجي يلغار ۾ مڪمل ساٿ ڏيڻ به اِن اتحاد جو حصو هو ۽ آهي. ڪيمپ ڊيوڊ (Camp David) ڪانپوءِ مصري ايجنسيون سي آئي اي ۽ موساد جون اتحادي رهيون آهن ۽ ٽنهي ملڪن جي سڪيورٽي ادارن اهم سامراجي جنگن ۾ گڏ ڪم ڪيو آهي. 91 ۾ پهرين خليجي جنگ ۾ آمريڪا ۽ اتحادين جو ساٿ ڏيڻ تي، اولهه جي بينڪن ۽ حڪومتن مصر جو 20 ارب ڊالر جو قرض معاف ڪيو. آسي جي ڏهاڪي ۾ انور سادات کي فوجي پريڊ دوران قتل ڪندڙ جهادي گروهه (سادات کي ماريندڙ جهادي گروهه انهن نوجوانن تي مشتمل هو جن سادات جي اسرائيل نواز پاليسين ۽ اخوان المسلمين جي لفاظي مان تنگ ٿي مسلح جهاد

جو رستو اختيار ڪيو هو. اُهي نوجوان فوج ۾ هئا ۽ انهن جو اڳواڻ هاٽوڪو القائده رهنما ايمن الظواهري هو) جي ڪارڪنن کي جيلن مان ڪڍي آمريڪي آشيرواد سان جهاد لاءِ افغانستان موڪليو ويو. ائين وري 2001 کانپوءِ مصر جا جيل آمريڪا ۽ اسرائيل جي پڪڙيل بنياد پرستن لاءِ ٽارچر سيل هئا ۽ آهن. 2003 ۾ عراقي جنگ لاءِ سوئز ڪينال کي مصري رياست کولي رکيو هو.

مصري رياست ۽ مبارڪ اسرائيل جي 2005 ۾ حضب الله مٿان حملي ۽ 2009 ۾ فلسطين مٿان فضائي حملن جي مڪمل حمايت ڪئي هئي. مصر فلسطين سان لڳندڙ دفاعي سرحد کي به بند ڪيو هو ته جيئن فلسطين ڏانهن کابه کاڌ خوراڪ ۽ ميڊيڪل امداد نه وڃي سگهي. مصر پهرين دور ۾ فلسطين جي آزادي جي معاملي کي عرب قوم پرستي جي بنياد تي کنيو هو. ناصر عرب قوم جي اتحاد ۽ گڏيل ترقي ۾ ويساهه رکندو هو. ان لاءِ سامراج خلاف ويڙهه لازمي هئي. ناصر وٽ عرب قوم جي آزادي ۽ ترقي جو رستو اُهو ئي هو جيڪو هن مصر ۾ اختيار ڪيو. ناصرازم اُن دور ۾ عربن لاءِ آزادي ۽ ترقي جي علامت هو. جڏهن مصر جي فوج ۽ ڏيهي سرمائيدار سامراج سان مفاهمت ڪئي ته عرب قوم پرستي بدران مصري قوم پرستي جو نعرو هنيو ويو. ”فرعوني تهذيب“ جي ڳالهه ڪئي وئي. مٿي ٻڌايل عملن کي ايئن جائز بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

مصر جي رياست جي نوعيت ۽ تضادن کي تاريخي اوسر ۾ سمجهڻ کانپوءِ هاڻ 2011 کان هلندڙ جمهوري تحريڪ کي اِن تاريخي پس منظر ۾ سمجهي سگهجي ٿو.

مصر جي جمهوري تحريڪ بابت ڪجهه تجزيا:

2011 کان هلندڙ جمهوري تحريڪ تي نظر وجهڻ کان پهريان ان عوامي اُڀار (عرب بهار) بابت ڪجهه تجزين تي ڳالهائڻ مناسب رهندو. اِهي تجزيا مختلف رجحانن ۽ نظرين سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا آهن 2011 ۾ جڏهن وچ اوڀر ۾ آمريتن خلاف عوام تحريڪون شروع ٿيون ته ڪجهه بورجوازي دانشور انهن تحريڪن کي ”مڊل ڪلاس“ انقلاب چوڻ لڳا.



سندن خيال ۾ اِهو ”مڊل ڪلاس“ نيو لبرل آرڊر ۽ عالم گير سرمائيداري نظام جي خلاف نه بلڪه ان کي بهتر ٺاهڻ لاءِ نڪتو آهي. بورجوا دانشور فرانسس فوڪوياما اِهو چوندو رهيو آهي ته اسان جي موجوده دنيا ”مڊل ڪلاس انقلاب“ ڏانهن وڌي رهي آهي. اِهي دانشور طبقن کي انڪم ۽ سهولتن جي بنياد تي ورهائن ٿا. ان ڪري هاڻ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي دور ۾ دنيا ۾ اڪثر مڊل ڪلاس ئي آهي! اِها سمجهه اسان جي ڪوڙ سارن سياسي حلقن ۾ پڻ موجود آهي.

هڪ ٻي سطحي سمجهه ۽ ”سازشي نظريو“ اِهو به آهي ته عرب دنيا ۾ آيل اُٿل پُٿل سامراجي طاقتن جي پيدا ڪيل آهي. اِها سمجهه ڪجهه کاٻي ڌر جي ماڻهن ۾ موجود آهي. اهڙي سمجهه رکندڙ اُهي ماڻهو ٿي سگهن ٿا جيڪي عوام جي سگهه کان اڻ واقف هجن ۽ عوام کان ايترو ڪٽيل هجن ۽ ان تي عدم ويساهه هجين جو کين هر شيءِ ”سامراج جي سازش“ لڳندي هجي.

اِن جي برعڪس ٻي انتها تي بيٺل ماڻهو اُهي آهن جن جي نظر ۾ هر تبديلي ”انقلاب“ آهي ۽ هو هر سياسي هلچل مان سوشلزم ۽ پرولتاري آمريت قائم ٿيڻ جي اُميد رکندا آهن. جڏهن مرسي خلاف عوامي اُڀار ٿيو ته هي ماڻهو روسي انقلاب سان اُن کي تشبيهه ڏئي پورهيت طبقي کي اقتدار تي قبضو ڪرڻ لاءِ چئي رهيا هئا. اِهو رويو ٺوس حالتن جي سطحي جائزي ۽ انقلابي سلسلي جي غلط سمجهه جو نتيجو آهي.

ان کان سواءِ هڪڙا ”تجزيا نگار“ اُهي به آهن جن وٽ جمهوريت ۽ هر پنجين سال ٿيندڙ چونڊون هڪ ئي ڳالهه آهي.

انهن جو جمهوريت جو تصور ايترو محدود آهي. اهڙا ماڻهو مصري عوام جي بي صبري تي تنقيد ڪري رهيا آهن ۽ مرسي کي جمهوريت سان هڪ ڪري بيهاري رهيا آهن ڇاڪاڻ ته هو چونڊن جي ذريعي اقتدار ۾ آيل هو. ان ڪري فوج جو اچڻ جمهوريت (مرسي) تي حملو آهي..

ائين مختلف تجزيا اِن تحريڪ جي باري ۾ موجود آهن پر مٿي ڏنل ڪجهه خاص تجزين تي مضمون ۾ اڳتي ڳالهائبو ڇاڪاڻ ته اِهي ڪجهه بنيادي نظرياتي معاملن ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

مصر جي جمهوري تحريڪ جو ڇيد:

”انقلاب (تبديلي) تڏهن ئي ايندو آهي جڏهن حڪمران طبقا پراڻي طريقي سان حڪمراني نه ڪري سگهن ۽ مظلوم طبقا پراڻي حالتن ۾ رهي نه سگهن (لين)“

”ڪڏهن ڏهاڪن ۾ ڪجهه به ناهي ٿيندو ۽ ڪڏهن هفتن ۾ ڏهاڪا رونما ٿي ويندا آهن (لينن)“

مضمون جي هن حصي ۾ اسان 2011ع کان هلندڙ تحريڪ (جنهن فيبروري 2011 ۾ مبارڪ جي ٽيهن سالن جي آمريت جو 18 ڏينهن ۾ خاتمو آندو ۽ جولاءِ 2013 ۾ هڪ ٻئي حڪمران محمد مرسيءَ کي لاهي وڌو) تي نظر وجهنداسين. اسان بنيادي طور تي تحريڪ جي پوري تاريخ کي نه پر اِن تحريڪ جي سببن ۽ اِن ۾ شامل مختلف قوتن/ طبقن جو ڇيد ۽ اِن تحريڪ جي مرحلن تي نظر وجهندا سين.

جنوري 2011 ۾ آمر حسني مبارڪ خلاف وڏي پيماني تي عوامي اُڀار 2000 کانپوءِ مبارڪ حڪومت جي پاليسين خلاف هلندڙ عوام، خاص ڪري پورهيت طبقي جي جدوجهد جو نتيجو هو. اِن جمهوري تحريڪ جي اڀرڻ پٺيان به ڪي بنيادي سبب هئا جن تي اسان مضمون جي پهرين حصي ۾ مختصر نظر وجهي آيا آهيون.

پهريون سبب ناصر وارين پاليسين جو خاتمو هو جنهن تحت صحت، تعليم، روزگار، آجهو وغيره گهٽي پاڳي رياست جي ذميواري هئي. اهو هڪ اهڙو سماجي معاهدو هو جنهن تحت پورهيت طبقي کي انهن مراعتن عيوض رياستي بنيادي ڍانچي کي سوال هيٺ نه آڻڻ جو وچن ڪرڻو هو يا اُن خلاف سياسي جدوجهد تان هٿ ڪڍڻو هو. اِن سماجي معاهدي جو خاتمو انور سادات جي دور کان شروع ٿيو پر حقيقتي معنيٰ ۾ 90 جي دور ۾

حسني مبارڪ جي آئي ايم ايف سان معاهدي ڪانپوءِ اِن ناصري پراجيڪٽ جو خاتمو آندو ويو. نيو لبرل حملو پنهنجي اوج تي تڏهن پهتو جڏهن 2004ع ۾ احمد ناضف مبارڪ جو وزيراعظم ٿيو ۽ ان همراهه پنهنجي ڪابينا ۾ مالياتي سرمائي جا نمائندا (ٽيڪنوڪريٽ) ۽ ڏيهي سرمائيدار ڪنيا. اِن ڪابينا جو مقصد هر ان شيءِ جي نجڪاري ڪرڻ هو جيڪا رياست جي ملڪيت هئي. گهڻ قومي ڪمپنين ۽ نجي ادارن تان 40 سيڪڙو ڪان ٽيڪس گهٽائي ويهه سيڪڙو ڪيو ويو، جڏهن ته اِهو سڄو بار عوام جي مٿان وڌو ويو. ان ئي دور ۾ صدر حسني مبارڪ جي پٽ جمال مبارڪ جي سربراهيءَ ۾ ڏيهي سرمائيدار ۽ آئي ايم ايف جا نمائندا/ ٽيڪنوڪريٽ حڪمران پارٽي (NDP) تي حاوي هئا. حڪمران پارٽي جي ”پاليسي ڪميٽي“ اِنهن ماڻهن جي هٿ ۾ هئي.

ٻيو سبب رياست جو وڌندڙ جبر هو. مبارڪ جا سيڪيورٽي ادارا جهڙوڪ ايجنسيون، پوليس ۽ حڪومت جا ٺاهيل سولين غنڊا وڏي پيماني تي سفاڪ ۽ ڪرپٽ هئا جن عوام جو ساهه ٻوساٽي رکيو هو. پهرين دور ۾ ته رڳو آزاد سياسي سرگرميءَ تي رياستي جبر ٿيندو هو پر هاڻ شاگرد، استاد، تاجر يعني عام ماڻهو به محفوظ نه هو. مصر اندر مبارڪ جي دور ۾ مشهور هو ته جيڪڏهن توهان ننڍا تاجر يا دڪاندار آهيو ۽ پوليس يا ٻين حڪومت جي پاڙيتو غنڊن کان بچڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اين ڊي پي (NDP) يعني حڪمران پارٽي ۾ شامل ٿي وڃو. اِن ڪري ئي اين ڊي پي جي چڱي خاصي رڪنيت هئي.!

ٽيون سبب مبارڪ جون سامراج نواز پاليسيون به هيون جنهن جي رد عمل ۾ مارچ 2003ع ۾ عراق تي آمريڪي حملي ڪانپوءِ مصر ۾ (40000) چاليهه هزار ماڻهن تحرير اسڪوائر تي مظاهرو ڪيو. اِن ڪان پهرين ۽ پوءِ فلسطين جي حق ۾ ۽ مبارڪ جي سامراج نواز پاليسين خلاف مصر ۾ تحريڪ هلندڙ هئي.

ان ڪانپوءِ ٻن وقعن عوام جي ڪاوڙ ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو ۽ معاشي ۽ سياسي آزاديءَ جو سوال وڌيڪ چٽو ۽ تيز ٿي ويو. پهريون ته 2008 ۾ آيل عالمي معاشي بحران هو. اِهو معاشي بحران ٽن طريقن سان مصر تي اثرانداز ٿيو. مصر جي اڪانامي جو دارومدار هڪ ته يورپ جي ملڪن ڏانهن برآمد ۽ ٻيو سياحت

(Tourism) تي آهي. اولهه ۾ معاشي بحران جي ڪري برآمد ۾ گهٽتائي آئي ۽ مصر ڏانهن ايندڙ سياحن جو تعداد گهٽ ٿي ويو. اِن ڪري مصر ۾ به معاشي بحران آيو ۽ بيروزگاري وڌي. ٽين اهم ڳالهه اِها آهي ته مصر وڏي پيماني تي آن (Wheat) ۽ ٻيون ڪجهه غذائي شيون ٻاهران ڪان گهرائيندو آهي. عالمي معاشي بحران جي ڪري عالمي سطح تي غذائي شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو ۽ ان جو سڌو سنئون اثر مصر تي پيو چاڪاڻ ته غذائي شيون تمام گهڻيون مهانگيون ٿي ويون. بيروزگاري ۽ بک هٿان تباهه ٿيل ماڻهن تي وري نيو لبرل آرڊر جي سختين ڪري عوام کي ڪنهن قسم جو رياستي تحفظ نه هجڻ، انهن حالتن ملڪ جي سياسي گرمي پد کي وڌايو پئي.

2005 ۾ حسني مبارڪ جي صدر چونڊجڻ ڪانپوءِ عام عوام کي اها توقع هئي ته اڳتي لاءِ چونڊن ۾ مبارڪ صدارتي عهدي لاءِ نه بيهندو. پر جڏهن 2010 ۾ اِها خبر پئي ته مبارڪ پنهنجي پٽ جمال مبارڪ کي صدارتي عهدي لاءِ بيهاريندو ته ان ڳالهه به عوام جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ اضافو ٿيو. هڪ ته مبارڪ سڪيورٽي ڍانچي ذريعي پنهنجو پاڻ کي چونڊرائيندو آيو هو (جيئن پاڪستان ۾ آمر ڪندا آيا آهن) ۽ عوام کي خبر هئي ته جمال مبارڪ به ائين ئي صدر ٿي ويندو پيو ته جمال مبارڪ مصر ۾ پنهنجي پيءُ کان به گهڻو بدنام هو. وڌندڙ معاشي بدحالي سان گڏ رياستي جبر عوام لاءِ ٻيو ڪوبه رستو نه ڇڏيو سواءِ ان جي ته هُو حسني مبارڪ جي آمريت خلاف نڪرن. بنيادي طور تي مبارڪ خلاف عوامي اُڀار جو مقصد اهڙي حڪومت جي قيام لاءِ جدوجهد ڪرڻ هو جيڪا سياسي آزادي سان گڏ بنيادي طور تي معاشي مسئلي کي حل ڪري. حسني مبارڪ خلاف جمهوري تحريڪ ڪافي عرصي کان هلندڙ هئي جنهن ۾ مختلف قوتون پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون هيون. ٻين لفظن ۾ اِهي اڳ ۾ موجود هڪ ٻئي کان ڌار عوامي مزاحمتون هيون جن اڳتي هلي جنوري 2011 جي عوامي اُڀار جو رستو هموار ڪيو. ”مڊل ڪلاس“ انقلاب جي ڳالهه ڪندڙ دانشورن کي اِهو ٻڌائيندو هلجي ته مصر اندر مزدور تحريڪ ۽ ٽريڊ يونين جو مبارڪ جي آمريت کي ختم ڪرڻ ۽ ٻوساٽيل ماحول جي خاتمي آڻڻ ۾ بنيادي ڪردار رهيو. 1998ع کان 2010ع تائين ٽي کان چار هزار مزدورن جون گڏيل هڙتالون ٿيون جن ۾ ويهه کان

ٽيهه لک مزدورن حصو ورتو. هڙتالن جو سبب حڪومت جون نيو لبرل پاليسيون هيون. اِنهن هڙتالن مان سڀ کان وڏيون قومي سطح جون هڙتالون محالا الڪبرا (Mahalla Al-Kubra) ۾ ڪپڙي جي صنعت جي مزدورن 07-2006ع ۾ ڪيون. ڊسمبر 2006 ۾ 24000 مزدورن پوري ڪپڙي جي صنعت کي روڪي ڇڏيو ۽ ائين وري سيپٽمبر 2007 ۾ ساڳين مزدورن پنهنجن حقن لاءِ هڙتال ڪئي. اِنهن مزدورن جون گهرون بونس، بهتر ڪم جون حالتون، رياستي تحفظ وغيره هيون. پورهيت طبقي جي ٻي وڏي حاصلات اها هئي ته مبارڪ خلاف 2011 ۾ عوامي اُڀار دوران قومي سطح تي رياست کان آزاد ٽريڊ يونين فيڊريشن ٺاهي وئي. ان کان پهريان ناصر جي زماني کان وٺي صرف هڪ ٽريڊ يونين فيڊريشن ٺي هئي جيڪا رياست جي ڪنٽرول ۾ هئي. پورهيت طبقي جي اِن لڳاتار هلچل ٻوساٽيل ماحول کي ختم ڪيو ۽ آمريتي حڪومت خلاف ٻه اُٿڻ جي همت پوري ملڪ ۾ پيدا ڪئي. پر پورهيت طبقي جي اِها جدوجهد گهڻي ڀاڱي معاشي سوالن تي رهي آهي ۽ ٽريڊ يونين جي دائري تائين محدود رهي آهي. مصر ۾ اُن وقت به ۽ هاڻي به پورهيت طبقي جي سياسي نمائندگي وڏي پيماني تي موجود ناهي جيڪا ان طبقي کي هڪ ته متحد ڪري سندس طبقاتي شعور ۾ واڌ آڻي ۽ ٻيو سندس معاشي مسئلن کي سياسي محاذ تي کڻي اچي. جيتوڻيڪ کاٻي ڌر جون پارٽيون ۽ قوتون موجود آهن جيڪي پورهيت طبقي سان پاڻ کي سلهاڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. خاص طور تي مصر جي ”نئين کاٻي ڌر“ جيڪا شهري مڊل ڪلاس تي مشتمل آهي. نئين کاٻي ڌر مان مراد اهي نوجوان استاد، شاگرد ۽ پروفيسر آهن جيڪي مصر ۾ کاٻي ڌر جي سوچ (مارڪسي سوچ) کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪن پيا. مصر جون پراڻيون کاٻي ڌر جون قوتون يا ته رياستي جبر جي ڪري ڪمزور آهن يا اڪثر مبارڪ جي آمريت سان مفاهمت جي ڪري عوام کان ڪٽيل آهن. (هتي آئون کاٻي ڌر مارڪسوادي قوتن لاءِ استعمال ڪري رهيو آهيان). شهرن اندر مڊل ڪلاس يعني شاگردن، دانشورن، نجي سيڪٽر ۽ رياستي مشينري ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي جمهوري سوال ۽ سياسي آزادي جي سوال تي تحريڪ پڻ 2000ع کانپوءِ هلندي رهي آهي. ان کانسواءِ فلسطين جي آزادي جي حق ۾ ۽ مبارڪ جي سامراج نواز پاليسين خلاف مظاهرا ٿيندا

رهيا آهن جن جو ذڪر اسان ڪري آيا آهيون. ڊسمبر 2004ع ۾ مخالف قوتن (ناصري، سوشلسٽ، اسلامسٽ، لبرل) مبارڪ خلاف ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ "ڪفايا" Kifaya تحريڪ شروع ڪئي. انهن ان تحريڪ ۾ ماڻهن جو وڏو انگ ته پاڻ ڏانهن نه ڇڪيو پر جمهوري جدوجهد جو رستو ضرور هموار ڪيو.

ان ڪانسواءِ ڪارپوريٽ دنيا جو مينجرل ڪلاس ۽ اُهو لبرل سرمائيدار، جيڪو مبارڪ جي حڪومت جي قريب نه هو ۽ هڪ لحاظ کان مصر ۾ ڪنهن به سياسي توڙي معاشي ڪردار کان وانجهيل هو، آخري دور ۾ مبارڪ خلاف جمهوري تحريڪ ۾ شامل ٿيو. محمد البرادي اِن طبقي جي ئي نمائندگي ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ حسني مبارڪ خلاف جمهوري تحريڪ هڪ گهڻ طبقاتي تحريڪ هئي جنهن جو بنيادي نقطو جمهوريت جي بحالي هو پر هر طبقو اِن تحريڪ (اهڙي قسم جي هر تحريڪ) ۾ اِن سياسي نقطي جي پٺيان پنهنجا مفاد رکي پيو. پورهيت طبقو، شاگرد، ننڍو تاجر يعني مڊل ڪلاس جمهوريت جي بحالي مان مراد اهڙي حڪومت جي قيام کي سمجهي پيو جيڪا سياسي آزادي سان گڏ ٿورو گهڻو معاشي رليف ڏئي. روزگار ۽ ماني جي مسئلي کي حل ڪري. لبرل بورجوازي جمهوريت جي بحالي جي ڳالهه ان ڪري پيو ڪري جيئن ان جي سياسي نمائنده قوت اقتدار ۾ اچي سگهي. اِها جمهوري تحريڪ جيڪا گهٽي عرصي کان مختلف طريقن سان هلي رهي هئي، جنوري 2011 ۾ هڪ وڏي عوامي اڀار جي شڪل ٿي وئي. تحرير اسڪوائر تي جمع ٿيل لکين ماڻهو ارڙهن ڏينهن اندر مبارڪ جي آمريت جو خاتمو ٿا آڻين. تحرير اسڪوائر پوري دنيا کي متاثر ڪيو.

ٻئين دور ۾ مبارڪ کانپوءِ آيل فوج جي سپريم ڪمانڊ ۽ عارضي حڪومت آئين ۾ ترميمون ڪري پارلياماني ۽ صدارتي چونڊون ڪرائي ٿي جنهن ۾ اخوان المسلمين جو ماڻهو محمد مرسي صدر چونڊجي وڃي ٿو ۽ اخوان المسلمين جي ٺهيل پارٽي (جسٽس اينڊ فريڊم) چونڊن ۾ اڳيان نڪري وڃي ٿي. اِن پيش رفت کان پوءِ مصر جي تحريڪ تمام گهڻا سوال ۽ بحث اٿاريا. هڪڙن جو تجزيو اِهو هيو ته اِها تحريڪ ئي مذهبي هئي جنهن جي ڪري آخري نتيجي ۾ اخوان المسلمين چونڊن ۾ مٿي اچي وئي. اهو تجزيو مٿي ڄاڻايل تحريڪ جي نوس ڪارڻ سان بلڪل اڻ

ٺهڪندڙ ۽ بلڪل موضوعي آهي. ڪاپي ڏر جو ڀيو تجزيو اِهو به هو ته فوج، آمريڪا، ۽ اخوان المسلمين جو ٺاهه ٿي ويو جنهن ڪانپوءِ چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪري يا رياستي حمايت سان محمد مرسي صدر چونڊجي ويو. اِهو تجزيو هڪ بنيادي سوال جو جواب ڏيڻ کان عاري آهي ته 51 سيڪڙو ووٽ صرف رياستي مدد سان اهڙي ماحول ۾ جڏهن عوام سياسي هلچل ۾ موجود آهي، ڪيئن ممڪن آهي؟. پاڪستان ۾ 70 جي ڏهاڪي ۾ جمهوري تحريڪ ڪانپوءِ پيپلز پارٽي بدران جماعت اسلامي کي مٿي اچڻ گهرجي ها جيڪڏهن رياستي مدد ئي سڀ ڪجهه آهي؟.

مرسي جي چونڊن ۾ ڪاميابي جا ڪجهه بنيادي ڪارڻ هئا. اخوان المسلمين هڪ پراڻي تنظيم آهي. اِن جو بنياد حسن البناءَ 1928ع ۾ رکيو. اِن تنظيم جو مقصد سماجي ۽ سياسي اصلاح ڪرڻ هو. حسن البناءَ جديديت جو دشمن هو ۽ جديد دور جي برائين جو حل اٺين صديءَ جي اسلام مان ڪڍڻ پيو چاهي. هو سعودي وهابي خاندان جي فتح مان متاثر هو. بعد ۾ اخوان المسلمين جو اڳواڻ امام ڪتب ٿيو جيڪو مودودي جو همدرد هيو. امام ڪتب جو نظريو اِهو هو ته مسلم دنيا جي پسپائي جو سبب سيڪيولر (جاهل) حڪومتون آهن. مسلم عوام جو فرض



اِهو آهي ته انهن حڪومتن خلاف جهاد ڪن ۽ اسلامي نظام نافظ ڪري پاڻ کي صيهوني قوتن کان آزاد ڪن. اسلامي بنياد پرستي جي سماجي اصلاح (Social Regeneration) جو تصور سرمائيداريءَ جي برائين جو رد عمل آهي پر اِهو رد عمل اهڙي قسم جو رجعتي آهي جيڪو ترقي پسندي کي ڏڪ هڻي آخري نتيجي ۾ سرمائيداريءَ سان گڏ بيهي ٿو. سرمائيداريءَ جي برائين جهڙوڪ استعماريت، عدم تحفظ ۽ معاشي بحران جي نتيجي ۾ ئي پوئتي پيل علائقن ۾ اسلامي اصلاحي تحريڪون پيدا ٿين ٿيون پر اهڙيون تحريڪون انهن برائين جو سبب عورتن جو پردو نه ڪرڻ، مسلمانن جو دين کان پري هجڻ وغيره کي سمجهن ٿيون ۽ ان جي

اصلاح لاءِ جدوجهد ڪن ٿيون. ٻين لفظن ۾ اِها اصلاح اهڙي رجعتي آهي جو سرمائيداريءَ کي ڌڪ هڻڻ بجاءِ ان جي متبادل سياست کي تباهه ڪري ٿي. اِن جو ٽُز مثال اخوان المسلمين آهي. اخوان المسلمين عرب دنيا تي برطانوي استعماريت جي ردِ عمل ۾ پيدا ٿي. پر اِن جي باني برطانوي استعماريت ۽ عرب غلامي کي معاشي پيرائي ۾ ڏسڻ بجاءِ مذهبي پيرائي ۾ ڏٺو ۽ عرب غلاميءَ جو ڪارڻ جديديت (جديد نظرين) کي سمجهيو پئي. اِن ڪري ئي هن عرب سماج جديديت کان پاڪ ڪرڻ لاءِ سماج جي اصلاح شروع ڪئي. جنهن جي ڪري اخوان المسلمين قوم پرستن ۽ ڪميونسٽن تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ برطانيه جي استعماريت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. يعني اِهو اهڙو استعماريت خلاف ردعمل هو جيڪو آخري نتيجي ۾ استمعاريت کي مضبوط پيو ڪري. مصر جي رياست سيڪيولر رهي آهي ۽ اخوان المسلمين کي دٻائيندي آئي آهي ايستائين جو سندس هڪ دؤر جي رهنما امام ڪتب کي هڪ دور ۾ ڦاهي پڻ ڏني وئي، ائين اخوان المسلمين رياست مخالف ڌر رهي آهي. پر اخوان المسلمين جي رياست مخالفت جون پڻ ڪي حدون هيون ۽ آهن. اخوان المسلمين جي ليڊر شپ گهٽن موقعن تي رياست سان مفاهمت ڪندي آئي آهي. جڏهن انور سادات اسرائيل سان معاهدو ڪيو ته اِهو اخوان المسلمين جو نوجوان ڪيڊر ئي هو جنهن تنظيم کان مايوس ٿي مسلح جهاد جو فيصلو ڪيو. ائين 2011 جي تحريڪ ۾ اخوان المسلمين جو اهو نوجوان ڪيڊر تحريڪ ۾ شامل ٿيو. اخوان المسلمين صرف چونڊن ۾ آزاد نمائندا بيهاريندي ۽ سماجي اصلاحي ڪم ڪندي رهي آهي. هن پيري ٻن سببن ڪري اخوان المسلمين 2012 جي چونڊن ۾ اڳيان آئي. هڪ ته اخوان المسلمين فلاحي ڪم ڪندي رهي آهي جيئن غريبن جي مالي مدد، غريب شاگردن جي مدد ڪرڻ، بيمارن کي صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ وغيره. نيو لبرل حملي ڪانپوءِ اخوان المسلمين جي انهن پاليسين کيس عوام ۾ ڪجهه بنياد ڏنا. ٻيو اخوان المسلمين پراڻي جماعت هجڻ جي ڪري 2011 ڪانپوءِ وٽس سڀ کان منظم تنظيم هئي ۽ اليڪشني تاجي پيٽي جو مڪمل تجربو موجود هو جڏهن ته مختلف سڪيولر ۽ لبرل، کاٻي ڌر جون قوتون منظم تنظيمي شڪل ۾ موجود نه هيون. ٿيون سبب اِهو

به آهي ته 70 ڪانپوءِ سامراج مخالف قوم پرستي جي زوال ڪانپوءِ عرب دنيا اندر سياسي اسلام جي سامراج مخالفت هڪ حد تائين ان کي عوام ۾ جڳهه ڏني آهي جيتوڻيڪ اِها سامراج مخالفت لفاظي جي حد تائين آهي يا چسي هوندي آهي. پين لفطن ۾ عرب قوم پرست رياستون جيئن مصر سامراج نواز ٿي وڃن ٿيون ته سياسي اسلام کي جڳهه ملي ٿي. حماس، حضب الله وغيره ان جا مثال آهن. شاگرد لڏو قوم پرستي جي زوال جي ڪري سياسي اسلام مان گهڻي قدر متاثر ٿيو. ان جو مطلب اِهو نه سمجهيو وڃي ته سيڪيولر، قومپرست يا ليفٽ جو ڏريون موجود نه هيون يا نه آهن پر اخوان المسلمين به رڳو رياست جي سازش نه آهي.

سياسي اسلام وٽ معاشي مسئلن جو سرمائيداريءَ کان ٻاهر ڪوبه حل نه آهي ۽ اِها بنياد پرستي صرف ستين صديءَ جي اسلامي روايتن کي واپس ڪري سرمائيداريءَ جي بحران جو متبادل ڏيڻ چاهي ٿي جيڪو ممڪن ناهي. مُرسي صدر ٿي ويو پر هُن وٽ عوام جي گهرجن جو ڪوبه حل نه هو. هڪ ته سياسي اسلام وٽ معاشي مسئلن جو حل نه آهي ۽ ٻيو مرسي کي عالمي سامراج ۽ فوج سان مفاهمت جي ڪري اقتدار ڏنو ويو هو. ٽيون اِهو ته اخوان المسلمين جيڪڏهن هيٺين ۽ وچولي طبقي ۾ آهي ته ساڳي وقت ڏيهي رجعتي سرمائيدار توڻي قطر ۽ ٻين عرب ملڪن جو رجعتي سرمائيدار جي به اخوان المسلمين ئي نمائندگي ڪري ٿي ۽ سندس جو طاقت جو سرچشمو اِهو طبقو ئي آهي. اِن پيرائي ۾ اسان کي مرسيءَ جي حڪومت کي ڏسڻ گهرجي.

معاشي محاذ تي مرسي جي حڪومت نيو لبرل پاليسين کي جاري رکيو ۽ ”اسلامڪ بانڊز“ جي ذريعي وڏيڪ اثاثن کي وڪڻڻ شروع ڪيو. مرسي حڪومت قيمن جي لبرلائيزيشن کي جاري رکيو ۽ گهٽ ۾ گهٽ مزدور جي پگهار وڌائڻ جي گهر جيڪا حسني مبارڪ جي زماني ۾ هلندڙ تحريڪ جي بنيادي گُهر هئي، ان کي به نه وڌايو. اِن سڄي صورتحال ۾ معاشي بحران وڌڻ لڳو نه ڪي گهٽيو. مثال مصر جو خارجي قرض (Foreign debt) 34 ارب ڊالرن مان 45 ارب ڊالر ٿي ويو. غربت جي ليڪ کان هيٺ زندگي گذارڻ وارن جو تعداد 44 سيڪڙو مان پنجاهه سيڪڙو کان مٿي چڙهي ويو. بيروزگاري 32 سيڪڙو تي پهتي. بيروزگارن ۾ وڏو تعداد يونيورسٽي

۽ ڪاليج جي ڊگري رکندڙن جو آهي. ائين مبارڪ خلاف اٿندڙ تحريڪ نعرو ته ”ماني، آزادي، ۽ سماجي انصاف“ هو پر مرسيءَ جي انهن پاليسين ماني ۽ سماجي انصاف جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ بجاءِ اجا به وڌايو. ان ڪانپوءِ مرسي جي حڪومت سرمائيدارن جي نمائندا ڊر هجڻ جي ناتي آزاد ٽريڊ يونين ٺاهڻ جي اجازت نه ڏني ۽ ان لاءِ قانون سازي نه ڪئي وئي. اِها ٽريڊ يونين جي سياسي آزاديءَ جي حوالي سان بنيادي گهر هئي. جيڪا قانون سازي ڪئي وئي ان ۾ اِهو طئي ڪيو ويو ته مزدور هر شعبي ۾ صرف هڪ ٽريڊ يونين ٺاهي سگهن ٿا جيڪا رياستي نظر هيٺ هوندي. ان ڪانسواءِ، مرسي حڪومت مبارڪ جي ماڻهن کي ٽريڊ يونين مان ڪڍي پنهنجا ماڻهو ڀرتي ڪيا. پيو ته مرسيءَ ٽريڊ يونين جي هڙتالن تي سخت ڪريڪ ڊائون ڪيو ۽ انهن کي ”غداري“ جي دائري ۾ آندو. مرسي پنهنجو پاڻ کي صدارتي حڪم ذريعي ڪورٽ کان آئيني تحفظ ڏئي ڇڏيو ۽ بيوروڪريسي ۾ پنهنجا ماڻهو (يعني اسلامي ذهنيت رکندڙ) ڀرتي ڪرڻ شروع ڪيا. انهن حڪمت عملين پورهيت طبقي، سڪيولر، لبرل ڌرين کي نه صرف ناراض ڪيو پر فوج ۽ بيوروڪريسيءَ کي پڻ ناراض ڪيو. مرسيءَ جي دور ۾ وڌندڙ فرقيواريت ۽ اسلامي آئين ٺاهڻ جهڙن عملن رياست کي ۽ ان سان واڳيل لبرل سرمائيداري کي نقصان رسايو. پر مرسيءَ جي ناڪامي اِها هئي ته هُو بِن بنيادي گُهرن کي پورو نه ڪري سگهيو جيڪي مبارڪ جي حڪومت جي خاتمي جو سبب بڻيون. هڪ معاشي حل ۽ ٻيو سياسي آزادي. سياسي اسلام وٽ نوس مسئلن جو حل ته نه آهي پر ان جي اسلامي لفاظي ٻين مسئلن کي به جنم ڏئي ٿي.

اخوان المسلمين جي سامراج مخالف لفاظيءَ به مرسي دور ۾ عوام آڏو ظاهر ٿي وئي. هڪ ته شام ۾ آمريڪي مدد سان پيدا ڪيل بغاوت جي مرسي حمايت ڪئي ۽ ٻيو اسرائيل جي 13-2012 ۾ فلسطين تي (خاص ڪري حماس تي) جارحيت دوران مرسيءَ ڪو اسٽينڊ وٺڻ بجاءِ



ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ مفاهمت وارو ڪردار ادا ڪيو.

عوام عملي هجي ٿو ۽ هُو ڌرين ۽ نظرين جي پرک عمل ۾ ڪندو آهي. پهرين دور ۾ عوام جي هڪ حصي اخوان المسلمين جي حمايت ڪئي پر بعد ۾ جڏهن مرسي اُهي ئي پاليسيون جاري رکيون جيڪي مبارڪ جو ورثو آهن ته مرسي خلاف عوامي مزاحمت شروع ٿي جنهن ۾ گهٽي پاڳي ساڳيون قوتون آهن. 2000 کان مٿي مزدورن جون هڙتالون صرف 2012 جي سال ۾ ٿيون ان کانسواءِ، لبرل، سيڪيولر، قومپرست، سوشلسٽ ڌرين ۽ نوجوان گروهن اتحاد ۾ اچي مرسي خلاف دستخطي تحريڪ شروع ڪئي. ٻه ڪروڙ کان مٿي ماڻهن يونيورسٽين، ڪاليجن، ٽريڊ يونين، آفيسن ۾ مرسي خلاف پيٽشن تي صحي ڪئي. ان کانپوءِ 30 جون 2013 تي پوري مصر اندر ٻه ڪروڙ ويهه لک ماڻهو مرسي کي هٽائڻ ۽ جلدي چونڊون ڪرائڻ جي گُهر ڪٽي نڪتا. عوام جي اِن عمل اِهو ثابت ڪيو ته جمهوريت چونڊن يا صرف بيلٽ باڪس جو نالو ناهي پر جمهوريت جو مقصد عوامي راءِ جي حڪمراني آهي. لبرل بور جوازي ۽ رياستي بيورو ڪريسي به مرسي تي ڪاوڙيل هئي. جڏهن مرسي خلاف عوام نڪتو ته فوج جي سربراهه جنرل الفتح السيسي مرسي حڪومت جو خاتمو ڪري عارضي حڪومت ٺاهي.

مصر اندر ڪجهه کاٻي ڌر جي قوتن جي سمجهه اِها آهي ته مصر جي فوج عوامي خواهشن کي پورو ڪرڻ آئي آهي ۽ آمريڪي سامراج مڪمل طرح اخوان المسلمين جي حمايت ۾ بيٺل آهي. انهن ڌرين ۾ ڪميونسٽ پارٽي (مصر) به شامل آهي جيڪا ائين سمجهي ٿي. جيتوڻيڪ مصري ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل صلاح عدلي اِهو به چيو آهي ته کاٻي ڌر جي قوتن کي اِهو گهرجي ته فوج گهٽي وقت لاءِ اقتدار تي قابض ته نٿي رهي! پر



ڪميونسٽ پارٽي مصر جو جنرل سيڪريٽري

اِها سمجهه اسان جي نظر ۾ پلائيندڙ آهي. جيئن اسان مصر جي فوج تي تبصرو ڪري رهيا آهيون ته اِها خطي ۾ سامراجي مفادن ۽ عمومي سرمائيداراڻي نظام جي پاسدار (Guardian) آهي. 4 جولاءِ تي فوج بنيادي طور تي عوامي اڀار کي ”ريڊلائن“ ڪراس ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ اِن اُڀار کي خاص رخ ڏيڻ لاءِ آئي هئي. مثال اچ اِهو محسوس ٿئي ٿو ته فوج مصر ۾ اخوان المسلمين جي مزاحمت جي ڪري ڦهليل انارڪي کي جاري رکڻ چاهي ٿي جيئن فوج جو جواز به هجي ۽ عوامي گهرجن ۽ مسئلن کي پوئتي ڌڪي ڇڏجي. ٻيو ثانوي سبب اِهو به آهي ته بيوروڪريسي پاڻ هڪ حد تائين مرسي مان تنگ هئي.

تمام ترقي پسند قوتن کي هن وقت هڪ وڏي اتحاد ۾ اچي جلدي چونڊن ۽ جمهوري حڪومت ڏانهن اختيار منتقل ڪرڻ لاءِ فوج تي دٻاءُ وجهڻ گهرجي. کاٻي ڌر جي قوتن کي ان سان گڏ وڏي پيماني تي پنهنجو پاڻ کي پورهيت طبقي سان سلهاڙڻو پوندو ۽ مزدور يونين سان اتحاد ۾ اچڻو پوندو. جيئن ان طبقي کي سياسي طور منظم ڪري سگهجي. ۽ هن جمهوري دؤر ۾ مزدور طبقو بنيادي مسئلن کي سياسي محاذ تي کڻي اچي سگهي. هن وقت پورهيت سياست جي مفاد ۾ مصر اندر پائدار بورجوا جمهوريت جو قيام آهي جنهن ۾ سياسي آزادي ۽ ٽريڊ يونين ٺاهڻ جي آزادي وغيره موجود هجي جيئن ٻي دور ۾ پورهئي ۽ سرمائي جو تضاد واضح ٿي سگهي. مصري ڪميونسٽ پارٽي جي سربراهه صلاح عدلي اِن شيءِ کي نظر ۾ رکي پنهنجي مقصدن کي واضح ڪيو آهي. ”جمهوري انقلاب جو هڪ مقصد آزاد ٽريڊ يونين ٺاهڻ ۽ سياسي پارٽيون ٺاهڻ جي آزادي به آهي“. پر اِهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن پورهيت طبقو لبرل ڌرين جو محتاج نه هجي ۽ پنهنجا مطالبا هڪ طبقي جي حيثيت ۾ رکي. جيڪي ”دانشور“ هن وقت سوشلسٽ انقلاب جي اُميد رکي ويٺا آهن، اُهي انقلاب جي ليننئي سمجهه نٿا رکن. انهن کي مصر اندر بلڪه دنيا اندر پورهيت طبقي جي سياست جي پوزيشن جي باري ۾ خبر ناهي.

عالمي سطح تي سرمائيداريءَ جي بحران هڪ عوامي مزاحمت کي ضرور جنم ڏنو آهي پر پورهيت طبقي جي مزاحمت معاشي سطح تائين آهي ۽ گهڻي ڀاڱي خودرو آهي (سواءِ ڪجهه

خطن ۾ جهڙوڪ لاطيني آمريڪا). سرمائي جي اِن بحران ۽ پورهئي جي لازمي خودرو مزاحمت پورهيت طبقي جي سياست ۽ نظريي جي اڀرڻ جي سگهه پيدا ڪئي آهي. ان سگهه ۽ امڪان کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. پورهيت سياست جو اڀرڻ لازمي لقاءُ سان گڏ شعوريٰ به آهي. انهن ذميوارين ڪري هينئر مصر اندر ڪاٻي ڌر کي ان فرضن کي سمجهي اڳتي وڌڻ گهرجي.

حوالا

1. Rethinking Nasserism Revolution and Historical Memory in Modern Egypt.
2. Nasserism and Socialism (Anwar Abdul Malik)
3. From Nasserism to Collaboration (Eric Ruder)
4. Revolt in Egypt by Kandit
5. The Rise of Egypts workers by Joel Beinin
6. The Clash of Fundamentalisms by Tariq Ali.
7. Egypt's unfinished Revolution by Sameh Naquib
8. State in Post colonial societies (Hamza Alvi)
9. Prophet and proletariat by chris Herman.
10. Interview with Salah Adli by "Nameh Mardam" the central organ of the CC of Tudeh Party.
11. Egypt: A Dangerous Prevedent' by Alan Woods.
12. Workers Play a big role in global "Middle class" revolutions by Richard Seymour.

- ”جيڪڏهن دولت ئي اُها ڳُنڊ آهي جيڪا مونکي ماڻهن سان ۽ سماج سان جوڙي رکي ٿي، جيڪا منهنجو، ماڻهن جو ۽ فطرت جو ڳانڍاپو آهي، ته پوءِ ڇا اها دولت سمورن لاڳاپن ۽ ڳانڍاپن جو بنياد ناهي؟ (۽جيڪڏهن ايئن ئي آهي ته پوءِ) ڇا اها انهن سمورن لاڳاپن کي ٽوڙي نه ٿي سگهي؟ ته پوءِ (آخري معنيٰ ۾) اها دولت جُدائي، ويڇي يا

نظرياتي ادب

سياسي معاشيات جو تعارف

وقار چانديو

سائنس انسان کي ان جي چوڌاري دنيا کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي، جيڪا دنيا انسان جي خواهشن ۽ شعور کان آزاد معروضي طور وجود رکي ٿي ۽ جنهن جو انسان پڻ حصو آهي. هن دنيا ۾ فطري ۽ سماجي زندگي وجود رکن ٿيون، سياسي معاشيات اها سماجي سائنس آهي جيڪا سماجي ترقي جي مخصوص سطحن تي انهن اصولن جو مطالعو ڪري ٿي جيڪي زندهه رهڻ جي مادي ذريعن جي پيداوار ۽ انهن جي تقسيم پٺيان قانون پيرا هجن ٿا. ڪجهه ماڻهن جي راءِ آهي ته سماجي زندگي جي سائنسي معلومات حاصل نه ٿي ڪري سگهجي، ٻئي پاسي فطرت جي سائنسي معلومات جي جنهن جي پٺيان ٺوس ۽ تڙُ قانون عمل پيرا هوندا آهن جتي ساڳيون حالتون هميشه ساڳيا نتيجا پيدا ڪنديون آهن، پر سماجي زندگي ۾ ائين نه ٿو هجي، انهن جي بقول، سماج ۾ هر شيءَ حادثاتي ۽ پاڻمرادي هجي ٿي، جتي ڪنهن به شيءَ جي اڳڪٿي نه ٿي ڪري سگهجي، تنهنڪري اهي غير معمولي ماڻهو دانشور، حڪمران ۽ جنرل ئي هجن ٿا جيڪي تاريخ ٺاهين ٿا.

اها راءِ حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهي، ماڻهو تاريخ ٺاهيندڙ آهن ۽ سطحي طرح ائين لڳندو آهي ته سماجي ترقي حادثن جو ميڙ هجي ٿي، تنهن هوندي به ان جو اهو مطلب نه آهي ته غير معمولي شخصيتن سميت، ماڻهن جي عملن پٺيان حقيقي سبب ڳولڻ ناممڪن آهي. سماجي ترقي جي سائنسي ڇنڊڇاڻ ظاهر ڪري ٿي ته سطحي طرح نظر ايندڙ هڪ ٻئي کان الڳ لقائن جي مجموعي جي پٺيان ٺوس قانون عمل پيرا هجن ٿا، انهن سماجي قانونن مطابق سماجي ترقي جو مطالعو به اوترو ئي ڪاميابي سان ڪري سگهجي ٿو، جيتري ڪاميابي سان فطرت جي ترقي جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو، پوءِ ڪجهه ماڻهو ڇو اها دعويٰ ڪندا آهن ته سماجي ترقي جو سائنسي مطالعو نه ٿو ڪري سگهجي....؟

ان جو سبب اِهو آهي ته جڏهن سماجي سائنس سرمائيداري

جي تاريخي شڪست ۽ اشتراڪيت جي فتح چٽي طور سامهون آٽي ٿي ته سرمائيدار ملڪن جو حڪمران طبقو ان سائنس کي رد ڪري ٿو. اهي صرف ان سائنس کي تسليم ڪندا آهن جيڪا انهن جو تسلط برقرار رکي، انهن جي مفادن جو تحفظ ڪري ۽ اهو واضح ڪري ته سرمائيداري تاحيات قائم رهڻ وارو نظام آهي، بورجوازي دانشور اها دعويٰ ڪندا آهن ته سماجي ترقي جا ڪي به اصول ناهن هوندا جيڪي سماج جي هيٺين ڏاڪي کان مٿين ڏاڪي ڏانهن ترقي ڏانهن عمل پيرا هجن. جيتري قدر پورهيت طبقي جو تعلق آهي، اهو ان سائنس ۽ انهن اصولن کي ڳولي لهڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو جيڪي سماجي ترقي جو محرڪ هجن ٿا، اها سائنس آهي مارڪسزم_ليننزم جنهن پهريون ڀيرو سماجي زندگي جو مطالعو ٺوس سائنسي اصولن تي ڪيو، اها سائنسي سوشلزم جي ٿيوري ئي هئي جنهن تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سماجي ترقي جا اصول ڳولهي لڌا.

۽ سائنسي سوشلزم مطابق سماجي زندگي جو اساس اُن جو پيداواري طريقو آهي ۽ اهي سماجي رشتا آهن جيڪي پيداواري عمل دوران ماڻهن منجهه ٺهندا آهن، اهوئي سرچشمو آهي جنهن مان معاشري جون سڀئي سياسي، تمدني، قانوني، اخلاقي، فڪري ۽ ادبي تندون نڪرنديون آهن، اهي سڀئي شعوري رشتا معاشي رشتن سان مقرر ٿيندا آهن، وري انهن معاشي رشتن جو تعين پيداوري قوتن سان ٿيندو آهي، انهن ئي پيداواري قوتن سان معاشري جي نوعيت مقرر ٿيندي آهي ۽ اهو هڪ ڪانپوءِ ٻي شڪل اختيار ڪندو آهي.

واهپي واري شين جي پيداوار _ سماجي زندگي جو بنياد آهي:

سماجي زندگي جي معاشي حالتن جو انحصار عام واهپي وارين شين جي پيداوار تي هجي ٿو، انسان عام واهپي جي شين، جنهن ۾ انسان جون بنيادي ضرورتون اچي وڃن ٿيون، مثلن کاڌ خوراڪ، گهر، ڪپڙا ۽ زندگي گذارڻ جي ٻين بنيادي شين کانسواءِ زندهه نه ٿو رهي سگهي ان ڪري مارڪس چيو آهي ته ماڻهو کي زندهه رهڻ لاءِ هميشه پورهيو ڪرڻو پيو آهي پر پورهيو اهڙو عمل آهي جنهن ۾ ماڻهو ۽ فطرت، ٻنهي جي شرڪت لازمي آهي،

ان عمل ۾ ماڻهو جي حيثيت عامل جي هوندي آهي ۽ فطرت جي معمول جي.

بظاهر ائين محسوس ٿئي ٿو ته اوائلي اشتراڪي دور جو پيداواري نظام جنهن ۾ انسان پٿر ۽ ڪاٺ جا اوزار استعمال ڪيا ٿي ۽ جديد صنعتي پيداواري نظام جي پيداوري عمل ۾ بظاهر ڪابه ساڳيائپ نه آهي، پر سائنس ثابت ڪري ٿي ته سڀني پيداواري نظامن ۾ ٽي شيون مشترڪه هجن ٿيون، انسان جو پورهيو، فطري شيون؛ مثال طور، لوهه، ڪاٺ، ڪپهه، پٿر وغيره ۽ پورهئي جا اوزار؛ مثال طور ڪهاڙي، ڪوڏر، مشين وغيره.

انسان جو پورهيو يا عمل (Labour):

(الف) پورهيو فطرت سان انسان جي جدوجهد آهي. ان جدوجهد ۾ انسان فطرت ۾ ملندڙ جانورن، ٻاڦ، بجلي، ڪيميائي عملن ۽ ٻين فطري قوتن کي پنهنجي ضرورتن آڏار ڍالي ٿو، هر سماجي، معاشي نظام ۾ پهرئين جو عمل انساني سماج جي وجود جو لازمي شرط هجي ٿو، انساني پورهئي جون ٻه بنيادي خاصيتون آهن پهريون ته پورهيو اڳ ۾ طئي ٿيل مقصدن جي حاصلات لاءِ ڪيل بامقصد عمل آهي، ٻيو ته پورهئي جو عمل لازمي طور تي پورهئي جي اوزارن جي پيداوار سان ڳنڍيل آهي. مارڪس 18 هين صدي جي آمريڪي ليڪڪ بينجامن فرينڪلن جي راءِ کي صحيح قرار ڏنو ته ”انسان هڪ اوزار ٺاهيندڙ جانور آهي“ انسان جي جانورن جي دنيا مان ظاهر ٿيڻ پٺيان صرف هڪ ئي عمل آهي ۽ اهو پورهيو جو عمل آهي، جيڪو معروضي طور انسان کي گڏجي سماج ۾ رهڻ لاءِ يڪجاءِ ڪري ٿو. انسان جي فطرت خلاف جدوجهد هن کي مختلف سماجي رشتن ۾ ڳنڍي ٿي. مختصراً پورهيو انساني سماج جو بنياد آهي.

(ب) فطري شيون (Object of Labor):

هي فطرت ۾ ملندڙ اهي شيون آهن جن تي انسان پورهيو ڪري ٿو، هڪ شيءَ تي ڪيترن ئي مرحلن ۾ عمل ٿي سگهي ٿو، هر مرحلي ۾ ان تي پورهيو ڪيو وڃي ٿو، تنهنڪري اها شيءَ انساني پورهئي جو موضوع (Object) هجي ٿي. فطرت انساني پورهئي جي لاءِ اڻکٽ وسيلا مهيا ڪري ٿي. فطرت ۾ وڏ کان وڏ ملندڙ شيءَ زمين (Land) آهي، معاشيات ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاح

زمين هڪ همه گير اصطلاح آهي، جنهن ۾ زمين جي مٿاڇري تي ۽ زير زمين ملندڙ پاڻي، معدنيات ۽ جاندار ۽ بيجان شيون شامل آهن.

(ت) پورهئي جا اوزار (Means of Production):

هي اهي شيون آهن جنهن جي مدد سان انسان فطري شين تي عمل ڪري ٿو ۽ انهن کي پنهنجي استعمال لائق بڻائي ٿو، انهن پورهئي جي اوزارن جي ترقي انسان جي فطري عضون هٿ، پانهون، ذهن جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ اضافو ڪري ٿي، ائين ڪٿي سمجهجي ته پورهئي جا اوزار اسان جي فطري عضون جي توصيح آهن تاريخ جي وهڪ جي دوران انهن پورهئي جي اوزارن اوائلي پٿر ۽ ڪاٺ جي اوزارن کان اڄوڪي جديد دور جي مشينن ۽ برقي ڳڻپيوڪر (Electrical Computer) وغيره تائين ترقي ڪئي آهي.

(ث) پيداوري ذريعا (Means of Production):

فطري شيون (Objects of Labour) ۽ پورهئي جي اوزارن (Means of Production) کي مجموعي طور پيداوري ذريعا چئبو آهي. پيداوري ذريعا بي جان شين جو ڍير آهن، انهن کي انساني پورهئي جي ذريعي عمل ۾ آندو وڃي ٿو، پيداواري ذريعن کي منجمد، پورهيو پڻ چيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي پڻ پورهئي جو نتيجو هجن ٿا، ڪنهن به پيداواري عمل لاءِ منجمد پورهئي ۽ زندهه پورهئي جو ڳانڍاپو لازمي آهي.

(ج) پيداواري سگهون (Productive Force):

پيداواري ذريعن ۽ پورهئي جي قوت کي گڏيل طور تي پيداواري سگهون چئبو آهي، سماج ۾ سڀ کان وڏي پيداواري قوت انسان آهي، ان جي زندهه پورهئي جي قوت آهي، پيداواري سگهون هميشه ترقي ڪنديون رهن ٿيون، پورهئي جا اوزار بهتر ٿيندا رهن ٿا ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ترقي ڪندي رهي ٿي پيداواري سگهن جي ترقي انسان جي فطرت تي فتح کي ظاهر ڪري ٿي قديم دور ۾ باهه جي ايجاد انسان لاءِ هڪ وڏي حاصلات هئي پر اسان جي دور ۾ انسان مادي جي باريڪ ذرڙي ائٽم، جا به راز ڳولي لڌا آهن ۽ خلا کي فتح ڪرڻ لاءِ برجستيون وکون کڻي رهيو آهي.

(ح) پيداواري لاڳاپا يا رشتا (Productive Relation):

جيئن ٻولي انسان جي گڏجي رهڻ جو نتيجو آهي اهڙي طرح تاريخ جي هر دور ۾ پيداواري عمل پڻ سماجي عمل رهيو آهي، پيداواري عمل دوران ماڻهن جا هڪ ٻئي سان جيڪي لاڳاپا جڙن ٿا انهن کي پيداواري لاڳاپا چئجي ٿو. سماج اندر پيداواري لاڳاپا هڪ ٻئي کان ڌار نه ٿا هجن اهي هڪ مخصوص معاشي سرشتو جوڙين ٿا، ڪنهن به معاشي نظام اندر نمايان طبقن جي وچ ۾ لاڳاپا فيصلاڪن ڪردار ادا ڪن ٿا، مثال طور سرمائيداري نظام ۾ اهي رشتا سرمائيدار ۽ پورهيت طبقي جي وچ ۾ هجن ٿا، سڀئي پيداواري لاڳاپا گڏجي سماج جو معاشي ڍانچو ٺاهين ٿا. اهوئي معاشي ڍانچو (Economic Structure) هجي ٿو، جنهن سان سماجي شعور جون مخصوص شڪليون ظاهر ٿين ٿيون.

(خ) پيداواري طريقو (Mode of Production):

پيداواري عمل ۾ شامل پيداواري قوتن ۽ ان عمل دوران ماڻهن جي وچ ۾ جڙندڙ لاڳاپن کي پيداواري طريقو چئبو آهي، سماجي ترقي جي مخصوص دور جون پيداواري قوتون ۽ پيداواري لاڳاپا ان دور جي پيداواري نظام کي ظاهر ڪن ٿا. تاريخ هن وقت تائين پنج پيداواري نظام ڏٺا آهن، اوائلي اشتراڪي نظام، غلامداري نظام، جاگيردار نظام، سرمائيداري نظام ۽ اشتراڪي نظام، اوائلي اشتراڪي دور انساني سماج جو پهريون ۽ غير طبقاتي سماج هو، غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري هڪ انسان جي ٻئي انسان پاران استحصال جا نظام آهن، اشتراڪيت اهڙو نظام آهي جنهن ۾ هڪ انسان تي ٻئي انسان جي جبر ۽ استحصال جي خاتمي جي شروعات ٿئي ٿي. انسان پاران انسان جو استحصال هن اصطلاح جو مطلب آهي ته ڪجهه ماڻهن جي پورهئي تي ٻيا ماڻهو زندگي گذارين ٿا. غلامداري، جاگيرداري ۽ سرمائيداري پورهئي جي غلامي جا ٽي نظام آهن هنن ٽنهي نظامن ۾ مادي پيداواري ۽ زندگي جي حالتن تي، مختلف صورتن ۾ حڪمران طبقي جي مالڪي هجي ٿي. جيڪي پورهيتن تي جبر ڪندا آهن، ته اهي سندن مفاد لاءِ واڌو پورهيو ڪن يا واڌو قدر پيدا ڪن، اوائلي اشتراڪي نظام ۾ انسان صدين تائين هڪ ٻئي جو استحصال ڪرڻ کان بغير زندگي گذاريندا رهيا اهي گڏجي پيداوار جي ورهاست ڪندا رهيا ۽ پورهئي جو ڦل گڏجي تصرف ۾ آندائون، استحصال تاحيات نه آهي، اوائلي اشتراڪي نظام جي ختم ٿيڻ کانپوءِ پهريون

استحصالي نظام ان وقت وجود ۾ آيو جڏهن پورهيو پورهيت جي ضرورتن کان وڌيڪ پيداوار ڏيڻ لڳو. سموري تاريخي ترقي جا اصول ثابت ڪن ٿا ته سرمائيداري استحصال جي بنياد تي بيٺل آخري نظام آهي. سرمائيداري پنهنجي جوهر ۾ نه حل ٿيندڙ تضادن جو اظهار آهي، جيڪي سرمائيداري جي اوسر سان ويتر شديد ٿيندا ويندا آهن، اهي تضاد خاص الخاص سرمائي ۽ پورهئي جي تضاد جي مختلف شڪلين منجهه اظهارجن ٿا. سرمائيداري جي تباهي سماجي ترقي جو قانون آهي، جيڪا اٽل طور تي اشتراڪي انقلاب جي ذريعي برپا ٿيندي پورهيت طبقو سرمائيداري جو گورڪن آهي. مارڪس چيو هو ته سرمائيداري پنهنجي ڪُک مان اهڙو طبقو پيدا ڪيو آهي جيڪو ان جو خاتمو آڻيندو ۽ اُهو اُن نئين اشتراڪي نظام جو خالق آهي، جنهن ۾ هميشه جي لاءِ استحصال جو خاتمو آڻجي ٿو..

معاشي قانون (Economic Law):

فطري قانونن جي ڄاڻ انسان کي فطرت جي اڻ ڏرين طاقتن کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ جو سگهارو هٿيار مهيا ڪري ٿي، جڏهن ته سماجي زندگي جي قانونن جي ڄاڻ انسان کي سماجي بهتري جي عملي ڪم جو بنياد فراهم ڪري ٿي. سياسي معاشيات سماجي ترقي جي مختلف ڏاڪن تي پيداوار ۽ ان جي تقسيم جي قانون ذريعي تاريخ جي ترقي جي پيچيده عمل جي ڄاڻ ڏئي ٿي. سياسي معاشيات سمجهائي ٿي ته پيداواري لاڳاپا جيڪي سماجي ترقي جي مخصوص ڏاڪي تي جڙن ٿا اهي پيداواري قوتن ۾ مخصوص وقت لاءِ اضافو ڪن ٿا، ۽ پوءِ اهي رشتا پيداواري قوتن جي ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي پون ٿا. پوءِ تاريخ اها ضرورت پيدا ڪري ٿي ته پراڻن پيداواري لاڳاپن کي ٽوڙي نوان پيداواري لاڳاپا جوڙيا وڃن، هڪ طبقاتي نظام اندر انهن پيداواري لاڳاپن جي ٽٽڻ جو عمل هڪ انقلاب جي صورت ۾ پيش اچي ٿو، حڪمران طبقو جيڪو پنهنجي طاقت دولت ۽ مراعتن کي برقرار رکڻ چاهيندو آهي اهو مظلوم طبقن پاران ايندڙ انقلاب خلاف ننهن چوٽي جو زور لڳائيندو آهي هو تاريخ جي چرخي کي روڪي رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر مظلوم طبقا ڪامياب ٿيندا آهن، انقلاب سماجي زندگي جي پراڻين صورتن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پيداواري قوتن جي وڌيڪ ترقي لاءِ رستا صاف ڪندو آهي. انساني تاريخ ۾ ڪافي انقلاب آيا آهن پر ماضي جي سڀني انقلابن

استحصال جي هڪ صورت جي جاءِ تي ٻي صورت لاڳو ڪئي آهي، فقط اشتراڪي انقلاب ئي استحصال جي سڀني صورتن جي پاڙ پٽيندو آهي، اشتراڪي پيداواري لاڳاپا پيداواري قوتن جي بيمثالي ترقي جون راهون کولي ڇڏيندا آهن، جيئن جيئن پيداواري قوتون ترقي ڪنديون آهن تيئن اشتراڪي پيداواري لاڳاپا بهتر ٿيندا آهن ۽ نيث ترقي ڪري اشتمالي (Communist) پيداواري لاڳاپن جي صورت وٺندا آهن.


سياسي معاشيات (Political Economy) هڪ طبقاتي سائنس:

سياسي، معاشيات طبقاتي جدوجهد جي ٻرندڙ مسئلن سان واسطو رکي ٿي، سياسي معاشيات سماج جي وجود سان واسطو رکي ٿي، تنهنڪري طبقاتي جدوجهد ۾ اڻ ڌرائتي نه ٿي ٿي سگهي. پورهيت طبقن جي سائنس ئي حقيقي سائنس سياسي معاشيات سڏجي ٿو. جنهن ۾ عظيم استاد ڪارل مارڪس، اينگلس ۽ لينن انقلابي تبديليون آنديون، جنهن ڪي پوري دنيا جون مارڪسٽ لیننسٽ مزدور طبقي جون انقلابي پارٽيون ترقي وٺرائي رهيون آهن، مارڪسي، لينني سياسي معاشيات پورهيت طبقي ۽ سڀني ترقي پسند قوتن ڪي املهه سائنسي دوانديشي سان نوازيو آهي، جيڪا ڪامياب عملي جدوجهد لاءِ بي انتها ضروري آهي.

توڙي حُبَّ نه هوءِ

(سوشلسٽ رياستن جي زوال بابت ڊاڪٽر سڪندر مغل جي مظمون جو جواب)

بخشل ٿلهو



هوئين ته سوشلسٽ رياستن جي زوال بابت بورجوا پروپيگنڊا جو هڪ درياهه وهي رهيو آهي، جنهن منجهه بورجوا ادارا ۽ انهن جا پگهاردار دانشور روزانو جي بنياد تي تمام گهٽو زهر ۽ نوان نوان فڪر ۽ نظريا (تهذيبن جي ٽڪراءُ کان وٺي تاريخ جي خاتمي تائين) داخل ڪري رهيا آهن ۽ جنهن منجهان نه صرف اڄ اڪرين جي اڪثريت انهيءَ زهر منجهان پنهنجي اڄ لاهي رهي آهي پر ڪوڙ سارا ماضي جا مارڪسسٽ به انهيءَ وهندڙ درياهه منجهان پنهنجا هٿ ڌوئي رهيا آهن. اڄ اڪرين ڪي ته درگذر ڪجي به پر ماضي جي مارڪسسٽن ڪي درگذر ڪرڻ ڏکيو آهي. جيڪي اشتراڪي رياستن جي زوال جي تجربي کي اڳيان ڪري، لبرلزم سان سڌي اٽسڌي طرح گڏ بيهي، مارڪسي فڪر جي بنيادن ۽ پورهيت تحريڪ جي روايتي موقف تي حملي آور ٿيل آهن. اهڙن بنيادن ۾ پورهيتن جي نمائينده تنظيم، پرولتاريه آمريت، پورهيتن جو انقلابي عمل ۾ هراول دستي وارو ڪردار، منصوبابند معيشيت وغيره اهم آهن. 18 جولاءِ جي عوامي آواز ۾ ڊاڪٽر سڪندر مغل جي مضمون "سوشلسٽ رياستن جو زوال" جي پهرين قسط پڙهي ۽ 22 جولاءِ تي بقايا حصو به نظر منجهان ڪڍيم. ڊاڪٽر صاحب اسان جو محترم استاد ان معني ۾ رهيو آهي ته سندس ڪتاب پڙهي اسان علم ۽ سائنس جي آڱر پڪڙڻ سکي پر سندس تازو لکيو مظمون پڙهي ۽ سندس تازي اها ذهني غربت ڏسي افسوس به ٿيو ته تڪليف به ٿي. ارسطو چيو هو ته " مونکي افلاطون پيارو آهي پر سچ انهيءَ کان به وڌيڪ پيارو آهي" سو

اسانکي به ڊاڪٽر سڪندر پيارو آهي پر سچ انهيءَ کان به وڌيڪ پيارو آهي ۽ سچ سان محبت جي تقاضا اِها آهي ته ڊاڪٽر صاحب کي ضرور جواب ڏجي. پر جيئن ته ڊاڪٽر صاحب تمام گهڻا اختلافي نقطا اٿاريا آهن. تنهن ڪري اسان به سوشلسٽ رياستن جي زوال جي ڪارڻن تي پنهنجي راءِ رکڻ بجاءِ انهن اختلافي نقطن کي نبيرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اميد ته ڊاڪٽر صاحب جا انهن سوالن تي ايندڙ مظمون پهرين کان وڌيڪ موضوع تي هوندا. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مظمون جي شروعات ۾ مارڪسزم جا ڪجهه اصول سادي انداز ۾ ٻڌائي پوءِ سڌوپنهنجي مقصد ڏانهن آيو آهي ۽ سوشلسٽ رياستن جي زوال جي سببن جو جائزو ورتو اٿس. اسان کي انهيءَ ۾ به حيرت ڪانه ٿئي ٿي ته ڊاڪٽر صاحب نه ته دور جو جائزو ورتو ۽ نه ڪو سامراج ۽ ٻين مهاپاري جنگ جي اثرن جو ذڪر ڪيو ۽ اشتراڪي رياستن جي زوال جا سمورا ڪارڻ اشتراڪي پاليسين، فردن، فيصلن منجهه ڳولهيا. سندس جائزي جو متن جيڪڏهن هيئين ريت ڏجي ته شايد غلط ڪونه ٿيندو.

(1) مزدورن بجاءِ هڪ سياسي پارٽي جي حاڪميت، طاقتور ڪاموراشاهي

(2) ادارن جو قوميائجڻ ۽ واڌوقدر جو پورهيتن بجاءِ رياست ڏانهن وڃڻ

(3) چاڙ، فني ۽ ثقافتي دائرن تي رياستي هڪ هٽي، سوچن مٿان ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪامي

(4) هڪ سياسي پارٽيءَ جي حڪمراني

(5) مرڪزي رٿابندي جي ناڪامي

(6) هارڊ ويئر تي زور

انهيءَ کان پهرين جو ڊاڪٽر صاحب جي سببن تي پنهنجي راءِ رکجي، اِهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته اشتراڪي رياستن خاص طور روس ۽ چين جي سرمائيداري ڏانهن واپسي کي سمجهڻ ۽ انهن وڏن واقعن جي سببن تي غور ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ويهين صدي جي انهن اهم انقلابن جو ردِانقلابن ۾ تبديل ٿيڻ جي اصل ڪارڻن کي سمجهڻ بغير ايڪهين صدي ۾ انقلابي اوسر جا حقيقي بنياد پيدا ڪرڻ ممڪن ڪونهي. پر سوال آهي ته اُهي ڪهڙا بنياد آهن ۽ اُهو ڪهڙو نظريو آهي جنهن سان انهن سوالن

جي جوابن کي صحيح طور لهڻ ممڪن آهي. ڇا اشتراڪي رياستن جي زوال کي انهن نظرين جي مدد سان سمجهي سگهجي ٿو جنهن جي رد ۾ اشتراڪي فڪر پيدا ٿيو؟ ڇا يورپ جي روشن خيالي تحريڪ کي ان دور ۾ يا ان کانپوءِ جاگيرداري يا چرچ جي سمجهاڻين منجهان سمجهي سگهجي ٿو؟ ڇا ڊاڪٽر صاحب ڪنهن هڪ ٻن مريضن کي ٺيڪ نه ڪري سگهڻ کانپوءِ ميڊيسن جي پوري علم يا انهن بنيادن کي رد ڪري ڇڏيندو؟ جهڙي ريت سائنس جي علم جي کوٽن کي ماضي جي ڏند ڪٿائن ۽ عام رواجي سمجهه سان پورو نه ٿو ڪري سگهجي تهڙي ريت مارڪسزم جي فڪر ۽ عمل کي نيو لبرل ۽ مابعدالجديديت (Post-modernism) جي علم سان سمجهڻ ۽ پورو ڪرڻ ممڪن ڪونهي. ڇاڪاڻ ته مارڪسزم انهن رجحانن جي بنيادن کي پهرين ئي وائڪو ڪري چڪو آهي، جن کي وري اُپار عارضي طور تي سوشلسٽ رياستن جي زوال ڏنو آهي. تنهنڪري ته آئنسٽائن کي چوڻو پئجي ويو هو ته ”اسان پنهنجي مسئلن کي انهيءَ سمجهه سان حل ڪري ئي نه ٿا سگهون، جنهن سمجهه سان اسان انهن کي پيدا ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مظمون ۾ هڪ جاپاني ليکڪ سان گڏ فوڪوياما جي ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن. فوڪوياما جو تعارف ته ڪوڙ سارن ماڻهن وٽ آهي ۽ اهو ڏٺي هوئين هاڻي عالمي طور تي سنجيده اڪيڊمڪ حلقن اندر گهٽن ئي معنائن ۾ غلط ثابت ٿي چڪو آهي پر ڊاڪٽر سڪندر پنهنجي مظمون ۾ پنج يا ڇهه دفعا جنهن ڪتاب جو حوالو ڏنو آهي اُهو آهي ايلون ٽوفلر جو ٿرڊ ويو، هي موصوف سابقه آمريڪي مارڪسسٽ آهي ۽ هاڻي هڪ مابعدالجديديت جو نظرئي دان سمجهيو ويندو آهي. ڏٺيءَ مطابق انفرميشن معيشيت پراڻي صنعتي مزدور جو خاتمو آڻي ڇڏيو آهي هاڻي مزدور هڪ اهڙي پرت ۾ بدلجي ويا آهن، جن وٽ هڪ حد تائين پيداواري ذريعن جي مالڪيءَ منجهان حصو آهي ۽ انهيءَ حصي جو نالو آهي ”ڄاڻ“. اهڙي ريت مارڪس جي طبقاتي جدوجهد واري ٿيوري ۽ ان طبقي جو خاتمو ٿي ويو آهي جيڪو متضاد پيدواري لاڳاپن جي بنياد تي جڙندو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي مظمون جو پويون اڌ انهي ڄاڻ جي ڄاڻ ڏيڻ تي آهي. جيسيتائين انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽر دور

جي پيداواري عمل تي اثرن جي ڳالهه آهي ته انهن کي ضرور طئي ڪرڻ گهرجي پر پهرين ڏينهن کان چاڻ کي اوليتن ڏيڻ وارو مامرو آهي ته اهڙين نظرين بابت حال جي مارڪسسٽن جا جواب ته پري جي ڳالهه پر جنهن فني پورهيي جي ڪردار کي موصوف اڄ عمومي (Generalised) طور پيش ڪري ٿو اُن فني پورهيي (Skilled labor) ۽ غير فني پورهيي جي ڪردار بابت داس ڪيپيٽال ۾ مارڪس جا باب پريل آهن. پر اڄ اسان جو موضوع ٽوفلر جي سوچ نه پر ڊاڪٽر سڪندر جي سمجهه آهي. سو هتي ٽوفلر جي فلسفي ۽ فڪر جي ڊيگهه ويڪر ۾ وڃڻ اضافي ٿيندو، تنهن ڪري پاڻ ڊاڪٽر صاحب جي زوال بابت چاٽايل سببن ڏانهن موٽون ٿا.

مزدورن بجاءِ هڪ سياسي پارٽي جي حاڪميت، طاقتور ڪاموراشاهي:

لیننزم، مارڪسزم جي اوسر جي حيثيت ۾ جيڪي منجهس اضافا ڪيا، انهن ۾ پارٽي جو تصور اهم آهي. لينن جو خيال هو ته معاشي استحصال پورهيتن کي پاڻ هرتي طريقي سان صرف معاشي جدوجهد تائين مجبور ٿو ڪري پر انهيءَ جدوجهد کي سياسي بڻائڻ لاءِ پورهيتن جي نمائينده هڪ منظم قوت جي ضرورت آهي ۽ اُها آهي پارٽي. چاڪاڻ ته پورهيتن جي ڌار ڌار ۽ ڇڙوڇڙ مزاحمتون صرف هڪ نظريي منجهه هيڪڙائي کي اظهارينديون ۽ انهيءَ نظريي جي ڳر ڇوڏاري هڪ پارٽيءَ جي جوڙجڪ، حقيقي معنيٰ ۾ پورهيت نمائندگيءَ جو فرض پورو ڪري سگهي ٿي. بغير پارٽيءَ جي انقلابي عمل کي توڙ تائين ڪٽي وڃڻ ۽ رياست تي قابض ٿي انهيءَ کي اقليت جي خلاف ۽ اڪثريت جي حق ۾ بيهارڻ ممڪن ڪونهي . اهڙي ريت مارڪس جيڪا ذميواري پورهيت طبقي کي ڏني هئي، لينن تنهن ذميواري کي پورهيتن جي نمائينده پارٽي حوالي ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ اسان ڏٺو ته ڪيئن ٿين انٽرنيشنل پوري دنيا اندر قومي طبقاتي آزاديءَ لاءِ گهربل پارٽين جي جوڙجڪ ۾ مدد ڪئي. سائين سڪندر صاحب ويهين ۽ ايتري قدر جو ايڪهين صدي ۾ ڪنهن انقلاب جو حوالو ڏئي وڃي جيڪو پارٽيءَ يا نظم و ضبط جي ڪنهن اهڙي صورت

جي بغير وجود ۾ آيو ته سندس مهرباني ٿيندي. جيسيتائين سوال آهي ڪاموراشاهي جو ته اشتراڪي روس جي زوال جي ڪارڻ طور ڪاموراشاهي جو دليل عام طور تي ڏنو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ به ساڳي ڪتاب ۾ ليکڪ جي حوالي سان گڏ ڊاڪٽر سڪندر ٽراٽسڪي جي تنقيد ڪي به اڳيان ڪٽي آيو آهي. پر نه ته ايلون ٽوفلر، نه ٽراٽسڪي ۽ نه وري ڊاڪٽر سڪندر انهيءَ ڪاموراشاهي جي وجود جي حقيقي بيهڪ سمجهائڻ جو ڪشٽ ڪيو آهي. روس اندر ڪاموراشاهي بلڪل موجود هئي پر ڇا سندن طبقاتي بيهڪ بورجوا سماجن جهڙي هئي؟ ڇا روسي انقلاب جي پوري دور ۾ ڪاموراشاهي جو ڪردار ساڳيو هيو؟ ۽ آخري سوال ته ڇا ڪاموراشاهي پارٽي قيادت جي موقعي پرستيءَ جو نتيجو هئي يا عملدارشاهي جو ڪردار تيستائين رهڻو آهي جيستائين رياست وجود ۾ آهي؟ ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر سڪندر اهو مڃي ٿو ته سرمائيداري کان ڪميونزم جي وچ واري عبوري دور ۾ رياست لازمي طور رهندي ته پوءِ ڇا بغير عملدارن جي تاريخ ۾ ڪڏهن ڪا رياست وجود ۾ رهي آهي يا رهي سگهي ٿي؟ تاريخ تي نظر وجهبي ته خبر پوندي ته رياست جي اوسر سان عملدارشاهي جي اداري جي به اوسر ٿي آهي ۽ رياست جي خاتمي سان ئي انهي اداري جو خاتمو ٿيڻو آهي. (تنهن ڪري سوال جيڪڏهن هيئن رکجي ها ته اجا بهتر ٿئي ها ته روس جي رياست درجي به درجي خاتمي ڏانهن وڃڻ بجاءِ مضبوط ڇو ٿي؟ پر اهو اڃ اجا پنهنجو موضوع ڪونهي). درحقيقت ويهين صدي جي سمورن انقلابن جو دور مختلف آهي پر گهڻا تڻا اهم انقلاب (روس ۽ چين) سرمائيداري جي صنعتي دور ۾ آيا. هڪ اهڙي دور ۾ جنهن ۾ ذهني ۽ جسماني پورهيي جو فرق حاوي صورت ۾ موجود هوندو آهي. ۽ اهو فرق اشتراڪي ملڪن اندر به موجود رهيو پر شروعاتي دور ۾ بدليل ڪردار سان. بدليل ڪردار منجهان اسانجي مراد اها آهي ته بورجوا سماجن جيان، اشتراڪي ملڪن اندر ڪاموراشاهي يا عملدار شاهي ڪواستحصالي، حڪمران پرت يا طبقي جي صورت ۾ نه پر رهنما ذهني پورهيي جي صورت ۾ موجود هئي. (انهيءَ ڏس ۾ پيرڪليس پاويلڊس جو مضمون ”عملداريت ۽ ويهين صدي جا

سوشلسٽ انقلاب ضرور پڙهڻ گهرجي”.) عملدار شاهي جي اهڙي غير طبقاتي ڪردار ڏانهن ٽراٽسڪي به واضع هو. ليون ٽراٽسڪي پنهنجي ڪتاب ”انقلاب سان غداري“ ۾ لکي ٿو ته ”سوويت عملدارشاهيءَ کي رياستي سرمائيدارن جي هڪ طبقي جي حيثيت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪنهن به طرح تنقيد آڏو بيهي نه سگهندي. عملدارشاهي وٽ نه ئي اسٽاڪ آهن ۽ نه ئي بانڊ. عملدارشاهي جي ڀرتي ۽ عملدارشاهي جو واڌارو ڪن به خاص ملڪيتي لاڳاپن کان آزاد انداز ۾ طئي ٿئي ٿو. هڪ عملدار پنهنجي رياستي حيثيت کي پنهنجي پونئيرن ڏانهن منتقل نه ٿو ڪري سگهي.“ (حوالو ڪتاب آزادي جو فڪر. ص. ن 176). پر اهو به سچ آهي ته روس اندر عملدارشاهي جو ڪردار ٻئي دور ۾ خاص طور تي ڪامريڊ اسٽالن کانپوءِ تبديل ٿيڻ شروع ٿئي ٿو يا ائين چوڻ بهتر ٿيندو ته انهيءَ جي ڪردار کي تبديل ڪرڻ جي مٿان کان ڪيل ڪوششن جي شروعات ٿئي ٿي. جنهن جي تفصيل ۾ پاڻ هن مضمون اندر نه ٿا وڃي سگهون.

ادارن جو قوميائجڻ ۽ واڌوقدر جو پورهيتن بجاءِ رياست ڏانهن وڃڻ:

90 جي ڏهاڪي کانپوءِ بورجوا فڪر عام ماڻهن کي ته پري جي ڳالهه پر ڪجهه مارڪسسٽن کي به ڪجهه اهڙي ريت متاثر ڪيو آهي جو اهي به نجڪاري جا حامي ۽ ادارن جي قوميائجڻ جي خلاف ٿي پيا آهن. ڊاڪٽر سڪندر صاحب پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو ته ” انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ناهي ته نجي ملڪيت، طبقاتي متڀيد ۽ استحصال جو بنيادي ڪارڻ آهي.“ پر اڳيان هلي پنهنجي نفي پاڻ ڪندي نجڪاري ۽ نجي ملڪيت جو حامي ٿي ظاهر ٿئي ٿو ۽ لکي ٿو ته ”.(روس اندر).......هر شيءِ رياستي ڪنٽرول هيٺ هئي. اهڙي ريت سوشلسٽ انقلاب منجهان وڏ ۾ وڏ فائدو ماڻيندڙ رياست يا حڪومت هئي. نه ڪي مزدور! روايتي سوشلسٽ اجا تائين پيداواري وسيلن جي رياستي مالڪيءَ کي ترقي پسند قرار ڏين ٿا، توڙي جو تاريخي ثبوت ان جي بلڪل ابتڙ آهي.............پاڪستان ۾ ئي ڏسي سگهجي ٿو ته اسانجي معاشري ۾ رياستي ڪنٽرول هيٺ هلندڙ ادارن جي ڪارڪردگي ۽

نجي ڪنٽرول هيٺ هلندڙ ادارن جي ڪارڪردگي هر ماٿهو آڏو آهي. رياستي ڪنٽرول هيٺ هلندڙ ادارن جو حال، بدعنوانين ڪري مايوس ڪندڙ آهي. جڏهن ته نجي ادارن جي ڪارڪردگي داد جوڳي آهي.” پهرين ڳالهه ته سندس جو نجي ملڪيت جي خلاف هجڻ ۽ نجڪاري جي حامي هجڻ واري متضاد ڳالهه ڪي سلجهائڻ پنهنجو ڪم ڪونهي.صرف گذارش اها ڪبي ته نجي ملڪيت بابت پراڻي تربيت جي باقيات ۽ روايتي سوشلسٽن واري پوزيشن ڇڏي ڏين ۽ هڪ پاسي ٿي بيهن. ٻي ڳالهه ته سندس تجربيت پسند موقف، رياستي سرمائيداري (جنهن ۾ نجي ملڪيت جي حڪمراني هوندي آهي) ۽ هڪ اشتراڪي رياست پاران ادارن ڪي قوميائڻ واري پاليسي (جنهن ۾ نجي ملڪيت جي حڪمراني نه ٿي هجي) ۾ ڪو فرق نه ٿو ڪري. سائين جن پاڪستان اندر قوميائيل ادارن اندر موجود ڪرپشن ڪي اڳيان رکي، روس بابت لبرل پروپيگنڊا ڪي پنهنجو ڪري ٿو. مثال طور هو ان بابت به ايلون ٽوفلر جو حوالو ڏئي ٿو. هِن صاحب جي وڏيڪ حقيقت اها آهي ته آمريڪا جي هڪ اهم مينيجمينٽ ڪنسلٽنگ ڪمپنيءَ (Accenture) ته ڪامياب ڌنڌي جي گُرن جي ڄاڻ جي حوالي سان موصوف ايلون ٽوفلر ڪي بِل گيٽس ۽ پيٽر ڊرڪر ڪانپوءِ ٽين نمبر تي رکيو آهي. ٽوفلر پاڻ به هڪ امير ترين ڪنسلٽنگ ڪمپنيءَ جو مالڪ آهي ۽ آمريڪا، ڏکڻ ڪوريا، برازيل ۽ آسٽريليا جي حڪومتن ڪي مختلف ڌنڌا به صلاحيندو رهيو آهي. هڪ اهڙي ماڻهو جو به ادارن جي قوميائجڻ جي خلاف ۽ نجڪاري جي حق ۾ هجڻ نه هوندو ته ٻيو ڪنهن جو هوندو؟ سنڌ ڪي ڊاڪٽر صاحب جي ئي ڏنل ڪتابن منجهه تضادن بابت جيڪي سبق آهن انهن سبقن جي روشنيءَ ۾ سندس خدمت ۾ به سوال رکجن ٿا. ته سرمائيداريءَ جو بنيادي تضاد ڇا پورهيي ۽ سرمايي جو تضاد يا پورهيي جي سماجي پيداوار تي نجي حاڪميت ڪونهي؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ نوان تضاد سمجهايا وڃن ۽ جيڪڏهن ها ته پوءِ سوشلسٽ انقلاب جي عبوري دور ۾ پيداواري وسيلن ڪي قوميائڻ ڪانسواءِ ڪهڙي ريت انهيءَ بنيادي تضادن جي خاتمي ڏانهن پيش رفت ٿي سگهي ٿي؟ ڊاڪٽر صاحب پيداوري وسيلن تي رياستي مالڪي جي حق ۾ ٿي بيهندڙن ڪي روايتي سوشلسٽ

سڏيو آهي. (اهي ساڳيا لفظ ڪجهه وقت اڳ نجڪاري جي حمايت ۾ به مضمون لکندڙ اسانجي دوست ظفر امام به استعمال ڪيا هئا پر هن مضمون ۾ سندس دليلن جو جائزو وٺڻ اضافي ٿيندو) انهيءَ لقب کي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهندي، اچو ته ٿورو نجڪاري ۽ نيشنلائيزيشن جو تقابلي جائزو (مردود ۽ خوار) سوشلسٽ رياستن کي ڇڏي ڪري اولهه جي سرمائيدار رياستن منجهه وٺون ٿا پوءِ پاڻ پاڪستان ڏانهن به موٽي ايندا سين. شايد انهي طريقي سان ڊاڪٽر صاحب کي ڳالهه پلئه پوي! اسان ڏنوسين ته ڪيئن 1930 جي عالمي معاشي بحران، معاشي نقطه نگاهه کان برطانوي ماهرِ معاشيات John Maynard Keynes جي نظرين کي هٿي ڏني ۽ سندس آزاد واپار جي ابتڙ ۽ معاشي ڪاروهنوار ۾ رياست جي وڏيڪ ڪردار جي خيالن ۽ ڪجهه ٻين سببن جي ڪري ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ سرمائيداريءَ اندر ترقي ڏسڻ ۾ آئي ۽ 1940 کان 1970 تائين دنيا جي معيشيت 4 سيڪڙو جي شرح سان ترقي به ڪئي. پر 70 جي ڏهاڪي جي معاشي بحران کانپوءِ آسٽريا جي معاشي ماهرن جي نظرين جي روشني ۾ ڊي ريگيوليشن، آزاد واپار ۽ نجڪاري تي زور وڌايو ويو. جنهن کي نيو لبرل معيشيت چيو ويو پر انهن جا تباه ڪن اثر 1998 جي ايشيائي بحران، بعد ۾ لاطيني ملڪن جي ويهجي وڃڻ،۽ آخر ۾ 2001 ۽ 2007 جي آمريڪي بحران منجهه ظاهر ٿيا ۽ نيولبرل معيشيت جي تشهير ڪندڙ سامراجي ملڪن انهيءَ نظامِ معيشيت جي بنياد کي پاڻ ئي ٿوڙيندي رياستي مداخلت (ڪٿي جزوي، ڪٿي عارضي ته ڪٿي وڏي پيماني تي) کي لازمي سمجهندي، معاشي نظام کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ياد رهي ته سرمائيداريءَ جي انهيءَ تازي بحران جا انهن ملڪن تي ڪنهن قدر گهٽ اثر پيا جتي اهم ادارا نجڪاري جي لعنت کان بچيل هئا. پر جيئن اولهه جا فيشن اسان تائين پهچندي پهچندي، اصل جڳهه (اولهه) تي بدلجي ويندا آهن بلڪل ساڳي ريت اسان جا ڪجهه دانشور نجڪاري جي تڏهن حمايت ۾ لڪڻ لڳا آهن جڏهن اولهه جا بورجوا معاشي ماهر انهي کي رد ڪرڻ ۾ ڪٿي نوان خيال ڏئي رهيا آهن ته ڪٿي وري ڪيئنز کي جيئرو ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن. (پڙهي ڏسو 2008 ۾ نوبل انعام حاصل ڪندڙ معاشيات جي ماهر

پاڪ ڪرگمين جي مضمونن ڪي). جيڪڏهن مجموعي معشيت کي ڇڏي ڪري اولهه جي ملڪن ۾ ڪجهه ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي ئي ڏسجي ۽ خاص طور تي صحت جي شعبي کي ڇو ته سڪندر مغل صاحب پاڻ به ڊاڪٽر آهي ته ڪيس ان حوالي سان عرض آهي ته آمريڪا (جتي اهو شعبو نجي دائري ۾ اچي ٿو) ۽ فرانس، جرمني سميت يورپ جي انهن ملڪن جو تقابلي جائزو پاڻ وٺي جتي اهو شعبو نيشنلائيزڊ آهي. انهيءَ حوالي سان مائيڪل مور جي ڊاڪيومينٽري (SICKO) به گهٽي مددي ٿي سگهي ٿي. ٽين دنيا جي ملڪن منجهان جيڪڏهن ڪو هڪڙو مثال پاڻ ڪڍون ته تيل جي وسيلن ۾ امير ٻن ملڪن (وينزويلا ۽ نائيجيريا) کي ئي ڏسي سگهجي ٿو جنهن ۾ پهريون نيشنلائيزيشن جي راهه تي ٻيو عالمي مالياتي ادارن (ورلڊ بينڪ ۽ آءِ ايم ايف) جي شرطن تي هلندي نجڪاري جي ڏگ تي آهي. انهن ٻن ملڪن منجهان ڪهڙي ملڪ ۾ غربت گهٽ ٿي آهي ۽ معيشيت اوسر ڪئي آهي جا جواب سامهون اچي ويندا. جيستائين پاڪستان ۾ نجي ادارن جي بهتر ڪارڪردگيءَ ۽ رياستي ادارن جي پستيءَ جو سوال آهي ته انهيءَ لاءِ اهو عرض رکي سگهجي ٿو ته جهڙي ريت روس ۾ اسٽالن ڪانپوءِ ترميم پسندن جي ڪاميابيءَ ۽ گوربا چوف تائين ايندي ايندي، اُسري آيل روسي بورجوازي لاءِ ممڪن ڪونه هو ته سوشلسٽ آئين (جيڪو به درجي به درجي تبديل ڪيو ويو هو پر پوءِ به موجود هو) جي هوندي ٻين قومن جو استحصال ڪري سگهن تنهن ڪري يلسن جي صورت ۾ ڪين مٿان ڪان سرمائيداري لاڳو ڪرڻي پئجي وئي، ساڳي ريت پاڪستان جي ڪمپراڊور بورجوازي (ٻچ لٽڪائو سرمائيدار) کي پنهنجي طبقاتي مفادن ۽ عالمي گهڻ قومي ڪمپنين جي اوليتن سبب ، قوميائيل ادارن اندر هٿ وٺي بدانتظامي ۽ ڪرپشن کي هوا ڏئي نجڪاري لاءِ ماحول پيدا ڪرڻو پئجي ويو آهي. حالت اها آهي ته ماضي ۾ سرپلس (بچت) هوندي به اسٽيل مل جي مزدورن کي مهينن تائين پگهارون نه ڏنيون ويون ۽ پوءِ آخر ۾ مجبور ٿي اِهي پورهيت به نجڪاري جي حق ۾ ٿي بيٺا جيڪي عام طور تي انهي جا مخالف هوندا آهن.انهيءَ ڪري ن ليگ جي حڪومت پهريون هٿ انهيءَ اداري

تي صاف ڪرڻ جو ارادو به ظاهر ڪري چڪي آهي. عام طور تي دليل ڏنو ويندو آهي ته ملڪ جي معيشيت تي بار وجهندڙ ادران کي خانگايو ويندو آهي پر ڪوٽ ادو جي پاور پلانٽ کان وٺي ڪري 2006 ۾ پي ٽي سي ايل جي نجڪاريءَ تائين معيشيت کي تمام گهٽو سهارو ڏيندڙ ادارا ئي کپايا ويا. پاڪستان ريلوي جي ڪجهه حصن ۽ KEC جي نجڪاري جا فائدا اسانجي اڳيان آهن، باقي ڪجهه ٻين فائدن کي به ڏسون. پاڪستان ۾ نجڪاري جي شروعات 1991 ۾ به سبب ڄاڻائي ڪئي وئي. هڪ عالمي قرض جي ادائگي ٻيو غربت جو خاتمو. بعد جي ٻن ڏهاڪن ڪانپوءِ نجڪاري جا فائدا اسان اهي ڏسون ٿا ته عالمي قرض 60 بلين آمريڪي ڊالرن ۽ ملڪ ۾ غربت جو سيڪڙو 50 کان وڌي چڪو آهي. تنهن ڪري بجاءِ اسٽيٽ اونڊ انٽرپرائيزز (SOE) ۾ سياسي ڀرتين ۽ ڪرپشن جي خاتمي جي، بجاءِ ادارن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪرڻ جي، ادارن (جهڙوڪ ريلوي، پي ايس او، پي آءِ اي، واپڊا) کي پڳڙن مٺ ۾ وڪڻڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن. پر عوام جي ترقي جو بهانو ڏئي نجڪاري کي همٿائيندڙ دانشورن ۽ سياسي اڳواڻن کي نه ويسارڻ گهرجي ته 80 جي ڏهاڪي ۾ انگلينڊ اندر نجڪاري ڪندڙ ۽ ايندڙ سمورن سالن لاءِ انگلينڊ جي معيشيت کي ڀيرين کان وڌيڪ غير مستحڪم ڪندڙ مارگريٽ ٿيچر کي اتان جي عوام سندس موت ڪانپوءِ ڪيڏي عزت (؟) سان تازو دفنايو.

چاڻ، فني ۽ ثقافتي دائرن تي رياستي هڪ هٽي،
سوچن مٿان ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪامي:

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته " مارڪس ته انسان جي ذهن جي آزادي جي ڳالهه ڪئي پر لينن انسان جي ذهن ۽ انجي پيداواري سوچن خيالن جذبن وغيره کي به سوشلسٽ رنگ ۾ رنگڻ جي ڪوشش ڪئي، هُن جي خيال ۾ انساني ذهن کي به ڪمپيوٽر جيان پروگرامڊ ڪري سگهجي ٿو ۽ انجي چاڻ کي گهڙي (ENGINEER) ڪري سگهجي ٿو" جن خيالن کي سڪندر صاحب لينن سان منصوب ڪري ٿو، اُهي لينن جهڙي فلسفي، جدليات جي ماهر اڳواڻ جا ته پري جي ڳالهه پر مارڪسزم جي ا ب ت جي چاڻ

رڪندڙ ڪارڪن جا به نه ٿا ٿي سگهن. هر مستحڪم مارڪسسٽ وانگي لينن به ان خيال جو هو ته انسانن جو شعور، سندن معروضي دنيا جو عڪس آهي. پر ساڳي وقت عڪسڻ جو اهو عمل مفعولي نه پر متحرڪ آهي، جيڪو معروض تي اثر انداز ٿئي ٿوءِ اهو معروض تاريخي طور جڙيو آهي. اهڙي ريت شعور، به هڪ تاريخي حقيقت آهي جنهن جي حدن جو تعين مختلف ڀين سببن سان گڏ آخري نتيجي ۾ لاڳاپيل خاص سماجي معاشي دور جي اوسر سان ٿئي ٿو. تنهن ڪري ماڻهو جي شعور کي ڪنهن ڇپ وانگي آپريٽ ڪرڻ ممڪن ڪونهي پر انهيءَ جو اهو مطلب ڪونهي ته معروض جي انقلابي تبديلي، شعور کي انقلابي طور متاثر نه ڪندي يا ان لاءِ ڪوشش نه وٺڻ گهرجي. لينن کان وٺي مائو تائين جي انقلابين جيڪڏهن ثقافتي انقلاب جي ڳالهه به ڪئي آهي ته انهيءَ پس منظر ۾ ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته ”جاڻ کي رياستي مشينري جو حصو بڻايو ويو، جنهنجي ڪري جاڻ ڏانهن اهڙي تنگ روش اقتصادي ترقيءَ ۽ اوسر کي بيهاري ڇڏيو.“ تاريخ جي خيال پسنداڻي تشريح جو هي هڪ شاندار مثال آهي. پاڻ هڪ سرمائيداراڻي دور ۾ جيون ٿا ڇا ڪنهن باشعور سياسي ماڻهوءَ جي اها سوچ ٿي سگهي ٿي ته سرمائيداراڻي سماج اندر فڪر ۽ سوچ جي گهاڙيٽن تي رياست پنهنجي نصاب، ميڊيا ۽ ٻين ڪيترن ئي طريقن سان پنهنجي نظرياتي هڪ هٽي کي قائم ڪرڻ جو جهد نه ٿي ڪري؟ جي ها ته پوءِ ٻيو سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته سرمائيدار رياستن جي اها تنگ نظري انهيءَ نظام جي خاتمي جو سبب بڻي آهي؟ درحقيقت رياست نالو ئي هڪ سياسي، نظرياتي منظم اداري جو آهي. پوءِ پلي اها اقليت جي هٿ ۾ اڪثريت جي خلاف (سرمائيداري) يا اڪثريت جي هٿ ۾ اقليت خلاف (سوشلزم) هجي. ثقافتي ۽ روحاني دائرن ۾ اشتراڪي روس اندر خيال جمود جو نه پر تمام وڏي ارتقا جي مثالن کي جنميو. انقلاب کان اڳ جو سماج انتهائي پستيءَ جو شڪار هو. غير روسين جي حالت ته تدريس ۽ تعليم جي حوالي سان تمام گهٽي خراب هئي. 99.5 سيڪڙو تاجڪ، 99.4 ڪرگذ، 99.3 يقوت ۽ ترڪماني، 98.4 سيڪڙو اُزبڪ اڻپڙهيل هيا. پر انقلاب کانپوءِ خانه جنگي هوندي به عوام جي تعليم کي اوليتي

بنيادن تي بهتر ڪيو ويو.سوويت يونين تاريخ جي پهرين رياست هئي جنهن تعليم جي مد ۾ جي ڊي پي جو 10 سيڪڙو مختص ڪيو. تمام گهڻن اسڪولن، عام لائبريرين ۽ ليبارٽرين جو قيام عمل ۾ آندو ويو. صرف 1920 کان 1940 جي ٿوري عرصي ۾(ياد رهي انهي دور ۾ لينن کانپوءِ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ڪامريڊ اسٽالن هو) سويت روس جي ڪروڙن ۾ (5 ڪروڙ) بالغ آبادي کي پڙهيو لکيو بڻايو ويو. 1959 جي مردم شماري ٻڌايو ته فيڊريشن منجهه جهالت جو مڪمل خاتمو ٿي چڪو آهي. اسان کي پوءِ ، شاعرن ۾ ديميان بيدني، ولاديمر ماياڪووسڪي، واليري بريسوف، ليکڪن ۾ ميڪسم گورڪي، اليگزيندر سيرافمووچ، نيوروف کان وٺي ڪري "۽ پوءِ ڊان وهندو رهيو" جي خالق ۽ نوبل انعام يافته ميخائيل شولوخوف تائين لاتعداد ليکڪ مليا جن دنيا جي ادبي تخليقن منجهه شاندار اضافا ڪيا. شولوخوف پنهنجي ڪتاب (At the bidding of the heart) ۾ لکي ٿو ته "سرمائيدار دنيا جي هڪ صحافي مونکان پڇيو ته توهانکي لکڻ جا پيسا وغيره ڪيئن ملندا آهن؟" ته شولوخوف چيو ته توهان جي دنيا ٻي آهي اسانجي ٻي، اسان ماڻهن لاءِ لکندا آهيون ۽ اسانجي ماڻهن جي پارٽي اسانجي هر ضرورت جو هڪ ماءُ وانگي خيال رکندي آهي. اينتون ميڪارينڪو هڪ ٻيو اديب هو جنهن پنهنجي ٽن جلدن ۾ آيل ڪتاب (Road to freedom) ۾ ٻڌائي ٿو ته ڪيئن انقلاب کانپوءِ ننڍي عمر جي ڏوهارين لاءِ اسڪول کوليا ويا ۽ انهن کي ڪيئن بهتر انسان بڻائي زندگيءَ ڏانهن موٽايو ويو. نه صرف ادب جي دائرن ۾ پر ٿيئٽر، ميوزڪ، مصوري ۾ تمام گهڻا نالا پيدا ٿيا، فطري سائنسن جي دائري ۾ اوسر ته ڊاڪٽر سڪندر پاڻ به مڃي چڪو آهي. صرف 1937 تائين سوويت روس ۾ عورت سائنسدانن جو انگ 10000 ٿي چڪو هو. (Short history of USSR vol:2 p#339) ياد رهي ته اها سموري اوسر ثقافتي انقلاب جي مختلف پاليسين سبب ممڪن ٿي سگهي، جنهن کي ڊاڪٽر سڪندر پنهنجي مضمون ۾ ننديو آهي. مضمون جي انهيءَ حصي ۾ ڊاڪٽر صاحب اسٽالن جي ظلم ۽ جبر جو مختصر ذڪر ڪيو آهي. اسان به مختصر جواب ڏيندي صرف اهو عرض ڪيون ٿا ته سرمائيدار اولهه کي مارڪس به هضم ٿي ويو ته ڪنهن قدر لينن به. نه هضم ٿيو ته ڪامريڊ

اسٽالن جنهن نه صرف دنيا جي پهرين پورهيت رياست کي ترقيءَ جي منزل تي رسايو، جنهن جي اڳواڻيءَ ۾ ٽين انٽرنيشنل پوري دنيا اندر قومي آزادي ۽ سامراج مخالف مزاحمت جي پرجهلو ٿي بيٺي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه جنهن سبب دنيا کي نازي فاشزم منجهان نجات ملي. (ايتريقدر جو انگلينڊ جي چرچل جهڙي بورجوا اڳواڻ کي به 1943 ۾ اهو چوڻو پئجي ويو ته "ماڻهن جي ڪابه حڪومت اهڙي نه جڙي سگهي آهي جنهن اهڙن موتمار ۽ ظالماڻن زخمن جي سٺ سهي هجي جيڪي هٽلر طرفان رشيا کي رسيا........... رشيا نه صرف بچيو ۽ اُهي خوفناڪ ڏڪ پچايا، پر جرمني جي فوجي مشين کي اُهي ڪاپاري ڌڪ رسايا جيڪي دنيا جي ٻي ڪا به قوت نه رسائي سگهي."(The great conspiracy by Sayers and Kahn p#139) . اهو ئي سبب آهي ته اولهه اسٽالن خلاف پنهنجي زهريلي ڪوڙي پروپيگنڊا سان گڏ، ڪامريڊ اسٽالن تي ٽراٽسڪائي ۽ خروشيفي تنقيد کي به اڳيان اڳيان ڪيو. ڊاڪٽر سڪندر لکي ٿو ته " اسٽالن جي پونيئر خروشيف دنيا کي ٻڌايو ته ڪيئن اسٽالن جي هڪ خراب نظر، پولٽ بيورو جي ڪنهن به ميمبر کي پنهنجي حياتي خطري ۾ هوندي محسوس ڪرايو ٿي. " اهو ساڳيو خروشيف آهي جنهن جي اهڙي ڪاوشن سبب بورجوا ميگزين "ٽائيمز" سندس ٽائٽل تصوير تي لکيو ته روس هاٿي هڪ نئين طرف ڏانهن روان دوان آهي. انهيءَ خروشيف هڪ طبقي جي پارٽيءَ کي سموري عوام جي پارٽي چئي، سامراج سان "پُرامن بقاءِ باهمي" جي ڳالهه ڪري، اشتراڪي روس اندر ترميم پسنديءَ کي مضبوط ڪري، سرمائيداريءَ جي ٻيهر بحاليءَ جا بنياد وڌا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اسٽالن خلاف منظم مهم هلائيندڙ اهو ساڳيو خروشيف آهي جنهن، بقول سندس جيون ڪٿا لکندڙ جي (The man and his era. W.Tanbman 2005 p# 324) پنهنجي قيادت دوران چيو هو ته "اسان سڀ گڏجي به اسٽالن جي حاجت (ٺوري) برابر به ناهيون".

هڪ سياسي پارٽي:

ڊاڪٽر صاحب کي هڪ پارٽيءَجي حڪمراني آمريت پاسي ٿي. پر سرمائيداري اندر جتي بظاهر مختلف پارٽيون هجن ٿيون پر حڪمراني صرف سرمائي جي هجي ٿي سا شايد ڪيس جمهوريت

محسوس ٿئي ٿي. آمريت ۾ جمهوريت جي اهڙي وصف سماج ۾ عوام جي مجموعي آزادي ۾ سندن زندگيءَ جي معيار کان ڪٽجي، صرف تجريد ٿي وڃي ٿي. ڊاڪٽر صاحب مختلف دليلن سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪيئن هڪ پارٽي سبب سماج جمود جو شڪار ٿئي ٿو. پر سندس هي محنت تڏهن ضايع ٿي وڃي ٿي جڏهن مضمون جي آخر ۾ ڊاڪٽر سڪندر پاڻ ڪي ئي رد ڪندي هيئن لکي ٿو ته "دنيا ۾ انسانذات جي آجپي لاءِ هڪ نئون سياسي معاشي نظام پيدا ٿيڻو آهي، جنهن ۾ پنهي نظامن- سرمائيدارانه ۾ سوشلسٽ جون سٺيون شيون شامل هونديون ۾ خراب شيون ٻاهر نڪتل هونديون. ان جو ابتداعي روپ اڄ جو چين آهي. " ياد رهي ته چين ۾ به هڪ ئي سياسي پارٽيءَ جي حڪمراني آهي. باقي سندس آجپي واري ٿيسز تي مضمون جي آخر ۾ ڪجهه عرض رکبو.

مرڪزي رٿابندي جي ناڪامي:

ڊاڪٽر سڪندر روس اندر معيشيت جي زوال جو ڪارڻ معيشيت تي سرڪاري ضابطو، يا منصوبابند معيشيت ٻڌائي ٿو. پر سچ انهيءَ جي ابتڙ آهي. هرپل برار پنهنجي ڪتاب (RISE OF REVISIOINISM) ۾ لکي ٿو ته " خروشيفي ترميم پسنديءَ، معاشي سڌارن ذريعي سيڪنڊ اڪانامي (غير قانوني نجي معيشيت) جي واڌ ويجهه لاءِ ماحول تيار ڪيو. جنهن موٽ ۾ مرڪزي سوشلسٽ منصوبابند معيشيت کي ڌڪ رسايو، ماڻهن ۾ سوشلزم ۾ منصوبابندي بابت بي اعتباري کي پيدا ڪيو ۾ گڏوگڏ پکڙجندڙ ڪرپشن سان سوويت پورهيت طبقي جو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ايڪتا ۾ ايمان کي تباهه ڪيو. ساڳي وقت سيڪنڊ اڪانامي (نجي معيشيت) هڪ اهڙي (سماجي) پرت جي اڀرڻ جا مادي بنياد پيدا ڪيا، جنهنجي مفادن جو پوراءُ سوشلزم جي حدن اندر ممڪن نه هو. اهڙي ريت سرمائيداريءَ جي ٻيهر بحاليءَ جون حالتون تيار ڪيون ويون. اشتراڪيت جي تباهي ۾ سرمائيداريءَ جي بحالي جون اهي سڀ تباه ڪن سرگرميون تمام تيزي سان تڏهن جاري هيون جڏهن ترميم پسند قيادت، ڪوڙي نه به سهي پر وڌائي چڙهائي انهي بيان بازي ۾ مصروف هئي ته USSR تمام تر توانائي سان ڪميونزم جي اونچي ڏاڪي ڏانهن پيش رفت ڪري

رهيو آهي.” درحقيقت سرمائيداري ۽ غير منصوبابند معيشيت هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. منافعي لاءِ پيداوار ۽ چٽا پيٽي جو نظام سماج ۾ ڪُلي طور تي سماجي گهرجن ۽ پيداور جي منصوبابندي کي ناممڪن بڻائي ڇڏي ٿو ته بحرانن کي بار بار لازمي بڻائي سموري سماج کي انارڪي جي ور چاڙهي ڇڏي ٿو. انهن بحرانن جو مختصر ذڪر پاڻ مٿي ڪري آيا آهيون. پر ڊاڪٽر صاحب منصوبابند معيشيت جي فائدن کان انڪار نه ٿو ڪري ۽ وڏيڪ لکي ٿو ته ” ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته مرڪزي منصوبا بنديءَ واري معيشت شروع ۾ روس، چين ۽ اوڀر يورپ جي ملڪن کي صنعتي ترقي ڪرائي ۽ اهي پنهنجن سرمائيدار همعصر ملڪن جيان ڪوئلي، اسٽيل ۽ ڀاري صنعت جي دور ۾ داخل ٿي ويا پر ان کان مٿي اهي ڪابه ترقي نه ٿي ڪري سگهيا” انهي جا ڪارڻ به ڊاڪٽر صاحب ٻڌايا آهن.

(الف) ٽيڪنالاجيڪل نواڻ جي اڻهوند:

(ب) غلط فيصلا:

(پ) ڪم ڪرڻ جي اخلاقيات جي کوٽ:

(پ) چاڻ جي کوٽ:

(پ) اقتصادي حالتون:

اهو چوڻ ته اشتراڪي ملڪ ڀاري صنعت کان مٿي ترقي نه ڪري سگهيا منجهان مراد شايد انفرميشن ٽيڪنالاجي منجهه ترقي واري آهي. اها ئي ايلون ٽوفلر ۽ ڪجهه ٻين بورجوا دانشورن جي تنقيد جو بنياد به آهي. ٽوٽي جو اشتراڪي روس جون ٽيڪنالاجي جي حوالي سان حاصلاتون دفاعي ۽ خلائي سائنس سميت ڪيترن ئي دائرن ۾ به ڏسي سگهجن ٿيون پر اهو به سچ آهي ته ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي کان وٺي ڪري، ٽيليڪميونڪيشن ۽ جينيٽڪ انجنيئرنگ تائين جي شعبن ۾ اولهه پنهنجي برتري، خاص طور تي ٻي دور ۾ ثابت ڪئي. پر اها برتري سوشلسٽ نظام مٿان سرمائيداري جي بجاءِ هڪ پڪي پختي عالمي نظام جي هڪ نئين اسرندڙ پر محدود نظام مٿان هئي. جنهن جا ڪجهه سبب خود انقلابن جي دور ۽ انهن آڏو آيل چيلينجز منجهه لڪل هئا. روس جوانقلاب عالمي طور تي صنعتي دور منجهه آيو ۽ ورثي ۾ ڪين نيم جاگيرداراڻو سماج مليو. پيداواري اوسر جي سطح تمام

گهٽي سادي هئي. خانه جنگي ،سامراجيت ۽ سرد جنگ جي سبب روس اندر ڪجهه خاص شعبن جي ترقيءَ تي زور اٿئر ٿي ويو. هڪ پاسي ترقيءَ جي بنيادن ۾ پوري دنيا جي وسيلن ۽ پورهيتن جي استحصال هو. ٻي پاسي ترقي لاءِ پنهنجي وسيلن سان گڏ، پوري دنيا جي آزادي پسندن جي مدد جو بين الاقوامي فرض هو، جنهن به اشتراڪي روس جي معيشيت تي دٻاءُ وڌو. عالمي طور تي انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ترقيءَ جو دور 70 جي ڏهاڪي کان زور ورتو ۽ انهي ساڳي دور ۾ روس ۾ ترميم پسندن جي هڪ هٽي قائم ٿي چڪي هئي، جيڪا تمام تيزي سان پيداواري سگهن ۽ اشتراڪي حاصلاتن جي خاتمي تي ڪم ڪري رهي هئي نه ڪي انهن ڪي سگهارو ڪرڻ تي ۽ سو به ڪميونزم جي تعمير جي نالي ۾. پر ڊاڪٽر صاحب اتي بس ڪونه ٿو ڪري هو مائو جي اڳتي طرف هڪ عظيم چال ۽ 1966 ۾ شروع ڪيل ثقافتي انقلاب کي ڪم ڪرڻ ۾ اخلاقيات جي ڪوٺ چئي نندي ٿو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته ”ڪن سوشلسٽ ملڪن جيئن مائوزي تنگ جي چين ۾ ته نام نهاد ”ثقافتي انقلاب“ جي نالي ۾ ذهني پورهيو ڪندڙ ماڻهن، جن کي مراعت يافته ٽيڪنيڪل انٽيليجينشيا سڏيو ٿي ويو، جيئن اديب، ليکڪ، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر وغيره، جي جهڙي نموني بيعزتي، تذليل ۽ توهين ڪئي وئي، اهو اڄ دنيا کان لڪل نه آهي. مائوءَ 1950 ۾ ”گريٽ ليپ فارورڊ“ ۾ ۽ پوءِ وري 1960 ۾ ”ثقافتي انقلاب“ دوران انجنيئرن ۽ سائنسدانن کي زوريءَ ڏنڊي جي زور تي ٻنين ۾ هارپو ڪرڻ لاءِ اماڻيو ۽ کانئن سخت پورهيو ڪرايو. مائو جو اهو عمل هڪ معاشي تباهي ثابت ٿيو، جنهن کي درست ڪرڻ ۾ مائو کانپوءِ ايندڙ چيني ليڊر شپ کي سخت محنت ڪرڻي پئي. چيو ٿو وڃي ته مائوءَ جي ان عمل چين کي پورو هڪ نسل پوئتي ڌڪي ڇڏيو. ڊينگ سيائو پينگ جو 1970 ۾ اقتدار سنڀالڻ کانپوءِ پهريون وڏو ڪم اهو هو ته هو ٽيڪنيڪل انٽيليجينشيا جي عزت ۽ وقار ٻيهر بحال ڪري ۽ ڪين نظرياتي سياست جي پيچيدگين کان تحفظ ڏنو“ ڊينگ زيا پنگ جي تعريف ڊاڪٽر صاحب بي سبب ناهي ڪئي. چاڪاڻ ته هي صاحب به چين جو خروشيف هو. جنهن چين ۾ اشتراڪي پاليسين جي خاتمي ۽ سرمائيدارڻي پيداواري طريقي تي زور ڏنو. هِن همراهه لاءِ به صنعتي اوسر هڪ وڏي سماجي مقصد لاءِ ذريعو نه پر بذات

خود مقصد هو. ايڊورڊ ايبي جي بقول ته صرف واڌ جي مقصد لاءِ واڌ، ڪسر جي جيو گهرڙن جو نظريو آهي.“ حيرت آهي ته سڪندر مغل ڊاڪٽر ٿي ڪري، ڪيسز ڪي ئي علاج سمجهڻ شروع ڪيو آهي. جيستائين چين ۾ مائوجي حڪمتِ عمليءَ جو تعلق آهي ته لازمي طور تي انهيءَ منجهه ڪوٺون به هيون پر انهن ڪي بنياد بڻائي، انهن ڪي وڌائي چڙهائي پيش ڪري، انهن جي هاڪاري ۽ تاريخ ساز اثرن جي ذڪر ڪان به لنوائڻ ڪو سائنسي رويو ڪونهي. مونکي اجازت ڏيو ته آءُ انهيءَ ثقافتي انقلاب بابت پنهنجي هڪ پراڻي مظمون جا په اکر جيئن جو تيئن نقل ڪيان. انقلاب وقت (1949) جيڪڏهن چيني ماڻهو جي سراسري عمر 35 ورهيه هئي ته اها ڪامريڊ مائو جي موت وقت (1976) وڌي 63 ورهين تائين پهتي. چو ته 1949 ۾ جيڪڏهن چين جي 50 ڪروڙ آبادي لاءِ اولهه ڪان پڙهيل صرف 12000 ڊاڪٽر هيا ته 1965 ڌاري انهن جو انگ ٻن لکن تائين پهچي چڪو هو. پر سندن جو گهڻو تڻو انگ صرف شهرن منجهه ئي ڪم ڪندو هو. (يعني آبادي جي صرف 15 سيڪڙو ماڻهن لاءِ) تنهنڪري مائو تڏهن جي صحت جي شعبي کي ”شهري نوابن جو شعبو“ سڏيندو هو. مائو جي ثقافتي انقلاب ۾ ”پيرن اگهاڙن ڊاڪٽرن“ جي تحريڪ شروع ٿي. جنهن ۾ شهري ڊاڪٽرن جي ٽين حصي کي ٻهراڙي ۾ موڪليو ويو جتي کين عوام کي عام بيمارين خلاف بچاءُ جو شعور ۽ دوائون ڏئي، صحت جي بنيادي اصولن کي عام ڪري، اُتي ڪجهه مقامي ماڻهن کي انهي حوالي سان تيار ڪرڻو هو. جڏهن ته تعليم جي شعبي ۾ ڏسبو ته 1949 ڌاري جيڪڏهن ٻهراڙين اندر خواندگيءَ جو سيڪڙو 5 هئو ته اهو 1960 ڌاري ”تعليم سڀ کيِ مفت فراهم“ تحت هر ماڻهو پڙهيو لکيو بڻايو ويو. ثقافتي انقلاب دوارن ٻڻي تعليمي نظام جو خاتمو ڪيو ويو. زراعت، صنعت، توانائي ۽ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر ڪري، انفرااسٽرڪچر کي تمام گهڻو بلند ڪري، صدين ڪانپوءِ سڄي چيني سماج کي استحڪام ۽ وحدت ڏني وئي . مائو جي 5 سالن جي منصوبي سبب پيداوار منجهه تمام گهڻو اظافو ٿيو. هي اظافو اولهه جي پيداواري سطح سان تڏهن به ڪنهن مقابلي تي نه هو پر ماضي جي پيدواري سگهن جي اڻ اسريل صورت جي ڀيٽ ۾ گهڻو ڪجهه هو. ڪوئلو، سيمينٽ ۽ مشيني اوزارن ۾ ٻيڻو، تيل ۾ ٽيڻو ۽ اسٽيل جي پيداوار

۾ ڇئوٽو اظافو ٿيو . سڀ کان وڏي ڳالهه اِها ته چين سامراج خلاف پنهنجي عسڪري طور دفاع جي لائق به مائو جي دور ۾ تڏهن ٿيو جڏهن اُهو 1964 ۾ هڪ ايٽمي قوت بڻيو. اهڙي ريت اِهو 1954 کانپوءِ جو اشتراڪي روس هجي يا 1976 کانپوءِ جو چين، اتي انقلاب ناڪام نه پر ترميم پسندن هٿان هارايا ويا. روس هجي يا چين اتي ترميم پسندن جو اقتدار تي قابض ٿيڻ به لازمي طور ڪيترائي سوال پيدا ڪري ٿو ۽ انهن جي جوابن ڪي لاڳاپيل سماجن ۾ انقلابي ڪايا پلٽ جي تاريخي حدن، بين القوامي سرمايي جي سگهه سميت ڪوڙ سارن داخلي ۽ خارجي محرڪن ذريعي سمجهي سگهجي ٿو. پر انهي کان اڳ جا شيءِ سمجهڻ ضروري آهي سا آهي، انقلاب ۽ ردِ انقلاب جي جدليات، اُسرڻ (Becoming) جو متضاد عمل، جنهن ۾ هوند (Being) ۽ اٽهوند (Nothingness) گڏوگڏ هلن ٿيون. تاريخ شاهد آهي ته لينن ۽ اسٽالن کان وٺي مائو تائين جا عالمي انقلابي اڳواڻ، اشتراڪيت جي عبوري دور ۾ پنهنجي پنهنجي انقلابن جي حدن کان واقف هيا ۽ رد (سرمائيداريءَ) جي وري غالب پوڻ جي امڪان کي به اظهاريندا رهيا آهن. (جنهنجو تفصيل ڏيڻ هتي شايد اضافي ٿي وڃي) تنهن ڪري ايلون ٽوفلر جهڙن بورجوا مفڪرن جي وضاحتن منجهان متاثر ٿيڻ جي ضرورت انهيءَ ڪري نه آهي ته مارڪسزم ۽ پورهيت تحريڪ سرمائيداريءَ جو رد (Negation) آهن ۽ مارڪسزم ۽ پورهيت تحريڪن جي ڪوتن کي انهيءَ جي رد منجهان نه پر انهيءَ جي پنهنجي اوسر ۾ پرجڻو آهي ۽ پرجن پيون.

هاربِ ويئر تي زور:

ڊاڪٽر سڪندر لکي ٿو ته ”مارڪسي ڌاهن لاءِ مادو(Hardware) هميشه خيال (Software) کان وڌيڪ اهم هوندو آهي پر ڪمپيوٽر انقلاب هاڻي اسان کي سيکاري ٿو ته ائين نه آهي، خيال (Software)، مادي (Hardware) کان وڌيڪ اهم آهي. اڄ جيڪڏهن ڪا شيءِ معيشت کي هلائي ٿي ته اها ڄاڻ/علم (Knowladge) آهي، نه ڪه معيشت جيڪا علم/ڄاڻ کي هلائي ٿي پر انساني معاشرا مشينون يا ڪمپيوٽر ناهن، انهن کي محض هاربِويئر ۽ سافٽ ويئر يا بنياد ۽ سپر اسٽرڪچر ۾ سُسائي نه ٿو سگهجي، اهي تمام گهڻن جزن جا ٺهيل هجن ٿا، جيڪي هڪٻئي سان تمام گهڻن پيچيده ۽ مسلسل تبديل ٿيندڙ موٽ ڏيندڙ سلسلن ۾ ڳنڍيل هوندا

آهن” پاڻ تاريخ جي انهي خيال پسند تشريح تي مٿي ڳالهائي چڪا آهيون ۽ انهي Reductionist الزام کي به رد ڪري آيا آهيون ته اسان مارڪسسٽ شعور کي مادي تائين گهٽائي پيش ڪندا آهيون. اسان جو چوڻ صرف اِهو هوندو آهي فلسفي جي بنيادي سوال جي حيثيت ۾ مادو اول ۽ شعور ثانوي آهي. پر ڊاڪٽر صاحب انهي بحث کي هارڊ ويئر ۽ سافٽ ويئر جي سادي اصطلاحن ذريعي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪندي ڄاڻ کي بنيادي حيثيت ڏني آهي. ڊاڪٽر سڪندر جي حالت ته مونکي ان روسي ڏاهي جهڙي لڳي ٿي جنهن انقلاب کان اڳ مارڪس کي رد ڪندي سماجي ڳر (Essence) ۽ تبديلي جا پنهنجا قانون ڏنا هيا. جيڪي ايندڙ ڪجهه سالن جي اوسر ۾ جڏهن هڪ هڪ ٿي رد ٿيڻ شروع ٿيا ته همراه اهو چوڻ شروع ڪيو ته ”سماجي تبديلي جا ڪي قانون ٿيندا ئي ڪونهن، مارڪس به غلط هيو آءُ به غلط آهيان”. ڊاڪٽر سڪندر به سماجي سچ جي قانونن جي حوالي سان پنهنجي پراڻي جڙواد بيهڪ تان هٽ ڪٽي ٿو، ۽ سپاٽي سندس اتان به رد ٿيڻ جي صورت ۾ امڪان آهن ته هو روسي ڏاهي جيان سماج جي ڪنهن اهڙي سچ تان ئي هٽ ڪٽي وڃي جن کي ڪنهن قانون ذريعي سمجهي به سگهجي ٿو. اهو ٺيڪ آهي ته سائنس جي اوسر ۽ ان جي ڄاڻ، اڄ پيداواري سگهن جي هڪ جز جي اهميت ماڻي آهي پراهو چوڻ ته اها ئي سماجي سچ کي طئي ڪندي، هڪ خيال پسند سوچ آهي. ڇو ته ماڻهو شروعاتي طور دنيا سان ڪنهن خيال، نصاب ۽ ڄاڻ ذريعي نه پر عملي لاڳاپي ذريعي ڳنڍيل آهي. In the beginning was deed. ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته ”ايلون ٽافلر جي خيال ۾ مارڪس، مادي جي اوليت بابت دليل ڏيندي، هيگل کي الٽو بيهاري ڇڏيو، جڏهن ته اڄ اها تاريخ جي وڏي ستم ظريفي آهي ته دولت پيدا ڪرڻ جي نئين سرشتي وري مارڪس کي الٽو بيهاري ڇڏيو آهي، بلڪه اجا به هئين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته ان ٻنهي کي پاسي


ايلون ٽافلر

تي ڪري ڇڏيو آهي“ هن ايڏي وڏي تحقيق تي ڊاڪٽر سڪندر جو الڳ سان مضمون هجڻ گهرجي ها، بنا ڪنهن ٺوس دليلن جي انهيءَ ڪي ڪجهه سٽن ۾ اڪلائڻ صرف مذاق آهي. ڊاڪٽر سڪندر جي حوالي منجهان ته محسوس ٿئي ٿو ته تاريخ هيگل ۽ مارڪس کي پاسي تي ڪري هاڻي ايلون ٽافلر کي وچ تي بيهاريو آهي. ٻين لفظن ۾ نه خيالن (هيگل) کي اوليت آهي نه ڪي مادي کي(مارڪس)، اوليت رڳي حوالن (ٽوفلر) کي حاصل آهي. دراصل اهو حوال آخر چئي ڇا ٿو؟ پاڻ مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ٽوفلر جي سمجهه مطابق انفرميشن معيشيت پراڻي صنعتي مزدور جو خاتمو آڻي ڇڏيو آهي هاڻي مزودر هڪ اهڙو پرت ۾ بدلجي ويا آهن. جن وٽ هڪ حد تائين پيداواري ذريعن جي مالڪيءَ منجهان حصو آهي ۽ انهيءَ حصي جو نالو آهي ”ڄاڻ“. اهڙي ريت مارڪس جي طبقاتي جدوجهد واري ٿيوري ۽ ان طبقي جو خاتمو ٿي ويو آهي جيڪو متضاد پيدواري لاڳاپن جي بنياد تي جڙندو آهي. جيڪڏهن ايئن آهي ته پوءِ ڇئبو ته پورهيي ۽ سرمايي جي تضاد يا پورهيي جي سماجي ڪردار ۽ پيداوار تي نجي تصرف واري تضاد جو خاتمو ٿي ويو آهي؟ ته پوءِ ڇا سبب آهي ته انفرميشن معيشيت جي ظهور کان پوءِ به دنيا ۾ معاشي اڻبرابري گهٽجڻ بجاءِ وڌي آهي؟ دنيا اڃا به have ۽ have not ۾ ڇو ورهايل آهي ۽ دنيا جي اڌ آبادي غربت جي ليڪ کان هيٺ رهڻ تي مجبور ڇو آهي؟ سرمايي جي ارتڪاز ۾ ايڏي تيزي ڏسڻ ۾ ڇو ٿي اچي؟ ٽيڪنالجي جي ايڏي انقلاب کانپوءِ به روزانو 22 هزار ٻار بک وگهي ڇو ٿا مرن؟ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ترقي اڃا تائين سرمائيداريءَ جي پيداواري طريقن کي فطرت دوست ڇو نه بڻائي سگهي آهي؟. جيڪڏهن مارڪس جي طبقاتي جدوجهد واري ٿيوري جو خاتمو ٿي ويو آهي ته پوءِ به انهيءَ جي خلاف ٻاهوڙ ڇو آهي؟ ڪٿي ايئن ته ڪونهي مارڪس اڄ وري دنيا ۾سڀ کان وڏيڪ پڙهجندڙ فلسفي ۽ معيشيتدان آهي؟ ڪٿي ايئن ته ڪونهي ته طبقاتي جدوجهد لاطيني آمريڪا کان نيپال تائين، وچ اوڀر جي سامراج مخالف تحريڪن کان يورپ جي آڪيوپاءِ تحريڪن تائين نئين صورتن ۾ اظهارجي رهي آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ سامراج ۽ سرمائيداريءَ جي ثناخوانن جو پريشان ٿيڻ ۽ هر ٻي ڏينهن نون نظرين سان ظاهر ٿيڻ سمجهه ۾ اچڻ

گهرجي. اهو ئي سبب آهي ته تاريخ ۾ آزادي پسند ماڻهن جي هر حاصلات ۽ هر اتساهه کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ٿو وڃي. پنهنجي تمام تر ڪوتن سميت آڪٽوبر انقلاب اسانجي اميد ۽ اتساهه آهي. ۽ انهيءَ جي خاتمي جي سمورن سببن کي عوامي ۽ حقيقي نقطه نگاهه کان نه ڪي انقلاب دشمن لبرل سوچ سان پرکڻ جي ضرورت آهي. ڇو ته اهو عوام دشمن سرمائيداراڻو نقطه نظر اهو ڪونه ٻڌائيندو ته تاريخ جي اها پهرين رياست هئي جنهن پورهيي جي وقت کي 7 ڪلاڪ مقرر ڪيو، جنهن قومن جي عليحدگيءَ جي حق کي تسليم ڪري انهيءَ تي عمل به ڪيو، جنهن عورتن خلاف پدرشاهاڻن قانونن جو گهڻي قدر خاتمو ڪيو. جنهن پهريون دفعو هر ماڻهو جي روزگار جو حق تسليم ڪيو ۽ ڏيڻ جي ذميواري نڀائي. (ايتريقدر جو معيشيت جي ماهر ۽ 2001 ۾ نوبل انعام حاصل ڪندڙ، صدر ڪلنٽن جو صلاحڪار ۽ ورلڊ بينڪ جو وڏو معاشي ماهر به رهندڙ Joseph Stiglitz پنهنجي ڪتاب (Globalization and its discontents) ۾ لکي ٿو ته سوويت يونين ۾ بيروزگاري الائونس نه هو ڇو ته اتي بيروزگاري هئي ئي ڪانه. سوويت يونين جي خاتمي کانپوءِ روسي رياست اتي پهريون دفعو بيروزگاري الائونس متعارف ڪرايو. تڏهن ته چلي جي نامور شاعر پبلو نرودا اهڙي انقلابي رياست کي هيئن پيٽا ڏني.

“They said ‘comrade’ to the world.
They made the carpenter king.
No camel shall pass through this needle’s eye.
They cleansed the villages.
Divided the land.
Elevated the serf.
Eliminated the beggar.
Annihilated the cruel.
Brought light into the deep night.”

(Let the Railsplitter Awake, Pablo Neruda, 1948)





پر اسانجي ڊاڪٽر سڪندر صاحب جي نظر انهن حاصلاتن (جن جو آءٌ مختصر ذڪر ڪيو آهي) جو ڪو ذڪر ڪونه ڪيو. ۽ فوڪوياما کان وٺي ٽوفلر جهڙن ماڻهن جي پروپيگنڊا کي


پنهنجي ڪالم ۾ اتاريو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪالم جي آخر ۾ ٿورو وچٿرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي لکي ٿو ته ”سوشلسٽ رياستن جي ختم ٿي وڃڻ جو اهو مطلب نه آهي ته سوشلزم هميشه لاءِ ختم ٿي ويو ۽ اهي سهانا خواب جن ان نظرئي کي پيدا ڪيو پڻ ان سان گڏ مري ويا .سرمائيداري نظام به هاڻي مدي خارج ۽ انسان دشمن بڻجي چڪو آهي، ان کي به هڪ ڏينهن ختم ٿيڻو آهي. دنيا ۾ انسانذات جي آجپي لاءِ هڪ نئون سياسي معاشي نظام پيدا ٿيڻو آهي، جنهن ۾ ٻنهي نظامن- سرمائيدارانه ۽ سوشلسٽ جون سٺيون شيون شامل هونديون ۽ خراب شيون ٻاهر نڪتل هونديون. ان جو ابتداعي روپ اڄ جو چين آهي، جنهن جو معاشي نظام سرمائيداريءَ نظام جي نزديڪ ۽ سياسي نظام سوشلزم جي نزديڪ آهي. انکي اجا وڌيڪ سمجهڻ ۽ سڌارڻ جي ضرورت آهي“. مختلف سياسي معاشي نظامن جي تضاد جي حل طور اهڙا ڪٽ پيسٽ آپشن ڪو پهريون دفعو سامهون ڪونه آيا آهن. ڊاڪٽر صاحب کي خبر ناهي ڇو خبر نه ٿي پوي ته سرمائيداري ۽ سوشلزم صرف مخلتف نه پر هڪ ٻي جا متضاد نظام آهن. هڪ جي هوند ٻي جي نفي آهي. سچ هميشه ضروري ڪونهي ته ڪو وچٿري جاءِ تي هجي. مثال طور وچين دور ۾ سمجهيو ويندو هو ته زمين تراڪڙي آهي بعد ۾ سائنس ٻڌايو ته اها گول آهي. هاڻي ڊاڪٽر صاحب جا زمين بابت امڪاني وچٿرا جواب ڪيتري قدر صحيح ٿي سگهن ٿا، انهي جو جواب پڙهندڙ پاڻ ڏين. جيسيتائين چين جي وچٿري هجڻ بابت ڊاڪٽر سڪندر جي سمجهه آهي ته ڪيس صرف اهو عرض ڪري سگهجي ٿو ته چين بابت منهنجو ئي مظمون ” چين ۽ اشتراڪيت جي دعويٰ جو سچ“ نظر منجهان ضرور ڪڍي. پنهنجي طرفان آخري ۽ اهم ڳالهه، ڊاڪٽر سڪندر جو مضمون پنهنجي عنوان جي ابتڙ، اشتراڪي ملڪن جي زوال بابت نه پر اشتراڪي روس جي زوال بابت هو ۽ اشتراڪي روس جي زوال بابت اهڙو سطحي جائزو مون اڄ تائين نه پڙهيو آهي. ڇاڪاڻ ته زوال جا سمورا ڪارڻ داخلي ٻڌايا ويا آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب بيماري جا سمورا سبب بيمار منجهان ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي يا اهڙي ڪوشش ڪنهن ڪان اُڌاري ڪنئي آهي. بهرحال هي واحد جائزو پڙهڻ لاءِ مليو آهي جنهن ۾ انقلاب کان اڳ جي روسي سماج جي حالت جو ڪو هڪ به حوالو

ڪونهي، جنهن روس اندر اشتراڪيت جي تعمير جي حدن جو تعين ٿي ڪيو. جنهن ۾ سامراج ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جو ذڪر ئي ڪونهي. مثال اهو ته صرف ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ سندس پاليسين کي دوري فرق کان آزاد ڪري ڏٺو ويو آهي، دراصل هي جائزو اشتراڪي روس جي زوال کان وڌيڪ سوشلزم کي خوار خراب ڪرڻ جي سادي ۽ سرمائيداراڻي معيشيت جي ثنا جي بهتر ڪوشش آهي. ماضي جي هڪ مارڪسسٽ پاران اِها محنت ڪرڻ تي، سنڌي سماج جي روايتن موجب، اسانجي روايتن معيار نهي ٿي ته

يَلي ڪَيءِ، يَلا پرين! هِيئن نه مُناسِبُ هوءِ
لائي چِٽُ چَريو ڪري، پاڻُ ڪڍي وِئين پوءِ
توٽي حُبَّ نه هوءِ، تپِ، هوتَ! نه هيڏِيُون ڪَجَنِ.
(شاهه)

سماجواد ڇو ۽ ڇالاءِ؟

البرٽ آئنسٽائن/ وفا منصور



ڇا ڪنهن اهڙي ماڻهو لاءِ سماجواد تي پنهنجا ويچار ونڊڻ ۽ رايي جو اظهار ڪرڻ مناسب هوندو جيڪو اقتصادي ۽ سماجي معاملن جو ماهر نه هجي؟ منهنجي خيال ۾ ته ان سوال جو جواب ڪيترن ئي سببن جي ڪري هاڪاري آهي!

اچو ته سڀ کان پهريان ان سوال کي سائنسي نقطه نگاهه سان ڏسون. ٿي سگهي ٿو ڪجهه ماڻهن کي فلڪيات ۽ اقتصاديات جي طريقيات ۾ ڪو خاص اصولي فرق نظر نه اچي ڇاڪاڻ ته ٻنهي شعبن جا سائنسدان مختلف عملن (phenomena) جي وچ ۾ باهمي تعلق سمجهڻ لاءِ انهن عملن پٺيان ڪم ڪندڙ قانونن (عام طور قبولڻ لائق) جي ڳولا ڪندا آهن. انهن عملن جي وچ ۾ باهمي تعلق کي جيترو ٿي سگهي هو صاف انداز ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر حقيقت ۾ مختلف سائنسن جي وچ ۾ طريقياتي فرق وجود رکن ٿا. اقتصاديات جي مختلف قانونن جي کوجنا الاهي مشڪل ٿيندي آهي ڇو ته اسان کي اقتصادي معاملن جو مشاهدو ڪرڻ سان خبر پئي ٿي ته انهن تي اثر ٿيندڙ شيون پاڻ ۾ اهڙي ته پيچيده نموني سان جڙيل آهن جو انهن کي ڌار ڌار ڪري پروڙڻ ۽ سمجهڻ هڪ انتهائي ڏکيو ڪم آهي. ان کان علاوه، انسانذات جي نالي-ماتر تهذيب يافته دور جي شروعات کان وٺي جيڪڏهن تاريخ جي مختلف ورقن کي اٿلائي ڏسنداسين ته اسان کي اندازو ٿيندو ته تاريخ ۾ رونما ٿيل مختلف واقعا اهڙن ڪارڻن جي ڪري اثر انداز ٿيندا رهيا آهن جيڪي پري پري تائين اقتصادي ناهن. مثال طور تاريخ جون ڪيتريون ئي اهم رياستون ڪاهن ۽ حملن جي ڪري وجود ۾ آيون. فاتح ماڻهن پاڻ کي اقتصادي ۽ قانوني طور ان رياست جو مٿانهون طبقو ثابت ڪرائي ڇڏيو جنهن کي اختيار حاصل هو. انهن زمين جي مالڪي تي پنهنجي هڪ-هٽي قائم ڪري ورتي ۽

پنهنجي ئي طبقي مان ڪجهه ماڻهن کي چونڊي پادريت جي مختلف عهدن تي فائز ڪيو. پادرين کي تعليم تي پورو اختيار هو ۽ هنن سماج ۾ طبقاتي ورهاڱي کي لوهه جهڙو مضبوط ڪري ڇڏيو. انهن پادرين قدرن جو هڪ اهڙو سرشتو تيار ڪري ورتو جنهن ڪانپوءِ ماڻهو وڏي پئماني تي لاشعوري طور پنهنجي سماجي رويي جي رهنمائي انهن قدرن مان وٺندا رهيا.

پر تاريخ جي مختلف دورن ۾ اندازن جي روش هڪڙي ئي رهي آهي، بنيادي طور جيئن اسين هزارين سال پهرين هياسين، اڄ به ايئن ئي آهيون. اسين انساني ارتقا جي ان مرحلي مان اڃا تائين ناهيون نڪري سگهيا جنهن کي ٿورسٽائين ويبلن (Thorstein Veblen) ”استحصالي/لٽ مار وارو مرحلو“ ڪوٺيو آهي. هيئنر نظر ايندڙ اقتصادي انگ اکر ۽ حقيقتون ان مرحلي سان تعلق رکن ٿيون ۽ انهن مان اخذ ٿيندڙ قانون پڻ ٻين مرحلن تي لاڳو ٿيڻ جوڳا ناهن. جيئن ته سماجواد يا سوشلزم جو اصل مقصد ئي انساني ترقي جي ان استحصالي مرحلي کي ختم ڪري اڳيان وڌڻ آهي تنهنڪري هاڻوڪي حالت وري اقتصادي سائنس مستقبل جي سوشلسٽ سماج تي چٽي نموني روشني نه ٿي وجهي سگهي.

ٻيو ته سماجواد جو لاڙو سماجي ۽ اخلاقي مقصدن ڏانهن آهي. جڏهن ته سائنس مقصدن کي جنم نه ٿي ڏئي سگهيءَ نه ئي انهن مقصدن کي انسانن جي ذهن ۾ ڪوڪي وانگر ٺوڪي سگهي ٿي بلڪه سائنس وڌ ۾ وڌ ڪنهن مقصد جي حصول لاءِ راهه هموار ڪرڻ جي ذريعي جو ڪم ڏئي سگهي ٿي. پر خود اهي مقصد به ڪنهن اهڙين شخصيتن جي تخيل ۾ جنم وٺندا آهن جن جا قدر تمام اعلیٰ هوندا آهن. اهڙين شخصيتن جي ذهنن ۾ جنم وٺندڙ اهي مقصد اڻپورا يا اڌورا ناهن هوندا بلڪه انتهائي اهم ۽ سگهارا ٿيندا آهن جن کي پوءِ ٻيا ڪي ئي اهڙا انداز اپنائيندا ۽ اڳتي وڌائيندا آهن جن ڪنهن حد تائين لاشعوري طور تي ئي سماجي ارتقا جي چونڊ ڪري ڇڏي هوندي آهي.

مٿي ڄاڻايل سببن کي ذهن ۾ رکندي اسان کي احتياطي تدبير طور سائنس ۽ ان جي طريقيڪارن تي حد کان وڌيڪ نه ڀاڙڻ گهرجي ۽ خاص طور تڏهن جڏهن سوال انساني مسئلن جو هجي؛ ۽ اهو خيال پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو ته سماجي جوڙجڪ تي اثر انداز ٿيندڙ سوالن تي ويچار ونڊڻ جو حق صرف

ماهرن وٽ آهي.

ڪجهه وقت کان انيڪ دانهون ۽ ڪوُڪوُن ٻڌڻ ۾ پيون اچن ته انساني سماج هن وقت هڪ عظيم بحران مان گذري رهيو آهي ۽ اهو ته سماجي توازن موتمار حد تائين پڃي پورا پورا ٿي ويو آهي. اهڙي ئي بحران جي هڪ نشاني اها به آهي ته ڪنهن به ننڍي يا وڏي جماعت يا گروپ سان تعلق رکندڙ ڪو فرد پنهنجي ئي جماعت جي طرف لاتعلقي ۽ عداوت محسوس ڪري. ان ڳالهه جو مثال ڏيڻ لاءِ مان توهان سان پنهنجو هڪ ذاتي تجربو ونڊڻ ٿو چاهيان. ٿورو وقت پهرين آئون هڪ ذهين ۽ هوشيار شخص سان هڪ ٻي جنگ جي خطري بابت بحث ڪري رهيو هيس ته اگر هاڻي ڪا جنگ لڳي ته اها ڌرتيءَ تي انساني وجود کي ئي ختم ڪري سگهي ٿي ۽ مون اها راءِ ڏني ته ڪا قوميت کان ماورا تنظيم (supranational organization) ئي اهڙي خطري کان ڇوٽڪارو ڏياري سگهي ٿي. ان تي ان مهمان تمام ڏيرج ۽ آرام سان مونکي چيو، ”توها انساني نسل جي خاتمي جي ايتري پرپور انداز ۾ مخالفت ڇو پيا ڪيو؟؟!!“

مان پوري يقين سان چئي سگهان ٿو ته فقط هڪ صدي اڳ ڪو به اهڙي قسم جي ڳالهه ايتري آرام ۽ مزي سان نٿي چئي سگهيو. اهي هڪ اهڙي ماڻهو جا لفظ آهن جيڪو پنهنجي وجود ۾ توازن ۽ سڪون حاصل ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪندي ڪندي ٿڪجي پيو آهي ۽ ناڪامي ڪيس نااميد ڪري ڇڏيو آهي. اهو ان تنهائي ۽ دردناڪ اڪيلائي جو اظهار آهي جنهن جي عذاب ۾ پيڙاء کي موجوده دور جا ڪيترائي ماڻهو سهي رهيا آهن. ان اڪيلائي جو آخر سبب ڇا آهي؟ ڇا ان مان ڇوٽڪاري جي ڪا واهه آهي؟

اهڙا سوال اٿارڻ ته صفا سولو ڪم آهي پر انهن جا مطمئن ڪندڙ جواب ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. مان انهن سوالن جا جواب ڏيڻ جي پرپور ڪوشش ڪندس جيڪو مان پنهنجو فرض سمجهان. حالانڪه مان ان حقيقت کان پلي پٽ واقف آهيان ته اسان جون ڪوششون ۽ جذبا اڪثر ڪري متضاد ۽ اڻ واضح هوندا آهن جن کي آسان ۽ سادن فارمولن جي ذريعي نه ٿو اظهاري سگهجي.

ماڻهو هڪ ئي وقت هڪ اڪيلو فرد به آهي ته ساڳي ئي

وقت ان جو وجود سماجي ٻنڌڻن ۾ به ٻڌل آهي. هڪ انفرادي وجود جي حيثيت ۾ هو پنهنجي ذاتي خواهشن جي پورائي لاءِ ۽ اندروني صلاحيتن جي واڌ ويجهه لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجن عزيزن قريبن جي وجود جي حفاظت ڪرڻ ۾ رڌل هوندو آهي. سماجي فرد يا وجود جي حيثيت ۾ هو ٻين ماڻهن جي خوشي غمي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ۽ سندن حالتون سڌارڻ لاءِ سندن ڏيان ۽ قربت جو گهرُجائو ۽ منتظر هوندو آهي. اهي ٻئي پهلوُ هڪٻئي کان مختلف آهن ۽ گهڻي قدر هڪٻئي سان تضاد ۾ ايندا رهندا آهن. اهي ٻئي پهلو ئي انسان جي ڪردار کي مخصوص نموني بيان ڪندا آهن. هڪ ماڻهو ڪيترو اندروني توازن يا سڪون حاصل ڪندو يا هو سماج جي ڳٺ جوڙ ۽ بهتري ۾ ڪيتري ڪاميابي سان ۽ ڪهڙو ڪردار نڀائيندو، ان جو فيصلو به مٿي ڄاڻايل پهلوئن جو هڪ خاص ڳانڍاپو ئي ڪندو! ايئن به ممڪن آهي ته انفرادي ۽ سماجي صلاحيتن جي گڏيل طاقت ڪنهن کي وراثت ۾ مليل هجي. پر انسان جي جيڪا هڪ خاص شخصيت اڀري سامهون ٿي اچي تنهن جي جوڙ جڪ ۾ هڪ ته ان ماحول جو گهرو اثر هوندو آهي جنهن ۾ هوُ وڏو ٿئي ٿو، ٻيو ان سماج جي بناوت جو اثر پوي ٿو جنهن ۾ هن جي نشونما پئي ٿئي ۽ ٽيون انهيءَ سماج جي تشڪيل ڏنل روين جو اثر هوندو آهي. سماج جيڪو هڪ تجريدِي تصور آهي تنهن جي معنيٰ هڪ عام انسان جي ذهن ۾ مختلف هوندي آهي. هو پنهنجي ارد گرد موجود ماڻهن ۽ پاڻ کان اڳ گذري ويل نسلن کي سماج سمجهندو آهي. هڪ فرد پنهنجي سڳهه جي ذريعي سوچڻ، محسوس ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ ۽ ٻيا مختلف ڪم ته ڪري سگهي ٿو پر هو پنهنجي جسماني، ذهني ۽ جذباتي وجود ۾ سماج تي ايترو ته ڀاڙي (depend) ٿو جو ڪيس سماج جي ڍانچي کان الڳ ڪري سوچڻ ۽ سمجهڻ ناممڪن آهي. اهو "سماج" ئي آهي جيڪو انسان کي کاڌو پيتو، ڪپڙو لٽو، اجهو، ڪم ڪار لاءِ سامان سڙو، ٻولي، سوچ جا طريقا، ۽ سوچڻ لاءِ ڳالهيون ڏئي ٿو. ان جو ڏرتيءَ تي وجود قائم رکڻ ۾ انهن لکين ڪروڙين ماڻهن جي محنتن ۽ ڪاميابين جو هٿ آهي جيڪي اڄ دنيا ۾ موجود آهن ۽ اهي به جيڪي هن ڌرتيءَ تان مٽجي چڪا آهن. اهي لکين ڪروڙين ماڻهو هڪ ننڍڙي لفظ "سماج" جي اندر لڪيل آهن.

ان مان ثابت ٿو ٿئي ته انسان جو سماج تي پاڙڻ هڪ اهڙي فطري حقيقت آهي جنهن کي رد نه ٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي عملي طور ان جو انڪار ممڪن آهي بلڪل ايئن جيئن مکين ۽ ڪِيولين جي وجود جو دارومدار فطرت تي آهي ۽ ان حقيقت کي به ڪوئي نه ٿو رد ڪري سگهي. البته ڪِيولين ۽ مکين جي زندگي جو عمل ڪنهن خاص اڻ ٽٽ (rigid) وراثتي ڄبلتن جي اصولن تي هلي ٿو، جڏهن ته سماجي جوڙ جڪ ۽ انسانن جا باهمي تعلق تبديلي جي زير اثر متجندا رهندا آهن. ياداشت، نوان ڳانڍاپا ڳاهڻ جي صلاحيت ۽ ڳالهائڻ جي نعمت انسان جي اندر اهڙين ترقين کي ممڪن ڪري ڇڏيو آهي جن جي رهنمائي انسان جون حياتياتي (biological) ضرورتون نه ٿيون ڪن. رسمون ۽ رواج، ادارا، تنظيمون، ادب، سائنس، انجنيئرنگ ۽ فن ۾ ڪاميابيون اهڙين ترقين جا مثال آهن. اها ڳالهه ظاهر ٿي ڪري ته ڪيئن انسان پنهنجي مخصوص چال چلت ذريعي پنهنجي زندگيءَ کي ڪيئن تبديل ڪري ٿو سگهي ۽ ان سڄي عمل ۾ گهڙُج ۽ شعوري سوچ جو ڪردار ڪيترو اهم آهي. ڇمڻ وقت هڪ انسان پنهنجي وراثت جي ذريعي اهڙا حياتياتي اصول حاصل ٿو ڪري جيڪي تبديل نه ٿا ڪري سگهجن جن ۾ اهي قدرتي ڄبلتون ۽ ضرورتون پڻ شامل آهن جيڪي انسانذات جي نوع يا نسل جون اهم خاصيتون آهن. ان کان علاوه هو پنهنجي زندگي ۾ سماج مان ڳالهه ٻولهه ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳالهين جي ذريعي ثقافتي اصول به حاصل ڪن ٿا. هي ئي اُهي ثقافتي اصول آهن جيڪي وقت سان گڏ تبديل ٿيندا رهندا آهن ۽ هڪ فرد ۽ سماج جي وچ ۾ رشتي جو وڏي پئماني تي فيصلو ڪندا آهن. جديد بشريات يا اينٿروپالاجي، نالي-ماتر قديم ثقافتن جي چند ڇاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ، اسان کي سيکاري ٿي ته غالب ثقافتي طور طريقن ۽ سماج جي اثردار تنظيم جي حساب سان انسان جا سماجي رويا وڏي پئماني تي تبديل ٿي سگهن ٿا. جيڪي انساني زندگي جي باري جي لاءِ فڪرمند آهن تن کي هيءَ ڳالهه سمجهڻي ۽ اپنائڻي پوندي ته حياتياتي قانون جي مطابق انسان جي هڪ ٻئي کي برباد ڪرڻ يا ڪنهن ظالم پاران سندس پيڙجڻ کي مذمت جوڳو نه ٿو چئي سگهجي.

جيڪڏهن اسان پاڻ کان هڪ سوال ڪيون ته انساني زندگي کي وڌ کان وڌ بهتر ۽ مطمئن ڪرڻ لاءِ سماجي ڍانچي ۽ ثقافتي

رويي کي ڪهڙي طرح تبديل ڪجي، ته اسين ان نتيجي تي پهچنداسين ته ڪجهه حالتن کي تبديل نه ٿو ڪري سگهجي، اسين ان حقيقت کان هميشه واقف هونداسين ته اهڙين حالتن کي بهتر بنائڻ اسان جي وس ۾ ناهي. جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته انسان جي حياتياتي فطرت، سيني عملي مقصدن جي تناظر ۾، تبديلي ڏانهن راغب ناهي. ان کان علاوه پوين ڪجهه صدين ۾ ٿيل ٽئڪنالاجيڪل ۽ طبقاتي اوسر جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل حالتون دنيا ۾ موجود رهٽيون آهن. هڪ اهڙي سماج ۾ جتي ماڻهن جي آبادي انتهائي ڳتيل انداز ۾ هجي ۽ جتي انهن جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ اشد ضروري شيون/جنسون موجود هجن، اتي مزدوري جي انتهائي ورڇ ۽ اعليٰ مرڪزي پيداواري تنظيمون انتهائي ضروري آهن. اهي سڪون وارا ۽ خوش باش زمانا هميشه لاءِ ماضي جو حصو ٿي چڪا آهن جڏهن ته هڪ فرد يا ننڍڙي جماعت طور خودڪفيل ٿي پئي سگهيا. ٿوري ڊيگهه کان ڪم وٺندي اهو چوڻ ۾ حرج ناهي ته انسانذات هينئر تائين به هڪ پيداوار ۽ کپت جي چوگرد ڦرندڙ هڪ ڦيٿي وانگر آهي.

هاڻي مان ان نقطي تي پهچي چڪو آهيان جتي مان ٻڌائي سگهان ٿو ته منهنجي مطابق اسان جي موجوده دور جي بحران جو تعلق هڪ فرد ۽ سماج جي وچ ۾ قائم رشتي سان آهي. تاريخ جي ڪنهن به دور جي ڀيٽ ۾ انسان هاڻي سماج تي سندس اٽٽر پاڙڻ کان واقف ٿي ويو آهي. پر مسئلو اهو آهي ته ان پاڙڻ کي هو مثبت نه ٿو وٺي هن لاءِ سندس سماج تي اهو پاڙڻ ڪو اثاثو، سندس زندگي لاءِ حفاظتي قوت ناهي بلڪه ان جي ابتڙ اهو هن لاءِ نه صرف سندس قدرتي حقن بلڪه اقتصادي وجود لاءِ خطرو آهي، ان سان گڏوگڏ سماج ۾ سندن جڳهه اهڙي آهي جو سندس وجود جي خود پرستي واري رويي کي مستقل اپار ڏنو پيو وڃي ۽ سندس سماجي رويي، جيڪو پنهنجي اندر ئي ڪمزور آهن، تن کي وڌيڪ بگاڙيو پيو وڃي. هر انسان اهڙي بگاڙ جي ڪري پيڙجي رهيو آهي پوءِ پلي سماج م هن جو رتبو ڪهڙو به هجي. ماڻهو پنهنجي ئي خود پسندي واري روش جا قيدي آهن ۽ مزي جي ڳالهه ته هو ان کان بلڪل بي خبر آهن جنهن جي ڪري هو پاڻ کي غير محفوظ ۽ اڪيلو ٿا سمجهن ۽ زندگي جي ڪيترن ئي سادن ۽ بناوٽ کان خالي ننڍين ننڍين خوشين کان محروم آهن. زندگي

مختصر ۽ خطرن سان ڀريل آهي، پر انسان ان جي معنيٰ صرف تڏهن ٿو ڳولهي سگهي جڏهن هو پنهنجي پاڻ کي پوري نموني سماج لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

منهنجي خيال ۾ اڄ جي دنيا ۾ سرمائيدار سماج پاران پيدا ڪيل اقتصادي انتشار ئي سڄي مصيبت جي اصل جڙ آهي. اسان جي اکين جي اڳيان پيداگيرن جو هڪ وڏو قبيلو آهي جنهن جا رڪن اڻٿڪ ڪوشش ۾ رڌل آهن ته ڪيئن هو هڪٻئي کي سندن گڏيل پورهئي جي اجوري کان محروم ڪن، ۽ اهو هڪٻئي جا ترا ڪڍڻ وارو ڪم هو زور زبردستي يا داداگيري سان نه بلڪه جائز قرار ڏنل قانونن ۽ اصولن جي مدد سان پيا ڪن. ان ئي تناظر ۾ اها ڳالهه سمجهڻ انتهائي ضروري آهي ته پيداوار جا ذريعا جهڙوڪ مِلون، فيڪٽريون، مشينون، اوزار وغيره جن جي ذريعي مختلف شيون (ڪپت ۽ واڌاري سرمائيدار جنسون) ٺاهڻ لاءِ گهربل قوت هوندا آهن سي قانوني طور تي گهٽي قدر ڪجهه فردن جي نجي ملڪيت آهن.

رهيل بحث مباحثي ۾ سؤلائي لاءِ آئون انهن سيني ماڻهن لاءِ لفظ ”مزدور“ استعمال ڪندس جيڪي پيداواري ذريعن جيئن فيڪٽريون، مشينون وغيره جي مالڪي ۾ حصيدار ناهن يا ڪٿي چئجي ته هو پيداواري ذريعن جا مالڪ ناهن. توڙي جو هتي ان لفظ جو استعمال سندس عام رواجي استعمال سان نه ٿو ٺهڪي.

پيداواري ذريعن جو مالڪ ان پوزيشن ۾ هوندو آهي ته هو مزدور جي سندس مزدوري واري سگهه يا قوت کي خريد ڪري سگهي. پيداواري ذريعي جو استعمال ڪري مزدور شيون ٺاهيندو آهي جيڪي مالڪ/سرمائيدار جي ملڪيت جو حصو ٿي وينديون آهن. ان سڄي عمل ۾ اهم ۽ لازمي ڳالهه آهي ته، شيءِ جيِ اصلي قيمت کي ذهن ۾ رکندي، مزدور ڪهڙي شيءِ ٺاهي ٿو ۽ ڪيس اجوري ڇا ٿو ملي؟ هينئر تائين جيئن ته مزدور معاهدو ”آزاد“ آهي تنهنڪري مزدور کي جيڪا اجرت ملي ٿي ان جو تعلق ان سان ناهي ته هو ڪهڙي شيءِ/جنس پيدا پيو ڪري يا ان جي اصلي قيمت ڇا آهي، بلڪه هن کي صرف ايتري اجرت ملندي آهي جنهن مان هو زنده رهڻ جيتريون گهرُجون پوريون ڪري سگهي، ۽ انهن جي اجرت جو فيصلو سرمائيدار اِن فارمولي جي تحت ڪندا آهن ته ڪم جي نوعيت ۽ مقدار ڇاهي ۽ ان ڪم کي

حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو چٽاپيٽي يا مقابلو ڪري رهيا آهن. مثلاً جيڪڏهن ڪم گهٽ آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪندڙ ماڻهو گهڻا آهن ته ڪم جو اجورو گهٽائي ڇڏبو ۽ جيڪڏهن ڪم وڌيڪ آهي ۽ ماڻهو گهٽ آهن ته اجرت وڌيڪ ڏيندي. اها ڳالهه سمجهڻ به تمام لازمي آهي ته صرف عمل ۾ نه پر قانونَ يا اصولي طور به مزدور جي اجرت جو دارومدار سندس پاران پيدا ڪيل شيءِ جي اصلي قيمت سان ناهي.

ان سان نجي سرمائي جي چند ڪيسن ۾ وڃڻ جا امڪان الاهي وڌي وڃن ٿا، ان جو هڪ سبب ته سرمائيدارن جي وچ ۾ مقابلو آهي ۽ ٻيو سبب اهو آهي ته ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ۽ مزدوري جي وڌندڙ ورڇ سان ننڍن پيداواري ذريعن جهڙوڪ گهرُو صنعتن يا ننڍن ڪارخانن جي جڳهه تي وڏا پيداواري ذريعا جهڙوڪ وڏا ڪارخانا ۽ ميگا فيڪٽريون وغيره ناهڻ آسان ٿي پون ٿا. انهي اوسر جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو هڪڙا وڏا شاهي سرمائيدار پيدا ٿي پون ٿا جن جي لامحدود طاقت جو اندازو ڪو سياسي طور جمهوري سماج به نه ٿو ڪري سگهي ۽ نه ئي ان کي چئلينج ڪري ٿو سگهي. اها ڳالهه سچ آهي، جيئن ته قانون ساز ادارن جي ميمبرن کي سياسي پارٽيون چونڊينديون آهن. انهن سياسي پارٽين کي سرمائيدار وڏا وڏا فنڊ ڏيندا آهن يا ٻين طريقن سان وڏي پئماني تي مٿن اثر انداز ٿيندا آهن، اهي نجي سرمائيدار وري پنهنجي مقصدن لاءِ قانون ساز اسيمبلين کي پارليامينٽ کان ڌار ڪري ڇڏيندا آهن جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو عوامي نمائنده پنهنجي ڏتڙيل ۽ آسائشن کان محروم عوام جي حقن جي حفاظت ناهن ڪري سگهندا (ڇو ته هنن کي قانون ساز اسيمبلين کان الڳ ڪيو وڃي ٿو ۽ قانون ناهيندڙ اسيمبليون وري سرمائيدارن جي فائدي ۾ قانون ناهينديون آهن جيڪي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي عوام جي حق ۾ ناهن هوندا). موجوده حالتن اندر نجي سرمائيدار سڌي يا اڻ سڌي طريقي سان معلومات جي اهم ذريعن يعني ميڊيا، پريس، ريڊيو، تعليمي نصاب وغيره تي ڪنٽرول ڪري وٺنا آهن. تنهنڪري عام شهرين لاءِ ڳالهين جي ڇيد تي خارجي نموني پهچڻ ۽ پنهنجي سياسي حقن جي دانائي سان استعمال ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي، ڪجهه ڪيسن ۾ ته صفا ناممڪن آهي. سرمائي جي نجي مالڪي تي بنياد رکندڙ

اقتصاديات واري حالت ۾ اهم اصولن تي جڙيل هوندي آهي: پهريون ته پيداوار جا ذريعا (يا سرمايا) ڪنهن جي نجي ملڪيت هوندو آهي ۽ مالڪ انهن ذريعن کي ضرورت مطابق استعمال ڪندو آهي يا خارج ڪندو آهي؛ ٻيو ته مزدور معاهدو" آزاد" آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان لحاظ کان خالص سرمائيدار سماج جهڙي ڪا شيءِ آهي ئي نه. اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪجهه مزدور تمام ڏگهين ۽ ڀُراذيت سياسي جدوجهد وارين تحريڪن ڪانپوءِ "آزاد مزدور معاهدي" ۾ مزدوري جي ڪجهه مخصوص قسمن لاءِ بهتريون ۽ تبديليون آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. پر جيڪڏهن پوري تصوير کي ڏسجي ته اڄوڪي اقتصاديات "خالص" سرمائيداري کان ڪا گهڻي مختلف ناهي!

پيداوار استعمال لاءِ نه بلڪه منافعي لاءِ پئي ڪئي وڃي. اهڙو ڪو به قانون ناهي جنهن جي تحت اهو طئي ٿيل هجي ته اهي سڀ ماڻهو جيڪي تندرست، قابل، اهل ۽ ڪم ڪرڻ تي راضي آهن تن کي هميشه روزگار جو موقعو ملندو؛ پر ان جي ابتڙ هر هنڌ بيروزگارن جي فوج موجود آهي. مزدور يا نوڪري واري ماڻهو کي هر وقت پنهنجي ڪم يا نوڪري وڃڻ جو ڊپ هجي ٿو. جيئن ته بيروزگار ۽ گهٽ پگهار ڪٽندڙ مزدور فائديمند مارڪيٽ ناهن ڏئي سگهندا تنهن ڪري شين جي پيداوار کي ڪنهن حد تائين روڪيو ويندو آهي جنهن جا نتيجا الاهي مشڪل ۽ خطرناڪ آهن. ٽئڪنالاجي ۾ ترقي ٿيڻ سان سڀني جي ڪم ۾ آساني پيدا ٿيڻ جي بجاءِ بيروزگاري وڌي وئي آهي! فائدي جي ان لالچ ۾ سرمائيدارن جي پاڻ ۾ مقابلي جي ڪري سرمائي جي هڪ هنڌ جمع ڪرڻ ۽ ان جي صحيح استعمال ۾ رخنو پئجي ٿو وڃي جنهن جو نتيجو هڪ خطرناڪ بي چيني يا ڊپريشن جي صورت ۾ نڪري ٿو. حد کان وڌيڪ مقابلي جي چڪر ۾ سرمائيدار مزدور جي محنت جو وڏو حصو ضايع ٿا ڪري ڇڏين ۽ جيئن اڳ ذڪر ڪيو ويو ته اهڙي عمل جي ڪري ڪنهن فرد جي سماجي سڄاڳي/شعور معذور ٿيو پوي.

سرمائيداري جو وڏي ۾ وڏو نقصان جيڪو مون محسوس ڪيو آهي سو آهي فردن کي ذهني طور معذور ڪرڻ. اسان جو سڄو تعليمي نظام ان نقصان جي وزن هيٺان چيپاڄجي ويو آهي. مقابلي واري رويي کي وڌائي چڙهائي شاگرد کي هيئنئن سان

هنڌايو وڃي ٿو ۽ ڪيس مستقبل ڪي ڪيريئر لاءِ لالچ، لوڀ ۽ ماديت پرستي واري ڪاميابي جي پوڄا ڪرڻ سيکاريو ٿو وڃي. مان ان ڳالهه تي مڪمل طور تي مطمئن آهيان ته ان مسئلي جو صرف هڪ ئي حل آهي: هڪ سماجواد اقتصاديات جو قيام ۽ گڏوگڏ هڪ اهڙو تعليمي نظام جنهن جو مقصد سماجي ڀلائي ۽ بهبود هجي. اهڙي اقتصاديات ۾ پيداوار جا ذريعا پوري سماج جي گڏيل ملڪيت هوندا آهن ۽ ڪين هڪ منظم منصوبابندي تحت استعمال ڪيو ويندو آهي. هڪ منظم اقتصاديات جيڪا ماڻهن جي گهرُج جي حساب سان پيداوار ڏئي سا قابل ماڻهن ۾ روزگار ۽ ڪم برابري سان ورهائيندي ۽ اها مرد، عورت، ٻار توڙي ٻڍي جي بهتر زندگي جي ضمانت ڏيندي. تعليم هڪ فرد کي سندس اندروني صلاحيتون نکارڻ جو موقعو ڏيڻ سان گڏوگڏ هن ۾ هلندڙ دور واري "ڪاميابي" ۽ "شهرت" جي جڳهه تي سندس شهرين جي طرف هڪ ذميداري واري سوچ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي.

البته، اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته هڪ منظم اقتصاديات کي ئي سماجواد نه ٿو چئي سگهجي. ٿي سگهي ٿو انهيءَ منظم اقتصاديات ۾ سماج جا فرد مڪمل طور تي غلام ٿيا پيا هجن. سوشلسٽ سماج ٺاهڻ لاءِ ڪجهه تمام ڏکين سياسي- سماجي مسئلن جو خاتمو ڪرڻو پوندو: سياسي ۽ اقتصادي طاقت جي ڏور-رس مرڪزيت جي پس-منظر ۾ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته بيوروڪريسي کي مڪمل طور طاقتور ۽ آفيسر شاهي ٿيڻ کان بچائجي؟ فرد جا حق ڪيئن محفوظ ڪجن؟ ان سان گڏوگڏ بيوروڪريسي جي طاقت جي مقابلي ۾ اوتري ئي طاقت رکندڙ جمهوريت کي ڪيئن آڻجي؟

اسان جي هن تبديلي واري دؤر ۾ سماجواد جي مقصدن ۽ مسئلن جي باري ۾ صحيح ۽ صاف ڄاڻ جو قدر انتهائي گهٽو آهي. جيئن ته موجوده حالتن جي اندر اهڙن مسئلن تي آزاد ۽ بي جهجهڪ بحث مباحثو ڪنهن ممنوع ٿيل شيءِ جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي، تنهنڪري هن رسالي جي نمودار ٿيڻ کي آئون هڪ اهم سماجي ڀلائي جي ڪم طور ٿو ڏسان.

- ”حڪمران نظريو حڪمران طبقي جو ئي نظريو هوندو آهي. ڪنهن سماج تي مادي طور حڪومت ڪندڙ طبقو ئي ان سماج تي ذهني طور پڻ حڪومت ڪندو آهي. جنهن طبقي جي هٿ ۾ مادي پئداوار جي وسيلن جي مالڪي هوندي آهي. ان ئي طبقي وٽ لاڳاپيل سماج جي ذهني پئداوار جو پڻ اختيار هوندو آهي. ان ڪري مادي پئداوار جي وسيلن جي مالڪي کان وانجهيل ماڻهن جا خيال پڻ حڪمران ڌُر جي خيالن جي تابع هوندا آهن. حڪمران خيال اصل ۾ ڪنهن سماج تي لاڳو ڪيل طاقتور مادي تعلقن جو ئي عڪس هوندا آهن.“ *(ڪارل مارڪس- جرمن آئيڊيالاجي)*
- ”جيڪڏهن توهان کي پئداوار ڏهه سالن ۾ حاصل ڪرڻي آهي ته وڻ پوکيو، پر جيڪڏهن توهان هڪ صديءَ تي محيط پئداوار

خيال پرستي ۽ سائنسي فڪر

مختيار راهو

فلسفي جو اهم سوال ته مادو اول آهي يا خيال؟ بنيادي اهميت جو رهيو آهي. هن سوال جي بنياد تي اسان فلسفي کي ٻن شاخن ۾ ورهايون ٿا. باقي ٻيا اهڙا سوال ان سوال کي حل ڪرڻ بعد ان جي ڪنهن هڪ جواب منجهان ئي ڏنا وڃن ٿا. سوچڻ يا سمجهڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون بنيادي طرح اسان مٿين سوال جي جواب ۾ فلسفي جي انهن ٻنهي شاخن کي هن ريت رکي سگهون ٿا.

(1)ماديت جو نظريو: (Materialism)

مادو اول آهي مادو شعور کي طئه ڪري ٿو.

(2) خيال پرستي: (Idealism)

شعور اول آهي. خيال (شعور) مادي کي طئه ڪري ٿو.

انهن مٿين ٻنهي بنيادي شاخن کان سواءِ هڪ ٻي شاخ به موجود آهي جيڪا آهي.

(3) اگنان واديت: (Agnosticism)

هن فلسفي جي شاخ جو اهو چوڻ آهي ته اسين اهو ڄاڻي ئي نه ٿا سگهون ته دنيا بنيادي طور روح آهي يا مادو يا وري ٻي طرح اسان شيءَ جي ظاهر شڪل ته ڄاڻون ٿا پر شي حقيقت ۾ ڇا آهي يا شي بالذات يا ”بذات خود شيءَ“ نه ٿا ڄاڻي سگهون. تنهن ڪري فلسفي جي هي شاخ به خيال پرستي سان ئي رجوع ڪري ٿي.

مٿين شاخن جو الڳ الڳ نقطه نظر ساڳي طرح هن ڪائنات ڏانهن ساڳو رخ ۽ راءِ رکي ٿو.

خيال پرستي روح کي اول ۽ مادي کي آخر سمجهي ٿي گڏوگڏ اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته خيال پرستي ۾ به ڌاراؤن موجود آهن جيڪي بنيادي سوال ڏانهن ساڳيو ويو رکندي مسئلي ڪجهه هيٺين ريت بيان ڪن ٿيون جن جي خيالن کي به سمجهڻ اسان لاءِ ضروري آهي.

معروضي خيال پرست:

افلاطون (427-347 ق-م)

معروضي خيالن پرستيءَ جو هي ڏڙو افلاطون کان شروع ٿئي ٿو ۽ چئي ٿو ته مادي شيون شعور کان آزاد وجود رکن ٿيون پر انهن مادي شين کي اهڙين ئي رُوحن يا خيالن يا (خيال) ٺاهيو آهي جيڪي معروضي طرح آزاد وجود رکن ٿا.

موضوعي خيال پرست:

جارج برڪلي (1684ع-1753ع)

موضوعي خيال پرستيءَ جو هي ڏڙو جارج برڪلي کان واضح انداز ۾ شروعات ڪري ٿو ۽ چئي ٿو ته:- ڪائنات ۾ جيترو ڪجهه آهي اهو ايترو ڪجهه ئي آهي جيترو اسانجي شعور ۾ آهي. جن حقيقتن تائين اسان جي سوچ ۽ سمجهه نه ٿي پهچي انهن جو ڪوبه وجود ئي ناهي. ٻين لفظن ۾ ڪائنات رڳو ايتري آهي جيتري حواسن ذريعي محسوس ڪيون ٿا. ٻي معنيٰ ۾ رڳو اڪيلو انساني ذهن يا وري خيال ئي آهي جيڪي حقيقي وجود رکن ٿا.

خيال پرستي هر حالت ۾ روح يا شعور کي اول مڃي ٿي ۽ معروضي خيال پرستي مادي کي ثانوي سمجهي ٿي يا وري موضوعي خيال پرستي ۾ مادي کان نپٽ انڪار ڪري ان جي وجود کي ئي ڪانه ٿي مڃي.

معروضي خيال پرستي چئي ٿي ته شعور مادي کي تخليق ڪيو آهي يا ان اعليٰ خيال منجهان مادي جي تخليق ٿي آهي. جڏهن ته موضوعي خيال پرستي مورڳوئي مادي جي وجود کان ئي انڪاري ٿي بيهي ٿي. هن مادي ڪائنات کي غير حقيقي تصور ڪري ٿي.

خيال پرستي جي پنهنجي ئي طريقيڪار موجب جڏهن شعور، روح، يا خيال ئي مادي کي تخليق ڪيو آهي ته ان خيال جي تخليق يا "Deduction" کي اسين هن مادي مانداڻ جي صورت ۾ ڏسون ٿا. هي ڪائنات ڪوڙ مادي حالتن جهڙوڪ، مقدار، معيار، زمان ۽ مڪان ۾ ڏسون ٿا يا اهڙين ٻين مادي حالتن ۾ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿي. ته اسان اهو سوال خود خيال پرستي کان ڪيون ٿا ته اهو شعور يا روح جيڪو خيال پرستي وٽ اول آهي. ان جو مقدار-معيار ڇا آهي؟ ۽ ڪهڙن سببن ۽ اصولن تي آڌاريل آهي؟ ان جو هن مادي دنيا سان تعلق ڪهڙي طريقي سان ڳنڍيل آهي؟ اهو

خيال مادي ڪائنات تي اول هجڻ جي صورت ۾ ان ڪي ڪيئن اثر انداز ٿئي ٿو؟ ڪهڙين مادي قوتن (Materiac of Forces) سان ان شعور جي هڻ مادي ڪائنات سان تعلق جي سڃاڻپ ٿي سگهي ٿي.

جڏهن مادي دنيا يا (Deduction) جو پنهنجي اول خيال سان لازمي نسبتي، سببي تعلق جو سوال پڻ بنيادي اهميت حاصل ڪري وٺي ٿو. تڏهن خيال پرستي روح جو مادي سان تعلق ڳنڍڻ ۾ ناڪام ٿيندي مادي جي وجود تان ئي هٿ ڪڻندي محض خيال کي ئي بنيادي قرار ڏيڻ تي بضد ٿئي ٿي.

يا وري ڪنهن ٻي لامڪان (Space Less) لازمان "Time less" جي تخليق ڪري ٿي جيڪو غير حقيقي آهي. يعني اجان ٻئي خيال جي سهاري هن مادي ڪائنات کي ان لازمان ۽ لامڪان جو پاڇو قرار ڏئي ٿي.

ماديت پسندي وٽ مادي ۽ خيال جو سڌو تعلق موجود آهي ۽ خيال کي مادي جو ئي عڪس ۽ ان جي خاصيت ۽ شڪل سمجهي ٿي. پر خيال پرستي خيالن کي آڏو ابتو ۽ غير هموار رکي سپني تصورن جيڪي مادي منجهان ئي اخذ ٿيل آهن جي مختلف شڪلين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري نون تصورن ٺاهڻ جي تاحد ڪوشش ڪري ٿي پر تڏهن به پاراٽي انداز سان منهن پر ڪري ٿي.

روح کي اول رکڻ لاءِ خيال پرستي سڄو ڦيروئي ابتو رکي ٿي جهڙوڪ هن مادي مڪان ۽ زمان کي غير حقيقي سڏڻ، سمجهڻ ۽ جڏهن ته ڪنهن غير حقيقي لازمان- لامڪان کي حقيقي سمجهڻ.

تڏهن به ماديت پسندي، خيال پرستي کي رستو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي. اچو ته خيال پرستي کان ان لازمان ۽ لامڪان جي هيعت مقدار-معيار جو پتو پڇون ته پوءِ چا ان سوال جي جواب ۾ خيال پرستي کي ڪنهن ٽئين لازمانن جو لازمان لامڪانن جو لامڪان جو خيال ڏيڻو پوندو. يقينن! خيال پرستي ان سوال جو جواب نه ٿي ڏئي سگهي ته لامڪان ڪنهن ٻئي لامڪان ۽ لازمان ڪنهن ٻئي لازمان منجهان جڙيل آهن. تڏهن خيال پرستي اهڙي لامڪان يا لازمان جي ئي ڪجهه به نه "عدم" واري خيال کي حقيقت تي بيهاري ٿي جنهن مان هن مادي ڪائنات وجود ورتو آهي ڪل جهڙي ڳالهه وري اها آهي ته اهڙي لازمان يا لامڪان جي خيال پرستي وٽ اهڙي حقيقت آهي جنهن جي ڪابه وصف بيان نه ٿي ڪري

سگهجي. نه ئي جيڪي پويان سببي تعلق وارا سوال پڇيا آهن انهن جا جواب ڏئي سگهجن ٿا.

چڱو پلا پاڻ ڪجهه ٻيا سوال ٿا رکون!

ان لازمان يا لامڪان کي ڪهڙي خيال جوڙيو آهي. ان شعور جو لازمان ۽ لامڪان سان تعلق ٻڌايو؟ يا اهو "اعليٰ روح" هن مادي ڪائنات ۽ لازمان ۽ لامڪان ۾ به ساڳو "اعليٰ روح" اول آهي؟ اڃو ته هاڻي ماديت پسندي کان سوال پڇون ۽ بحث ڪيون؟

مادو ۽ شعور- ماديت پسندي جي نظر ۾:

اسان پنهنجي ڳالهه جي شروعات جنهن سوال سان ڪئي ته مادو اول يا شعور ان جو جواب خيال پرستي ابتو ڏنو يا مرڳوئي ڳالهه گول ڪندي مادي جي وجود کان انڪاري ٿي بيٺي يا ڪل جهڙن تصورن تائين هلي وئي. وري مادو ڇا آهي؟ شعور ڇا آهي؟ يا انهن ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ جا به جواب خيال پرستي وٽ نه آهن.

جڏهن ته ماديت پسندي ان بنيادي سوال کي ٺيڪ انداز ۾ جوابي ٿي ته مادو اول آهي ۽ خيال کي طئي ڪري ٿو تڏهن ٻيا سپ سوال وڏيڪ وضاحت سان سمجهه اچڻ لڳن ٿا.

مادي کي اول ۽ بنيادي سمجهڻ سبب ماديت پسندي هن پوري ڪائنات کي ان جي سڀني حالتن ۽ واقعن کي حقيقت سمجهي ٿي. تڏهن ئي اها ٻڌائي سگهي ٿي ته مادو ڇا آهي شعور ڇا آهي انهن ۾ ڪهڙو تعلق آهي. خيال ڪٿان اچن ٿا ۽ ڪئين جڙن ٿا؟

جيئن ماديت پسندي ٻڌائي ٿي ته خيال مادي شين مان اخذ ٿيل آهن ڪوبه اهڙو خيال نه آهي جيڪو مادي ڪائنات کان مٿانهون هجي. خود ديوتائي تصور انساني ويڳاڻپ جو اظهار آهن. اچو ته تفصيل سان ماديت پسندي ۽ ان جي علم جي طريقيڪارن کي سمجهون ۽ ساڳي وقت خيال پرستي کي به سمجهون.

مادو:

ماديت پسندي مادي جي وصف: "مادو جڳهه والاري ٿو ۽ وزن رکي ٿو." جهڙي سادي معنيٰ کان "ذهن کان ٻاهر سمورو وجود مادي آهي خيال مادي منجهان اخذ ٿيل آهن" جهڙي وسيع تصور تائين بنيادي طرح اهو ٻڌائي ٿي ته مادو هڪ اهڙو فلسفياڻو

ڪُلي تصور آهي جيڪو معروض جي ڪثرتي دنيا جي وحدت آهي ۽ اهو مختلف اڪٺ حالتن ۾ ملي ٿو. جيڪي هن ڪائنات جي هاٿوڪي شڪل ۾ نهڻ وقت يا وري ڪنهن ٻي چڪر يا جنم جنم جي ڦيري ۾ ٿي سگهن ٿيون.

جهڙوڪ بگ بينگ جي ”اسٽينڊرڊ ماڊل“ جي ذرڙن يا هگس بوسن پارٽيڪل (God Particle) جو ليجڻ ان جي اهم شاهدي آهي. مادي جي وجودي صفتن جو تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

مقدار: (Quantity)

مقدار مادي جي اهم خاصيت آهي. مقدار جي وصف ماديت پسندي وٽ مادي آهي. اها مادي ڪان آزاد ۽ ڪو خيال نه پر مادي منجهه موجود آهي. مادو مقدار ۾ آهي. سائنس جي مشاهد اتي علم تائين مادو ڪنهن نه ڪنهن مقدار تائين وڃي ٿو. مقدار مادي جي حالتن ۾ مايو ۽ وزن جي صورتن ۾ موجود آهي ته وري مقدار جو تصور اڃان انتهائي گهرو ۽ گهڻ پاسائون آهي مقدار ڪي ماپ- تيزي ”Speed“ يا وري مادي جو توانائي ۾ تبديل ٿيڻ بعد گرمي جو مقدار آواز جو مقدار روشني جو مقدار- توانائي جي ٻين حالتن جو مقدار به ڪڍي ۽ ٻڌائي سگهجي ٿو. تنهنڪري مادي ۽ توانائي ڪي اسان مقدار ڪان الڳ نه ٿا ڪري سگهون نه ئي مقدار ڪو خيالي تصور آهي بلڪه اهو مادي آهي. مادي ۽ توانائي جو تعلق پڻ سائنسي قانونن تحت مقداري انداز سان ٻڌائي سگهجي ٿو ته- جهڙوڪ ايٽم ڪي ٽوڙڻ يا تابڪاري لاءِ توانائي، گرمي جو گهربل مقدار لازمي هوندو آهي. اهو گرمي جو مقدار مادي ڪي ٽوڙي توانائي يا تابڪاري عمل ڪي شروع ڪندو آهي. تنهنڪري هي پوري ڪائنات مقدار جي مادي صورت سان بيان ڪري سگهجي ٿي.

جڏهن ته خيال پرستي جڏهن مادي ڪي ڪو پاڇو چوي ٿي يا انجي وجود ڪان ئي انڪار ڪري ٿي ته هو مقدار جي مادي هجڻ ڪان به انڪاري آهي. تنهنڪري ماديت پسندي ئي اهو ٻڌائڻ جي قابل آهي ته هي ڪائنات مادي آهي تنهنڪري اها ڪنهن نه ڪنهن مقدار ۾ آهي. اڄوڪي سائنس به اسان ڪي اهو ٻڌائي ٿي ته مادو ڪنهن به ڪيميائي عمل ۽ تبديلي ۾ نه پيدا ٿئي ٿو نه ئي فنا ٿئي ٿو. اهڙي طرح توانائي جي بقا جو سائنسي قانون به

موجود آهي.

ڪنهن به ماپي کي اسان جڏهن مقدار جي صورت ۾ ڏسون ٿا ته ان جو مقدار ڪنهن ٻي ماپي جي مقدار آڌار ٻڌايون ٿا. يعني ماپي جو مقدار اسان ڪڏهن قطعي طور ٻڌائي نه سگهنداسين جڏهن اسان مادي ڪجهه شڪلين کي هٿائي ڇڏينداسين اها صورت توانائي سان به لاڳاپيل آهي جهڙوڪ جڏهن ڪنهن توانائي جي صورت جي گرمي پد- يا رفتار جي ماپ ڪنداسين ته اسان ڪنهن ٻي توانائي جي آڌار يا نسبت سان ٻڌائينداسين. جيئن آواز جي رفتار يا ٻين شين جي حد، روشني جي رفتار سان ماپڻ وغيره. تنهنڪري ثابت ٿيو ته مقدار به مادي آهي. ۽ مادي کان سواءِ مقدار به نه ٿا ٻڌائي سگهون. مقدار جي گهٽ وڌائي معيار يا خاصيت تي پنهنجا اثر ڇڏي ٿي.

معيار، خاصيت (Quality) :

مادي کي اظهارڻ جي صورت ان جي خاصيت يا معيار به آهي، جنهن کي اسان هن ريت بيان ڪري سگهون ٿا ته ”ڪنهن به شي يا مظهر جي اهڙي اندروني بناوٽ جيڪا ان شي يا مظهر کي ڪنهن به ٻئي شيءَ يا مظهر کان ڌار ڪري ۽ جيڪا بناوٽ ان شي يا مظهر جي ذاتي، يا سڀاويڪ هجي.

ان مٿئين مثال کي اسان عام لفظن ۾ ائين سمجهي سگهون ٿا ته اسان هن مادي ڪائنات ۾ ڪوڙ ساريون شيون ڏسون ٿا. جن جون ڪي خصوصيتون آهن. ٻآهرين شڪلين کان وٺي انهن جي ڪارآمد هجڻ تائين اهي سڀ مادي شيون ڪنهن نه ڪنهن خاصيت سان جڙيل آهن. ڪجهه عمومي خاصيتن ۾ سختي، نرمي، هلڪائي ڳورائي، پسرائيداڙ، اڻ پسرائيدر مادو-منو-ڪٽو ترش وغيره. يا وري شڪل. وزن ۽ حرڪت ۾ به مادي شيون. ڪي خصوصيتون رکن ٿيون. مادي جي هر شڪل پنهنجيون خصوصيتون رکي ٿي. مادو خصوصيت سان جڙيل آهي خصوصيت کان ٻاهر به مادي جو وجود ممڪن نه آهي نه ئي وري ”خصوصيت ڪو مجرد خيال آهي جيڪو مادي مٿان ٿاڦيو ويو آهي، حقيقت ۾ خصوصيت مادي جو جوهري ورتاءُ آهي. ٻين لفظن ۾ هوند (Being) هڪ خاصيت آهي.

خيال پرستي وٽ خصوصيت جي تعريف واضح نه آهي اهي خصوصيت جا به موضوعي ۽ معروني انداز ۾ انڪاري آهن

جھڙوڪ پاڻي جو پاڻي ھجڻ يا پاڻي جو سرد گرم ھجڻ. جو دارومدار پاڻي جي خصوصيت يا ان ۾ موجود گرمي- سردي جي مقدار تي نه پر موضوع جي ڪري آھي.

جڏھن ته ماديت پسندي خصوصيت، معيار کي مادي جي پنھنجي ذاتي ۽ بنيادي وصف سمجھي ٿي. جيڪا مادي جي نسبت سان ئي پڌائي سگھجي ٿي.

اڄوڪي سائنس اسان کي پڌائي ٿي ته ڪنھن عنصر جي خاصيتن جو دارومدار ان جي ايٽمي ماپي يا ائٽمي وزن تي آھي يا وري عنصرن جي درجه بندي ايٽم جي نمبر تي رکي وئي آھي.

ھتي مادي جي مقدار جو معيار سان گھرو تعلق آھي. ھر مادي جو مخصوص مقدار ئي ڪنھن شي يا شڪل يا بناوٽ کي اظھاري ٿو ان جي مقدار ۾ تبديلي سان ان جي ھڪ حد کان پوءِ خاصيت مٽجي وڃي ٿي.

اينگلز پنھنجي ڪتاب "فطرت جي جدليات" ۾ لکي ٿو ته.

"مقدار جو معيار ۾ تبديلي جو قانون يا ان جي ابتڙ ۾ پنھنجي مطلب لاءِ اسان ان کي ائين بيان ڪري سگھون ٿا ته فطرت يا ھر انفرادي معاملي ۾ ٺيڪ انداز سان خاصيتي تبديليون مادي يا حرڪت (نالي چڙھيل توانائي) ۾ فقط مقدار جي اضافي يا مقدار جي گھٽتائي سان ئي ٿي سگھن ٿيون".

مقداري تبديلي يا ٻين لفظن ۾ تبديلين جو مسلسل واڌارو يا گھٽتائي ئي ھڪ خاص سطح تي شي جي خاصيتن کي تبديل ڪري وجھي ٿو.

مثال طور تي پاڻي کي مسلسل گرم ڪجي ته "99" گرمي پد تائين پاڻي. پنھنجي حالت برقرار رکي ٿو پر 100 درجه تي ٻاڦ بنجڻ شروع ٿئي ٿو. يعني گرمي پد مسلسل وڌائڻ تي ھڪ حد کان پوءِ شي ٻي ڪيفيت ۾ بدلجي وڃي ٿي.

ساڳي طرح عنصرن ۾ پاڻي جو فارمولا.

H_2O = Water

H_2O_2 = Hydrogen Peroxide

مقدار جي تبديلي سان معيار ۾ فرق ظاھر ٿئي ٿو.

زمان (Time) :

ماديت وٽ زمان معروض ۽ مادي جي صفاتي حقيقت آھي. جنھن کي اُھا ھن ريت بيان ڪري ٿي ته "زمان مادي تسلسل جي

آفاقي وصف آهي جنهن ڪي معيار (مُدا/دور) آهن جيڪو برابر ترتيب ۾ هڪ ٻئي جي پوئيواري ڪن ٿا.“

يعني مادي جي روش- هلت يا سلسلي ۾ هڪڙا مُدا/دور ٺيڪ ٻين مدن جي پويان ظاهر ٿيندا رهن ٿا ۽ اڳتي وڌندا رهن ٿا. جنهن جو سلسلو ماضي کان مستقبل ڏانهن ئي آهي جنهن ۾ واپسي يا پوئتي موٽي وڃڻ ناممڪن آهي.

وقت يا زمان مادي تسلسل جي همه گير وصف آهي جنهن ۾ رفتار (Speed) طاقت يا سگهه جي گهٽتائي / واڌارو- ”Entropy“ تغير، کي وقت سان ان جي مقدار سمجهي سگهون ٿا.

ڪائنات ٺهڻ جي عظيم ڌماڪي جي شروعاتي لمحن ۾ مادي تي پيدا ٿيندڙ اثرن ۽ انهن ۾ اڄ تائين جي تبديلين کي زمان جي انهن ٺيڪ ترتيب وار مدن ۾ ئي اسان بهتر انداز ۾ سمجهي سگهون ٿا. اچو ته اجا ان کي سادو ۽ سولو بنايون ته. اسان سوچڻ شروع ڪيو ته اسان مختلف واقعن، خطرن کي ڪنهن نه ڪنهن لمحي- وقت جي مدي ۾ ظاهر ٿيڻ سان ئي سمجهي سگهون ٿا. مثال طور مان رات جو هن وقت هڪ بجي هي مضمون لکي رهيو آهيان.

ان جملي ۾ ”رات“ ۽ ان جو هڪ وڄڻ ڪنهن مادي لمحي کي ظاهر ڪري ٿو. ائين اسان زندگي جي سڀني حالتن واقعن ڪائنات ۾ هلندڙ سرگرمين- تبديلين کي زمان ۾ ڏسون ۽ سمجهون ٿا. ڪوبه اهڙوواقعو- مظهر نه آهي جيڪو لاز مان ”Time lessness“ ۾ هجي.

اجان هڪ ٻيو مثال وٺون مادي پسند وٽ ته زمان مادي سلسلن جون ترتيب وار ڪڙيون آهن تنهن ڪري هو- هر مظهر ۽ واقعي کي ڪنهن نه ڪنهن لمحي، مُدي، ۾ ڏسي ٿو. پر خيال پرست ان جو جواب ڇا ڏيندا؟ هو ڪن حالتن ۾ زمان کي صرف داخلي خيال سمجهن ٿا جيڪو موضوع جي ذهن ۾ موجود آهي. يا وري الٽو لازمان يعني ”Time lessness“ کي مڃين ٿا. ڪو اهڙو هنڌ (لامڪان) جتي (لازمان) يعني ٽائيم / وقت موجود ناهي يا بيٺل آهي.

آهي نه عجب جي ڳالهه! ها اسان به مڃون ٿا ته ڪا اهڙي جڳهه جيڪا سري کان ڪا جڳهه ئي نه آهي ته پوءِ اتي ٽائيم – وقت- نه هوندو- پر حقيقت ۾ اهڙي ڪابه خلا- ڪائنات ۾ موجود

ئي نه آهي.

مثال طور اسان پوري ڪائنات جي سڀني زمانن کي ڌرتي جي هڪ ڏينهن يعني 24 ڪلاڪن جيترو خيال ڪيون. هاڻي ڪو خيال پرست اسان کي يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته هن ڪائنات ۾ ٿيندڙ- ڪو واقعو- مظهر ٿئي پيو جيڪو انهن 24 ڪلاڪن کان ٻاهر آهي. يا ان مظهر- واقعي جو مدو انهن 24 ڪلاڪن جي ڪنهن به سيڪنڊ- منٽ- ڪلاڪ جي نسبت ۾ نه آهي ته اسان ان کي چونداسين ته اهڙو ڪوبه واقعو- مظهر واقع ئي نه ٿيو آهي. ڇو ته انهن چوويهه ڪلاڪن جي هر بدلجندڙ سيڪنڊ- منٽ- ڪلاڪ جي نسبتي تعلق ۾ هر مادي واقعو- مظهر پڌائي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ هر مظهر جي ٿيڻ جي نسبت صرف اهي ئي 24 ڪلاڪ آهن.

اڄوڪي سائنس هن مادي ڪائنات جي ٺهڻ واري عظيم ڌماڪي جي مختلف لمحن ۾ ٿيندڙ مادي تبديلين تي ويچاريندي. مختلف حيران ڪندڙ نتيجا ظاهر ڪري رهي آهي. جنهن ۾ سرفهرست ڪائنات جي ٺهڻ جي شروعاتي ذرڙن جو ”اسٽينڊرڊ ماڊل“ آهي.

ان زمان جي سوال کي اڃان اڳتي وڌڻو آهي ته ڌماڪي کان اڳ واري زمان ۾ ڇا ٿي رهيو هو. پهرئين وارا لمحا جن ۾ ڌماڪي جي تياري ٿي ان جا ڪهڙا اثر آهن. يعني زمانن جي حالتن ۽ واقعن جو ڦيرو ڪيترو طويل آهي.

انهن زمانن جي ڦيري کي ڪنهن قدر اسان ستارن جي ٺهڻ ڊهڻ ۽ بليڪ هولز ۾ تبديل ٿيڻ ۾ سمجهي سگهون ٿا. اهو سڀ ڪجهه سوچڻ جي سگهه جدليات تي ٿئي ٿي.

سائنس- ماديت توهان ڏانهن هٿ کولي پليڪار ڇئي ٿي.

مڪان (Space) :

مڪان ماديت پسندي ۽ جدليات وٽ معروضي صفاتي حقيقت آهي. مڪان جي وصف ماديت پسندي ڪجهه هن ريت ڏئي ٿي ته ”مڪان مادي وجود جي عالمگير وصف آهي جنهن کي پکيڙ، متعين جڳهه جي والار ۽ ڪنهن ٻئي معروض جي نسبت متعين مقام ۽ مفاصلي تي موجودگي حاصل آهي.

اينگلز لکي ٿو ته: ”وجود جون بنيادي شڪليون مڪان ۽ زمان

آهن. زمان کان بغير وجود اهڙ ي خام خيالي آهي جهڙو مڪان کان بغير وجود يعني مٿين وصف ۾ اينگلز جي سمجهاڻي موجب مڪان معروضي حقيقت آهي جيڪا مادي وجود سان ڳنڍيل آهي. ڪنهن به مادي وجود جي پڪيڙ- والار ۾ مقام ئي مڪان آهي يا مڪان ۾ آهي. جنهن کي اسان نسبتي انداز ۾ ڪنهن ٻئي معروض يا مڪان سان سمجهي سگهون ٿا.”

مادي ڪائنات جي موجودگي مڪان ۾ ئي آهي. اڄوڪي سائنس مڪان ۽ زمان کي پاڻ ۾ ڳنڍيل سمجهي ٿي ۽ مڪان کي زمان ۽ زمان کي مڪان جي نسبت سان سمجهائي ٿي. رفتار يا اسپيڊ جو ايڪو ميٽر في سيڪنڊ ”m/s“ آهي.

ميٽر ”m“ خود ڊيگهه جو بنيادي ايڪو آهي ۽ سيڪنڊ ’s‘ وقت جو بينادي ايڪو آهي. مڪان ۽ زمان جو پاڻ ۾ اهڙوئي مضبوط ڳانڍاپو آهي.

آسان لفطن ۾ اسان ڪنهن به خاص مادي وجود جو ڏس ڏيندا سين ته ان جي ڊيگهه ويڪر يا ان ڏانهن مفاصلو ٻڌائيندا سين. سڀ مادي شين جو هڪ ٻئي سان تعلق آهي ڳانڍاپو آهي نام نهاد دائي خلا ڪٿي به موجود نه آهي. مادي جو مڪان ۾ سڪڙجڻ، ڦهلجڻ، ڳتجي وڃڻ ان ڳالهه جي شاهدي آهي ته مادو مڪان ۾ ئي وجود رکي ٿو. نه ئي ڪا نام نهاد، خلا نه ئي ڪو نام نهاد ”لامڪان“ موجود آهي.

ڪو به مادي وجود چاهي اهو مادي جي ڪهڙي به شڪل روشني، مقناطيسي لهرن جي صورت ۾ هجي ان جو ڏس پتو اسان مڪان ۾ ئي ڏيون ٿا.

ڪانٽ مادي وجود کي مڃڻ لاءِ تيار آهي. پر عجيب مونجهارا پيدا ڪندي هو زمان ۽ مڪان کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي هن جو چوڻ آهي ته زمان ۽ مڪان محض تجريد آهن ۽ ذهن جي جوڙجڪ جو حصو آهن. اينگلز زمان ۽ مڪان يا ٻين تصورن ڏانهن اهڙي راءِ رکندڙ لاءِ ڪجهه هيئن لکي ٿو.

”هي اهائي پراڻي ڪهاڻي آهي ته سڀ کان پهريائين محسوس ڪرڻ جي قابل شين کي تجريد ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي پوءِ اها خواهش ڪئي ٿي وڃي ته انهن کي حواسن ذريعي جاڃجي زمان کي ڏسون، مڪان کي سنگهيون، ظاهر آهي مادي جي وجود جون هي ٻه شڪليون مادي کانسواءِ ڪجهه به نه

آهن“. يعني مادي کي هٽائڻ کان پوءِ زمان ۽ مڪان به موجود نه آهي. زمان ۽ مڪان محض ڪي مادي جون جبري صورتون نه آهن. پر زندگي جو فطرت سان تعلق، سماج ۾ انساني سوچ ۽ سمجهه جو اظهار زماني ۽ مڪاني آهي. زندگي زمان ۽ مڪان جي حالتن ۽ صورتن ۾ ئي ارتقا ڪئي آهي. فطرت سان هم آهنگي ۽ ٽڪراءُ زندگي جي زماني ۽ مڪاني تاريخ آهي. خود انساني سوچ ۽ سماج زمان ۽ مڪان سان تعلق ۾ آهن.

لينن لکي ٿو ته ”زمان ۽ مڪان جا احساس انسان کي حياتياتي طور تي بامقصد ۽ ٺيڪ طرف رهنمائي ڪري سگهن ٿا ۽ اهو صرف ان شرط تي ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اهي احساس انسان کان ٻاهر معروضي حقيقت جي صحيح عڪاسي ڪندا هجن.“

تنهن ڪري ئي ماديت پسند ئي، انساني سماج- فطرت جو صحيح علم حاصل ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته هو ٺوس ۽ واضح انداز ۾ سوچي ٿو. جڏهن ته خيال پرست مونجهارا. پريشانيون. انساني سماج لاءِ ڏک ۽ تڪليفون پيدا ڪندو رهي ٿو. ساڳي وقت اِها به حقيقت آهي ته زمان ۽ مڪان سميت ڪوڙ سارن ڪُلي تصورن (Categories) جي جدلي سمجهه ۾ فلسفي جي تاريخ اندر مارڪس کان اڳ، مادي پرستن کان وڌيڪ خيال پرستن جو ڪم آهي. خاص طور تي هيگل جو.

مادو ۽ چرپر:

مادي جي چرپر يا حرڪت دائمي ۽ بنيادي آهي. مادي جو سڀ صورتون هميشه چرپر ۾ آهن. مادو حرڪت کانسواءِ رهي ئي نه ٿو سگهي. نه ئي ڪائنات ۾ ڪو اهڙو مادو آهي جيڪو چرپر يا حرڪت ۾ نه آهي. جهڙوڪ ننڍن مادي جسمن جيئن ايٽم ۽ ان ۾ موجود ذرڙن کان وٺي وڏن جسمن جهڙوڪ هي پوري ڪائنات چرپر ۾ آهي. اِها چرپر جي خاصيت مادي جي پنهنجي ”جڙ“ ۾ موجود آهي اها ٻاهران ٺاڦيل نه آهي. اها چرپر مادي کي مختلف حالتن ۾ تبديل ڪري ٿي. مادو توانائي ۾ تبديل ٿئي ٿو چرپر مادي شين جي ٺهڻ، بگڙجڻ ۽ ڊهڻ کي اپاري ٿي. اها مادي جي چرپر ۽ مٿاسٽا خود ڪائنات کي هڪ وحدت ۾ ڳنڍي ٿي. ۽ مادي شين کي پاڻ ۾ تعلق ۽ ڳانڍاپي ۾ ڏيکاري ٿي.

سبب ۽ نتيجو :

سبب هڪ اهڙي شي يا لقاءُ آهي جيڪو ڪنهن ٻي شيءِ / نتيجي کي وجود ۾ آڻي ٿو. سبب ۽ نتيجي جو قانون ماديت پسندي جو اهم قانون آهي هي چرپر ۽ تحرڪ ۾ هڪ سلسلو آهي اها سبب ۽ نتيجي جي چرپر سبب کي نتيجي ۾ بدلائي ٿي ۽ اهو نتيجو نئون سبب ٿي پوي ٿو جيڪو تسلسل سان وري نئين نتيجي کي پيدا ڪري ٿو. ان مادي قانون جي بنياد مان سمجهي سگهون ٿا ته سبب رڳو سبب ناهي نه ئي نتيجو الڳ ۽ جامد نتيجو ئي رهندو. بلڪه جڳهين جي مٽاسٽا ۽ چرپر "نفي جي نفي" جي قانون آهي جنهن ۾ سلسلوار سلسلي ۾ هڪڙو ٻئي کي ڏکيندو جايون مٽائيندو. وجي ٿو اڳتي وڌندو.

ان سبب ۽ نتيجي جي "نفي جي نفي" جو اهو سلسلو پاڻ ۾ تعلق ۽ ڳانڍاپو رکي ٿو. ان منجهه ڪارڻي رشتو "Causal Relationship" آهي. ان ڪارڻي رشتي ۾ سبب ۽ نتيجي جو تسلسل هلي ٿو. تنهن ڪري ڪوبه سبب پهريون ۽ بنيادي سبب يا "سبب جو مُنڍ" نه آهي. نه ئي وري ڪو نام نهاد آخري نتيجو ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري مادي جو شعور کي طئه ڪرڻ ۾ هن ڪائنات ۾ مادي جي چرپر ۽ ان جي تبديلين ۾ سبب ۽ نتيجي جو پورو قانون ٺيڪ انداز ۾ عمل ڪري ٿو.

۽ ان جو ڪارڻي رشتو مادي ۽ شعور کي تعلق ۾ جوڙي ڏيکاري ٿو. خيال يا شعور کي مادي تي "جبر ۽ اختيار" جي ماديت پسند قانون تحت غير حياتياتي مادي جي انتهائي جبري حالت ۽ حياتياتي مادي جي سادي جبر ۽ اختيار جي حالت يا وري مادي جي انتهائي ترقي يافته انساني ذهن جي شعور جي حالت "جبر ۽ اختيار" ۾ مادي تي اثر انداز ٿيڻ جي اهليت بخشي ٿو. يعني جبر جي ڄاڻ حاصل ٿيڻ ئي هڪ معنيٰ ۾ اختيار حاصل ڪرڻ جي پيش رفت آهي.

اسان مٿي ماديت پسندي جي چند قانونن يا عمل جي دائرن کي پڙهي آياسين جن مان صاف ظاهر آهي ته جدلي مادي پسندي مادي جي وصف ان جي اظهارڻ جون حالتون، ۽ ماديت پسندي جي شعور ۽ ڄاڻ جا طريقڪار به واضح آهن. جيڪي سڌا سنوان ۽ ٺوس آهن.

جڏهن ته خيال پرستي يا مابعد طبعياتي سمجهه هڪ ئي

وقت ڳالهيون مٽائڻ / سوالن جا جواب ڏيڻ کان نتائڻ لڳي ٿي ان وٽ شين جي وچ ۾ سببي تعلق / ڳانڍاپو نه آهي. پنهنجي طريقڪار ۾ خيال پرستي هن مادي ڪائنات کي سمجهڻ لاءِ اهڙن ئي طريقڪارن تي هلي ٿي جن مان چند هي آهن.

عدم تبديلي، دائميت، ناقابل عبور حدون:

خيال پرستي عدم تبديلي مان مراد اِها وٺي ٿي ته شيون سڪون ۾ آهن. سڪون به دائمي آهي. هن مانڊاڻ ۾ پهريائين کان سڪون هو ۽ آهي. شين جي تبديلي رڳو انهن جي ٻاهرئين شڪل يا جڳهه جي تبديلي آهي. اسان پڙهي آياسين ته مادي پسندي سڪون ۽ دائميت جي جڳهه تي هر شي کي چرپر ۾ ڏسي ٿي شيون سدائين وهڪري ۾ آهن.

هيرا ڪليٽس جي لفظن ۾: ”هر شي آهي ۽ ناهي به، ڇو ته هر شي تبديل ٿيندي وڃي ٿي هر شي مسلسل ٺهندي، ڊهندي ۽ بگڙجندي رهي ٿي“

خيال پرستي ۽ مابعد طبعيات شين کي دائمي، پنهنجي پنهنجي دائرن ۾ ”ناقابل عبور حدن“ ۾ الڳ الڳ ۽ بيٺل تصور ڪري ٿي، ۽ شيون عمل ۽ رد عمل، ڏي وٺ ۾ هڪ ٻئي کان مستقل جدا آهن. جيڪڏهن شيون صلح ۾ آهن ته دائمي طور ٺهڪاءُ ۾ آهن. انهن ۾ تضاد نه آهي يا وري تضاد ۾ آهن ته انهن جي تضاد ۾ ڪابه تبديلي نه ٿيندي. زندگي ۽ موت الڳ الڳ آهن. ها ها آهي ۽ نه نه آهي. شيون اهڙن سڀني دائرن جي ”ناقابل عبور حدن“ ۾ آهن.

خيال پرستي عدم تبديلي يا دائميت جو طريقڪيار ڇو ٿي چونڊي؟ ان جو سبب ڇا آهي؟ ان جو جواب يا بنيادي سبب اهو آهي ته خيال پرستي هر حال ۾ اعليٰ شعور يا روح کي اول ۽ هن ڪائنات کي ڊڪيندڙ ۽ ان جي مداخلت جو محتاج سمجهي ٿي. مادي قانونن جي انڪاري آهي.

پر حقيقت ۾ هي مادي ڪائنات بالذات خود آزادانه حرڪت ۾ آهي. ان جا ننڍن جسمن کان وڏن جسمن تائين مادي حرڪت جا پنهنجا قانون ۽ خاصيتون آهن جيڪي مادي تي ٻاهران کان لاٽل، ٿاڦيل يا ڏنل نه آهن. پر مادي جي پنهنجي جڙ- پاڙ ۾ آهن. جن کانسواءِ مادي جو وجود ممڪن ئي ڪونهي. اها مادي جي چر پر

ٿيڻ، بگڙجڻ ۽ ڍهڻ جهڙن مرحلن ۾ آهي. جنهن کي فزڪس جي هڪ اهم اصول ”انٽراپي“ (Entropy) سان به سمجهي سگهجي ٿو. تنهنڪري مادي پسندي جي علمي دائرن ۽ قانونن سامهون خيال پرستي جو شعور ۽ روح جي مادي ۾ مداخلت، ان کي ٺاهڻ ۽ حرڪت ڏيڻ جو تصور بيهي نه ٿو سگهي.

شين کي جدا ڏسڻ، ضدن جو نه هجڻ:

خيال پرستي ۽ خاص طور مابعد اطبعيات شين کي جدا جدا ڏسڻ جي قائل آهي. جيئن شعور ۽ مادي کي الڳ ڏسڻ، هڪ کي اول حقيقي ۽ خلقيندڙ ۽ ٻئي کي آخر ۽ غير حقيقي سمجهي ٿي انهن جو پاڻ ۾ سببي تعلق ڳانڍاپو نه ٿي ٻڌائي سگهي. شعور جو مادي تي اثرانداز ٿيڻ نه ٿي ٻڌائي سگهي سيني شين کي الڳ الڳ سمجهي انهن تي انهن جي ناقابل عبور حدن ۽ دائرن ۾ جدا جدا غور ڪري ٿي. ڪنهن به قانون جي همه گيريت. نه ٿي ڏسي خيال پرستي شين کي جدا جدا ڏسڻ واري طريقيڪار ۾ ان حد تائين ڪري پئي ٿي جو اِها مادي ۽ ان جي خاصيت ۽ ان جي چر پر کي به الڳ ڏسڻ لڳي ٿي. يعني مادو ۽ مادي جون حالتون الڳ الڳ به ڌار ڌار شيون آهن يعني نهرو، پٿرو ۽ گيس مادي نه آهن پر محض تجريدون آهن ”Concepts“ آهن. زمان ۽ مڪان به تجريد آهن. يا مادي کان آزاد وجود رکن ٿا. جن تي مادي جي ڇاپ لڳي ٿي.

جهڙوڪ، صوف جو مٺو هجڻ، بال جو گول هجڻ، پٿر جو سخت هجڻ، جي مثالن منجهان صوف ۾ مٺاڻ، صوف کان الڳ آهي يا صوف ۾ ناهي. بال جي گولائي بال کان الڳ يا بال ۾ ناهي، پٿر جي سختي پٿر کان الڳ يا پٿر ۾ نه آهي بلڪه چکڻ ڏسڻ ۽ ڇهڻ واري جي ذهن ۾ آهي. اهڙي طرح سڀ شيون موضوع ”Subject“ جي ذهن ۾ آهن.

جڏهن ته جدلي ماديت پسندي وٽ اهو تصور آهي ته شيون وحدت ۾ آهن. ڪل ۾ آهن. انهن ۾ سببي ڳانڍاپو آهي. شين جون خصوصيتون ۽ معيار انهن منجهه آهن. مٺاڻ- بال جي گولائي، پٿر جي سختي ان مادي وجود سان ڳنڍيل آهي. ساڳيا تجريد ”Concepts“ يا مثال ڪنهن ٻي مادي وجود سان ڳنڍ جي به ظاهر ٿين ٿا. جيڪي جدلياتي ماديت جي ٻئي طريقيڪار ”عام ۽ خاص“ هيٺ نسبتي انداز ۾ سمجهي سگهجن ٿا. جهڙوڪ منهنجي هٿ ۾

پڪڙيل صوف ۽ منهنجي ذهن ۾ موجود صوف. "Subject" جي سامهون پيل پٽر ۽ پٽر جي عام تصور ۽ اهڙن تجريدي يا عام تصورن کي "خاص" سان به سمجهائي سگهجي ٿو.

هن مضمون جي شروعات ۾ اوهان پڙهيو ته اسان هڪ سوال کان شروعات ڪئي ته مادو اول آهي يا خيال؟ جنهن جي جواب ۾ خيال پرستي ۽ماديت پسندي جي علمي طريقيڪارن تي بحث ٿيو. اهو مٿيون سوال بنهه شين جي ترتيب جو سادو سوال نه آهي ته مادي کي اول رکجي ۽ شعور کي آخر يا خيال پرستي مطابق- شعور اول ۽ مادو پوءِ بلڪه ان جي گهرائي ۾ اهو پڻ آهي ته مادو ڇا آهي ۽ شعور ڇا آهي ۽ انهن ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟

ماديت پسندي سوال جي جواب ۾ شين جي ترتيب به درست ڪئي. مادو اول ۽ شعور ان مان نڪتل ڏيکاري مادي ۽ شعور جي نسبتي وصف پڻ ٻڌائي، پر خيال پرستي مرڳو مادي جي وجود جي انڪاري ٿي پئي ان ڪابه واضح مادي جي وصف نه ٻڌائي ۽ رڳو مونجهارا- اٽڪلون ۽ چالبازيون ٺاهيندي رهي ٿي. رڳو لفظ گيري ۽ جهالت پکيڙي ٿي خيال پرستي انسان ذات جي رهنمائي لاءِ ڪوبه دڳ نه ٿي ٻڌائي. خيال پرستي انسان ذات جي ڏاهپ، علم سوال ۽ انڪار جي طاقت جي دشمن آهي هوءَ نون خيالن، سوچن، انسان ذات جي سک لاءِ جدوجهد تي پهرا لڳائي ٿي. هو ڊپ، خوف تشدد کي هٿي ڏئي ٿي خيال پرستي هن پوري مادي ڪائنات کي دوکو ۽ دولاب سمجهي ان کي تباهه ڪرڻ لاءِ سنڌرو ٻڌي ٿي ڇو ته جڏهن هي ڪائنات خيال پرستي وٽ دوکو ۽ ٺڳي جو ٺاهه آهي نسبتي آهي ته هو هن ڪائنات جي کوجنا ۽ ان ۾ وسندڙ سڀني ساهه وارن ۽ خود مادي جي دشمن آهي ۽ ڪوبه رستو سواءِ تباهي ۽ بربادي جي نه ٻڌائيندي.

خود خيال پرستي جامد بيٺل ۽ اسٽيٽس ڪو (Statusquo) حامي آهي تنهنڪري ڪنهن به انقلابي تبديلي ۽ سماج کي اڳتي وٺي ويندڙ قوتن جي شديد مخالف آهي.

تنهنڪري انسان کي سمجهڻ گهرجي ته انسان ذات جي سک، سوڀ لاءِ ماديت پسندي وٽ گهڻو ڪجهه آهي. خود هن پوري ڪائنات جي قانونن، رازن تي کوجنا لاءِ ماديت پسندي ٻئي هٿ کولي پليڪار ڇئي ٿي. ماديت پسنديءَ جو فلسفو سائنس

جي اوسر کي همٿائي ٿو.

جنہیں راستے میں خبر ہوئی کہ یہ راستہ کوئی اور ہے

حمزہ ورک

سٹالن نے لینن سے اپنی ملاقات کا ذکر کرتے ہوئے لینن کو شاہین "The mountain Eagle" کہا ہے اور اس کی کہ نفسی، اصولوں سے وفاداری، عوام پر اعتماد اور اُس کے انقلابی جینئس کا ذکر کیا ہے لینن نے مارکسزم پر مکمل عمل کرتے ہوئے اس میں جو اضافے کئے اُن کے حوالے سے سٹالن نے لیننزم کو "سامراج اور پرولتاری انقلاب کا مارکسزم" کیا ہے۔ یعنی 1901 سے لیکر آج تک کا دور، لینن نے مارکسزم میں مندرجہ ذیل اہم ابواب کا اضافہ کیا ہے۔

(1) سامراج اورMonopoly سرمایہ داری کا تجزیہ
(2) پرولتاری سوشلسٹ اکانومی کی تعمیر
(3) محنت کش طبقی کا قیادتی کردار
(4) قومی اور نو آبادیاتی سوال
(5) محنت کش طبقے کی پارٹی

لینن نے لکھا تھا کہ:

"چند لفظوں میں محنت کش طبقات کے لئے مارکس اور اینگلز کی خدمات کو اس طرح بیان کیا جاسکتا ہے کہ انہوں نے محنت کشون کو اپنے آپ کی پہچان کرائی۔ انہیں طبقاتی شعور دیا اور خوابوں کی جگہ سائنس دی---- پرولتاریہ کی رہائی پرولتاریہ کا ہی کام ہے۔ یہی سکھایا مارکس اوراینگلز نے استقلال سے"

ٹھیک انہی نکات پر جو اسٹالن نے گنوائےہیں بعد میں آنے والی پرولتاریہ کی نسلوں اور ان کی قیادت نے کمزوری اور محرومی دکھائی یعنی لیننزم پر ثابت قدم نہ رہے اور دنیا کی پہلی سوشلسٹ سیاست کا خاتمہ ہو گیا۔ یہ ریاست پیرس کمیون سے آگے کا، بہت بڑا تجربہ تھا۔ بہت بڑا قدم تھا۔ فرانس کے اس انقلاب میں (پیرس کمیوں 1871ع) جو تجربات ہوئے۔ مارکس اور اینگلز کو "کمیونسٹ مینی فیسٹو" تیار کرتے وقت ان تجربات کا ادراک نہ تھا کیونکہ

یہ مینی فیسٹو 1841ع میں چھپ چکا تھا اور پیرس کمیون 1871ع میں برپا ہوا۔ پیرس کمیوں کے تجربہ کے بعد سوشلزم کے اساتذہ بالخصوص لینن نے اس سے بہت کچھ سیکھا اور خود مارکس اور اینگلز کو بھی بہت کچھ سیکھنے کو ملا اور پھر کمیونسٹ مینی فیسٹو کے دیباچے میں یہ اسباق اضافے کے طور پر تحریر کئے گئے۔

(1) انقلاب کے وقت ریاست کے ڈھانچے کو مکمل طور پر توڑنا

(2) زمین، نیمک اور بڑی صنعت کا قومی ملکیت میں لینا۔

(3) مزدور طبقے کے اتحادی سب سے بڑی قوت کسان کو اپنے ساتھ ملانا۔

سائنس کی حاصلات ایسے ہی قدم قدم انسانیت کو لے کر آگے بڑھتی رہی ہے اگر ایک سائنسی تجربہ ناکام ہوجائے تو بچہ لوگ تالی پیٹتے ہیں مگر انسانیت قدم قدم، انچ انچ آگے ہی آگے بڑھتی ہے۔ اگر کسی ڈاکٹر کے ہاتھوں چند مریض کی اموات ہوجائیں تو میڈیکل کالج بند نہیں کردیے جاتے اور نہ ہی میڈیکل سائنس متروک ہوجاتی ہے اور نہ ہی صدیون پرانے ٹونے ٹوٹکے سائنس کی جگہ لے آتا ہے۔ پینسلین جو ایک زمانے میں معجزاتی دوا تھی جب اُس کے کچھ بُرےاثرات سامنے آئے تو اس کا استعمال کم ہوا اور اس سے بہتر اینٹی بائیٹک ادویات آگئیں---- کسی نے ماتم نہیں کیا---- اور نہ ہی گوبر اور شہد کی طرف رجوع کیا----

سوویت یونین کے زوال کے اسباب بھی کچھ اس طرح تلاش کرنے پڑیں گے اور اس کے بعد کے انقلابات اور تجربات سمیت انسانی سماج کی حاصلات کو سامنے رکھتی ہوئے انسانیت کا قافلہ بڑھتا رہے گا۔

سوویت یونین کے ٹوٹنے اور سوشلزم کی پسپائی پر پیرس کمیوں کی طرح بہت کچھ لکھا جاتا رہے گا۔ ان تجربات سے مختلف پہلو سامنے آتے رہیں گے کچھ لوگوں کی نظریاتی کجی، کچھ طبقات کے لالچ کا، کچھ بیرونی سازش کا، کچھ انقلابی طبقات کی ہوشیاری میں کمی کا پتہ چلتا ہے۔ سلطنتیں ایسے ہی بنتی بگڑتی ہیں۔ انسانیت کا قافلہ بڑہتا رہتا ہے۔ علم اور سائنس ترقی کرتے رہتے ہیں۔ چمگادڑوں کے علاوہ کسی کو اندھیروں سے رجوع کرنے کی ضرورت نہیں پڑتی۔

ضرورت تو جہد مسلسل کی ہے۔ لگن کی ہے۔ ایمانداری کی ہے علم

اور سائنس پر یقین کی ہے۔ سوشلزم کا قافلہ آگے بڑھے گا یہی تاریخ کا سبق ہے۔ پرانی جہالتیں بن سنور کر انقلاب کے قافلے کو گمراہ نہیں کرسکتیں۔ مذہب کی بحالی کی تحریکیں دنیا کو دہشت گردی کے علاوہ کچھ نہیں دےسکیں۔ سامراج کے دور میں پرولتاری انقلاب شافی اور کافی ہوسکتا ہے۔

لیکن اس عمل پسپائی کے شروعات کی کوئی تو حد فاصل قائم کرنا پڑے گی؟ اس حدِ فاصل کو محتاط اندازے کے مطابق یوں بیان کیا جاسکتا ہے کہ "لینن کی بنائی ہوئی پارٹی (کمیونسٹ پارٹی) کب اور کہاں ختم ہوئی اور شرپسندوں کی شرارت کہاں سے شروع ہوتی ہے؟

(1) شرپسندوں یا ردِ انقلابیوں کا یہ سفر اسٹالن کی موت کے ساتھ اور سوویت یونین کی کمیونسٹ پارٹی کی بیسویں کانگرس کے انعقاد کے ساتھ شروع ہوا۔ (1956) جب لینن کی بنائی ہوئی کمیونسٹ پارٹی کی نئیں لیڈرشپ (خروشچیف) وغیرہ نے اپنے چہرے سے بالشویکی نقاب اُتار پھینکے اور یکایک اس راہنما (اسٹالن) پر حملوں اور کردار کشی کا گند اچھالنا شروع کیا جس نے لینن کی موت کے بعد سوویت یونین اور عالمی کمیونسٹ تحریک کی قیادت کی۔ سامراجیون اور انقلاب دشمنوں کو شکست دی۔ عالمی جنگوں کا مقابلہ کیا۔ سوشلسٹ حقیقت کی تعمیر کی۔ بڑے پیمانے کی صنعت اور اجتماعی زرعی فارمز بنائے۔ فاشزم کو شکست دی۔ پارٹی میں دائیں بازو کے انتہا پسندوں (بخارن وغیرہ) اور بائیں بازو کے انحراف پسندوں (ٹراٹسکی وغیرہ) کے خلاف نظریاتی فتح حاصل کی۔

(2) بیسویں کانگرس میں "پرامن بقائے باہمی"، پرامن مقابلہ بازی اور پرامن انتقالِ اقتدار کا نظریہ اپنایا گیا۔ اس نظریہ کی روشنی میں عالمی سامراج کے ساتھ دوستی، سامراج گزیدہ ممالک میں طبقاتی جدوجہد کا خاتمہ نتیجہ کے طور پر سامنے آیا۔

(3) سرخ فوج جو لینن اور اسٹالن کے ادوار میں پارٹی قیادت کے ماتحت تھی اور آفیسرز کی ترقیاں سپاہی انتخاب کے ذریعے کرتے تھے۔ رد انقلاب کی شروعات کے بعد 1960 کے بعد سرخ فوج پارٹی کےبجائے ریاست کے ماتحت کردی گئی اور آفیسرز کے انتخاب میں بیورو کریٹک طریقہ کار اپنا لیا گیا تاکہ فوج پر گرفت مضبوط ہوسکے۔

(4) پہلی سوشلسٹ ریاست کا قلعہ اندر سے ردِ انقلاب اور غداروں کے

ذریعے فتح ہونا شروع ہوا۔ خروشچیف کا حوصلہ مزید بلند ہوا تو 22 ویں پارٹی کانگرس میں "پرولتاری آمریت" کے بنیادی مارکسی لیننی نظریہ کو خیرآباد کہہ دے گا اور سوویت یونین کو مزدور طبقے کی ریاست کی بجائے عوام کی ریاست قرار دیا گیا۔

(5) اس طرح پارٹی جو کہ بغیر کسی بحث کے مزدور طبقے کی پارٹی ہوتی ہے اور سامراج کے خاتمے اور عالمی سطح پر انقلاب کی فتح مندی تک مزدور طبقے کے فلسفے کی پارٹی ہے، کو عوام کی پارٹی میں بدل دیا گیا اور عملاً ورکنگ کلاس کا داخلا پارٹی میں ہردم ہوتا چلا گیا۔

(6) خروشچیف کی قیادت میں ردِ انقلاب کا سفر معاشی میدان میں بھی شروع ہوگیا۔ زرعی میدان میں پرائیویٹ زمینداری، صنعت کی ڈی سینٹرلائزیشن، بڑی صنعت سے چھوٹے پیمانے کی صنعت کی پالیسی کا آغاز ہوا۔ ان پالیسیوں پرپارٹی میں باقی ماندہ لینن کے شاگردوں نے سخت احتجاج کیا اور مالوٹوف کی قیادت میں 21- 18 جون 1957 کو پولٹ بیورو کے اجلاس میں خروشچیف کی معاشی پالیسیوں کو سرمایہ داری کی بحالی کا نام دیا گیا۔ 11 میں سے 7 ممبران پولٹ بیورو نے اکثریتی فیصلے سے ان معاشی اصلاحات کو رد کردیا اور خروشچیف کو سیکریٹری جنرل کے عہدے سے ہٹانے کا حتمی فیصلہ کرلیا۔ یہ فیصلہ اعلان ہونے سے پہلے ہی خروشچیف کی نمک خواروں نے میٹنگ کی جگہ کا گھیرا کرلیا اور پولٹ بیورو کا فیصلہ نہ مانتے ہوئے پوری سینٹرل کمیٹی کا اجلاس طلب کرکے خروشچیف کو نہ صرف بحال رکھا بلک مالوٹوف میلکن کوف، اور کاگن وچ کو سینٹرل کمیٹی اور پولٹ بیورو سے نکال دیا گیا۔

(7) 1964 تک خروشچیف اقتدار میں رہا۔ اپنے سات سالہ دور اقتدار میں کامریڈ اسٹالن کے خلاف زہریلا پراپیگنڈہ جاری رہا۔ منصوبہ بند معیشت کے ہر پہلو کو تنقید کا نشانہ بنایا گیا، اسٹالن دور کے بنائے گئے مشین اور پکڑا اسٹیشن ختم کردیے گئے۔ مارکیٹ اکانومی کومعیشت میں بنیادی دخل دیا گیا۔ امریکی زراعت کا طریقہ کار اختیار کیا گیا۔ وسائل کو بڑے پیمانے پر حقیقت سے پرائیویٹ زراعت کی طرف منتقل کردیا گیا اور سرمایہ کاری کے تمام منصوبے بڑی صنعت سے چھوٹے پیمانے کی صنعت کی طرف منتقل کردئے گئے ۔ اور یہ سب کچھ سوشلزم کی ترقی کےنام پر کیا جاتا رہا۔

نظریاتی اورطبقاتی محاذ پر بھی لبرلزم کا آغاز کردیا گیا۔ طبقاتی جدوجہد، پرولتاری ڈکٹیٹرشپ، اور پارٹی مزدور طبقے کی، جیسے نظریات کو خیرآباد کردیا گیا۔ اور انقلاب سے قبل سرمایہ داری کے نظریاتی ہتھیاروں فلم، آرٹ، لٹریچر، شاعری اور ناول نگاری کی کھلی اجازت دے دی گئی۔ سوشلسٹ دشمن لٹریچر کی طباعت پر عائد پابندی بھی ختم کردی گئی۔ نتیجتاً معیشت، سیاست اور ادب و ثقافت سرمایہ دارانہ خیالات و تصورات کی واپسی کا آغاز ہوگیا۔

(8) سٹالن کے دور کا عالمی مزدور اتحاد، سامراج مخالف جدوجہد اور عالمی کمیونسٹ بلاک کی شناخت کو بھی پارہ پارہ کردیا گیا اور چین کی کمیونسٹ پارٹی پر الزامات کی بھرمار کرکے عالمی کمیونسٹ تحریک کے اتحاد کو پارہ پارہ کردیا گیا۔ اس سامراج نوازی پر 26 مارچ 1962 کو امریکی جریدے نیوز ویک نے لکھا کہ

"نکتا خرشچیف نے سٹالن عہد کا پختہ اور متحد بلاک تباہ کردیا ہے جو کہ خروشچیف کی کمیونزم کے لئے نہیں بلکہ مغربی دنیا کے لئے بہترین خدمت ہے۔" (ترجمہ)

(9) خروشچیف کے اس ترمیم پسندانہ نقطئہ نظر کو چین اور البانیہ کی پارٹیوں سمیت بہت سے عالمی کمیونسٹ پارٹیوں نے ہدف تنقید بنایا۔ نتیجہ کے طور پر چین اور البانیا کے خلاف خروشچیف نے پراپیگنڈہ کا محاذ کھول دیا اور سامراجی طاقتوں کو خوش کرنے کا کوئی موقع ہاتھ سے جانے نہ دیا۔

US News and world report نے 30 ستمبر 1963کو لکھا کہ

"We ought to be grateful for (Khru-shchev's) mishandling of his relationship with the Chinese... we should be grateful for his introducing disarray to international communism by a lot of quite lumptioes and sudden initiative."

خروشچیف ٹولے نے بطور سیکریٹری جنرل (لینن کی پارٹی کا) اور سربراہِ ریاست پہلی سوشلسٹ ریاست کے نظریاتی، معاشی و سیاسی میدان میں ترمیم پسندی کا ایسا سوراخ کر ڈالا جو بعد ازاں گورباچوف کی کلاسفاسٹ کے ذریعے سرمایہ داری اور مارکیٹ اکانومی پر منتج ہوئی۔

خروشچیف اور اس کے ساتھیوں نے نظریاتی اور معاشی اور سیاسی محاذ کے ساتھ ساتھ تنظیمی محاذ پر بھی ردِ انقلاب کی قوتوں کو حاوی کردیا یہ

تنظیمی اکھاڑ پچھاڑ ہمہ گیر تھی پارٹی کے ساتھ ساتھ، حکومت، معاشی، ثقافتی اور تعلیمی اداروں سمیت ہر د و جگہ سے خروشچیف کے نظریاتی مخالفین کو نکال دیا گیا۔ پارٹی کی انیسویں کانگریس جو 1952 میں ہوئی اس کے سینٹرل کمیٹی کے 70 فیصد ارکان کو 22/ 20 وین کانگرس میں نکال دیا گیا جو کہ بالترتیب 1956 اور 1961 میں منعقد ہوئیں۔

مزید براں مزدور طبقے کی پارٹی نہیں بلکہ عوام کی پارٹی--- لینن کی کمیونسٹ پارٹی کی ممبرشپ عوام کے تمام سیکشنز کے لئے کھول دی گئی۔ وہ پارٹی کے پورے سٹرکچر پر غیر پرولتاری پرتیں قابض ہو چکی تھیں اور 1980 تک یہ حالت ہوچکی تھی کہ یہ غیر پرولتاری طبقے جس میں وکیل، انجنیئر، ڈاکٹر، زمیندار، جرنیل، بزنس مین شامل تھے پارٹی لیڈرشپ پر مکمل قابض ہوچکےتھے۔

Ref. J. Gooding, socialism in Russia: Lenin and his legacy, 1890- 199, New York: Macmillan, 2002, P.208

خروشچیف کے بعد برزنیف اور پھر گورباچوف کے دور میں بھی ردِ انقلاب کے اقدامات جاری و ساری رہے۔ بہت بڑا مافیا پارٹی کے اندر پیدا ہوگیا جن کی اربوں کھربوں کی جائدادیں تھین۔ بہت بڑی تعداد پیٹی بورزوا طبقہ پیدا ہوگیا جس کی تعداد کروڑوں تک پہنچ گئی سمگلنگ اور دیگر غیر قانونی کاروبار نے خوب زور پکڑا ۔ اور نہ صرف ریاست کے اندر کئی ریاستیں بن گئیں بلک بیک وقت کئی قسم کی متبادل معیشتیں بھی حرکت پذیر ہوئیں۔ اور صورتحال اتنی خراب ہوگئی کہ گورباچوف کے دور میں ایک رسمی سے اعلان کے ساتھ ہی سرمایہ دارانہ مارکیٹ اکانومی کا باقاعدہ اعلان کردیا گیا۔ اور وہ بالشویک روس جس کے لئے لاکھوں لوگوں نے جان کا نذرانہ دیا، کئی جنگیں اور سامراجی سازشوں کا مقابلہ کیا--- بالا آخر کوئی گولی چلے بغیر--- شیشہ ٹوٹے بغیر ترمیم پسندی اور ردانقلاب کا تیس سال کا سفر طے کرکے 1990 میں ایک سرمایہ دار ملک کے طور پر تغیر پذیر ہوا۔

سوشلزم ایک سماجی اور سیاسی سائنس ہے۔ آسمان سے کامیابی کی گارنٹی لیکر نہیں اُتری--- سائنس جب عمل میں آتی ہے تو اس میں کامرانیاں بھی ہوتی ہیں اور پسپائییاں بھی--- جوں جوں علم بڑھتا ہے تجربات بڑھتے ہیں۔ تجربات کی تلخیص علم کو ایک منزل اوپر لے جاتی ہے۔ تجربوں کے حاصلات

دراصل علم کی بنیاد ہیں، پیرس کمیون، عظیم اکتوبر انقلاب چین کا عوامی جمہوری انقلاب کا دور نہیں۔ یا یہ کہ سامراج آج کا دورسامراج اورمزدور انقلاب کا دور نہیں--- یا یہ کہ سامراج پر سوشلزم کی فتح ناگزیر نہیں ہے--- تاریخ اور سماجی تبدیلی کی بنیادی قوانین اپنی جگہ اٹل ہیں۔ یہ ہم ہی ہیں جو وقتی مشکلات سے گھبراکر مایوس ہوجاتے ہیں---- سوشلزم نسلِ انسانی کا مقدر ہے---- مارکس نے ایسے ہی حالات کے بارے میں کہا تھا کہ "پرولتاری انقلاب انیسویں صدی کے انقلابوں کی طرح لگاتار اپنے آپ پر تنقید کرتے ہیں۔ اپنی رفتار روک لیتے ہیں۔ واپس آتے ہیں اور اپنےکئے ہوئے کام کو نئے سرے سے دوبارہ کرنے لگتے ہیں۔ اپنی پہلی کوششوں کے نتیجہ میں کئے ہوئے کاموں میں خامیوں، حماقتوں اور کمزوریوں پر جی بھر اپنا مذاق اڑاتے ہیں۔ اپنے مدِ مقابل کواٹھا کر زمین پر پٹخ دیتے ہیں اور اُسے دوبارہ زمین سے نئی طاقت حاصل کرکے اٹھنے کا موقع دیتے ہیں کہ وہ پہلے سے بھی زیادہ قدم جما، طاقتور ہوکر ان کے سامنے آجائے جن منزل مقصود پر پہنچنا ہے اس سے پہلے جو انجانے مرحلے آتے ہیں ان کا سامنا کرتے ہوئےبار بار پیچھے ہٹتے ہیں یہ عمل بار بار دہراتے ہیں جب تک پیچھے ہٹنے کی ساری راہیں کٹنے کی نوبت نہیں آجاتی اور جب تک خود زندگی پکار کر نہیں کہتی: "جو کہتے تھے کر دکھاؤ"

(ہاتھ کنگن کو آرسی کیا)

- ”اشتراڪيت لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ماڻهو قومي جبر خلاف وڙهڻ کان سواءِ پنهنجي اعليٰ ترين مقصدن تائين پچي ئي نه ٿا سگهن. ٻئي پاسي غلام قومن جي سوشلسٽن جو پڻ اهو فرض آهي ته اُهي سمورين حاڪم توڙي محڪومت قومن جي اتحاد لاءِ جدوجهد ڪن.“ *(لينن- سوشلزم ۽ جنگ)*
- ”سرمائيڪاري هڪ هٽين جو جڙڻ، آزادي بجائي غلبي ۽ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهڻ ۽ آگرين تي ڳڻڻ جيترين چند طاقتور قومن جو ڪمزور ئي پنتي پيل قومن جي وڏي تعداد جو استحصال ڪرڻ، اهي سرمائيداريءَ جا اُهي اهڃاڻ آهن جيڪي اسان کي مجبور ڪن ٿا ته ان نظام کي مُردار ۽ رت پياڪ نظام قرار ڏيون.“ *(لينن – سامراجيت، سرمائيداريءَ جو آخري ڏاڪو)*
- ”جيڪڏهن سچي انساني تاريخ ۾ انسانيت جو ڪو ڪائناتي دشمن آهي، اهڙو دشمن جنهن جا عمل ۽

آزاد خیالی کے سماجی تصورکا دیوالیہ پن

شاداب مرتضیٰ

آزاد خیالی (Liberalism / Neo-Liberalism) سرمایہ دارانہ نظام کا سماجی تصور ہے۔ آزاد خیال مفکرین کا ماننا یہ ہے کہ چونکہ کائنات میں سب کچھ قوانینِ فطرت کے تحت وقوع پذیرہوتا ہے لہٰذا انسانی معاشرے کا ارتقاء بھی فطری قوانین (تاریخی جبر) کے تحت ہوا ہے اوریہ ہمیشہ فطری قوانین کے تابع رہے گاْ۔اسی لئے انسانی معاشرے میں موجود طبقاتی تفریق یعنی امارت اورغربت کا فرق،انسان کے ہاتھوں انسان کا استحصال،ظلم، ناانصافی اورعدم مساوات جیسی برائیاں بھی فطری ارتقاء کا نتیجہ ہیں اوران برائیوں کوانسانی معاشرے سے ختم کرنا ممکن نہیں۔ چونکہ فطرت کی کوئی اخلاقیات نہیں لہٰذا یہ صحیح اورغلط، طاقتوراورکمزورکے درمیان کوئی فرق نہیں کرتی۔ فطرت کے لئے سب یکساں ہیں۔ان دلائل سے آزاد خیال مفکرین یہ نتیجہ اخذ کرتے ہیں کہ انسانی معاشرے سے ظلم وناانصافی کوختم کرنے اورغیرطبقاتی سماج قائم کرنے کی کوشش بیکارہے۔فطری ارتقاء کے نتیجے میں سائنسی اورعلمی ترقی کے ذریعے معاشرے سے ظلم، ناانصافی اورعدم مساوات جیسی خرابیاں خود بخود ختم ہوجائیں گی۔ آزادخیالی کے اس غیرحقیقت پسندانہ تصورکے پیچھے یہ غلط مفروضہ کارفرما ہے کہ انسانی معاشرے کا تاریخی ارتقاء بھی حیاتیاتی اورطبعیاتی ارتقاء کے قوانین کے تحت ہوتا ہے۔ جب کہ حقیقت یہ ہے کہ سماجی ارتقاء کے قوانین، حیاتیاتی اورطبعیاتی قوانین سے مختلف ہوتے ہیں۔

حیاتیاتی ارتقاء کے قوانین جاندار اجسام ، یعنی انسان،جانوراورپودوں کے جسمانی ارتقاء کی وضاحت کرتے ہیں۔ ان سے ہمیں پتہ چلتا ہے کہ جاندار اجسام کس طرح وجود میں آتے ہیں اورفطری ماحول میں یہ اپنے وجود کوکس طرح سے برقراررکھتے ہیں۔ انسان کے علاوہ کسی بھی جاندارمیں فطری ماحول کو تبدیل کرنے کی صلاحیت موجود نہیں چنانچہ تمام دیگرجاندار اپنی بقاء کے لئے فطری ماحول پرانحصارکرتے ہوئے خود کواس کے مطابق ڈھالنے کی کوشسش کرتے ہیں۔ انسان وہ واحد جاندارہے جو اپنی بقاء کے لئے نہ صرف فطری ماحول سے مطابقت پیدا کرتا ہے بلکہ جہاں جہاں

ممکن ہوفطری ماحول کواپنی ضرورت کے مطابق تبدیل کرلیتا ہے۔انسان سخت سردی میں گرم کپڑوں،آگ اورموافق خوراک کے استعمال سے خود کو زندہ رکھ سکتا ہے جب کہ دیگرجاندارصرف فطری خصوصیات اورصلاحیتوں کو ہی بروئے کارلاسکتے ہیں۔انسان مصنوعی بارش سےخشک زمین کو قابلِ کاشت بنا سکتا ہے۔ بیماریوں سے پیشگی بچائو کے لئے ادویات ایجاد کرسکتا ہے۔ قدرتی آفات سے محفوظ رہنے کے لئے حفاظتی تعمیرات کرسکتاہے۔الغرض انسان نے اپنے شعوراورارادے کی قوت سے فطری ماحول کوبڑی حد تک اپنی بقاء کے لئے سازگار بنا لیا ہے اورفطری ماحول پراپنے انحصارکو بہت حد تک کم کر لیا ہے۔جب کہ دیگر تمام جاندارآج بھی فطری ماحول کے اسی قدرپابند ہیں جتنے کہ پہلے کبھی تھے۔حیاتیاتی ارتقاء کے قوانین فطرت کے خلاف جدوجہد میں ان کی کوئی مدد نہیں کرسکتے۔صرف انسان ہی فطری ارتقاء کے قوانین کی معلومات کواستعمال میں لاکراپنے اوردیگر جانداروں کی بقاء کے امکانات کووسیع کر سکتا ہے۔ اس کے برعکس انسان کے باہمی رشتوں (سماجی رشتوں)، اخلاقی قدروں اورمعاشرتی نظام کے وجود میں آنےاورترقی کرنے کے حوالے سے حیاتیاتی ارتقاء کے قوانین ہماری معلومات میں کوئی اضافہ نہیں کرتے کیونکہ یہ تمام معاملات حیاتیاتی سائنس کا موضوع نہیں ہیں۔

اسی طرح طبعیاتی ارتقاء کے قوانین انسان کے مادی وجود کی دیگرمادی اجسام سے تعلق کی وضاحت کرتے ہیں اورہمیں بتاتے ہیں کہ بحیثیت ایک مادی وجود انسان بھی دیگر مادی اجسام کی طرح اندرونی اوربیرونی طبعیاتی عوامل سے متاثرہوتا ہے،جیسے کہ کششِ ثقل، اوراپنے وجود کے لئے زمان ومکان کا پابند ہے۔زندہ رہنے کے لئے اسے مستقل توانائی کی ضرورت ہے۔ طبعیاتی قوانین کے تحت انسان اوردیگر کسی بھی مادی جسم میں کوئی خاص فرق نہیں۔ چنانچہ طبعیاتی قوانین بھی انسان کے سماجی ارتقاء پرکوئی روشنی نہیں ڈالتے۔

انسان کے معاشرتی ارتقاء کے قوانین کوبیان کرنے والی سائنس سیاسی۔معیشت (Political Economy) کہلاتی ہے۔ اس کے مطابق ابتدائی انسانی معاشرہ غیرطبقاتی تھا۔ نجی ملکیت کے تحت طریقۂ پیداوار (Mode of Production) کے نتیجے میں انسانی سماج طبقوں میں تقسیم ہوگیا۔ہرنیا پیداواری

طریقہ اپنے ساتھ نئے پیداواری رشتے (Relations of Production) لایا جن کے تحت نئے طبقات وجود میں آئے۔ملکیت دارطبقے نے غیرملکیتی طبقے کے استحصال کا عمل شروع کیا جوآج تک جاری ہے۔آزادخیال دانشوروں کے نزدیک نجی ملکیت اورانسانی استحصال فطری عوامل ہیں جن سے پیچھا نہیں چھڑایا جا سکتا۔لیکن ساتھ ساتھ وہ یہ بھی کہتے ہیں کہ انسان کی علمی اورسائنسی ترقی کے نتیجے میں انسانی معاشرے سے طبقات، ظلم اورناانصافی خود بخود ختم ہو جائیں گے! آزاد خیالی کے اس فکری تضاد سے دلچسپ صورتحال پیدا ہوتی ہے جو آزاد خیال دانشوروں کی نظریاتی منافقت کا پردہ چاک کرتی ہے۔ آئیے اس کا جائزہ لیں۔

نجی ملکیت اورانسانی استحصال اگر فطری قوانین کے تحت ہونے والے سماجی ارتقاء کا نتیجہ ہیں تویہ ممکن نہیں کہ یہ عوامل ازخود ختم ہوجائیں گے۔کیونکہ خودآزادخیالی کے مطابق فطرت کی کوئی اخلاقیات نہیں اورقوانینِ فطرت اٹل ہیں۔ توپھرآزادخیالی کی اس خوش فہمی کی وجہ کیا ہے کہ فطری عمل کے نتیجے میں ہی ناانصافی، ظلم،جبرواستحصال اورعدم مساوات انسانی معاشرے سے ایک دن ختم ہوجائیں گے؟ آزادخیال دانشوروں کے نزدیک اس خوش فہمی کی وجہ ان کا یہ یقین ہے کہ سائنسی ترقی بالآخر انسانی سماج سے استحصال کا خاتمہ کردے گی۔ اس مفروضے سے ایک بات واضح ہے کہ آزادخیال دانشورانسانی ارادے،اختیاراورشعورکی اہمیت کو تسلیم کرتے ہیں اوردرپردہ اس بات کا اقرارکرتے ہیں کہ انسان فطری قوانین کے تابع ہونے کے باوجود اپنے علم اورعمل کے ذریعے فطری ماحول کوتبدیل کرنے کی صلاحیت رکھتاہے۔اگرایسا نہ ہوتا توعلمی اورسائنسی ترقی جوکہ انسان کے شعوراورارادے کے مرہونِ منت ہے، اس کے ذریعے انسان فطری ماحول کو تبدیل نہیں کرسکتا تھا! چنانچہ آزادخیالی کی منطق فطری ماحول کوتبدیل کرنے کی انسانی صلاحیت کا اقرارکرکے اپنے اس خیال کو خود ہی رد بھی کر دیتی ہے کہ فطری قوانین کا پابند ہونے کی وجہ سے انسانی سماج سے ناانصافی،ظلم واستحصال اورطبقات کا خاتمہ ممکن نہیں! یہ آزاد خیالی یا سرمایہ داری کے سماجی نظریے کا بنیادی فکری تضاد ہے جسے وہ اپنی طبقاتی فطرت کی وجہ سے کبھی حل نہیں کرسکتی۔

لاکھ کوششوں کے باوجود بھی آزادخیال دانشوروں کو یہ حقیقت تسلیم

کرنا پڑتی ہے کہ انسان کا سماجی ارتقاء فطری پاندیوں سے آزادی کی جانب ایک مسلسل سفرہے۔انسان نے فطری حالات کو مسلسل تبدیل کرتے ہوئے اپنی بقاء کے امکانات کو روزافزوں وسیع تر کیا ہے اورفطرت پراپنے انحصار کوبتدریج کم کیا ہے۔ آزاد خیالی فطری قوانین کے آگے انسان کو مجبورِ محض ظاہر کر کے نجی ملکیت اورطبقاتی نظام کا تحفظ کرتی ہے۔ انسانی ارادے کی اہمیت کو بادلِ نخواستہ تسلیم کرتے ہوئے آزادخیالی نجی ملکیت اورطبقاتی نظام کے خلاف انسانی جدوجہد کے عمل پرمنفی تنقید کر کے اسے روکنے کی کوشش کرتی ہے اورظلم، ناانصافی اورعدم مساوات کوقسمت کا لکھا قراردے کرانہیں برقراررکھنا چاہتی ہے۔

سائنسی ترقی کے نتیجے میں معاشرے سے ظلم اورناانصافی کے خاتمے کی نوید آزادخیالی کے غیرحقیقت پسندانہ موقف کو مزید واضح کرتی ہے۔ برسہابرس سے ہونے والی سائنسی ترقی سے نسل انسانی نے خوب فائدہ اٹھایا ہے لیکن اس سچائی کو کیسے جھٹلایا جائے کہ طبقاتی نظام میں سائنسی ترقی کے ثمرات بھی متمول طبقے تک محدود ہوتے ہیں۔ نجی ملکیت ہونے کے نتیجے میں سائنسی ایجادات اورسہولیات غریب عوام کی قوتِ خرید سے باہرہوتی ہیں۔ سرمایہ دارانہ طبقاتی نظام میں سائنسی ایجادات کوصنعت کا درجہ حاصل ہے جس کا مقصد منافع کا حصول ہے انسانیت کی بھلائی نہیں۔ اوراسی پہ بس نہیں۔سرمایہ دارطبقہ اپنی ملکیت کے تحفظ اورعوامی وسائل کی لوٹ مار کے لئے سائنسی معلومات اورایجادات کوانسانیت کے خلاف جبرواستبداد کے لئے بھی استعمال کرتا ہے جس کی واضح مثال ایٹمی اورکیمیائی ہتھیارہیں۔ چنانچہ جب تک پیداوارکے زرائع اورپیداواری اجناس نجی ملکیت سے آزاد ہو کرسماجی ملکیت نہیں بن جاتے تب تک سائنسی علم اورایجادات کوتمام انسانیت کی بھلائی کے لئے استعمال کیا جانا ممکن ہی نہیں ہے۔ طبقاتی سماج میں سائنسی ترقی کے ثمرات چند افراد تک محدود ہوتے ہیں۔سماجی ملکیت میں یہ ثمرات تمام انسانوں کی ضروریات کی تسکین کا باعث بنتے ہیں۔لہذا سائنسی علم کو ترقی دینے اوراس کے ثمرات پوری انسانیت تک پہنچانے کے لئے یہ لازم ہے کہ سماج کو طبقاتی نظام کے شکنجے سے آزادی دلائی جائے۔

آزاد خیال دانشور یہ مانتے ہوئے بھی کہ تمام عوامل فطری قوانین کے تحت وقوع پزیر ہوتے ہیں، طبقاتی نظام کے ظلم وجبر کے خلاف ہونے والی

جدوجہد کو تنقید کا نشانہ بناتے ہیں حالانکہ خود ان کے نظریے کی رو سے دیکھا جائے تو چونکہ سب کچھ قوانین فطرت کے تحت ہوتا ہے لہذا استحصال اورناانصافی کے خلاف انسانی ردعمل کو بھی فطری عمل ہی تسلیم کرنا چاہیے! لیکن اس کے باوجود آزاد خیال دانشورظلم وجبرکے خلاف انسانی ردعمل پرتنقید کر کے اسے بے معنی قراردیتے ہیں۔ وہ ڈارون کے نظریہ ارتقاء کوانسان کے سماجی ارتقاء پرلاگو کرتے ہوئے یہ خیال پیش کرتے ہیں کہ فطری انتخاب کے اصول کے تحت طاقتوراورکمزورکی لڑائی میں فطرت طاقتورکا انتخاب کرتی ہے جبکہ کمزورکا نام ونشان مٹ جاتا ہے۔ یعنی ایک جانب وہ یہ تسلیم کرتے ہیں کہ طاقتوراورکمزورکی لڑائی میں فطرت طاقتورکا ساتھ دیتی ہے اوردوسری جانب یہ کہتے ہیں کہ فطرت غیرجانبدارہے! اگر ان کے اس فکری تضاد کونظراندازکربھی دیا جائے تو بھی آزادخیال دانشوروں کا یہ اصراربے معنی ہے کہ ظلم وجبراورناانصافی کے خلاف جدوجہد کرنا بیکار ہے۔ استحصال کا شکارطبقہ،یعنی محنت کرنے والے عوام استحصالی طبقے کے مقابلے پرنہایت کثیرعددی اکثریت رکھتے ہیں۔متحد ہوکروہ آسانی سے سرمایہ داری کا خاتمہ کرسکتے ہیں۔لہذا طاقتورکی بقاء کا فطری اصول محنت کش عوام کے حق میں ہی دلیل دیتا ہے ان کے خلاف نہیں۔

طبقاتی نظام کی تشکیل اوراس کو قائم رکھنے میں فطری قوانین کا کوئی عمل دخل نہیں۔ طبقاتی معاشرہ نجی ملکیت کی بنیاد پرقائم پیداواری رشتوں کا شاخسانہ ہے جس میں انسان کی شعوری کوششوں کا عمل دخل ہے۔ شعوری کوشش اورجدوجہد کے ذریعے طبقاتی نظام کو ختم کیا جاسکتا ہے اورایسا کرنا فطرت کے اصولوں کے برخلاف نہیں بلکہ ان کےعین مطابق ہے۔فطرت انسانوں میں تفریق نہیں کرتی ۔اس نے تمام انسانوں کو یکساں پیدا کیا ہے اوراس کی نعمتیں تمام انسانوں کے لئے یکساں ہیں۔ فطری طورپرکچھ انسانوں کے اعلی اوربرتراورکچھ کے کم ترہونے، کچھ انسانوں کے غلام ہونے اورکچھ کے آقا ہونے، کچھ انسانوں کے طاقتورہونے اورکچھ کے کمزورہونے کے نظریات انسانی سماج کی طبقات میں تقسیم کے وقت سے اب تک چلے آرہے ہیں۔اپنی نجی ملکیت کے تحفظ کے لئے حکمران طبقات ہردورمیں ایسے


استحصالی نظریات پھیلاتے رہیں ہیں تاکہ نام نہاد قوانینِ قدرت کے نام پرمحنت کش عوام کا استحصال جاری رکھ سکیں۔ محنت کش عوام کوطرح طرح کی اعتقاد پرستیوں میں مبتلا کرکے،سائنسی علم سے دوررکھ کرسرمایہ داری ان آزادخیال نظریات کے ذریعے اپنے استحصالی کردار کوقابل قبول بنانے کی کوشش کرتی ہے تاکہ محنت کش عوام سرمایہ داری کے خلاف جدوجہد پرآمادہ نہ ہو سکیں۔

انٽرويو

ڪامريڊ عثمان بلوچ

سھڙيندڙ: اسد ناريجو

(اسان جي اھا ڪوشش رھندي آئي آھي ته ماضي جي عوامي تحريڪن کي انھن ئي تحريڪن جي زنده ڪردارن ذريعي سمجھون. پوئين ڪڙين ۾ اسان ڪامريڊ احمد خان جو انٽرويو ڇاپيو ھو. جيڪو سنڌ ۾ ھاري تحريڪن بابت ھو. اسين آئينده شاگرد تحريڪن ۽ عورتازاد تحريڪن بابت به انٽرويو ڇاپينداسين. اڄ جو انٽرويو ڪامريڊ عثمان بلوچ ڪان آھي. ڪامريڊ عثمان بلوچ سنڌ ۾ پاڪستان اندر ٽريڊ يونين سياست ۽ پورھيت تحريڪ جو وڏو نالو آھي. ھن انٽرويو ۾ ڪامريڊ پنھنجا پيچيده تجربا، انتھائي سادي ٻولي ۾ عوام آڏو رکيا آھن. ڪامريڊ ھاڻي عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جو صدر



آھي. "ادارو")

سوال: ڪامريڊ توھان پنھنجو سياسي تعارف ڪرايو؟

جواب: عوامي ورڪرز پارٽي جي دوستن مون کي صدر ڪيو آھي ۽ ان ڪان اڳ آئون پاڪستان نيشنل پارٽي ۾ ھيس، ڪنھن نه ڪنھن طريقي سان سياسي پارٽيءَ ۾ رھيو آھيان، پر بعد ۾ مير غوث بخش جي پالِٽڪس ڪان متاثر ٿيس ۽ سندس تنظيم ۾ سنڌ جو صدر به رھيو آھيان.

سوال: ڪامريڊ عزيز سلام بخاري کي به اوهان پنهنجو استاد سڏيندا رهيا آهيو؟ پوءِ بزنجي ۽ بخاري جو نڪاح ڪيئن ٿيو؟

جواب: ڪاڀي ڌر جي سياست، خاص طور تي مزدورن ۾ جڏهن مان سرگرم هيس ته ان وقت عزيز سلام بخاري سان منهنجو تعلق هيو، ۽ انهيءَ وقت 1972ع واري تحريڪ جي رهنمائي مون ئي ڪئي ۽ ان کان پوءِ عزيز سلام بخاري ڪئي، اخلاقن تمام بهترين ماڻهو هيو، بهترين سوچ وارو ۽ عوام سان گڏ عوام ۾ رهڻ وارو، سنڌ ۾ خاص طور تي حيدرآباد ۾ ان جو تمام وڏو ڪم هيو ۽ ان جي ڪم جي هر ڪنهن کي خبر آهي. ان کان آئون ڏاڍو متاثر هيس. مزدورن جي سياسي تحريڪ ۾ ان سان گڏ هيس. اختلاف جڏهن منهنجو ان سان ٿيو تڏهن به اسان ٻئي دوست هئاسين، اسان جو اختلاف بنگال جي مسئلي تي ٿيو، انهن دوستن جو موقف هو ته بنگال جيڪڏهن عليحدگي چاهي ٿو ته ان ۾ بنگال جو نقصان ٿيندو ۽ اهو مسئلي جو حل ناهي. اسان جو چوڻ هو ته بنگال سان جيڪو ظلم ٿيو آهي جيڪا زيادتي ٿي آهي جنهن طريقي سان ان تي ڏاڍ ٿيو آهي تنهن ڪري جيڪڏهن اسان ڪو Alternative ناهيون ڏيئي سگهيا ته اسان کي ڪو اختيار ناهي ته ان جي عليحدگي جي خلاف ڪا ڳالهه ڪري سگهون ۽ اهي جيڪو ڪجهه ڪن ٿا جيڪي قربانيون ڏين ٿا يا ڏيندا ان ۾ اهي بااختيار آهن. ان تي اسان جو اختلاف ٿي ويو. ان کان پوءِ وڏي عزت ۽ احترام سان اسان انهن کي خدا حافظ چيو.

سوال: ڪامريڊ توهان جي عمر گهڻي آهي؟

جواب: مان 1937ع ۾ پيدا ٿيو آهيان.

سوال: توهان هن عمر ۾ به سرگرم سياست ڪيو ٿا پيا ته توهان کي ڪهڙي شيءِ ٿي اتساهي؟

جواب: بنيادي طور تي اهو مقصد آهي ته طبقاتي سياست ۽ قومي سياست کي ملائي هڪ تحريڪ پيدا ڪيون ته مان سمجهان ٿو اسان جا تمام گهڻا مسئلا حل ٿيندا. منهنجو تجربو جيڪو مون کي ٻڌائي ٿو اهو هي ته پاڪستان ۾ نه ڪاڀي ڌر کي پسند ٿو ڪيو وڃي، نه وري قومي سياست کي

پسند ٿو ڪيو وڃي. تنهنڪري ان سان اختلاف آهي. اسان سمجهون ٿا ته جمهوريت جي باري ۾ ڪيترو ڪجهه به چئو، پر سرمائيدارن جي جمهوريت ڪو حل ناهي، تنهنڪري ترقي پسند سياست ڪان آئون متاثر آهيان، ان ۾ توڙي جو لاها چاڙها آهن ان جي باوجود مان سمجهان ٿو ڪاٻي ڌر جي سياست ڪي اڳتي وڌائڻ گهرجي.

سوال: ڪامريڊ توهان جي سڄاٽپ ٽريڊ يونين سياست رهي آهي، توهان ٻڌائيندؤ ڪهڙي طريقي سان توهان جي ان طرف ويجهڙائي ٿي؟

جواب: بنيادي طور تي ته منهنجو والد رائيس ڪئنال ۾ دادو ڪئنال ۾ Excavation ۾ هوندو هو ۽ ان excavation ڪان پوءِ جڏهن پروجيڪٽ ختم ٿيو، تنهن ڪان پوءِ منهنجو والد ڪراچي آيو ۽ ڪراچي ۾ سمنڊ جي پاٽيءَ مان لوڻ ڪڍڻ واري ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو، تڏهن frequently اسان ڏسندا هئاسين ته ڪيئن مزدرون سان ويهجي ٿو، انهن جي مسئلن تي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ۽ حل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون. 1953-54 ۾ نارائن داس بيچر جو زمانو هو. ان زماني جون تحريڪون ڏسندا هئاسين ۽ مان به انهن ڪان متاثر ٿيس.

سوال: مزدور تحريڪون اڄ ڪلهه پسپائيءَ جو شڪار آهن، اهي پاڪيٽ يونين بڻجي ويون آهن ۽ ڪيسا پرڻ جو ڪاروبار بڻجي ويو آهي، بجاءِ انقلابي سياست ڪرڻ جي، آخر ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

جواب: حقيقت ۾ جيڪڏهن ڏسجي ته پاڪستان جي ٺهڻ جو جذباتي نعرو اهو هو ته پاڪستان مسلمانن جو ملڪ آهي ۽ مسلمانن جو ملڪ هئڻ ڪري مطلب هتي ٽريڊ يونين جي ڪا اهميت ناهي، ڪا ضرورت ئي ڪانهي ۽ رياستي مشينري ۽ اهي ماڻهو جيڪي پاڪستان ڪان اڳي distribution ۾ هوندا هئا ۽ ننڍا ننڍا واپاري هوندا هئا اهي Industrialist ٿي ويا ۽ پاڪستان جي پاليسي جي جوڙجڪ جيڪا هئي، سا وري بيورو ڪريسي جي هٿ ۾ هئي تنهنڪري انهن 1936 جي فيڪٽري ايڪٽ قانون کي نه مڃيو. اڄ انهن قانونن کي ڏسو جيڪو انگريزن جي زماني ۾ هيا. جنهن زماني ۾ اسان

غلام هٺاسين، وري ايوبي دور جا قانون ڏسو ۽ اڄ جي قانونن کي جيڪڏهن ڏسندؤ ته خبر پوندي ته هميشه رياست همٿايو آهي ته غلط قسم جا ماڻهو ٽريڊ يونين ۾ اچن، ۽ اهي مزدورن جا حقيقي مسئلا حل نه ڪري سگهن انهن ڳالهين جو نتيجو آهي ته ٽريڊ يونين ۾ صحيح ليڊرشپ ڪانهي.

سوال: ڪامريڊ ٺيڪ آهي، رياست جي جيڪا بيهڪ آهي Ultimately متاثر ڪري ٿي پئي هتان جي عوامي فرنٽن ۽ هاري تحريڪن کي يا ٽريڊ يونين ۽ شاگرد سياست کي. ان سان گڏ اسان اهو به ڏسون ٿا ته پاڪستان ۾ هڪ دؤر هو جڏهن ٽريڊ يونين سياست تمام سگهاري هئي. هاڻي اُها جنهن انداز ۾ موقعي پرستي جو شڪار آهي ٽوٽي جو اڄ تمام گهٽيون فيڊريشنون آهن جن جي باري ۾ اسان توهان کان پڇڻ چاهينداسين ته اهي کهڙو ڪم ڪن ٿيون پيون ۽ انهن جو ڇا معاملو آهي، پر هڪ عروج يا اڀار جو دؤر به اسان ڏسون ٿا. انهن جون وڏيون مزدور تحريڪون موجود به هيون. هاڻي جيڪا پسپائي آهي انهيءَ جا ڪارڻ توهان کان پڇڻ چاهيون ٿا. State جي اڄوڪي صورت ته پهرين کان موجود هئي؟ ٿورو ان کي واضح ڪيو؟

جواب: ها، پاڪستان جي پورهيت مزدورن جي ۽ هارين جي جيڪڏهن تنظيم جي جوڙجڪ کي ڏسو ته اسان اهو ڏسنداسين ته انگريزن جي زماني ۾ سِکن جون تحريڪون هونديون هيون ۽ پنجاب ۾ خاص ڪري تحريڪون هونديون هيون، سنڌ ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر هيو، ان جي زماني ۾ ان تي به تمام گهٽيون سختيون ڪيون ويون ۽ ان جو مذاق اڏايو ويو. 1954 تائين مزدور تحريڪ، پاڪستان ۾ ٺهڻ لڳي هئي، جيستائين مون کي يادگيري آهي، جنهن ۾ نارائڻ داس (بيچر) هيو ۽ ان کان پوءِ سيٽو (Seto) ۽ سينٽو (Sento) سان رياست جڏهن اتحاد ڪيو، تنهن کان پوءِ مزدور تحريڪ ختم ٿيڻ لڳي آهي ۽ ان کان پوءِ جيڪڏهن توهان ڏسندؤ ته اُن وقت مزدور تحريڪ جيڪا به strike ڪئي آهي. سا هڪڙي يونين يا يونٽ ۾ ناهي ٿي پر general اسٽرائيڪ ٿيون آهن، 1963 جي تحريڪ آهي،

1966 ۽ 1968 جي تحريڪ آهي، 1972 جي تحريڪ آهي، پر توهان انهن تحريڪن کي ڏسندؤ ته جڏهن به وڏيون اسٽرائيڪس ٿيون آهن ان کان پوءِ ٻيون فيڊريشنون به گورنمينٽ پاڻ ٺاهيون آهن، ان جو نتيجو اهو نڪتو، جمهوريت جي نالي تي پٽي صاحب جي زماني ۾ 1973 کان پوءِ هڪ هڪ فيڪٽري ۾ چار چار يا پنج پنج يونينون ٿي ويون، رياست جو مقصد پهريون ته پاڻ ۾ انهن کي ويڙهائڻ هو. ٻيو وڏو اثر اهو ٿيو ته اسان ان زماني ۾ مزدورن کان چندو وٺندا هئاسين اٺ آني کان وٺي روپيو، ٻه روپين تائين گهر گهر وڃي وٺندا هئاسين ۽ مزدور اسان تي سخت تنقيد ڪندا هئا، پر جڏهن هڙتال ٿيندي هئي يا ڪو واقعو ٿيندو هو ته ساٿ به اهي ئي ڏيندا هئا جيڪي چندو ڏيندا هئا ۽ سخت تنقيد ڪندا هئا. هاڻي اهو آهي ته هن وقت (Check of system) ٿي ويو آهي. ان سسٽم ۾ جيڪو مزدور اچي ٿو ان مزدور کي خبر ئي ڪانهي ته منهنجي پگهار ڪيتري ٿي ڪٽجي وڃي ۽ اهي ماڻهو جيڪي State enterprise ۾ آهن، ريلوي، اسٽيل مل، گئس ڪمپني، پي آئي اي ۾ جيترا به مزدورن اچن ٿا، اتي جيڪي ڪچا آهن، جيڪي ڇئن پنجن سالن کان ڪم ڪندا پيا اچن ڪچا رکيل آهن، انهن جي به فيس ڪٽجي ٿي، سا ليبر ليڊر کي ملي ٿي ۽ ليبر ليڊر ڪڏهن به ان جو حساب ئي نٿو ڏئي، اسان ان زماني ۾ هر سال اليڪشن کان اڳ باقاعدي Audit ڪرائي مزدورن اڳيان حساب رکندا هئاسين ته اسان جو هيترو هيترو خرچ ٿيو آهي ۽ هيتري بچت آهي. پر هاڻي باقاعده ان پريڪٽس کي ٽوڙيو ويو آهي ۽ هاڻي اهو آهي ته جيڪي به مزدور ليڊر آهن، يا ليڊر سڏيا وڃن ٿا اهي ايگريمينٽ جڏهن ڪرائين ٿا، 2 سالن جو 4 سالن جو يا جيڪو به ايگريمينٽ ٿئي ٿو، اسان جي زماني ۾ هڪ سال جو ٿيندو هو پوءِ 2 سال جو ٿيو، ان تي جڏهن اهي ايگريمينٽ ڪرائين ٿا ته هاڻي هڪ هڪ ڏينهن جي پگهار سڀني مزدورن کان ليبر ليڊر وٺي ٿو جيڪا لکين روپيا ٿئي ٿي ۽ باقاعدي اهو چوي ٿو ته مون ايترا پئسا ورتا آهن، ائين ڪرپشن کي باقاعده قانوني بڻايو ويو ۽ ڪڏهن به گورنمينٽ اهو ناهي ڪيو، ليبر ڊپارٽمينٽ اهو ناهي

ڪيو ته اِهو پئسو ڪيڏانهن ويو، نه ته ان تي هميشه اهو ٿيندو هو ته پورٽ اينڊ ڊاڪ ورڪرز يونين جي مون کي يادگيري آهي ته اتي ليبر ڊپارٽمينٽ ويندو هو. پرويز مشرف جي زماني ۾ فيڪٽريز ايڪٽ جي تحت جيڪي ماڻهو ايندا هئا مزدورن جي هيلٿ وغيره ڏسڻ لاءِ، انهن سيني کي finance بل ڪري اسيمبلي ۾ رکيو ويو ته هاڻي ان تي ڪو فيڪٽري ۾ فيڪٽري جو هيلٿ انسپيڪٽر وڃي ئي نٿو سگهي ۽ ان جي ڪري توهان ڏسو علي انٽرپرائيز ۾ باهه ۽ ماڙي پور جي فيڪٽريءَ ۾ باهه، ڪڏهن فيصل آباد ۾ باهه، مزدور ڪيترا مري ٿا وڃن، ڪڏهن لاهور ۾ باهه ۽ ٻيو رستو آهي ئي ڪونه ڪلڻ جو هڪڙي در ڪان وڃن ٿا ۽ ان دَرَ کي تالو لڳي ٿو وڃي اندر ڪيميڪلس پيا آهن باهيون لڳي ٿيون وڃن، ڪورٽ ۾ انهن تي ڪيس ٿيو آهي پر گورنمينٽ ڪو ايڪشن ناهي ڪنيو.

سوال: ڪامريڊ توهان پنهنجن همعصرن مان ٽريڊ يونين سياست جا ڪي چند وڏا نالا وٺڻ چاهيندؤ؟

جواب: ها، منهنجي زماني ۾ نبي احمد وڏو ليڊر هو ۽ شريف وڏو ليڊر هيو، طفيل عباس وڏو ليڊر هيو، واحد بشير وڏو ليڊر هيو ۽ ايس پي لوڌي، ناياب نقوي، اهي سڀ وڏا وڏا ليڊر هئا ۽ مرزا ابراهيم وڏو ليڊر هيو. مطلب ته ڪاٻي ڌر جا به ۽ ساڄي ڌر جا به ليڊر هيا، وڏا وڏا انهن جا نالا آهن ۽ انهن جون غلطيون پنهنجي جاءِ تي پاليسيون پنهنجي جاءِ تي، ايم اي خطيب پورٽ اينڊ ڊاڪ ورڪرس جو ليڊر هيو.

سوال: اوهان ڪيترا دفعا جيل ويا آهيو؟

جواب: گهڻو ته ياد ناهي پر پهريون دفعو جيل ۾ جڏهن آئون ويو آهيان اهو هيو 8 نومبر 1967ع. مون کي سال سزا ٿي ۽ پوءِ وري مون کي اتان ڪڍيو ويو ساهيوال جيل ۾. ان وقت ون يونٽ هيو، وري اتان آيس ته وريڪا ۾ اسان جي پلاننگ هئي ۽ مل تي قبضو ڪيو ٿوري جلدي ٿي وئي ان ۾ آئون گرفتار ٿيس ٻيو دفعو. ٽيون دفعو وري ڀٽي صاحب جي زماني 1972 ۾، ان کان پوءِ اڳي يحيٰ صاحب جي زماني ۾ بنگال جو آپريشن ٿيو ان ۾ ڪيس هليو، ڀٽي جي زماني ۾ سزا نه ٿي پر ڪجهه عرصو جيل ۾ هيس. منهنجي خيال ۾

پنج دفعا جيل ۾ ويو هوندس. آخري سزا مون کي پٽي جيڪا مارشل لا لڳائي ان ۾ ٿي.

سوال: ڪامريڊ هڪڙو ته 1972 وارو دؤر آهي مزدور تحريڪن جي حوالي سان به الزام آهن توهان تي هڪڙو اهو ته پٽي جي دؤر ۾ توهان لِکت ۾ جيل ۾ معافي ورتي ٿوري ان جي وضاحت ڪيو، ٻيو ته جيڪا قتل و غارت ٿي ۽ جيڪي مزدور ماريا ويا ايڏا شهيد ٿيا State terror جيڪو ڪيو، ان ۾ ساڳي وقت ڪافي سارن سينيئر دوستن جي اها به چارج آهي ته مزدور ليڊرن ٽريڊ يونين ليڊرن جنهن ۾ توهان به هيو جو هڪ Adventurism هيو جنهن جي ڪري ايڏو نقصان ٿيو وقت کان اڳ ۾ مِلن تي قبضو ڪرڻ ۽ ان وقت جيڪا Strategy هئي ان جي ڪري نقصان ٿيو ته پهريان هن سوال جو جواب ڏيو لکت ۾ معافي واري جو ۽ بعد ۾ ان معاملي تي اچو.


جواب: هالانڪه لکت وارو معاملو ته پوءِ جو آهي ۽ اها جيڪا چارج آهي ته اسان Adventurism ڪيو ان کان پهرين ڳالهه آهي ته ڇا ٿيو جو 1973 ۾ اسان اهو پئي چاهيو ته بنگلاديش منظور ٿئي ان جي حمايت ڪيون پيا ٻيو اِهو ته اسانکي خبر پئي ته پٽو قانون پيو آڻي ۽ ان کان اڳي هڪڙي تياري پئي ٿئي ته احمدين کي پٽي صاحب چيو ته هي غير مسلم آهن، منهنجو سڄي ٽريڊ يونين ۾ چوڻ اهو هو ته قرارداد مقاصد سڀني کي مسلمان ڪري ڇڏيو آهي ۽ ري اسلامائيزيشن ٿئي پئي ۽ پٽو صاحب ان ئي پاليسي تي پيو ٿو هلي ۽ بنگلاديش نهڻ جا ڪارڻ کهڙا آهن اهو ڏسڻ گهرجي ۽ ڪنهن کي مسلمان ۽ غير مسلمان ڪرڻ اِهو اسٽيٽ جو ڪم ناهي. جڏهن مون اها ڳالهه پنهنجي تقرير ۾ واضح ڪئي ته ان وقت گئس ڪمپني ۾ پرتيون ٿي ويون هيون ۽ آءٌ ڪراچي يونٽ گئس ڪمپني ۾ ڪم ڪندو هيس اتي ڪجهه ماڻهن مون سان اختلاف ڪيو. منهنجي خيال ۾ پاڪستان ۾ پهريون ٽريڊ يونين Activities ۾ آئون آهيان جنهن تي اسٽيٽ ان وقت ڪيس بڻايو بغاوت جو، 52 سيڪشن ائين ئي ڪجهه هو منهنجي خيال ۾ ته آئون ماڻهن کي چوندو هيس منهنجا وڏا جيڪي هيا سي جميعت علماءِ هند سان انهن جو تعلق هيو ۽ آئون هر وقت هر جاءِ تي ڪورٽ ۾ به جڏهن به ايندو هيس ته چوندو هيس

ته قاديانين کي يا احمدين کي غير مسلم قرار ڏيڻ خلاف مون جيڪا مزاحمت ڪئي آهي. اُن جي ڪري مون تي اِهو ڪيس هلايو ٿو وڃي بغاوت جو، مولانا ابوالڪلام آزاد تي به بغاوت جو ڪيس هيو ۽ مون تي به بغاوت جو ڪيس آهي، بعد ۾ حڪومت اسان جو ڪيس تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ڪافي وقت اسان کي خيرپور جيل ۾ رکيو هيو. تڏهن ڊپٽي ڪمشنر هيو ڪنور ادريس ان جي آرڊر تي مون کي خيرپور موڪليو ته مون چيو ته ڊپٽي ڪمشنر کي اهو اختيار ئي ناهي ته هو مون کي ڪراچي جي جيلن کان ٻاهر ڪنهن ٻي پاسي موڪلي ۽ اهو ڪو هوم سيڪريٽري موڪلي سگهي ٿو. ان تي خيرپور مان مون کي گهرايو ويو ۽ نورالعارفين مون سان ۽ ڊاڪٽر اعزاز نظير سان مليو. دراصل نورالعارفين سان منهنجي واقفيت تڏهن جي هئي جڏهن آءٌ ڪورٽ ۾ ڪم ڪندو هيس. منهنجي جيل واري زماني ۾ نورالعارفين جج ٿي ويو پاڻ به ڪاٻي ڌر جو ماڻهو هيو، جڏهن ڪيس اسانجي خبر پئي ته گهرائي چيائين ته ٽريڊ يونين Activities ۾ اوهان سان جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي ته اهو ڪٽو ۽ اهو ليبر ڊپارٽمينٽ وارن سان ۽ اختيار رکڻ وارن سان Contact رکو ته اوهان کي ڇڏيو وڃي تنهن تي مون اختلاف رکيو ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير چيو ته تون چائينيز ڪميونسٽ پارٽي سان تعلق رکين ٿو انهن خيالن سان آهين ۽ اسان رشين سان تعلق رکون ٿا اسان جمهوريت جي ڳالهه ٿا ڪيون ان ڪري آئون ته اهو لکان ٿو. پر مون کي اها خبر ڪانه هئي ته ڊاڪٽر اعزاز نذير انگريزي ايتري پڙهيل ناهي ان مون کي چيو ته يار اهو منهنجي لاءِ لکي ڇڏ. ان زماني ۾ جيل ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو رِها ٿيندو هو ته پوءِ اسان وري محفل ڪندا هئاسين آئون اوڏانهن ٿي ويس ته ڊاڪٽر مون کي چيو ته اها لکت مون کي ڏيئي ڇڏ ته جنهن ۾ مون لکيو هو ته I undersigned do herby agree اهو ڏئي مون هُن کي چيو ته تون پنهنجي هينڊ رائيٽنگ ۾ لکي ۽ ان تي صحيح ڪري ڏيئي ڇڏ پوءِ آئون هليو ويس محفل ۾ ماڻهو رِها پيا ٿين بعد ۾ ڊاڪٽر اعزاز نذير ڇا ڪيو جو منهنجي لکيل ڊرافٽ تي منهنجي صحيح ڪري جيل اٿارٽي کي ڏنئين. جيلر ان زماني ۾ خيرپور جو هيو ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير مفروري

جي زماني ۾ خيرپور ۾ رهيو ته ان جيلر کي ڏنو، ان اهو جڏهن هوم ڊپارٽمينٽ کي موڪليو ته عبدالله بلوچ ليبر منسٽر هيو، ان سان جيڪو سيڪريٽري هيو سو گئس ڪمپني ۾ مون سان گڏ ڪم ڪندو هيو ان جو نالو هيو حبيب الرحمان خٽڪ. ان حبيب الرحمان جڏهن منهنجي صحيح ڏٺي ته ان چا ڪيو جو انجي فوٽو ڪاپي ڪري انهن محترم دوستن جن ۾ اختلاف ڪرڻ وارا به هئا رائٽسٽ ته چڏيو جيڪي لفٽسٽ هيا جيڪي رشين سائيڊ جا يا جيڪي چائينيز سائيڊ جا هئا تن سڀني کي هُن اها ڪاپي موڪلي. اهڙي صورتحال ۾ هڪڙي پاسي کان گورنمينٽ ٻي پاسي کان اسان جا ڪاڀي ڏر وارا هيا جن مون تي حملا ڪيا مون اهو چيو ته ڊاڪٽر اعزاز نذير اچي ته انِ جي سامهون اها ڳالهه ڪريون ته هيئن ٿيو آهي يا نه ٿيو آهي پر ڊاڪٽر اعزاز نذير اها صحيح ڪري رشيا هليو ويو هو ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير کي تمام گهٽي دير ٿي ويئي پوءِ اسان جي پارٽي ۾ به آيو ۽ بي ايم ڪُٽِي ان جو گواهه آهي ته بي ايم ڪُٽي کي مون چيو ته اڄ ڊاڪٽر ڏانهن هلون ٿا بندو خان ۾ وياسين ۽ بندو خان جي ٻاهر ويهي مان چيو ته ڊاڪٽر تون هيئن هيئن ڪيو هيو ۽ منهنجي نالي تي اهو آيو آهي ته مون معافي گهري آهي حالانڪه توکي خبر آهي ته اِها ڳالهه ڪونهي تو اهو چا ڪيو ته ڊاڪٽر چيو ته مون کي ياد ناهي پوءِ ٿورو آئون جذباتي ٿي ويس مون کي بي ايم ڪٽي چيو ته تون جذباتي نه ٿي هاڻي وقت تمام گهڻو ٿي ويو آهي ۽ توکي جذباتي نه ٿيڻ گهرجي پوءِ اها ڳالهه ائين لئي مٽي ٿي وئي پر ان ۾ معافي ڪانه هئي. I did not accepted. ۽ He Accepted condition.

ڪامريڊ! جيستائين توهان جو اهو سوال هيو ته اسان Adventurism ڪيو ان سلسلي ۾ منهنجي رڳو اها گذارش آهي ته توهان ٿورو رڪارڊ ڏسو 1963 جي اسٽرائيڪ ٿي ۽ ان اسٽرائيڪ ۾ جن ليبر ليڊرن جو مون نالو کنيو تن منجهان ڪافي موجود هيا ۽ اها اسٽرائيڪ شروع ٿي ناياب جي زماني کان جيڪو پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني ۾ هيو ۽ اها ٽوبيڪو ڪمپني جي هڙتال چئي وڃي ٿي ۽ ان کان پوءِ چاچي علي جان ۽ ٻيا ماڻهو جيڪي ڪجهه پراڻا ليڊر هئا گڏ

هليا ۽ انهن اسٽرائيڪ هلائي ۽ 1963 جي اسٽرائيڪ ۾ حڪومت اهو فيصلو ڪيو ته اردو اسپيڪنگ مزدور کي پاسيرو ڪجي. ڇاڪاڻ ته 1947 کانپوءِ ايندڙ اردو اسپيڪنگ مزدور پنهنجي تجربي جي ڪري هڙتالون گهٽيون ڪري ٿو ترامبي جي هڙتال، ٽرانسپورٽ جي هڙتال نارائن داس بيچڙ



جنهن جو مون نالو ڪنيو آهي هڙتالون جڏهن ٿيون ته فيصلو اهو ٿيو ته اردو اسپيڪنگ مزدور جيڪو احمدآباد انڊسٽري مان آيو آهي جيڪو بمبئي جي انڊسٽري مان آيو آهي اهو برٽش قانون مطابق پنهنجا حق پيو وٺي ۽ انهن کي اسٽرائيڪ جو تجربو هيو، اردو اسپيڪر مزدور جهجي تعداد ۾ هئا ۽ هتان جو سنڌي ۽ بلوچ ورڪر نه هيو پر اهي هڙتال هلائيندا هئا ۽ حڪومت کي انهن مجبور ڪري ڇڏيو هو ۽ ان زماني ۾ توهان کي ٻڌايان ته خيرپور ۾ به انڊسٽري هئي ۽ ان زماني ۾ سکر ۾ به انڊسٽري هئي جيڪا سکر جي سيمنٽ فيڪٽري، ڊالميا سيمنٽ فيڪٽري اهي هونديون هيون اتي جيڪو به مزدور هيو غريب جيڪو نان ٽيڪنيڪل ۽ سيمي ٽيڪنيڪل اهو سنڌي ۽ بلوچ هوندو هو. باقي جيڪي ٽرينڊ ورڪر هئا هڙتالن وارا اهي مهاجر آيا. ٻي گذارش به ان سان گڏ ئي آئون ڪريان ٿو ته 1963 جي هڙتال کان اڳ ايوب خان جو پٽ گوهر ايوب لالو کيت مان پٺاڻن جو هڪڙو جلوس ڪٽي اچي ڏيکاري ٿو پيو جڏهن ان جو پيءُ ايوب خان منتخب ٿي آيو ته هنن مهاجر ماڻهن کي نسوار جون دٻيون ڏيکاريون جيڪي اردو اسپيڪر رهندڙ هيا ۽ اتي وڏو قتل عام ٿيو. وڏيون فائرنگون ٿيون اڄ ڪلهه حافظ ٽيڪسٽائل مِل جيڪا منگهو پير ۾ آهي اتي جيڪي مزدور حسرت موهاني ڪالوني وغيره ۾ رهندا هئا انهن

مزدورن جي جلوسن تي ڊائريڪٽ فائرنگ ڪئي وئي ۽ ان جو نتيجو اهو ٿيو ته مزدورن کي اها وارننگ ڏني وئي ته مزدور هتان نڪرن، اهڙي سِٽَ سوچي وئي ته ناردرن ايرياز کان مزدور اچن ۽ هتان جو سنڌي ۽ بلوچ خاص ڪري ان زماني ۾ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي لياري ڪوارٽر هيو مزدورن جو برٽش جي زماني ۾ اتي مزدور رهندو هو پورٽ ۽ ڊاڪر ورڪرز ۽ اتي سڄو ڪم جيڪو till tool products yard هتي ايڪسپورٽ جيڪو ٿيندو هو ڪاٽن ان جا سڀ مزدور انهن کي هنن ڪم تي نه رکيو اچ ڪلهه جنهن کي پختون خواهه ٿو چئجي اتي ڊيولپمينٽ ڪائي ڪانه ٿي پنجاب ۾ ڪائي ڊيولپمينٽ ڪانه ٿي، اتان ماڻهن لڏپلاڻ شروع ڪئي ته ڪراچيءَ ڏانهن اچن. هاڻي اسان جو جڏهن زمانو آيو ته 1963 ۾ هڙتال ٿي 1965 ۾ اهو چيو ويو ته انڊيا سان اسان جو جهيڙو آهي تنهن ڪري بس ڪريو ڪا هڙتال نه ڪيو. فلم انڊسٽري جي هڪ ايڪٽريس هئي تنهن چيو هو ته جيڪو پاڪستان جو جهنڊو دهليءَ ۾ لڳائيندو آئون ان سان شادي ڪنديس، ان جذبات ۾ ان پاسي پئي ڪٽي ويا اهو هڪڙو ماحول هنن پيدا ڪيو. ان کان پوءِ 1965 ۾ مزدورن تي اجا وڏيڪ سختي ڪرڻ لڳا ان زماني ۾ آئون ڪراچي گئس ڪمپني ۾ اچي ويو هئس. جتي ڊائريڪٽ تجربو ٿيو ته State policy ڪهڙي آهي مزدورن جي مخالف جڏهن اهو مون ڏٺو ته 1968 واري هڙتال اسان اهڙي مڪمل طريقي سان ڪئي ۽ منهنجي مزدرون جي اندر entry ٿي. اهو جڏهن اسان ڪيو ته 1968 کان 1969 ۾ يحيٰ خان اچي ويو. يحيٰ خان جڏهن آيو ته ان کان پوءِ وري مسئلو اهو ٿيو ته Labour trapatite ڪانفرنس ٿي جنهن جو چيف ٿيو نور خان. نور خان جو 1969 ۾ آئي آر او (انڊسٽريل رليشن آرڊيننس) جيڪڏهن ڏسو ته هن (Prime bill) ۾ لکيو آهي ته مزدورن سان ڏاڍو ظلم ٿيو آهي. مزدورن جي لاءِ قانون ناهي نهيو. مطلب مزدورن جي وڏي تعريف ڪئي اٿئين. پر جيڪڏهن قانون کي ڏسندؤ ڪا تبديلي ڪانهي ۽ ان کي ڪجهه مليو ڪونهي رڳو پريم بل ۾ مزدورن جي تعريف ڪئي اٿئين. منهنجي ذهن ۾ اهو هو ته 1957 ۾ لياري ڪوارٽر ۾ هڪڙو جلسو ٿيو هو جنهن ۾ جي

ايم سيد، عبدالصمد اچڪزئي ۽ باچا خان، بزنجو صاحب، افتخارالدين اهي آيا ته 1957 ۾ ڪهڙي طريقي سان نئين قسم جا وڏا ليڊر هڪ بنگال جو ليڊر به انهن ۾ شامل هيو ۽ صالح محمد شاهه جيڪو شير شاهه جو آهي لياري ڪوارٽر جو ماڻهو هو ان جي صدارت ٿي ۽ اهو صدر ٿيو ته سڀ گڏجي ملي ڪري هڪڙي قسم جو الائنس هلائيندا ۽ انهن هڪڙو ايگريمينٽ ڪيو ته جيڪو پاڪستان آهي اسان اُن سان اختلاف ڪيون ٿا اهو سڀ ختم ڪري اسان نئين پاڪستان جي جوڙجڪ چاهيون ٿا جيڪي قومون آهن، سنڌي، بلوچ، پنجابي، پختون ۽ بنگالي انهن سڀني جي سار سنڀال گڏجي لهنداسين. 1957ع ۾ جڏهن اهو ريزوليشن پاس ٿيو ته 1958 ۾ وري مارشل لا لڳي ويو ته منهنجي ذهن ۾ انهيءَ گڏيل سياست جا اثر پيا. 1968 ۾ جيڪو ڪجهه اسان ڪيو ته وري يحيٰ خان وارو مارشل لا لڳي ويو. يحيٰ خان واري مارشل لا ۾ Tripartite ڪانفرنس ٿي. ان Tripartite ڪانفرنس ۾ جيڪا مون ڳالهه اڳ ڪئي اها ٿي جڏهن آئون جيل کان واپس آيس ته مون مزودرن کي organize ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مون کي هڪڙو تجربو ٿيو هو ۽ ان تجربي ۾ مون lead به ورتي. جيڪي به ليبر ليڊرن جا مون نالا ورتا مون ڏٺو ته انهن جي دروازي تي CID ويٺي هوندي هئي. مزدور وٽن ٿا ميٽنگ ڪن ٿا ۽ جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا ته اها CID وارو اچي ويهي ٻڌي ٿو ۽ هر ڳالهه کان باخبر ٿئي ٿو. مونکي جيئن اهو تجربو ٿيو ته مون ڇا ڪيو ته نيو ڪليئر پاور پروجيڪٽ جنهن کي ائٽمي بجلي گهر چئجي ٿو ان ۾ مون ٿوري ايڪٽيوٽي ڪئي. جيئن ته مون کي اندازو ٿي ويو ته ڪراچي گئس ڪمپني ۾ وائيٽ ڪالر مزدور گهٽا آهن ۽ وائيٽ ڪالر هاٽي اڳيان ڪم ڪٽي ڪونه ٿا سگهن تنهنجي ڪري مون Nuclear Power Project ۾ ڪم شروع ڪيو ته ان ايڏي وڏي انڊسٽري ۾ جيڪا مون جدوجهد شروع ڪئي سا اها ته ڪراچي ۾ ريڪس لائين جيڪو لياري ڪوارٽر جو علائقو آهي ريڪس لائين ۽ چاڪي وارو عيدگاهه ميدان. اتي ڪجهه مزدور رهندا هئا انهن سان گهرن ۾ ميٽنگس جڏهن مون ڪيون ته ان جو رزلٽ اهو نڪتو ته اتي ڪنسٽرڪشن

جا ورڪر جيڪي هئا ان زماني ۾ انهن کي سيفٽي نه هئي ۽ انهن ڪنسٽرڪشن ورڪرز جيڪي ڪانٽريڪٽ ورڪر هوندا هئا انهن سان رابطو ٿيو. انهن جا حق نه هوندا هئا انهن کي مون جڏهن اهو چيو ته هنن کي حق ملڻ گهرجن ۽ ڪينيڊين ڪمپني آهي سا اسان کي نٽي ڏئي اُهي حق جڏهن جدوجهد ڪانپوءِ مليا ته مون کي اهيو خيال ٿيو ته مون ڪجهه ڪم ڪيو آهي 1963 ۾ هڪڙو ليبر ليڊر هيو محبوب نالو هيس اهو اردو اسپيڪنگ هيو ۽ اهو ليفٽ جو ماڻهو هو، اهو مزدورن سان وچي انهن جي ڪالونين ۾ رهندو هو. ته مان وري ان کان متاثر ٿيس ته هي سچو 1963 وارو زمانو مون مزدورن جي گهرن ۾ وڃي سماجي طور تي هنن سان مون تعلقات ٺاهيا پوءِ مون اِهو ڪيو جو 1968 جو يحيٰ خان واري زماني ۾ جيڪو قانون ٺهيو آهي ان کي اسان وري ڏسئون ته ان ۾ ڇاهي. 6 جون 1972 تي جيڪا گولي هلي آهي ان ڏينهن باقاعدا مون منگهوپير روڊ تي هڪ ميٽنگ رکي متحده مزدور فيڊريشن ۾. ان ۾ مون ڳالهه رکي ته نبي احمد وغيره جن ليڊرن جا مون نالا ورتا اهي ليڊر ويهي نئون قانون ٺاهن. هتي نئي قانون جي اسان ميٽنگ رکي آهي ۽ هتي فيروز سلطان مِل ۾ (ان وقت 5 سيڪڙو جو مزدورن کي بونس ملندو هو ايوب خان جي زماني ۾ ٺهيو هو) نه فقط اهو نه مليو پر تالا بندي ٿي وئي. تالا بندي ٿي وئي ته زيپٽُن ۾ اسان جو ڪم هو زيبٽُن جا ماڻهو ڏسي مون هڪڙو نئون طريقو اهو ڪيو ته مزدور هڪ ٻئي سان ملن جيڪو به هڙتال ڪندو هو سڀ مزدور اتي ويندا هئا ۽ ان کي همٿائيندا هئا ته اسان گڏ آهيو. اِهي جڏهن اسان جا ماڻهو ويا ته فائرنگ ٿي. انهن فائرنگ ڪئي ته منهنجي لاءِ رستو کهڙو هو، يا ته انهن فائرنگ ڪئي ته آئون بس ڪري ويهي رهان ها ۽ چوان ها ته هاڻي فائرنگ ٿي ويئي ماڻهو اسان جا مارجي ويا جيئن اڳي انهن ڪيو هو ۽ هو لاش به کڻي ويا پرهڪڙي شهيد جو لاش اسان جهلي ورتو ۽ ان کي کڻي سڄي رات پناڻ ڪالوني (فرنٽيئر ڪالوني) ۾ اسان ان لاش کي برف ۾ رکي لِڪائي رکيو، صبح کان اسان جي احتجاج جو سلسلو شروع ٿي ويو ته هي اسان مزدورن سان ايترو ظلم

آهي ۽ اهو ان ڪري به ته سرمائيدار 23 فيميلز جو نالو هوندو هو انهن جو نالو پٽو صاحب وٺندو هو ۽ معراج محمد خان اجان جيئرو آهي ان کان پڇي سگهجي ٿو ته پٽو صاحب مون کي پاڻ پيغام موڪليو ته اچو اوهين ٿيئي بسم الله ڪريو اسان توهان سان گڏ آهيون ۽ ان وقت پٽو صاحب ٽُرڪي ۾ وينو هو اتي ڪا ميٽنگ پيو ڪري هتي گولي هلي ته پٽي صاحب اتان بيان ڏنو ته بند ڪرو يه جلاؤ گهيراؤ. اڙي اِهو جلاؤ گهيراؤ ڪيئن بند ڪريون! پٽي صاحب مون کي به سڏيو هيو ۽ مختيار رانا کي به سڏيو هيو ان زماني جون اخبارون ڏسو ته مختيار اسلم رانا فيصل آباد ۾ بلڪل باهيون ڏيئي وڏيون هڙتالون ڪيون ۽ مون هِتي اِهو ڪرڻ نه ڏنو هو. مان هڙتال پنهنجي مسئلن تي ته ڪئي هئي پر باهين وغيره جو مسئلو مون نه ڪيو هو. ان کان ٿورو آئون اڳي جي ڳالهه ٿو ڪيان ته وليڪا ۾ اسان (وليڪا مل هڪ Symbol هيو ڏاڍ جو بدمعاشي جو، مار جو) مزدورن کي منظم ڪيو ۽ اتي انتظاميه پوليس اسٽيشن سان اهڙي طريقي سان مليل هوندي آهي جو جيڪڏهن ڪوبه مزدور ڪا ڳالهه ڪري ٿو ان کي موڪليندا هئا رات جي شفٽ ۾ چنچر جي ڏينهن تائين ان کي اتي رکندا هئا، چنچر جي ڏينهن پوءِ ڏينهن جو 2 بجي ڪورٽ بند ٿي ويندي هئي ته چنچر واري رات جو ان کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئا پوليس اچي ان کي گرفتار ڪندي هئي ۽ ان کي هڪڙو اهڙو سيڪشن لڳائيندا هئا جنهن ۾ Vega bound ڪري رکبو آهي ته رات ڪو آواره گرد ماڻهو هيو تنهن کي گرفتار ڪيو اٿئون رات سڄي ان کي ماريندا هئا آچر جي ڏينهن ان کي ماريندا هئا ۽ ان کان لکرائيندا هئا ته لک ته مان هاڻي بس ڪئي اهو ڪري پوءِ ڪڍندا هئا تنهن جي ڪري اسان سوچيو ته ڇا ڪيون؟ اچا به هڪڙو ماڻهو به ماڻهو جيئرا آهن جيڪي گڏ هيا. هڪ فيض الله جيڪو اڄ ڪلهه عوامي نيشنل پارٽي ۾ آهي ۽ ٻيو سليم جيڪو سکر ۾ گئس ڪمپني ۾ پلمبر آهي اسان منصوبه بندي پيا ڪيون ته اسان ڇا ڪيون سليم کي انهن گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي، ائين مارائي ڇڏيندا هئا تنهنجي ڪري مجبوراً منهنجي

اختلاف جي باوجود رات جو (وليڪا مل) تي اسان قبضو ڪيو اهو ته رحمان گل هيو، ان زماني جو توهان اخبارون ڏسو ۽ توهان الفتح ڏسو ته پوليس وارن اندران ٿي ٿي، چار چار سوئيٽر پاتا ۽ انهن جا فوٽو به آهن ۽ ٽوپيءَ جي هيٺان انهن جا نظر پيا اچن جڏهن ته فيڪٽري ۾ ايترو ته ڪيميڪل رکيل هيو جيڪڏهن اسان ان کي ساڙيون ها ته ان کي باهه ڏيئي سگهون پيا پر اسان باقاعده ان جي Protection لاءِ ماڻهو ويهاريا ته اتي ڪو نقصان نه ٿئي. آئون توهان کي عرض ٿو ڪريان ته جڏهن پهريون گرفتار ٿيو آهيان آئون ڪراچي جيل ۾ مون کي نومبر ڊسمبر ۾ سزا ٿي ويئي ۽ فيبروري 1970 ۾ محترمه ڪنيز فاطمه جنهن سان گڏ مون ڪم ڪيو هو، ان جو حريت اخبار ۾ بيان آيو ته عثمان بلوچ ۽ شاهه رضا ڪميونسٽ آهن. حالانڪه سي آر اسلم جي پارٽي ۾ ڪنيز فاطمه اهم هئي ۽ هن جو پاءُ تمام بهترين ماڻهو هيو ڪميٽيڊ ماڻهو هيو. هو منهنجي تعريف ڪندو هو ۽ سي آر اسلم کي ڪالا ڪوٽ ۾ منهنجي گهر وٺي آئي ڪنيز فاطمه مون کي چيو ته تون اسان جي پارٽي ۾ اچ ۽ انهيءَ ڪنيز فاطمه منهنجي لاءِ بيان ڏنو ته هي ڪميونسٽ آهي. مون سان گڏ جن ڪم ڪيو آهي اُهي مون کي چون ٿا ته هي ڪميونسٽ آهي. جڏهن ته جن به ليبر ليڊرن جا نالا ورتا اهي محترم جيڪي به هئا سڀ اردو اسپيڪنگ هئا ۽ رشيد وغيره وارا هزاره جا هئا. اهي سڀ هنن سان ناهه به ڪري وٺندا هئا. آئون سنڌي ڀروچ ماڻهو ۽ مزدورن جي لاءِ جدوجهد ڪندو هيس ۽ اهو نه سوچيندو هيس ته جيل ويندس ته مون کي تڪليف ٿيندي يا منهنجي بيعزتي ٿيندي. ان وقت جڏهن اهو ٿيو ته پوءِ هڪڙي پروپيگنڊا شروع ٿي ۽ ان ۾ پوءِ وري پيپلز پارٽي هڪ وڏو ڪردار ادا ڪيو ته عثمان بلوچ تمام انتها پسند آهي. ايتري حد تائين ڪٽي ويا قصي کي تنهن ڪانپوءِ جو ته نتيجو اهو ٿيو، پناڻ ڪالوني، فرنٽيئر ڪالوني، بنارس ڪالوني ۽ پيرآباد انهن ۾ جڏهن هنن سڀ پنهنجا ليبر ليڊر گهرايا. ستار گبول مونکي هڪڙي پاسي ويهاريو ۽ ٻي پاسي پٺيان طفيل عباس جو هڪڙو ماڻهو ويٺو هو ۽ پڇيئينءَ ته ڇا ڪريان. مون پنهنجا ڊمانڊ ڦاڙي

اڇلائي ڇڏيا پوءِ مون چيو جيڪڏهن اسان ۾ طاقت ۽ مڙسي هوندي ڊمانڊس وٺڻ جي ته اسان پاڻ ئي وٺنداسين. اسان کي گئس، بجلي، ڊرينيج، رستا پڪا گهرجن. اهو گئس جڏهن مزاحمت ڪان پوءِ لڳو ته ان ڪان پوءِ اتي ڪوبه وزير نه آيو ته ڪٽنگ ڪري ۽ افتتاح ڪري ته اسان هتي گئس ڏني آهي پٺاڻ ڪالوني، فرنٽيئر ڪالوني يا مزدور بستين ۾. اڄ ته هڪڙو رستو ٺو نهي ان تي به هي پنهنجي تختي ٺا لڳائي ڇڏين ته هي اسان ٺاهيو آهي، نهيل رستن تي تختيون ٺا لڳائن. جيڪي به هي منهنجو انٽرويو پڙهندا انهن کي اهو ڏسڻ گهرجي ته مزدورن جو ان وقت سماجي حالتون کهڙيون بدليون ۽ چارجز ته لڳن ٿيون ۽ ان وقت جڏهن اسان جي متحده مزدور فيڊريشن جڏهن اڪيلي ٿي وئي ان تي ته چارجز لڳيون ته هي انتها پسند آهن.

وليڪا جي قبضي ڪان پوءِ وري اسان تي مارشل لا جو سنڌ اسيمبلي ۾ بلڊنگ ۾ اسان تي ڪيس هليو اسان کي گرفتار ڪيو ويو. مون کي چيون ته تون لکي ڏي ته همدردي توسان ڪيون. معراج محمد خان ان جو گواهه آهي. اُنَ به مون کي چيو ته هو هي چون ٿا. مون چيو ته آئون ڪونه ڏيندس پوءِ آئون 9 مهينا جيل ۾ رهيس.

منهنجي زماني ۾ هڪ فيڪٽري تي قبضو ٿيو، جيئن ته مون ٻڌايو ته منهنجو اختلاف هيو تنهن ڪان پوءِ ضد ۾ زين الدين خان لوڌي هيو تنهن وري دائود مل تي قبضو ڪرايو ۽ ان تي مون چيو توهان قبضو صحيح طريقي سان نه ڪيو آهي توهان کي مصيبت ٿيندي ۽ توهان نه ڪريو.

دائود تي ساڳئي ئي دؤر ۾ قبضو ٿيو هو. اسان جي قبضي جي دؤر وقت مزدور مئا ناهن. پر لانڊي ڪورنگي ۾ جڏهن هنن لانڊي ڪورنگي آرنگنائيزنگ ڪميٽي ٺاهي ته ان زماني جي قبضي ۾ چون ٿا ته 15 مزدور مئا هئا. جنهن ۾ رياض آهي عزيز الله سن آهي اهي ليبر ليڊر هئا.

سوال: ڪامريڊ توهان جي input مان هڪ ٻيو سوال پيدا ٿيو جيڪو انتهائي اهم آهي، جيئن اسان ڏسون ٿا پاڪستاني رياست جي اندر مختلف تضاد هڪ ئي وقت موجود آهن. قومي، طبقاتي، جمهوري تضاد هڪ ئي وقت Operate ڪن ٿا پيا ۽

رياست لاءِ اهو آسان هوندو آهي ته ڪڏهن هڪڙي تضاد جي سامهون پيو تضاد وڃي ڪڙو ڪري بيهاري.
اسين Marxist مقامي روزگارن جي ذريعن تي مقامي مزدور جي حق جي ڳالهه ڪندا آهيون. ساڳئي ئي وقت اسين پورهيت بين الاقواميت جي به ڳالهه ڪندا آهيون. هاڻي جيڪي هي ٻاهران جيڪو مزدور اچي ٿو پيو، اهو بنگالي آ، پنجابي آ، پٺان آ، يا بلوچ آهي ته ان سڄي معاملي کي ان دؤر ۾ توهان ڪيئن ٽيڪل پئي ڪيو ۽ اڄ جي صورت حال ۾ ان کي ڪيئن منهن ڏجي ڇو ته بظاهر ته هڪڙو مزدور سمجهندو آهي ته ان جو Exploitation پيو مزدور ٿو ڪري جيڪو سامهون ٿو اچي پيو ته ان جي ڪري جيڪا Rift پيدا ٿيندي آهي. مزدور اتحاد کي جيڪو خطرو ٿو پيدا ٿئي ۽ ان جو فائدو ته سرمائيدار کڻن ٿا ڏيهي ۽ عالمي سو توهان ان دؤر ۾ ڪهڙي حڪمت عملي ٺاهي ۽ اڄ جي صورتحال ۾ ڪيئن ٿا ڏسو ان سوال کي؟

جواب: ڪامريڊ ان تي منهنجي گذارش اها آهي ته هاڻي هڪ به مثال آئون ڏيندس. هڪ اهو هو ته ايگل گيهه انڊسٽري هئي 1972 جي اها ڳالهه آهي. اتي پنجاب ۽ گلگت جا مزدور هئا ۽ ايگل گيهه کان ٿورو اڳتي هلي ريڪس لائين آهي، ريڪس لائين جا ڪجهه ٻروچ هئا، تن مان هڪ جو مون کي نالو ياد آهي، نبي بخش ان جو نالو هو، هن کي نوڪري ڏني وئي ۽ سرمائيدارن جي هڪ اها پاليسي هئي، جيئن نوڪريءَ تي هو لڳو ته ٻيا هن جا سپروائيزر وغيره هئا ۽ انهن جي ذريعي نبي بخش هڙتال به ڪرائي ڇڏي. اسان تي ڪُل بلوچ هئاسين هڪ مان، ٻيو ڪامريڊ محراب خان جيڪو پورٽ وغيره ۾ هوندو هو، ٽيون اڪبر بلوچ هوندو هو. هُن اِهو سمجهيو ته جيڪڏهن عثمان بلوچ انهن تي ايڪشن کڻندو ته مِل جو مزدور ان جي خلاف ٿي ويندو. مطلب ته اهي Complications هيون هڪڙي پاليسي اها آهي اسان پهرين ته ڏسون ٿا ته اسٽيٽ بعد ۾ مهاجرن جي خلاف اهو جيڪو ايڪشن ڪيو ته نوان مزدور فرنٽيئر، پختونخواه، پنجاب هتي آندا ۽ هُتي ڪا ڊيولپمينٽ ڪونه ٿي ۽ هِتي انهن ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون پر هتان جو سنڌي ۽ بلوچ نه رکيو. منهنجي

خيال ۾ قوم پرستن ۽ ڪميونسٽن ۾ جيڪڏهن ڪو Co-ordination هجي ها. قوم پرست اهو سمجهن ٿا ها ته هاريءَ جو مسئلو به جيڪڏهن اسان ڪٽون، لينڊ ريفارم لاءِ جدوجهد پڻ ڪيون چاڪاڻ ته هاري به سنڌي آهي ۽ ان سان هتان جو هارين جي جدوجهد تيز ٿيندي ته اِهي ئي هاري صنعت جو پيٽ ڀريندا. يورپ ۾ انڊسٽريل انقلاب آيو، تبديليون آيون ته اتان جا هاري ويا نه انڊسٽري ڏانهن. ان جي ڪري اِهي ماڻهو هتي اچن ها ته هڪڙو مسئلو حل ٿئي ها نه ته گورنمينٽ جي پاليسي ان جي خلاف هئي. توهان ڏسو ته ضياءُ الحق جي زماني ۾ غوث علي شاهه جڏهن چيف منسٽر هيو. ان پاڻ چيو ته هتي 20 لک ماڻهو جن ۾ بنگالي، ۽ افغاني ۽ برمي شامل آهن غير قانوني طور رهيا آهن. 20 لک غير قانوني ماڻهو جڏهن گورنمينٽ مڃيا آهن ۽ ضياءُ الحق جي زماني ڪان مڃيا آهن. اڄ ڏينهن تائين گورنمينٽ ڪابه روڪ ناهي ڏني ان ڪري آئون سمجهان ٿو ته فيڪٽري مزدورن لاءِ اها ڏاڍي ڏکي ڳالهه ٿيندي ٿي وڃي ته ڪنهن ماڻهو کي انڊسٽري ۾ نوڪري ڏيو يا نه ڏيو. ها جيڪڏهن قومپرست اسان سان ملي گڏجي جدوجهد ڪن ته پوءِ هڪ پاليسي ٺهڻ گهرجي، ته هتي جيڪي به ماڻهو هتي نوڪري ڪرڻ ٻاهران پختون خواه، پنجاب يا سرائيڪي بيلٽ وغيره مان هتي نوڪري ڪرڻ اچن ٿا. انهن کي هتي ووٽ ڏيڻ جو حق نه هجي ۽ هِتي ورڪ پرمٽ هجي ۽ صنعت ۾ ڪوٽا جي بنياد تي هتان جو ماڻهو رکيو وڃي. اڄ تائين قومپرستن اها ڳالهه ڪونه ڪئي آهي. اهڙي طريقي کي اختيار ڪرڻ سان اِهي مسئلا حل ٿيندا پر ان ۾ پورهيت طبقي جو ساٿ لازمي آهي.

سوال: ڪامريڊ عالمي طور تي روس ۽ چين جي تضاد جا هتي جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڪاٻي ڌر جي ٻين ڪوڙ سارين تنظيمن تي ته اثر پيا پر انهيءَ جا پورهيت تحريڪ تي ڪهڙا اثر ٿيا؟

جواب: جيستائين ان سوال جو تعلق آهي ته مٿي ٽوڙ ڦوڙ ٿي ۽ ان جو اثر هيٺ پيو ته مان سمجهان ٿو ته يقينن پيو. اهي ڪامريڊ جيڪي چائينيز ڪيمپ سان تعلق رکندا هئا انهن

ڪي رشين ڪيمپ جا دوست چوندا هئا ته هي مائوسٽ رياستي پاليسي تي پيا ٽا هلن ۽ اهي چائنا جا انتهاپسند آهن ۽اسان قانون کي سامهون رکي ان تي عمل ڪيون ٿا. مائوئسٽ وري انهن کي چوندا هئا ته هي ترميم پسند آهن اهي گورنمينٽ سان ملي پاليسيون پيا هلائن گورنمينٽ سان ڳالهه به ڪن ٿا ۽ هلن به ٿا. پنهنجو نالو بدنام ڪن ٿا. منهنجي گذارش اها آهي ته وري ان دور تي غور ڪرڻ گهرجي ته ڪهڙا مسئلا هيا، ۽ اڳواڻن انهيءَ کي ڪيئن منهن ڏنو. مثال طور جيئن سجاد ظهير ۽ ڪامريڊ حَسن ناصر، جن مان سجاد ظهير بلڪل ايمانداريءَ سان چيو ته مان هِتي ڪم نٿو ڪري سگهان ۽ هو هليو ويو ۽ حسن ناصر شهيد ڪيو ويو.

سوال: ڪهڙا اڳواڻ توهان جي دؤر ۾ ماسڪو لائين تي پئي هليا ڪهڙا بيجنگ لائين تي پئي هليا؟

جواب: طفيل عباس، سي آر اسلم ۽ منهنجي اندازي مطابق ميجر اسحاق اهي سپ پرو- بيجنگ جا هئا. ميجر اسحاق جو ڪامريڊ حسن ناصر سان گڏ مزدور ڪسان پارٽي ٺاهڻ ۾ تمام بهترين ۽ وڏو ڪردار آهي ۽ هو ڏاڍي منظم انداز ۾ هلندو هو پر هُيو چائنيز لائن تي پئي پاسي امام علي نازش، جمال نقوي ۽ اعزاز نذير وغيره روسي لائين تي هلندا هئا.

سوال: ڪامريڊ مزدور تحريڪ جي ڪمزورين ۾ جتي انهن عالمي عنصرن جو هٿ آهي ۽ پيا ڪيئي ڏيهي عنصر به آهن، رياست جو ڪردار به هڪ پاسي رکندي، جيڪڏهن انهن ڪمزورين جو هڪ سبب عوامي سياست جي مختلف محاذن جهڙوڪ هاري تحريڪ، شاگرد تحريڪ، ناري واد تحريڪ، مزدور تحريڪ ۾ موجود انهن ويڇن کي قرار ڏجي جن مزدور تحريڪ کي ايترو ڪمزور ڪيو ته ان ڏس ۾ توهان ڪهڙيون ڪوششون ورتيون؟ ته هي ويڇا گهٽ ڪجن هاري، مزدورن ۽ شاگردن ۾؟

جواب: پنجاب جا جيڪي به ڪامريڊ هئا انهن جو اتي موجود هاري تحريڪن سان تعلق هيو چاڪاڻ ته اتي زميندارين گهٽ آهن پر سنڌ ۾ صورتحال بلڪل مختلف رهي آهي، بلوچستان ۾ ته بزگر تحريڪ آهي، بلوچستان ۾ ته ٻاهران

ڪو ماڻهو ويو ئي ڪونه جو ان کي آرگنائيز ڪجي سواءِ ان جمالي ايريا کان جنهن جو سنڌ سان بارڊر ملي ٿو. سنڌ ۾ جيئن ته اردو ڳالهائيندڙ پورهيت موجود هئا ۽ گورنمينٽ جي پاليسي به اها هئي ته سنڌ جو مزدور ٽريڊ يونين ۾ نه اچي، طبقاتي جدوجهد ۾ نه اچي. تنهن ڪري ئي اِهي هارين کان بلڪل لاتعلق هئا. ان لاتعلقي جو اثر اهو ٿيو آهي ته هارين جي تحريڪ به سگهاري نه ٿي. شاگرد تحريڪ ۾ معراج محمد خان جيستائين NSF جو صدر هيو، ان کي Agitator چوندا آهن چو ته هو Agitation ۾ هلندو هو. ايوب خان جي دؤر ۾ معراج محمد خان جو ان دؤر جي بدمعاش ماڻهن (شيرو، دادل ۽ ڪالا ناگ) سان تعلق هوندو هو. معراج محمد خان سان منهنجو به تعلق هيو مان آخري ماڻهو هيس جنهن NSF شاگرد تحريڪ کي اها ـهٿي ڏني ته اِها پڻاڻ ڪالوني، فرنٽيئر ڪالوني ۾ اندر اچي. شاگرد ٿورا جذباتي به هئا، ڪڏهن ڪڏهن منهنجي لاءِ پريشاني به پيدا ڪندا هئا جڏهن ڪنهن جلسي وغيره ۾ ايندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن چوندا هئا ته هلي امبيسي اڳيان مظاهرو ڪريون. اتي مظاهرو ڪرڻ معنيٰ اسان جي لاءِ پريشاني پيدا ڪرڻ. وري اهو به ٿيو ته جيڪي شاگرد اسان مزدورن سان ڪم ڪندا رهيا ته انهن جي ڪجهه سجاڻپ ٿي ۽ پوءِ پي دور ۾ انهن موقعي پرستيءَ مان ڪم وٺندي وڏا عهدا ماڻيا.

سوال: ڪامريڊ مزدور تحريڪ جي ڪمزوري جي سببن تي ٿا ڳالهايون ته اسان ڏسون ٿا ته ڪميونسٽ تحريڪ يا مجموعي طور تي سڄي کاٻي ڌر جي ڪمزور ٿيڻ سان نه صرف هارين ۽ عورتن جي سوال کي پر شهري ۽ صنعتي مزدورن جي سوال کي به اين جي اوز ڪٽي ورتو آهي، توهان اين جي اوز جي ڪردار کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: ڏسو، جيئن ته منهنجي تعليم ۽ تربيت منهنجي والد صاحب جي شخصيت جي اثر هيٺ ٿي ھُو چا ڪندو هو، ڪيئن ڪندو هو، مزدورن سان ڪيئن بيهندو هو، ان وقت ايتري تعليم ۽ ڄاڻ نه هئي، ميڊيا به ايتري نه هئي. ان جي باوجود 1954 کان 1976 تائين مزدور تحريڪون هليون ٽوٽي جو گورنمينٽ به چوندي هئي اهي غير قانوني آهن ۽ اڄ ايتري

تعليم ۽ ميڊيا آهي تنهن باوجود جيڪڏهن تحريڪون نٿيون هلن ان مان اندازو لڳايو NGO ڪيتري حد تائين سياسي تحريڪن تي اثرانداز ٿي آهي، اها سيمينار ته تمام گهڻا ٿي ڪرائي ۽ ماڻهن کي ٻڌائي ٿي ته توهان جا هي هي حق آهن پر ڪڏهن به ماڻهن کي سياسي نه ٿي ٻڌائي، NGO ماڻهن کي صرف ۽ صرف غير سياسي ڪيو آهي ۽ ڪري ٿي. ڏسو وڏن وڏن هوٽلن ۾ سيمينار ٿا ٿين، تمام گهڻا پئسا ٿا خرچ ٿين پر ڪا تحريڪ هلي ڪونهي. اسان هتي ويٺل سڀ هڪ زرعي سماج جا ماڻهو آهيون، بخشل صاحب توهان ڪڏهن مون کان پڇيو هو ته اين جي او ڇا هي؟ مون چيو هو ته ٽڙ رهيو آهي ڇانو آهي ئي ڪانه. اڄ ڪلهه هڪ ڪِيڙو نڪتو آهي جيڪو انب جي وڻ کي ٿو لڳي پن نٿا ٿين صرف ٽُڙُ بچي ٿو ۽ فروٽ پڻ نه ٿو ٿئي. ڪجهه ڏينهن اڳ مان رائيس ڪئنال گهمڻ ويس مون کي تمام وڏو ڏک ٿيو، ته ٽاليءَ جي وڻ جا ٽُڙُ بيٺا آهن ڇانوَ آهي ئي ڪانه ڪجهه ماڻهن ڪٽي ڇڏيا آهن. منهنجي پڙهائي لاڙڪاڻي ۾ ٿي آهي منهنجي رائيس ڪئنال سان ڏاڍي محبت هوندي هئي، ٽاليءَ جا وڻ تمام زبردست لڳندا هئا، جيئن ڪراچي جا ماڻهو سمنڊ تي تفريح لاءِ ويندا آهن مان اتي ويندو هيس. پر هاڻي مون کي اهو سڀ ڪجهه ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. سو اين جي او جو مثال به ائين ئي آهي. اين جي او جي ڪري هڪ لالچ پيدا ٿي آهي هڪ عام ورڪر ۾ به ته پئسو ملي. هڪ ماڻهو جو مثال ڏيان ان جو نالو ڪٽڻ صحيح ناهي، ان جي 25 هزار يا ڏيڍ هزار پگهار آهي ۽ هڪ اين جي او ۾ هن کي لکن جي چيڪ تي صحيح ڪرڻ جو اختيار آهي هاڻي اهو ماڻهو ته ويو نه اسان جي ڪم ڪان! بلڪل عوام کان ڪٽجي ويو. نعرا اهي ئي آهن پر اهو ماڻهو جيڪو اسان سان بس ۽ رڪشا ۾ هلندو هو، اڄ اُهو وڏين ۽ مهانگين گاڏين ۾ سواري ڪري ٿو، A.C ۾ ويٺو آهي، ٿوري گرمي ٿيس ته چوي ٿو ”مري ويس، مري ويس ايتري گرمي آهي!“ اهو عوام کان ته ڪٽجي ويو نه. تنهنڪري اِها ڳالهه صحيح آهي ته اين جي او اسان جي تحريڪن تي غلط اثر وڌا آهن ۽ انهيءَ جو ڪم اڄان اڳتي به ناڪاري نتيجا ڏيندو.

سوال: پر ساڳي وقت اهو به ته آهي نه پائيلر Piller هڪ وڏي اين جي او آهي جيڪا پورهيتن ۾، هارين ۾ به ۽ ٻين سيڪٽرن ۾ به ڪم ڪري ٿي. توهان ان جا بانيڪار ميمبر رهيا آهيو، ته اهو معاملو ڪيئن آهي؟

جواب: ادا، پُليي واٽيي ڳائي ڪاڏي! حقيقت آهي ته اها جيڪا پائيلر NGO آهي ان کان اڳ سِڪَ ۽ پريت منجهان منير چانڊيو آيو هو ۽ مون اهو سمجهيو هو ته سندس ناڪامي جو ڪارڻ پنهنجا مائٽ پرتي ڪرڻ هو. اسان جي پائلر ٺاهڻ واري بورڊ جي اها ڳالهه هئي ته ورڪر کي خبر هئڻ گهرجي ته، ٽريڊ يونين ڇا آهي، ٽريڊ يونين جو قانون ڪهڙو آهي، بيلنس شيٽ ڇا هئڻ گهرجي، بيلنس شيٽ کي ڪيئن سمجهجي، ان لاءِ اسان اها Piller اين جي او ٺاهي. ان ۾ ڪرامت به هو، ڪرامت جو وڏو ڪردار آهي، آئون مالياتي سيڪريٽري هيس. ان بورڊ ۾ آئون به هيس، ان ۾ ڊاڪٽر زڪي به هيو ۽ رشيد رضوي سڀ هڪ وڏي سٺي ذهني هم آهنگي جا ماڻهو هئا. بعد ۾ مون اهو محسوس ڪيو ته جنهن مقصد سان اها اين جي او ٺاهي هئي اهو مقصد حاصل نه ڪري سگهياسين. اتي هر قسم جو ماڻهو هوندو. اِن جو فلسفو ئي ٻيو آهي. عوام جا ٽڪرا ٽڪرا ڳڍ ڪري انهن کي ليڪچر ڏيڻ ۽ ڊونر ايجنسين جو پراجيڪٽ ڪٽي ان جو ڪم ڪرڻ، ان کان معاوضو وٺڻ. تنهن ڪري ان کان پوءِ منهنجي انهن سان سلام دعا آهي پر منهنجو سماجي رشتو انهن کان ٽُٽي ويو، منهنجي هاڻي انهن کان لاتعلقي آهي.

سوال: ڪامريڊ موجوده سياست تي اچون، ن ليگ جو بجيٽ به اچي ويو آهي، انهن پاليسين جو مزدور تحريڪ تي ڪهڙو اثر ٿيندو، توهان ڇا ٿا سمجهو؟

جواب: سڀ کان پهرين منهنجو اعتراض اهو آهي ته ن ليگ جيئن حڪومت ۾ آئي آهي ته جلد ئي بجٽ به پيش ڪيو اٿن آئون سمجهان ٿو ته ڪو ڪيترو به ماهر ڇو نه هجي بجيٽ ايترو جلدي ڏيئي نه ٿو سگهي. اها بيوروڪريسي جي بجيٽ آهي. اها بجيٽ ڪين ٺاهي ڏني وئي آهي، هنن ته صرف اعلان ڪيو آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنڊ جو بحران پيدا ٿيو ۽ اخبارن ۾ اچي ويو ته جيڪي به سياسي پارٽين جا ماڻهو

آهن انهن سيڻي جا کند جا ڪارخانا آهن. تنهن ڪري اها کنڊ جيڪا 22 روپيه ڪلو هئي پوءِ وڌندي وڃي 60 روپيه تائين پهتي. پراڻي گورنمينٽ کنڊ جي ڪارخانن کي 10 ارب روپيا سبسڊي (رعايت) ڏني هئي، هِنَ گورنمنٽ وري اها وڌائي 30 ارب ڪري ڇڏي. توهان 30 ارب به ڏيو ٿا ۽ انهن تي توهان جو Control به ڪونهي. ان مان صاف ظاهر آهي ته اها عوامي بجٽ ناهي. پٽي تي ڪيتري به تنقيد ڪيو پر پٽي جي زماني ۾ اين جي اوز نه هيون ۽ مزدور ۽ هاري هر ڪو اٿي بيهي رهيو ۽ مزدور مزدور جو نعرو هر وقت پٽو هڻندو هو ۽ ان ڪان پوءِ اسلامائيزيشن ٿي. هاڻي ته فيڪٽرين ۾ باهيون به لڳيون آهن. پر جيڪي به سياسي پارٽيون آهن، ANP، PPP مسلم ليگ وغيره ڪنهن به مزدورن جو مسئلو ناهي رکيو. جڏهن ته گورنمينٽ پاڻ قانون ٽوڙي ٿي ۽ مزدور ٿي- ٿي، پنج- پنج سال ڪم ڪن ٿا تڏهن به انهن کي پڪو نٿي ڪري. ٻيا به ڪيترائي مثال آهن جيئن استاد ڪيترا ئي هنن ڀرتي ڪيا آهن لکين روپيه رشوت وٺي، انهن کي پگهارون ناهن مليون. ان تي ڪنهن به ڪا ڳالهه ناهي ڪئي اها بجٽ ڪنهن به قسم سان عوامي بجٽ ناهي ۽ عوام جي حق ۾ ڪا ڳالهه ناهي.

سوال: ڪامريڊ، بلوچستان ۾ نيشنل پارٽي ۽ مالڪ جي اچڻ سان توهان سمجهو ٿا ته ڪو فرق پوندو؟ توهان جا بلوچ قوم پرستن سان تمام سٺا ناتا آهن بلوچستان جي سياست تي توهان جي نظر به آهي، ته مستقبل جي صورتحال ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: بلوچستان جو مسئلو اهو آهي ته پاڪستان جڏهن ٺهيو ته بلوچستان ان کان چار يا پنج ڏينهن اڳ آزاد ٿيو هو. بلوچن جو بنيادي مسئلو اهو آهي ته اسان بلڪل جدا آهيون. بلوچن مان غوث بخش بزنجي چاهيو ته ڪنهن طريقي سان اسان هن پاڪستان جي سياست ۾ اچون. ان کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين جيڪو رويو آهي اهو اسان جي سامهون آهي. هن گورنمينٽ چيو ته اسان پيڪيج ڏنو، پيڪيج توهان ڏسو ڪهڙو ڏنو، آسيمبلي ۾ هڪڙو ماڻهو هو جيڪو اتي هڪ به ڏينهن نه رهيو ان کي سڀ پئسا ڏنا ويا ۽ اتي ڪرپشن

ڦهلائي وئي. رڳو هڪ فرق آيو آهي اهو ته عبدالمالڪ مڪران جو ماڻهو آهي مڊل ڪلاس ناهي پر پروفيشنل ڊاڪٽر آهي. ويهين ترميم ڪي به ڏسجي ۽ اهو ڏسجي ته ان جا ڪهڙا مسئلا آهن. پهرين ان جي مسئلن ڪي حل ڪجي ۽ ان مان بلوچستان سينٽر ڪي خرچ ڏجي ته ڪجهه مسئلو حل ٿئي نه ته مان سمجهان ٿو ته اهو مسئلو حل نه ٿيندو. ويتر اجا وڌيڪ اتي پريشانيون پيدا ٿينديون.

سوال: ڪامريڊ توهان ماضي جي ڳالهه پئي ڪئي ته ان زماني ۾ ايوب خان جي خلاف جيڪا جمهوري تحريڪ اُٿي هئي، ان ۾ ٽريڊ يونين سياست، ڪاڀي ڌر جي سياست جو تمام گهٽو رول هو، اهي ڪهڙيون ڪمزوريون هيون ڪاڀي ڌر يا ٽريڊ يونين سياست ۾ جن جي ڪري پٽي جهڙو ماڻهو يا پيپلز پارٽي مٿي اڀري ٿي اچي ۽ ان ڪي سپورٽ به ملي ٿي. حقيي عوامي ڌر اڳواٽي ۾ ڇو ناڪام ٿي؟

جواب: ڪامريڊ، اِن ڳالهه ڪي هيئن ڏسجي ته ڪاڀي ڌر جون جيڪي به ڌريون ان وقت متحرڪ هيون هڪ ڪانفيڊنس (Confidence) مزدورن ۾ پيدا ٿيو، 1954 ۾ ڪاڀي متحرڪ ٿي ڌر مزدورن سان ملي Politics ۾ پهريون پيرو (CETO) ۽ (CENTO) جي خلاف اسٽيٽ جي پاليسي تمام سخت هئي پر جيئن ته پٽو ايوب خان جي دؤر کان ئي منسٽر هيو. پٽي صاحب ڪي اها پوري خبر هئي ته ڪاڀي ڌر وارا گڏجاڻيون ڪن ٿا پيا. سڄي ملڪ ۾ ننڍن ننڍن يونٽن جو ڍاڍو منظم ڪم هوندو هو. پر ڪامريڊ حسن ناصر جي شهادت کان پوءِ پارٽي جا ساٿي ٻاهر نه اچي سگهندا هئا، ڊڄندا هئا اهڙيون حالتون ڪونه هيون جو هو ڪم ڪري سگهن. منهنجو خيال آهي پٽي وٽ اها سڄي رپورٽ هئي ۽ جڏهن پهريون پيرو پٽي ايوب خان ڪي چئلينج ڪيو، ۽ اسلامڪ سوشلزم (يا سوشلزم) جو نعرو لڳايو ته سڄي ڪاڀي ڌر ان ڪي پنهنجو نعرو سمجهو. پهريان توهان ڏسو پٽو سنڌ ۾ ناهي آيو، سڀ کان پهريان پٽي پنجاب ۾ اٺ يا ڏهه ماڻهو منظم ڪيا، هن معراج محمد خان ڪي پاڻ سان جوڙيو، هتي مون سان ۽ مختيار رانا سان رابطو ڪيائين ته اسان سندس ساٿ ڏنو، اسٽيٽ جي پاليسي ۽ سرمائيدار جي خلاف پٽي جا جلسا وغيره ڪامياب ٿيا، پر پٽو جيئن آيو ۽ پٽي

جي جمهوريت جي نالي ۾ تمام خطرناڪ پاليسي هئي. اها هي هئي ته پهريون ڪاڇي ڏر ۽ مزدور ڪي اٿارڻ گهرجي ۽ بنگال ڪان پوءِ بلوچستان تي حملو ڪيو وجي ۽ قومي نعري هيٺ جدوجهد کي بلڪل ماريو وجي ۽ ان ڪان پوءِ ڪاڇي ڏر جي جيڪا جُڙت آهي ان کي تباهه ڪيو وجي ۽ ان کي بلڪل ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيائين، اها ڀٽي جي پاليسي هُئي. ان جو تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي ۽ ان جي ڪري ڪاڇي ڏر اڄ تائين اُٿي ناهي سگهي.

سوال: ڪامريڊ، توهان جون ذوالفقار ڀٽي صاحب سان به ملاقاتون رهيون ۽ جي ايم سيد سان به رهيون، ملاقاتن ۾ توهان انهن ٻنهي اڳواڻن کي ڪيئن ڏٺو؟

جواب: ڪامريڊ پهرين ڳالهه ته نه مان ڀٽي جو صلاحڪار هيس نه ئي ان سان تمام گهڻيون ملاقاتون ٿيون هيون، پر معراج محمد خان مون کي چيو ته ڪنهن به طريقي سان ڀٽي سان رابطي ۾ اچجي ۽ معراج محمد خان جي ذهن ۾ اهو هو ته هو اردو ۾ تقرير سڻي ٿو ڪري ان ڪري هو اڳيان ٿيندو، مان ڀٽي سان ٽي دفعا مليو آهيان ۽ جي ايم سيد سان چار يا پنج دفعا مليو آهيان. آئون اهو چوندس ته ڀٽو هڪ ٻچاپڙي شخصيت جو مالڪ هو. مطلب اندر ۾ ٻيو ٻاهر ٻيو. به چهرا هئا ڀٽي جا. هڪ ته اهو جيڪا عوام جي سامهون ڳالهه ڪري ۽ ٻيو پنهنجو تر ڪڏهن به نه ڏي، پنهنجا راز اندر ۾ رکي هو تمام شاطر ۽ دوکيباز ماڻهو هو. سلام بخاري سان وڃي پيرزادو مليو ۽ چيائين ته ڀٽي گهرايو آهي ۽ چئي ٿو ته مون سان ملو هي ڪامريڊ هئا، هنن چيو ته ”تالی دو ہاتھ سے بجتی ہے“ ته پيرازدو ٿورو پريشان ٿي ويو ۽ ڀٽي کي نياپو ڏنائين ته ڀٽي صاحب چيو ”تالی ایک ہاتھ سے بجتی ہے“ ٺڪ ڪري پنهنجي سٿر تي ڏڪ هنيائين ۽ چيائين ”یہ تالی بج گئی“، پر ان جي مقابلي ۾ جي ايم سيد ٻي طرح جو شخص نظر آيو، ڳوٺاڻو ماڻهو هو ڀٽي جي مقابلي ۾، جذباتي ماڻهو هو، جيڪي به هُن جا آدرش هئا هو ڪجهه به هجي ۽ پنهنجي ڳالهه رکندو هو، ته هي منهنجي ايجنڊا آهي پر جي ايم سيد اهو مڃيو آهي ته مون کان غلطيون ٿيون آهن. ڪهڙيون ڪهڙيون غلطيون ٿيون آهن انهن جي

وڏي تاريخ آهي. مان ان تي نٿو وڃان. پر هڪڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي ڳالهه صاف طرح سان رکي ڪجهه نه لڪائي ۽ جيڪي هن جذبات ۾ ڳالهيون ڪيون ۽ جن جا صحيح نتيجا نه نڪتا ته انهن غلطي کي مڃي ته ان مان مون کي سمجهه ۾ اچي ٿو ته اها ايمانداري جي ڳالهه آهي.

سوال: ڪامريڊ، توهان ڪاڀي ڏر سان ڪم ڪيو ۽ مزدورن سان گڏ رهيا، انهن جون ڪاميابيون ڏٺيون، انهن جي بربادي ڏٺي، ان رستي تي هلندي توهان جي خلاف ڪيترائي مسئلا پيدا ٿيا هوندا، پر ڇا ڪجهه غلطيون توهان کان پنهنجي سياست ۾ ٿيون؟ يا ڪي اهڙا مسئلا ٿيا جن جي موٽ تمام خراب آئي هجي، اهڙيون به ٿي غلطيون پيش ڪندؤ ته اسان خبردار ٿي سگهون؟

جواب: سٺو سوال آهي پر عقل جي تقاضا اها آهي ته ماڻهو پنهنجي غلطين جو جج پاڻ ناهي ٿيندو. غلطي هميشه ٻيو دوست ان کي ٻڌائيندو ته ڇا آهي. سڀ کان پهريان ته پنهنجي غلطي وقت ٻڌائيندو آهي. مون کان جيڪي غلطيون ٿيون آهن آئون به ٿي محسوس ڪريان ٿو. تحريڪ ۾ ڏاڍو جذباتي ٿي ويندو هيس، ۽ ان ۾ آئون پنهنجي نقطي نظر سان ڳالهه رکندو هيس ته ٽريڊ يونين ڪري مون ڪاڀي ڏر ۾ جيڪا تحريڪ هلائي آهي سا ٽريڊ يونين جي اصولن تي ناهي هلائي. مون ان کي سماجي ليول تي ماڻهن جي گهر وڃي هلايو آهي. آئون اهو سمجهندو هيس ته جيتري برداشت مون ۾ آهي جيل ۾ وڃڻ جي، تڪليف ۾ رهڻ جي ته جيڪي مزدور مون سان گڏ هئا جيڪي فرنٽيئر وغيره مان ايندا هئا. اها تڪليف برداشت نه ڪري سگهندا هئا. مون سان گڏ جيل ته هلندا هئا پر ان کان پوءِ آهستي آهستي مون کان هٽي ويندا هئا.

هڪ ته منهنجي زماني ۾ جيڪي ٽريڊ يونين ليڊر هئا سي وائٽ ڪالر هئا، اهي جدوجهد کي تقريرن ۾ ته وڌيڪ ڪري ڏيکاريندا هئا، پر جڏهن عملي ڪم ايندو هو ته تڪليف وغيره کان بچنداهئا ۽ سمجهوتو ڪري ڇڏيندا هئا. ان ڪري ماڻهن ۾ هڪڙي قسم جي بددلي پيدا ٿيندي هئي، تنهن ڪري اهي جڙي نه سگهندا هئا. ان جي مقابلي ۾ آئون وري

ٿورو سخت هلندو هيس ان ڪري مون سان تمام ٿورا ماڻهو گڏ هلندا هئا.

سوال: ٽريڊ يونين ۽ تحريڪ کي وري انقلابي بنيادن تي بيهارڻ لاءِ اوهان جون ڪهڙيون تجويزون آهن اڄ جي حالتن ۾؟

جواب: پهريون اهو ڪامريڊ ته اڄ جي حالتن ۾ جيڪو نوجوان ورڪر هاڻي آهي اهو ورڪر آهي پر پورهيت طبقي سان جڙي نه ٿو سگهي، مطلب ته ورڪر قانوني يا غير قانوني طرح سان هتان مڊل ايسٽ ۾ هليو ٿو وڃي. ان جي ذهن ۾ ڪو اصول ناهي، ان جي ذهن ۾ اهو آهي ته پئسو ڪيئن ڪمائي ڪيترو ڪمائي منهنجي زماني ۾ 1974 تائين جيڪا به تحريڪ هئي ان ۾ اين جي او وغيره نه هئي تڏهن به هو ڪم ڪندا هئا، پر اڄ جو نوجوان ورڪر اهڙي طريقي سان جڙي نه ٿو سگهي، جيڪو اسان جي زماني ۾ هوندو هو. آئون اهو سمجهان ٿو، پر جيڪڏهن مان غلط آهيان ته ڪير منهنجي اصلاح ڪري پر منهنجو تجزيو اهو آهي ته جيڪي پراڻا ورڪر آهن، جيڪي رٽائر ڪري ويٺا آهن، اڄ جيڪڏهن ٽريڊ يونين جي ليول تي يا پوليٽيڪل پارٽي جي ليول تي اِهو مسئلو ڪڻون ته جيڪا به گورنمينٽ مقرر ڪري گهٽ ۾ گهٽ اها پگهار ڏني وڃي، ته ٽريڊ يونين جا ٽرينڊ ورڪر ايندا ۽ اهو مسئلو اسان کي وڌي همت ڏيندو.

سوال: ڪامريڊ آخري سوال، توهان عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جا صدر آهيو توهان ڇا ٿا سمجهو ته ڪاپي ڌر کي ڪامياب ٿيڻ لاءِ اڳتي هلي وري ڪميونسٽ تحريڪ کي يا سوشلسٽ تحريڪ کي سگهاري ٿيڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

جواب: اسان واري زماني ۽ اڄ جي زماني ۾ ڪافي فرق آهي. اسان وٽ ڪجهه اهڙا مزدور هوندا هئا جن کي اسان ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪرڻ جو هڪ مقرر اجورو ڏيندا هئاسين. اڄ ڪلهه ته عوام ۾ جام سجاڳي اچي وئي آهي. هن وقت ۾ اهو انتهائي ضروري آهي ته اهڙا فل- ٽائيم ورڪر تيار ڪجن جيڪي پورو وقت سياست کي ڏئي سگهن. اسان جي زماني ۾ مير رسول بخش ٽالپر هڪ وڏو ٽريڊ يونين اڳواڻ هيو جنهن جو حيدرآباد شهر ۾ ٽانگن ۽ رڪشن کان ويندي ڪوڙ سارين ٻين يونين ۾ تمام گهڻو ڪم هيو. پر ٻئي دؤر ۾

پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ڪري رسول بخش تمام گهڻو ٿاسي پيو ڇاڪاڻ ته حڪومتي پارٽي ۾ شامل هجڻ ڪري هُن لاءِ پنهنجي ئي پارٽي خلاف ڪم ڪرڻ تمام گهڻو مشڪل هو. اسان کي پڻ اهڙا سچا ڪارڪن کپن جي سماج جي مختلف پرتن ۾ لهي وڃن ۽ انهن پرتن کي تحريڪ سان جوڙين. اڄ ڪلهه سول سوسائٽي جي نالي ۾ هڪ نئين فلم شروع ٿي آهي جيڪا عوام جي تمام وڏي حصي جي ترجماني ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿي. اهي دانشور اي سي ڪمرن ۾ ويهي عوامي مسئلن تي تبصرا ڪندا آهن. منهنجي دعويٰ آهي ته اگر اسان عوام جي وسيع حلقن ۾ لهي ويندڙ چند ڪمٽڊ ڪارڪن به ٺاهي وياسين ته اسان سول سوسائٽي جي انهن ٺيڪيدارن کي ڀڄائينداسين ته عوام جا حقيقي مسئلا ڪهڙا آهن ۽ انهن جو حل ڪيئن نڪرندو. مون کي تمام گهڻي خوش ٿيندي جيڪڏهن منهنجي صدارت ۾ اهڙيون ڪي ڪوششون ورتيون وينديون. سماج پري رهيو آهي. ضرورت صرف اهڙي منظم ڪيڊر جي آهي جيڪو پورهيتن جي انهن وسيع حلقن کي منظم ڪري سگهي. انهن دانشورن جو قبلو درست ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته هنن پڻ اهيو سمجهي ورتو آهي ته صرف تبديليءَ بابت ڪتاب پڙهڻ يا تبصرا ڪرڻ سان تبديلي نه ايندي. تبديلي حقيقي معنيٰ ۾ شين کي مادي طور تبديل ڪرڻ سان ئي اچي سگهي ٿي.

ناري واد

آئون پسين هن جنڊ ۾

ڪامريڊ وفا پٺاڻ

چوندا آهن ته احساس ڪمتري انسان کي مايوسي ڏانهن ڏڪيندي آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجي پاڻ تان اعتماد ۽ فيصلي ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويهندو آهي. پر ان احساس ڪمتري سان تيستائين وڙهي سگهجي ٿو. جيستائين اِها ٻئي جي طرفان محسوس ڪرائي وڃي، پر جيڪڏهن اها احساس ڪمتري انسان پاڻ به قبول ڪرڻ شروع ڪري ته اُهو انسان اُن چور جيان ٿي پوندو آهي جيڪا پنهنجي رت پاڻ چوسي. اسان وٽ به ناري ڪجهه اهڙي ريت نظر ايندي آهي، جتي هڪ ناري مسلسل جاکوڙ ڪري انهن احساس ڪمتري وارن کوکلن خيالن، رسمن رواجن ۽ روين سان مسلسل وڙهندي رهي ٿي ته ٻئي پاسي ٻي ناري وري احساس ڪمتري کي ازل کان سچ مڃي انهيءَ سوني پاٽي جي چڙهيل جنڊ جيان ڳچي ۾ وجهي فخر محسوس ڪري ٿي.

اها ٻي ناري به ان چور جي مثال آهي جيڪا ان احساس ڪمتري کي ازل کان سچ مڃي يا ته پنهنجو رت پاڻ چوسيندي يا ٻين نارين جو.

اِهي احساس ڪمتري وارا رويا اسان کي مختلف شڪلين ۾ ملي سگهن ٿا جنهن جا بنياد اسانجي سماج جي ساخت ۾ پيوست آهن. جنهن جو وڏو مثال صنف ڪاري (Genderisation) آهي.

اِهي رويا هن سماج ۾ صرف مرد نه بلڪ هڪ ناري طرفان پڻ ڏسي سگهجن ٿا، جنهن ۾ هو ماءُ، ڀيڻ، سس يا دوست ٿي ڪري رت چوسي ٿي.

هڪ ناري جيڪڏهن پاڻ اِهو چوي ته مون کي ڪمائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، جڏهن ته منهنجي ڪپڙي ۽ کاڌي جي ذميواري هڪ مرد (پيءُ، ڀاءُ يا مڙس) ڪنئي آهي ته ان مان اِهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته لاشعوري طور تي به هو ڪيڏو نه ڏورانهن ۾ ان ڳالهه کي قبول ڪري ويٺي آهي ته هن جي جياپي لا جاکوڙ ڪير پيو ڪندو.

ٻئي هنڌ جٿي وري ناري پاڻ پنهنجي ذات سان نزاڪت، نفاست ٻيو، گهٽ سمجهه، گهٽ سگهه يا وري حسن ۽ خوبصورتي جهڙين ڳالهين کي پنهنجي روين ۾ پڻ آڻي ته اُها ناري ڇور ٿي پنهجو رت ته چوسي مري ٿي پر ٻين نارين تي به اُهي اثر ڇڏي ٿي.

اِها ناري پنهنجي شناخت ٻين تي پاڙي ڳولهي ٿي، جتي هو پنهنجي ڪاميابي گهر جي ٿانون، مڙس، ٻارن ۽ گهر جي هڪ شيءِ ٿي ڪري ڏسي ٿي. اِن مان اِها مراد بلڪل به نه آهي ته ناري ئي اِها احساس ڪمتري جنمي ٿي، نه! جيتوڻيڪ اِنهيءَ احساس ڪمتري کي پيدا ڪرڻ وارو هي طبقاتي سماج، رياست، ميڊيا، جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام آهي. جنهن جو وڏو مثال ٽي وي تي هلندڙ ڪنهن اشتهار مان لڳائي سگهجي ٿو ته هر 15 منٽن ۾ حسن ۽ نزاڪت کي وڌائڻ لاءِ ڪوسميٽڪس جي انڊسٽري جاکوڙ ڪندي نظر اچي ٿي.

انهيءَ ئي ريت اِها رياست به ان کي هٿي وٺرائي ٿي ته جيئن مفت ۾ ٻارن جي پالنا ۽ Division of labour جي موجوده صورتحال مان جيڪو ان کي فائدو رسي ٿو، اُهو هٿان نڪري نه وڃي. انهيءَ ئي ريت سرمائيدار کي جتي گهٽ اجرت تي منافعو ۽ جاگيردار کي زرعي پورهيت ملن ٿا.

هتي وڌ تنقيد ناري تي ڪرڻ مان مراد اِها آهي ته ناري پاڻ جنهن حد تائين ممڪن آهي احساس ڪمتري کي گهٽائي ئي ختم ڪري سگهي. ڇاڪاڻ ته هن جي ويڙهه ڪوئي ٻيو اچي نه وڙهندو! هن ناري کي پاڻ ئي پنهنجي احساس ڪمتري مان نڪرڻو پوندو.

”باهه ۾ سڙندڙ هٿ کي ايذا کان بچڻ لاءِ جيترو جلد اوهان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا، اوترو جلد ٻاهر بيٺل شخص نه ٿو ڇڏائي سگهي.“ ان ڪري هڪ ناري واد ناري کي هڪ ناري واد مرد کان وڌيڪ جاکوڙ ڪرڻي پوندي.

اڄ اسان آساني سان مختلف روين ۾ ڏسي سگهون ٿا ته هڪ مرد جي پيٽ ۾ ناري احساس ڪمتري جو شڪار وڌيڪ ٿيندي آهي. جنهن جا مثال هن ريت آهن:

جنسي تشدد جو شڪار ٿيڻ باوجود مظلوم جو ظلم جي

جوازن تي راضي رهڻ.

شادي کان اڳ يا پوءِ تعلق ٽٽي وڃڻ جي ڪري بنسبت مرد جي گهٽي، ذلت جو خوف.

زال ۽ مڙس جي رشتي ۾ ناڪامي جي صورت ۾، حسن ۽ نزاڪت ۾ گهٽ هئڻ سبب، پنهنجي ڪمائي کي ثانوي ۽ گهٽ سمجهڻ ۾، سڀ کان وڏي ڳالهه ته هڪ ناري جي جنم کي ئي نندڻ.

اهڙي ريت اهڙا ڪيترائي بي شمار مثال آهن جتي ڪير پيو ناري کي گهٽ ڪري نه ڪري پر ناري پاڻ، پاڻ سان به ويڌن ڪري ٿي.

ناري پاڻ هڪ فرد جي حيثيت رکي ٿي، ان موجب هن کي هڪ بهتر زندگي لاءِ انهن سڀني احساس ڪمترين مان جان ڇڏائڻ جي ويڙهه پاڻ کان شروع ڪرڻي پوندي.

اسان وٽ ٻئي پاسي وري اُها ناري آهي جنهن اِهو محسوس ڪيو آهي ته ان جي ڳچيءَ ۾ پيل سوني پاٽي ڇڙهيل جنڊ هن جو ڪنڌ لڙڪائي ڇڏيو آهي، پر جيستائين هو ان وزن ۽ ايذاءَ کي لاهي ڦٽو نه ٿي ڪري تيستائين هن کي هزار جنگيون جوٽڻيون پون ٿيون جيڪي هو سماج سان، پنهنجي گهر وارن سان، دوستن ۽ همدردن سان ۽ پنهنجي پاڻ سان وڙهي ٿي. اِهو خواب ته ناري آزاد ٿئي ۽ هڪ فرد ي اهميت رکي، ان احساس سان جيئڻ جي جاکوڙ ائين ئي آهي جيئن انهيءَ ڳچيءَ پيل جنڊ ۾ پاڻ کي پيهڻ.

”پر ان جنڊ ۾ پيهجڻ بهتر آهي ان ڇور کان جيڪا پنهنجو رت پاڻ ئي پي مري وڃي ٿي.“ ان احساس ڪمتري سان وڙهڻ لاءِ هڪ ناري کي ناري سوال سمجهڻ ۽ سوال اٿارڻ لاءِ اِهو لازمي آهي ته هو پنهنجي بيهڪ پورهئي جي ورڇ ۽ سماج ۾ موجود طبقاتي ويڙهه جي پس منظر ۾ وڙهي. نه ته هو احساس ڪمتري جي ان اوڙاهه ۾ ڪرندي جتي ناري پنهنجو دشمن صرف ۽ صرف مرد کي سمجهندي.

ناري اهو سوچي اڃ به ڪٿي نه ڪٿي مايوسي ٿيندي آهي ته آخر ناري سوال لاءِ صرف ناري ئي ڇو جاکوڙ ڪري رهي آهي بنسبت مرد جي يا جي هڪ مرد ناري واد آهي به ته ان جا ڪجهه پاسا ڪٿل ڇو آهن؟

ان لاءِ اسان نارين کي اِهو سمجهڻ گهرجي ته سوني پاٽي چڙهيل جنڊ جنهن جي ڳچيءَ ۾ آهي، اُها پاڻ ئي ايڏي مشڪل سان ان وزن کي تڪليف سمجهي ٿي ته ان جنڊ کي ڏسڻ واري لاءِ ته اجا مشڪل ٿي پوي ٿو ان وزن جي تڪليف کي سمجهڻ.

جتي رشتن کي مقدس، مڙس گڏ هئڻ کي عزت، ٻارن جي ئي صرف پالنا کي عظمت ۽ پي، پاءُ ۽ مڙس جي غيرت ٿي رهڻ کي جڏهن جنڊ جي شڪل ۾ سوني جو پاٽي چڙهائي پيش ڪيو وڃي ته انهن مان پيدا ٿيندڙ روين مان جان ڇڏائڻ هڪ عام ناري لاءِ ئي مشڪل ٿي پوي ٿو ته اسان به هن ئي سماج جي پيداوار آهيون، اسان هتي ئي رهون ٿا، اڄ به لاشعوري طور تي اسانجا پير ان زنجير سان جڪڙيل هوندا آهن جيڪي ناري سوال اٿارڻ ۾ رنڊڪ پيدا ڪندا آهن. هڪ ناري واد مرد نظريي ۽ عمل ۾ ٻين عام مردن کان جتي هزار دفعا بهتر آهي ته ڪٿي نه ڪٿي هن سماج جوحصو ٿيڻ ڪري هو ڪجهه روين ۾ ڪٽل به آهي. پر هڪ ناري واد ناري کي ئي انجون اُهي ڪوتون پوريون ڪرڻيون پونديون.

جڏهن اسان هن سماج کي تبديل ڪرڻ جا خواب ڏسندا آهيون اتي ئي ڪٿي نه ڪٿي اسان کي پنهنجيون ڪوتون پوريون ڪرڻ لاءِ به هڪ ٻئي کي تبديل ڪرڻو پوندو بجاءِ ان جي جو اسان مايوسي ڏانهن ڌڪجي وڃون ۽ اڪيلا ٿي طبقاتي ويڙهه ۽ قومي سوال ۽ ناري سوال جهڙن مسئلن کان به پوئتي هٽجي وڃون. پر اها خوشفهمي ته اسان ڪٽل ئي صحيح پر ناري واد مرد ۽ ناري هئڻ جي ناتي ٻين عام ماڻهن کان ڪٿي نه ڪٿي گهڻو بهتر آهيون ته ان رويي کي ڇا اسين سچي زندگي زبان تي چاڙهي مطمئن ٿي ويندا سين؟ ڇا ناري وادن لاءِ ناري سوال صرف ليکن، ڪالمن، ليڪچرن تائين محدود هوندو؟ يا جيڪڏهن عمل ۾ به آهي ته ڪيتري حد تائين؟؟؟

اسان هڪ ڪميونسٽ هئڻ جي ناتي اِها ذميواري سمجهندا آهيون ته هن معاشري جي برائي جي ويڙهه پنهنجي ذاتي ويڙهه آهي، ته پوءِ اسان ناري سوال ۾ ڇو اِهو چئي جان ڇڏائيندا آهيون ته هي پورهيي جي ورڇ ۽ مختلف روين مان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر اِن ڏکي ڪم کي انجام به اسان ناري وادين کي ئي ته ڪرڻو آهي!

اسان هر ڏينهن اندر ۾ اِهو خواب زنده رکي جاکوڙ ڪندا آهيون ته طبقاتي اڻبرابري ختم ڪرڻي آهي ۽ ختم ٿي رهندي، پر ان جاکوڙ سان گڏوگڏ اسان ان سان ئي اڻندڙ ناري سوال کي به ان سان گڏوگڏ ڏسڻو آهي ڇاڪاڻ ته گهڻي ڀاڱي اِهو روين جو مسئلو آهي جيڪو سوشلزم اچڻ سان ڪجهه گهٽ ته ٿيندو پر ختم نه ٿيندو جنهنجو مثال Simon پنهنجي هڪ انٽرويو Yes, I am feminist ۾ اظهاري چڪي آهي ته جتي سوشلسٽ ملڪن ۾ ناري گهر جي ڪم سان گڏوگڏ ٻاهر جو ڪم ڪري ٿي ته اها گهڻي ڀاڱي بهتري ته آهي پر پوءِ به ان گهريلو ڪم مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش اسان کي هاڻي کان ئي ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اڄ هڪ ناري واد گهر جي ڪم لاءِ صرف هڪ ناري تي ڀاڙي ته پوءِ ته هڪ ناري واد به ان مذهبي ٺيڪيدار جيان آهي جيڪو سچو ڏينهن ممبر تي چڙهي اخلاق جاخطبا ته ڏيندو آهي پر انهيءَ جو اطلاق پنهنجي ذات کانسواءِ ٻي هر ڪنهن تي ڪندو آهي.

هر ناري واد جي اِها ذميداري ٿئي ٿي ته هو هر ڏينهن اِها ڪوشش ڪري ته ناري کي احساس ڪمتري مان ڪڍي، ۽ اهو تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن هو نظرياتي طور تي ناري کي معاملا سمجهڻ ۾ هٿي وٺرائي، مطالعي جي ذريعي، سياست ۾ ڪم ڪرڻ جي ذريعي ۽ گهر ۾ ٿيندڙ ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ جي ذريعي.

جيڪڏهن ڪو ناري واد نظرياتي طور تي اهو سڀ سمجهڻ جي باوجود به هڪ گهر ۾ موجود ناري تي پنهنجي ذاتي ڪمن (هنڌ وڇائڻ، ماني جا ٿانوَ ڪڻڻ، پاڻي پيئڻ ۽ پنهنجو گلاس ڪوپ، ٿالهي ڌوئڻ) جهڙن معمولي ڪمن لاءِ به ناري تي ڀاڙي ته اها ناري واد ناري ۽ مرد اِهو سمجهي وٺن ته بنيادي معاملن ۾ به اهو عمل ۾ ڪيترا ته ڪچا آهن. اهڙي ريت هڪ ناري واد ناري ۽ مرد ٻنهي کي هر رويي ۾ اڄ کان اِها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته هو ان وزني

- ”انقلاب مون کي ’فن‘ سان روشناس ڪرايو ۽ ٻئي پاسي ’فن‘ مون کي انقلاب جي حقيقي ساڃاهه ڏني.“ (آئنسٽائن)
- ”ڪنهن سرمائيداري سماج ۾ ’آزاديءَ‘ جو مطلب ساڳيو

جنڊ مان ڪيئن جان ڇڏائي سگهن ٿا ته جيئن برابري تي ٻڌل هڪ حقيقي انساني تعلق قائم ٿي سگهي.

جنڊ ۾ پسڻ ڏاڍو اذيت وارو آهي پر هر آزادي جي هڪ قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي، هن جنڊ مان به جان ڇڏائڻ لاءِ ان ۾ پسڻو پوندو ته جيئن ايندڙ نسلون سک وارو ساهه کڻن.

تهذيبي ۽ تخليقي عمل ۾ عورت جو ڪردار

ڊاڪٽر مبارڪ علي/ دليپ ”دوشي“



ڏنو وڃي ته پوري تحريري تاريخ مردن جي تاريخ آهي. پر جيئن جيئن قديم تهذيبن جا آثار دريافت ٿي رهيا آهن تنهن مان اها ڳالهه واضح طور ثابت ٿي رهي آهي ته معاشري ۾ مرد جي جيڪا موجوده حيثيت آهي سا هميشه کان نه هئي. معاشري ۾ مرد جو تسلط ۽ برتري آهستي آهستي تاريخي عمل سان گڏ قائم ٿي آهي. جنهن ۾ تمام گهڻو وقت لڳو آهي. قديم تاريخ جي آثارن، دريافتن ۽ شاهدين مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته انساني سماج جي ابتدا ۾ مادري نظام رائج هو ۽ تنهن زماني ۾ عورت معاشري جي سڀ کان وڏيڪ متحرڪ، منظم ۽ فعال ذات هئي جنهن تهذيب ۽ تمدن کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجي ذهانيت، قابليت ۽ صلاحيتن جو صحيح ۽ ڀرپور استعمال ڪيو.

گورڊن چائلڊ پنهنجي ڪتاب ” تاريخ ۾ ڇا ٿيو“ ۾ قديم آثارن مان ملندڙ شاهدين جي بنياد تي اُنهن سڀني ڪمن جي تفصيل ڏني آهي جن جي ابتدا عورتن ڪئي هئي. مثال طور_ جديد پٿر جي زماني ۾ عورتون هارپو يعني ٻني ٻارو، اناج پيهڻ ۽ ڪاڌو پچائڻ جو ڪم ڪنديون هيون ۽ ڌاڳو ٺاهڻ جي فن کان به چڱي طرح واقف هيون جنهن جي مدد سان انهن ڪپڙو ٺاهيو ۽ لباس سبڻ شروع ڪيو. جڏهن معاشري ۾ ڪاڌو پچائڻ ۽ لباس سبڻ جي ابتدا ٿي تڏهن کان ضرورت جون ٻيون شيون ٺاهڻ جا نت نوان طريقا وجود ۾ اچڻ لڳا. مثال طور ٺانوَ ٺپا ٺاهڻ ۽ هار سينگار لاءِ زيورن جو استعمال وغيره. جڏهن عورت انهن گهريلو ڪمن ڪارن ۾

مصروف هوندي هئي تڏهن مرد زراعت لاءِ زمين صاف ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو، گهر ٺاهيندو هو، پالتو جانورن جي سارسنڀال ڪندو هو، ڪاٺيون گڏ ڪندو هو ۽ اوزار ٺاهيندو هو. نيزي جي ايجاد ٿيڻ ڪانپوءِ شڪار مرد جو پيشو بنجي ويو. عورت کاڌ خوراڪ لاءِ غذا گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ لڳي ته مرد وري شڪار ڪرڻ لڳو.

قديم آثارن جي دريافتن ۽ ان مان ملندڙ ٿانون ۽ اوزارن جي ذريعي ماهرن انهي عمل کي سجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪهڙي طرح انساني ذهن وقت سان گڏ بدلجي رهيو هو، ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري رهيو هو ۽ انسان ڪهڙي طرح زندهه رهڻ لاءِ فطرت جي رڪاوٽن جو مقابلو ڪري رهيو هو. سڀ کان پهرين انسان پنهنجي جسم ۽ جسم جي مختلف عضون کي پنهنجي حفاظت لاءِ استعمال ڪيو ۽ جڏهن انسان کي پنهنجي عضون جي اهميت جو احساس ٿيو ته هُن پنهنجي جسم جي عضون جي نقل ڪري مختلف اوزار ٺاهيا، مثال طور هٿوڙو مُٺ جهڙو ۽ نيزو ٻانهن (بازو) جي شڪل جهڙو وغيره. انهي ابتدائي تهذيبي دور ۾ عورت ماءُ جي حيثيت سان حفاظت ڪرڻ، کاڌ خوراڪ جي لاءِ سامان زخيرو ڪرڻ ۽ روزمره جي شين کي محفوظ ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏنو. عورت ٽوڪري، صندوق، زنجير ۽ ٻيون ڪيتريون ئي عام واهپي جون شيون ايجاد ڪيون. هُن گهر جي حفاظت ڪرڻ سان گڏوگڏ باهه کي محفوظ ڪري رکيو، باغباني ڪئي، مختلف بيمارين جو جڙي ٻوٽين جي ذريعي علاج ڳولهي لڌو. ۽ هي عورت جو ئي ڪارنامو آهي جو هُن سڀ کان پهرئين جنهن جانور کي سڌاريو سو مرد هو. جڏهن مرد کي رهڻ لاءِ چٽ ملي ته هُن جو هڪ هنڌ رهڻ جو ٺڪاڻو ٿيو. مرد جڏهن شڪار ڪري ٿڪي، ٽٽي ٻک ۽ اُڃ ۾ پاهه ٿي واپس ايندو هو ته کيس گهر ۾ سڪون، آرام ۽ سٺو کاڌو نصيب ٿيندو هو. هي عورت جو ڪارنامو هو ۽ عورت جي ڪري ئي سڀ ڪجهه ممڪن ٿيو.

نيوليٿڪ دور جا جيڪي مٽي جا ٿانوَ مليا آهن اُهي عورت جي ڇهري ۽ جسم سان مشاهبت رکن ٿا. جيڪا انهي ڳالهه جي علامت آهي ته عورت جي سماج ۾ اوتري ئي اهميت هئي جيتري ٿانون جي هئي. چاڪاڻ ته ٿانوَ عورت جي ايجاد آهن ۽ روزمره جي

زندگي ۾ شين کي گڏ ڪري رکڻ طور ڪم اچن ٿا. ٿانوَن جي ايجاد ڪانپوءِ عورت جي محنت ۾ به گهٽتائي اچي وئي ۽ عورتن شيون زخيرو ڪرڻ لاءِ ٿانوَن کي استعمال ڪيو. تنهن ڪانپوءِ ئي اٽو پيهڻ ۽ ڪاڌو پچائڻ جو عمل شروع ٿيو. اڃ به ڪيترن ئي معاشرن ۾ ٿانوَ عورت سان لاڳاپيل آهن ۽ ڪيترن ئي ديومالائي قصن ۾ ٿانوَ ۽ باهه جي دريافت عورت سان سلهاڙيل آهي ان کان علاوه پيون به ڪيتريون ئي شيون آهن جنهن جي باري ۾ يقين سان ته نٿو چئي سگهجي پر مليل شاهدين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انهن جي ايجاد ۾ عورت به شريڪ رهي آهي. عورتن جي قبرن مان جيڪي شيون مليون آهن تن ۾ فصل ڪٽڻ جو ڏانٽو، اٽي پيهڻ لاءِ جنڊ، چمچا ۽ ٿانوَ شامل آهن. يونان کان وٺي چين تائين جي ديومالائي قصن ۾ عورت کي زراعت ۽ ڪپڙي ٺاهڻ جو باني قرار ڏنو ويندو آهي. گهرن جي تعمير ۽ ڳوٺ آباد ڪرڻ ۾ به عورت سرگرم رهي آهي. جڏهن ته مرد وري پٿرن کي ڪُٽي، ٽوڙي انهن مان هٿيار ٺاهڻ، شڪار ڪرڻ ۽ ٻيڙيون ٺاهڻ جو ڪم ڪندا هئا. عورت ۽ مرد جا ڪم هڪٻئي کان تمام گهڻا مختلف هئا تنهن ڪري انهن جي ڪردارن ۾ به فرق اچي ويو. عورت تخليق، پئدائش ۽ زندگي جي علامت بڻجي وئي جڏهن ته مرد ظلم، تشدد، سختي ۽ موت جي علامت طور اُڀرڻ لڳو.

جيئن ته زراعت عورت جي ايجاد هئي تنهنڪري زرعي معاشرن ۾ عورت زرخيزي جي علامت بڻجي وئي. جهڙي طرح زمين پئداوار جي ذريعي انسانن کي غذا فراهم ڪري ٿي تيئن عورت وري تخليقي عمل ذريعي ٻار پئدا ڪري انساني نسل ۽ آبادي ۾ اضافو ڪري ٿي. تنهن دور ۾ انساني آبادي ۾ اضافو ڪرڻ بيحد ضروري هو. اهڙي طرح عورت هر هنڌ زرخيزي جي ديوي بڻجي اڀرڻ لڳي. قديم معاشرن ۾ جڏهن ڏڪار، بدحالي ۽ خشڪ سالي جي موسم ايندي هئي ۽ زمين غير آباد ٿي پوندي هئي ته ان وقت صرف عورتون ئي مختلف رسمون ادا ڪنديون هيون. جنهن ۾ مرد شامل نه هوندا هئا. عورت ۽ زندگي جو تعلق ايتري قدر گهرو آهي جو مري ويندڙ کي قبر ۾ دفن ڪرڻ لاءِ اهڙي طريقي سان سمهاريو ويندو آهي جهڙي طرح هُو ماءُ جي پيٽ ۾

سُتل هوندو آهي. عورت جي انهن ايجادن، ڪارنامن ۽ اهميتن جي ڪري ابتدائي زراعتي معاشري ۾ مادري نظام قائم هو، قبيلن جون سربراهه عورتون هونديون هيون. پورو نسل عورت جي نالي سان سڃاتو ويندو هيو. نسلن جي وارثي به ڇوڪريون ڪنديون هيون. پيءُ جي باري ۾ ڪا خبر نه هوندي هئي تنهنڪري ماءُ جي نالي سان خانداني سلسلو هلندو هو. زمين ۽ گهر سپني جي گڏيل ملڪيت هئي. معاشري ۾ ڀاءُ ڀيڻ جو رشتو مضبوط هوندو هو. مڙس ٻي قبيلي مان ايندو هو ۽ اجنبي هوندو هو. عورتون ڪيترا ئي مرد رکنديون هيون مطلب ته عورت جا هڪ کان وڌيڪ مردن سان لاڳاپا هوندا هئا. هڪ مرد سان گڏ رهڻ جي روايت ڪو نه هئي. تنهنڪري انهي دور ۾ جيڪي مذهبي عقيدا ۽ روايتون پئدا ٿيون ان ۾ ديوين کي وڌيڪ اهميت حاصل آهي. يونانين جي وڏي ديوي ارٽيمز (ARTEMIS) هئي، جيڪا بعد ۾ ڊيانا طور سڃاپڻ لڳي ۽ عيسائيت ۾ وري هُن مريم جي شڪل اختيار ڪئي. هندستان ۾ هولي جو تهوار پڻ انهي دور جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن دور ۾ عورت قبيلي جي سربراهه هوندي هئي. هاڻي وقت تبديل ٿيڻ سان مردن به انهن رسمن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو آهي نه ته پهرئين اهي تهوار صرف عورتن لاءِ مخصوص ٿيل هئا. باهه جي چوڌاري گهمندڙ شخص عورت جو لباس پائيندو هو. بينگلور ۾ موگا جي ساليانی تهوار جي موقعي تي رسمن ۾ شريڪ ٿيندڙ مردن کي عورتاڻو لباس پائڻو پوندو آهي. اهڙي طرح ٻين ڪيترن ئي رسمن ۾ شريڪ ٿيندڙ مرد عورتن جو لباس پائي قديم روايتن کي هٿي ڏيندا آهن. هندستان ۾ وٽن جا ٽڙ ديوي ماتا جي نالي سان منسوب هوندا هئا جتي مردن لاءِ وڃڻ منع ٿيل هو. هاڻ ويڌن اها آهي جو اڄ اُتي عورتن جي وڃڻ تي پابندي لڳل آهي. جيئن جيئن نيون ايجادون ٿيون تيئن معاشري جو ڍانچو تبديل ٿيو ۽ عورت ۽ مرد جا تعلقات به بدلجڻ لڳا. مثال طور ابتدائي زماني ۾ عورت زمين کيڙيندي هئي ۽ ٻج پوکيندي هئي. زراعت تي عورتن جو قبضو هو. پر هَر جي ايجاد ٿيڻ ڪانپوءِ عورتن جي فصلن مٿان اجاره داري ختم ٿي وئي. ڇاڪاڻ ته هَر جانورن جي مدد سان ڇڪيو ويندو هو ۽ عورتن کي انهي ڪم کان پري رکيو ويو. نتيجي

۾ مادري نطام ڪمزور ٿيڻ لڳو ۽ ان جو سماجي رتبو به انتهائي حد تائين گهٽجي ويو. ڌاتو جي زماني ۾ ڪيس پگهرائڻ جو ڪم مرد ڪندا هئا. ڌاتو مان اوزار ۽ هٿيار ٺاهڻ ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جو ڪم به مردن جي حصي ۾ آيو. جنهن جي ڪري معاشري ۾ مردن جي حيثيت ۽ اهميت وڌي وئي ۽ سندن سماجي رتبو به اونچو ٿيڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته هٿيارن جو مالڪ هجڻ جي ڪري مردن ۾ طاقت جو احساس پئدا ٿيو ۽ا نهي احساس جو سهارو وٺي مردن عورت کي پاڻ کان گهٽ سمجهي کيس دٻائي رکڻ شروع ڪيو. ڌاتن جي زماني ۾ انساني تهذيب ۽ تمدن ۾ ترقي ته ٿي پر ان سان گڏوگڏ جنگ و جدل جي ابتدا پڻ ٿي. معاشرو طبقن ۾ تقسيم ٿي ويو، عورتن جو تمام گهڻو استحصال ٿيڻ لڳو. اڳتي هلي معاشري ۾ نجي جائيداد جو ادارو مضبوط ٿيو ۽ ان سان گڏ رسم الخط، حڪمراني جا دستور ۽ رياست سان سلهاڙيل ٻيا سمورا ادارا طاقتور ٿيڻ لڳا. انهي پوري عمل جي نتيجي ۾ معاشري ۾ مڪمل طور مردن جو تسلط ۽ برتري قائم ٿي وئي. جسماني طاقت جي ڪري مرد، عورت تي مٿڀرائي حاصل ڪري ورتي. ڇاڪاڻ ته انهي جاگيرداراڻي دور ۾ جسماني طاقت جي وڌيڪ اهميت ۽ ضرورت هئي. جنگ و جدل، زراعت ۽ ڪاٽين ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ سخت محنت مزدوري جي ضرورت هئي تنهنڪري اجتماعي طور تي اهو تاثر پئدا ٿيڻ لڳو ته عورت جسماني طور تي ڪمزور آهي، سندس بناوت ۾ خامي آهي ۽ عورت مرد جي اڌ جي برابر آهي. يهودي روايتن ۾ عورت کي گناهه جي علامت قرار ڏنو ويو. يوناني سائنس ۽ فلسفي ۾ عورت لاءِ حقارت جي جذبي جو اظهار ڪيو ويو ۽ رومي قانون ۾ عورت کي سڀني حقن کان محروم ڪيو ويو.

ايرڪ فرام پنهنجي ڪتاب ”صحتمند معاشرو“ ۾ عورت ۽ مرد جي اهميت، سندس ذهن جي تشڪيل ۽ فرق کي چڱي طرح سان واضح ڪيو آهي. ايرڪ فرام لکي ٿو ته عورت 09 مهينن تائين ٻار کي پيٽ ۾ رکندي آهي، ٻار پئدا ڪندي آهي ۽ پوءِ سندس پرورش ڪندي آهي تنهن ڪري عورت فطرت جي ويجهو هوندي آهي ۽ مرد فطرت کان تمام گهڻو پري هوندو آهي. هُو پنهنجي اصولن ۽ خيالن جي دنيا ٺاهيندو آهي ته جيئن سندس خيال فطرت ۾ جڳهه

ٿاهي سگهن. خاندان ۾ پار ماءُ سان وڌيڪ محبت ڪندو آهي. پيءُ سان ڪاوڙ ۽ بغاوت به ڪندو آهي. پار جو ماءُ سان فطري رشتو هوندو آهي ۽ پيءُ سان دنياوي تعلق هوندو آهي. ماءُ جي محبت غير مشروط هوندي آهي جڏهن ته پيءِ پارن مان اميد ۽ توقع رکندو آهي، هُو انهن چوڪرن کي وڌيڪ پسند ڪندو آهي جيڪي نه صرف ملڪيت ۽ جائيداد کي محفوظ رکن پر ان ۾ اضافو پڻ ڪن.

يهوديت پدري نظام جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو. جنهن ۾ سندس خدا سيني قومن کي هڪجهڙو نٿو سمجهي ۽ هُو صرف يهودين کي پسند ڪري ٿو. تنهنڪري خدا جي پسنديده قومن کي اهو حق ملي ويندو آهي ته اهي ٻين قومن کي پاڻ کان گهٽ ۽ نيچ سمجهن، کين غلام بڻائين ۽ قتل ڪن. پدري نظام مساوات ۽ برابري جي بجاءِ برتري ۽ آمريت کي ترجيح ڏئي ٿو. قديم عهد نامي ۾ زمين سان انسان جو تعلق ٽوڙيو ويو ۽ انساني تاريخ جي ابتدا جنت مان تڙيو وڃڻ کان شروع ٿي. يهودي پيغمبرن جي تعليم مطابق زمين ۽ فطرت سان محبت منع آهي ۽ چيو ويو آهي ته جيڪا قوم عقل ۽ انصاف جي اصولن جي پيروي نٿي ڪري تنهن جو تعلق فطرت ۽ زمين سان هوندو آهي تنهن ڪري قوم جو فائدو انهي ۾ آهي ته اُها صرف عقل ۽ انصاف جي اصولن تي عمل ڪري ۽ زمين ۽ فطرت سان ڪو به تعلق نه رکي.

ايرڪ فرام انهي ڳالهه جي وضاحت ڪندي وڌيڪ لکي ٿو ته يهودين جو خدا پدري نظام جي پئداوار آهي، جڏهن ته عيسائيت جيڪا رومي سلطنت جي جبر جي نتيجي ۾ پئدا ٿي تنهن ۾ پدري ۽ مادري نظام واريون ٻئي خاصيتون آهن. هن ۾ محبت ڪنواري ماءُ جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ پيءُ اطاعت جي علامت طور سڃاپجڻ لڳو. انهي هم آهنگي جي ڪري عيسائيت وڌيڪ مقبوليت حاصل ڪئي ۽ جيڪي ماڻهو پدري قوتن جي جبر ۽ ظلم جو شڪار ٿيا هئا انهن مادري نظام پسند ڪيو ۽ ماءُ جي محبت ۾ پناهه ورتي.

مادري ۽ پدري نظام هيٺين روايتن کي هٿي ڏني.

پدري نظام جو بنياد انساني مساوات، سماجي برابري، عدل و

انصاف، زندگي جي اعليٰ تقدس، انسان دوستي، روشن خيالي، جهموريت ۽ اشتراڪيت تي ٻڌل هو.

جڏهن پدري نظام ۾ آمريت، فاشزم، انفراديت پسندي، ڏاڍ ۽ جبر تيزي سان پکڙڻ لڳو ۽ انهي ذهنيت جون پاڙون وڏيڪ مضبوط ٿيون ته جنهن شخص جو تعلق ٻي قبيلي، قوم يا برادري سان آهي تنهن سان نفرت ڪئي وڃي ۽ ڪيس ظلم جو نشانو

- "جنهن ماڻهو تاريخ پڙهي آهي ان لاءِ "نافرماني" انسان جي بنيادي خاصيت آهي. رائج نظرين ۽ خيالن، رسمن ۽ رواجن خلاف بغاوت ئي انساني ترقيءَ جو سبب رهيو آهي." *(لينن- مارڪسزم جا ٽي سرچشما)*
- " اُهي ماڻهو جيڪي بُرائيءَ جو اصل سبب نه ٿا ڳولهي سگهن، ان خلاف جدوجهد نه ٿا ڪري سگهن يا ان منجهان جان نه ٿا

ادب

اڄ ته ڳوٺ هلون

فقير اصغر سولنگي

شراب پيئندي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ ته ڪڙاڻ ۾ شديد اضافو ٿي ويو آ. پر آئون ته ڊيلي ڊرنڪر (Daily Drinker) آهيان ۽ ڪڏهن به ائين نه ٿيو آ پوءِ اڄ ڇو؟ هڪڙي سوچ!

مون ٻيو ڍڪ پيتو ۽ اوڪارو ڏئي ڪڍي ڇڏيم، ائين لڳو ڄڻ رت پي رهيو هيس، گرم گرم رت، مان بوتل کي ڏسڻ لڳس "هي مون کي ڇا ٿي ويو آ؟" پاڻ کان سوال!

مون گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو. روبي پهچڻ واري هوندي پر دل چيو "اڄ نه اچي!" پر ڇو نه اچي؟" فيصلو نه ڪري سگهيس. ائين ڀانيم ڄڻ ڳوڙها وهي رهيا هجن، "پر آئون ڇو روئي رهيو آهيان؟" مون کي ڪوبه ڏک ڪونهي، آئون تعلقي جو فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ آهيان، بالا عملدار." عملدار جي سوچ ايندي مون کي پنهنجي طاقت جو اندازو ٿيڻ لڳو "پر هي ڇا آئون مسلسل روئان پيو" ائين لڳم ڄڻ دنيا ۾ مون جهڙو ڪمزور انسان نه هجي، مون گهنٽي وڄائي، صابڻ اندر آيو، چيائين سائين حڪم.

ڪاوڙ مان چيم "نياڳي روبي ڪٽي آ ايتري دير ڪئي اٿائين؟"

سائين اوهين روئو پيا!؟ صابڻ حيرانگيءَ مان پڇيو، "اڙي سوئر مان روئان يا کلان، مان پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهيان، تون ڪير ٿيندو آن پڇڻ وارو؟ گيٽ لاسٽ باسٽرڊ" هو هليو ويو ۽ آئون ڪاوڙ ۾ چپ ٽڪڻ لڳس، اوچتو زبان ۾ لوڻياٺو ذائقو محسوس ٿيو "اڙي هي ڇا منهنجو رت" يڪدم ٽشو پيپر ڪڍي چپن کي اگهيم.

اوچتو اندر ۾ ماتم مچي ويو ڄڻ اندران آواز آيو "نبي بخش خان اڄ تون ڪيترو اڪيلو آهين ۽ اڪيلا ئي ته ڪمزور هوندا آهن، تون روئندي رڙندي پر ڪير به توسان شريڪ نه ٿيندو.

"نه نه آئون ڪمزور ناهيان، آئون اڄ به طاقتور آهيان، منهنجي حڪم ۽ قلم سان الائي ڪيترين تقديرن جا فيصلا ٿيو وڃن پر تون ڪير آهين؟" پاڻ کي جواب ۽ پاڻ کان سوال!

"آئون ضمير آهيان." اندر مان آواز آيو.

"پر منهنجو ضمير سان ڇا وڃي!"

”مون سان مرڻ تائين تنهنجو رشتو ڳنڍيل رهندو، تون سدائين مون کي ڇيپاٽيندو آيو آهين پر اڄ!“

اوچتو روبي اچي وئي، ضمير جو آواز اچڻ بند ٿي ويو.

”روبي تون ڪٿي هئينءَ.“ ائين چئي آئون کيس چنبڙي ويس ۽ هن ۾ پناهه وٺڻ لڳس، هن جي ڇاتين ۾ منهن لڪائي ڇڏيم ۽ روئڻ لڳس.

”نبي بخش خان اڄ توهان جهڙو شينهن مڙس پيو روئي خير ته آهي!؟“ روبيءَ حيران ٿيندي پڇيو.

”روبي مون کي بچائي، ڪو آهي جيڪو مون کي ڳُهٽي ڇڏيندو.“ سڏڪندي چيم.

”پر جاني هتي ته رڳو مان ۽ تون آهيون ٻيو ته ڪير ناهي.“

”روبي پوءِ هي گُهٽ ڇا جي آ؟ پليز دريون کولي ڇڏ.“ مون ٽاءِ جي ڳنڍ ۽ شرٽ جا بٽڻ کوليندي چيو.

روبي پريشانيءَ وچان دريون کولي ڇڏيون ۽ مون سان گڏ ويهي رهي ۽ متجسس نظرن سان مون کي ڏسڻ لڳي. مون کي ائين لڳو ڄڻ سندس نگاهن مان هزارين سوال اچلجي ٻاهر نڪري رهيا هجن. مان بي اختيار ٿي کيس ٻانهن ڏانهن ڇڪيو ۽ کيس چمڻ لڳس پر روبي ڄڻ يخ برف وانگر سرد ٿي مون کي ڏسڻ لڳي.

اڄ مون سان هي ڇا ٿي رهيو آهي، مون روبيءَ کي پاٽان پري ڪيو ۽ اٿي ڪمري ۾ چڪر ڏيڻ لڳس ۽ ٿوري دير بعد چيم ”روبي هتان هلي وڃ مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي ۽ ها هفتي تائين شڪل نه ڏيکارجان هلي وڃ.“ ذري گهٽ رڙندي چيم.

روبي پريشانيءَ وچان هلي وئي ۽ ٻاهر وڃي صاين کي چيائين ”اڄ ڇا ٿي ويو اٿس؟ منهنجي خيال ۾...“ اشهد آگر سان چريائپ جو اشارو ڪندي هلي وئي، مون دريءَ مان سڀ ڪجهه ڏسي روتو، دل ۾ آيم ته ڪتيءَ کي سبق سيکاريان پر تيسين ضمير جو ٻيهر آواز آيو.

”نبي بخش خان اڄ ماڻهو توکي پاڳل پيا چون سياڻي توکي گدوءَ داخل ڪندا هي ماڻهو ابن الوقت ۽ چڙهندي سج جا پوڄاري آهن اهي قارون مان به راضي ٿي نه سگهندا توکي سڪون کپي نه؟“

”ها ها مون کي سڪون کپي“ ٻاڏائيندي چيم.

”ته پوءِ هل ته هلون.“ ضمير چيو.

”پر ڪيڏانهن!؟“ حيرانيءَ مان پڇيم.
”ڳوٺ“ ۽ اتي جڻ ڇمڪو ٿيو ۽ منهنجي دنيا ئي بدلجي وئي.
”ابا نبن! او ابا نبن!“ امان چيو.
”آيس امان، يار خيرو تون واهه ڏانهن هل ۽ ها وريئي ۽ شاهوءَ کي به وٺيو هل، اڄ خبر پوندي ته ڪير ”ڏائين ڏائين“ راند جو ماهر آ. تون هل آئون اچان ٿو امان ٿي سڏي.“ ائين چئي لوڙهي جي ڪڙهه ٽپي منهن ۾ آيس ۽ چيم:
”چا امان.“
”پٽ نبن اڄ مينهن ڍڪون پئي ڪري پٺين به ڪونهي پاڻين ڪڏسيو پيو آهي تون راهب وارن وٽان مينهن ڦرائي اچ، شابس ڏاهي پٽ ڪي، موٽي اچ ته ترن جا بوٽيندا ناهي ڏيانءِ.“ امان پيار مان چيو.
”امان شام جو ويندس.“ نٽائيندي چيم.
”ڏس پٽ پُورَ ڏاڍا خراب ٿيندا آهن، سو به گگدام جا، چوڻ ڪر ابو ٿي، پر آنا به ڏيندي سانءِ سگهو موٽي اچ.“
مان بي دليو ٿي مينهن ڪاهيندو راهب وارن ڏانهن روانو ٿيس، رستي ۾ خيروءَ وارا ”ڏائين ڏائين“ ڪيڏندي نظر آيا. نظرون بئي پاسي ورايم ته چاچي ڪمن کي سرنهن مان ساڳ پٽيندي ڏٺم، شاخ کان پرينءَ پر وڏيري رانجهن خان جو ڪمند بيٺل ڏٺم، دل سٽ کاڌي ته وجي به چڙيون پٽيان پر سائينداد جو حشر ياد پيو جنهن کي وڏيري ٻن چڙين تان بندوق هٽي ڪڍي هئي، نه داد نه فرياد. مان شاخ جي ڪپر تي جهڪي ٻڪن سان پاٽي پي روانو ٿيس، رستي تي سوچيم ته هي ڪهڙو جهان آهي، هڪڙا غريب هاري ۽ ٻيا زميندار. آخر هڪجهڙن انسانن مان ڪو امير ۽ ڪو غريب ڇو آهي؟ امان جو چوندي آ ته زمين الله سائينءَ جي آهي پر هي ته وڏيري رانجهن خان جي زمين آهي. اسان جي ڇو ناهي؟ اتي ياد آيو ته گهرام جي مري وڃڻ بعد ماڻهن وڏيري رانجهن خان کي منٿون ڪيون ته قبرستان آٺ ڪوهه پري آ. جي موڪل ڏيو ته ويجهو ڪٿي رکون، وڏيري ڪاوڙجندي چيو هو ”اڙي ڏاڏاٽي زمين اٿوَ ڇا، جو مقام ٿا ناهيو جي پنڌ پري اٿوَ ته ساڙي ڇڏيوس، هونءَ به مئو ڪهڙي ڪم جو.“ هي ڪهڙو انڌير آهي امان ته چوندي آ خدا ڏاڍو آ پر هتي ته زميندار خدا کان به ڏاڍو آهي، اهي پور پچائيندي مينهن ڦيرائي آيس.

امان ڪان سپ ڳالهيون وسريون ويون ته آنا به نه ڏنائين، ويتر دڙڪا ڏيندي چوڻ لڳي، پڙهين تجاور آ نه ٽڪن ۾ توري ڇڏيو اٿئين. روز ٿو مارون ڏئي. اڙي جي ادي وارا سنگ نه ڏيندا ته ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ مون ته ڪيترا پيرا قرآن مصاف ۽ وسيلا وڏامانس پر زال آڏو ڪهڙي ٿي هليس. اڙي اها به ته تنهنجي پيڻ نه، هو ته ماڙين ۾ پئي پينگهن ۾ لڏي ۽ مان؟ ائين چوندي روئڻ لڳي ۽ سڏڪندي نڪ پوتيءَ سان اُگهي ڳوڙها پانهن جي پٺ سان اُگهي ڇڏيائين.

مون کان پنهنجو ڏک وسري ويو ۽ بابي تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پر ان کان وڌيڪ ڪاوڙ ادي صاحب خان تي جيڪو مامي محراب جي ڌيءَ حڪيمه تي اصل گهور پئي ويو. مامو ته آ مال ۽ ڪپڙي جو واپاري ۽ اسين غريب هاري اسان جو ڪهڙو جوڙ؟

شام جو خبر پئي ته الاهوءَ وارن سان بابي جو جهيڙو ٿي پيو هو، مون کي ته خبر ڪانه هئي، پر رات جو بابي ۽ امان جي جهيڙي ۾ ڪل پئي ته بابو عشق بازيءَ ۾ رات الاهوءَ وارن جي گهر گهڙي پيو هو، صبح جو مالڪن پير سجاتا ۽ جهيڙو ٿيو، نتيجي ۾ بابو ڏکي ٿيو. پوءِ وڏيري راڻجهن راڄوٽي فيصلو ڪندي ڏنڊ ۾ مينهن ۽ ادي ساران جو سنگ الاهوءَ وارن کي ڏيڻو ڪيو پر بابي منٿون ڪري مينهن بچائي.

مون کي بابا کان ان ڏينهن کان نفرت ٿي وئي هئي، ٻچن کان مينهن مٿي ڪيائين ڏوهه پاڻ ڪيائين ۽ ڀوڳي اولاد!

امان دانهون ڪندي بابي کي چيو پئي "اڙي شل قهر پوئي. هيءُ ڇا ڪيئي ۽ ڪهڙي ستيلا وئي هيئي؟" بابي ڏند ڪرٽيندي امان کي چيو "بس فيصلو ٿي ويو. ساران تي گار پئجي وئي، ٻن ٽن ڏينهن ۾ الاهوءَ وارا لٿو وجهي ويندا."

"پر معصوم ساران جو ڪهڙو ڏوهه؟" امان پڇيو.

"هاٽي پؤنڪ نه منهنجي ڌيءُ آ، منهنجي ملڪيت آهي. ڪاري ڪتي پويان لايانس ته به منهنجي مرضي آ، هونءَ به ڪنهن کي ته ڏيان ها نه، ويهاري ته ڪونه ڇڏيون ها؟ بس ڌيئن جا نصيب، ڀيهر ٽيڪو ڪيئي ته مون جهڙو بڇڙو ماڻهو ڪونه ڏٺو هوندئي." بابي آخري فيصلو ٻڌائي ڇڏيس.

"پر بابا آئون ائين ٿيڻ ڪونه ڏيندس." مون گجندي چيو.

"اڙي خان صاحب تو ڪڏهن کان ڪڙهون ڪڍيون آهن؟" بابي

ڪهاڙي جي پاهي ۾ هٿ وجهندي چيو.

”بابا تون چا به ڪرين، دنيا اٿلي پوي، آئون ائين ڪرڻ نه ڏيندس، باقي وڙهندي ته پوءِ ملهه ۾ سَيدي ڪونه ٿيندي آ.“ مون ڪاوڙ ۾ حوصلي وچان هر لفظ چٻي چٿي چيو ۽ ڊوڙي وڃي پيانو ڪنيم.

بابي منهنجون اهڙيون اکيون اڳي ڪڏهن به ڪونه ڏٺيون هيون. هو وڙهي ها پر ادي صاحب خان جهليس.

مون، امان ۽ ادي ساران کي سنبرڻ لاءِ چيو.

بابي ڪاوڙ مان چيو ”ڏسان ته مامون ڪيترا ڏينهن ٿو ڪارائيوَ.“

۽ اهو آخري ڏينهن هيو اسان جو پنهنجي گهر ۾.

مامي مون کي شهر ۾ پڙهايو پر ان عيوض امان ۽ ساران ٻانهين جيان سندن گهر جو پورهيو پئي ڪيو. مان بي اي، ايل ايل بي ڪري وڏيري خانڻ خان جتوئيءَ جي سفارش تي F.C.M ٿي ويس ۽ منهنجي حڪومت ۾ الاهوءَ وارن جو جٺ پچو رلي ويو. ساران اڄ چڱي گهر ۾ آهي. امان وسائيءَ وگهي وڃي پنهنجي رب کي پرتي. بابو جيئرو آهي پر آئون ڪنگهانس به ڪونه. مامي زڪيه جو سنگ مون کي ڏيڻ چاهيو پر مون کي سپني ناتن رشتن کان نفرت ٿي وئي آ، هونءَ به مامي منهنجي پڙهائيءَ عيوض امان ۽ ساران کي ڏينهن رات لوڙايو، پوءِ مون کي ڪهڙو لاچار آ؟ ادو صاحب خان پنهنجي چوڪري ڏڪاٽي لاءِ نوڪري وٺڻ آيو پر مون پيرين اگهاڙو موٽايومانس. منهنجي دنيا هاٽي شراب، شباب ۽ ڪباب حوالي آهي. آئون واپس پنهنجي دنيا ۾ پهتس ۽ ضمير کي چيم ”پر آئون ڳوٺ ڇو هلان منهنجو اتي ڪيرآهي؟“

ضمير جواب ڏنو، ”اها ئي اسان جي پل آ ته جڏهن سُکيا ٿيندا آهيون ته لاڳاپا ڇني ڇڏيندا آهيون، توکي ته وڏائيءَ کان نفرت هئي پر اڄ تون پاڻ ڦورو طبقي جي جوُر بڻجي ويو آهين، اڄ ته هارين نارين سان ٻيهر پنهنجا سنگ سياپا جوڙيون، جن سان سورن جو ساٿ سنهيءَ سئيءَ سان سبيل آهي، جيڪي سدائين سورن ۾ آهن انهن سان سور ونڊيندي ته توکان پنهنجو سور وسري ويندو.“

مون اٿندي چيو، ”ته پوءِ هل ته گڏجي ڳوٺ هلون.“


شام
سامراج
جنگ
شام
آمريڪا
اسان کي هڪ
ٻي جنگ جي
ضرورت آهي
آزادي ي ي ي ي ي ي ي
شام